# احڪام القرآن

قرآن جون ٻڌايل جائز ۽ ناجائز، حلال ۽ حرام،
ڏسيل ۽ منع ڪيل ڳالهيون

سهيڙيندڙ
**عبدالستار عباسي**

ڇپائيندڙ
**خادم الفقراءِ ٽرسٽ**
نوشهروفيروز



| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | احڪام القرآن |
| پهريون ڇاپو: | 2017ع |
| تعداد: | 1000 |
| لي آئوٽ: | امان الله پٽي |
| ڇپيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي |
| | فون: 021_32737290 |
| ڇپائيندڙ: | خادم الفقراءَ ٽرسٽ، نوشهروفيروز |



www.sindhsalamat.com

# فهرست


فيصلا خدائي حڪمن جي مطابق ڪيو ..... 17
چڱاين جو بدلو ٻنهي جهانن ۾ خير ۽ برڪت آهي ..... 17
الله ۽ رسول جو پيغام سڀ ڪان مٿي رکو ..... 17
خدائي حڪمن جي لتاڙ ڪفر آهي ..... 18
تصديق ڪان سواءِ ڳالهه ڦهلائڻ جي منع ..... 18
ٻين جي خدائن کي گهٽ وڌ نه ڳالهايو ..... 18
سڀئي ماڻهو احترام لهڻن ٿا ..... 18
صرف رباني انسان بڻجو ..... 19
پنهنجا معاملا مشوري سان هلايو ..... 19
روزي هر ڪنهن جي لکيل آهي ..... 19
رزق ۽ ڪمائي جا ذريعا الله جا پيدا ڪيل آهن، ان ڪري اهي اوهان وٽ امانت آهن ..... 20
خدا جي بخشش عام آهي ..... 21
ماڻهو پنهنجي عملن جو پاڻ ذميوار آهي ..... 21
انسان جو اهو ئي آهي جيڪو پنهنجي هٿ سان ڪمائي ڪري ٿو ..... 21
دين ۾ ڪا بہ زبردستي نہ آهي ..... 21
ايمان جي ضرورت ماڻهوءَ کي پاڻ آهي ..... 22
فساد ۾ هڪ انسان جو قتل سڄي انسانيت جو قتل آهي ..... 22
انصاف جا قانون خدا جا مڃيو ..... 23
قتل خطا جو بدلو ..... 24
الله ڪان سواءِ ٻئي جي بندگي نہ ڪيو ..... 24
ٻوڙا، گونگا ۽ انڌا نہ بڻجو ..... 25
پنهنجي خواهشن کي خدا نہ بڻايو ..... 25
نبي جو مشن ..... 25
خدا تي ڪوڙ ٺاهيندڙ وڏو ظالم آهي ..... 26
فرقابندي وڏو ظلم آهي ..... 27
جنت رڳو دعويٰ سان ڪو نہ ملندي ..... 27
چڱاين طرف سڏڻ ۽ مداين ڪان روڪڻ ..... 27
عالمن ۽ ڏاهن لاءِ زندگيءَ ۾ عمل بہ ضروري آهي ..... 29
ديني ۽ سماجي زندگيءَ ۾ اتحاد جي دعوت ..... 30
صرف ڪائنات جي رب جي عبادت ڪيو ۽ تقويٰ اختيار ڪيو ..... 30




احڪام القرآن


خدا سان ڪيل عهد جي پابندي ڪيو ..... 34
جماعت سان نماز ۽ زڪوات جي ادائگي ..... 35
صبر ۽ صلوات ڪان مدد ..... 36
قيامت جي ڏينهن ڪان ڊڄو جتي نہ بدلو هوندو نہ سفارش ..... 36
ڪعبي ڏانهن منهن ڪرڻ جو حڪم ..... 36
الله جو ذڪر ۽ ان جي نعمتن جو شڪر ..... 37
صبر ڪرڻ وارن تي الله جي رحمت هوندي آهي ..... 41
حلال ڪائڻ جو حڪم ..... 41
نيڪي اصل ۾ ڇا آهي؟ ..... 42
قصاص جو تفصيل ..... 43
وصيت ۽ ان جو حڪم ..... 44
روزي جي فرضيت ..... 44
حرمت وارن مهينن جو احترام ..... 46
الله جي رستي ۾ خرچ ڪرڻ جو حڪم ..... 47
انفاق ڪيئن ڪجي؟ ..... 51
پنهنجي پاڪ رزق مان ئي خرچ ڪيو ..... 51
پنهنجي پياري شيءِ مان ئي خرچ ڪيو ..... 52
حج جا احڪام ..... 53
اسلام ۾ مڪمل طور داخل ٿي وڃڻ ..... 55
جهاد جو حڪم ..... 55
يتيمن جي ڀلائي ۽ سنڀال ..... 58
فطري طريقي جي مباشرت ..... 58
عورت جي عدت ۽ سندس حق ..... 58
طلاق ڏيڻ ۽ خلع وٺڻ جو حڪم ..... 59
طلاق ۽ عدت ..... 60
رضاعت (کير پيارڻ) جا حڪم ..... 61
بيواه جي عدت ..... 61
حق مهر رخصتي ڪان اڳ ۾ ڏيڻ جو حڪم ..... 62
وچين نماز جي حفاظت ..... 63
صلات الخوف جو طريقو ..... 64
تجارت حلال آهي ۽ وياج حرام آهي ..... 65
ايمان وارا نيڪوڪار ماڻهو بي خوف زندگي ماڻيندا ..... 66
قرضدار کي مهلت ڏيڻ ۽ قرض جي لکت ڪرڻ ..... 66
لکت جو انڪار نہ ڪرڻ ..... 68
شاهدي ڏيڻ ڪان انڪار نہ ڪرڻ ..... 69
شاهدي نہ لڪائڻ ..... 69
سفر ۾ گروي رکڻ جي اجازت ..... 69




www.sindhsalamat.com

الله ۽ رسول جي حڪم کي مڃو ........ 70
ملت ابراهيم جي پيروي ........ 71
حج جي فرضيت ........ 71
الله کان ڊڄو ........ 72
الله جي رسيءَ کي مضبوط پڪڙيو ........ 72
باهہ کان بچو ........ 73
جنت جي طرف ڊوڙيو ........ 73
جهاد ۽ نيڪوڪار زندگي جو موت ........ 73
الله ۽ ان جي رسولن تي ايمان آڻيو ........ 74
صبر ڪيو ۽ ثابت قدم رهو ........ 74
انسانيت جو احترام ۽ متي مائٽي جو لحاظ ........ 75
مناسب وقت تي يتيمن کي سندن مال واپس ڪرڻ ........ 76
وڌيڪ شادين جي مشروط اجازت ........ 77
حق مهر ادا ڪرڻ ........ 77
والدين جو ڇڏيل مال ........ 78
وراثت جي مال ۾ يتيمن مسڪينن جي مدد ........ 78
يتيمن جو مال هڙپ ڪرڻ جو انجام ........ 79
وراثت جا احڪام ۽ وارثن جا حصا ........ 79
ڪلالہ جي وراثت ........ 81
مؤمن ٻانهين سان نڪاح جي اجازت ........ 81
مردن ۽ عورتن جي درجي بندي ........ 82
نيڪ عملي جي واٽ ........ 83
ضرورت جي وقت تيمم ڪرڻ ........ 84
امانت جي ادائگي ڪيو ۽ فيصلن ۾ عدل ڪيو ........ 84
اختلافن ۽ مونجهارن کي ختم ڪرڻ جو حل ........ 84
ڀلي ۽ بري سفارش جو بدلو ملندو ........ 86
سلام جو جواب ڏيڻ ........ 86
ڀُل ۾ ٿيل قتل جي ديت ۽ ڪفارو ........ 86
ڄاڻي واڻي قتل ڪرڻ جي سزا ........ 87
سهپ ۽ رواداري جو حڪم ........ 87
جان ۽ مال سان جهاد جي فضيلت ........ 88
نمازِ قصر جو حڪم ........ 89
فرض نمازون پنهنجي مقرر وقتن تي پڙهڻ ........ 89
فيصلا عدل ۽ انصاف سان ڪيو ........ 89
خطائن لاءِ توبهہ ۽ استغفار ........ 90
تهمت جو وبال ........ 90
صدقو، نيڪي ۽ سڌارو ڪريو ........ 92




احڪام القرآن


سچي شاهدي ڏيڻ ........ 92
ايمان جي واٽ ........ 93
دين تي مضبوطيءَ سان قائم رهڻ ........ 93
عهد جي پابندي ڪيو ۽ حلال جانور کائو ........ 94
حرام ڪيل جانور ۽ گوشت ........ 94
نيڪيءَ جي ڪمن ۾ سهڪار ڪرڻ ........ 95
شڪاري ڪُتي جي شڪار جو حڪم ........ 95
اهلِ ڪتاب جو کاڌو ۽ عورتون ........ 96
وضو ۽ تيمم جا فرض ........ 96
شاهدي ۽ انصاف ........ 97
تقويٰ ۽ جهاد جو حڪم ........ 98
چوريءَ جي سزا ........ 98
انصاف ڪرڻ جو حڪم ........ 98
اسلامي قانون جي مطابق فيصلو ڪرڻ ........ 99
حلال کائڻ جو حڪم ........ 101
قسم ٽوڙڻ جو ڪفارو ........ 101
تقويٰ، ايمان ۽ عمل صالح جون برڪتون ........ 102
احرام ۾ زميني ۽ پاڻيءَ جو شڪار ڪرڻ ........ 102
ناپاڪ شيون پاڪ شين جي برابر ناهن ........ 103
پنهنجي ذات کان غافل نہ بڻجو ........ 103
وصيت تي گواهي ڏيڻ ........ 103
سلام چوڻ جا حڪم ........ 105
بيهودن ماڻهن کان ٽارو ڪرڻ جو حڪم ........ 105
خدا جي ڏسيل واٽ ئي حق جي واٽ آهي ........ 105
نماز ۽ تقويٰ جو حڪم ........ 106
امن ۽ سلامتي جو رستو ........ 106
تڪبير پڙهي ذبح يا شڪار ڪيل جانور جو گوشت ........ 107
فصل جي ڪٽائي تي خدا جو حق ادا ڪرڻ ........ 107
والدين سان ڀلايون ڪرڻ جو حڪم ........ 107
ماپ تور ۾ انصاف، سچ ڳالهہ چوڻ ۽ واعدو پاڙڻ ........ 108
صراط مستقيم تي هلڻ ........ 108
قرآن ڪريم تي عمل ڪرڻ ........ 108
هڪ نيڪيءَ جو ثواب ڏهوڻ تي ........ 109
اطاعت، قربانيون ۽ جيئڻ مرڻ الله جي لاءِ آهي ........ 109
الله کي سچي دل ۽ ڪامل فرمانبرداري سان مڃيو ........ 110
خدا جي دربار ۾ سنورجي اچو ۽ اسراف نہ ڪيو ........ 110
نوڙت ۽ خلوت سان رب کي پڪاريو ........ 111




www.sindhsalamat.com

زمين ۾ فساد نہ ڪريو ........ 111
نرمي، درگذر ۽ جاهلن کان ٽارو ڪرڻ جو حڪم ........ 112
قرآن کي توجهہ سان ٻڌو ........ 112
هڪ ٻئي سان معاملا درست رکو ........ 112
مال ۽ اولاد بہ آزمائش آهن ........ 113
خدا کان ڊڄندا رهو تہ اوهان منجهان اوهان جون جون برايون ڪيدي ڇڏيندو ... 113
غنائم مان پنجون حصو خرچ ڪرڻ جو حڪم ........ 114
دشمن جي مقابلي ۾ ثابت قدمي ۽ الله جي پچار ........ 114
پاڻ ۾ جهڳڙا نہ ڪيو ........ 115
مشرڪ کي پناهہ ڏيڻ ........ 116
عهد ٽوڙيندڙ ڪافرن سان جنگ ڪريو ........ 116
مرشدن ۽ درويشن کي رب نہ بڻايو ........ 116
مشرڪ وڙهن تہ اوهان بہ وڙهو ........ 117
زڪوات جا مصارف ........ 118
ايمان وارن لاءِ بشارت ........ 118
سچن سان گڏ بيهي رهو ........ 119
الله جي اجازت کانسواءِ سفارش ڪونهي ........ 119
خدا کان معافي ۽ توبهہ جي ضرورت ........ 119
نماز قائم ڪرڻ ۽ صبر جي ضرورت ........ 120
غيب صرف الله تعاليٰ کي حاصل آهي ........ 121
اهي ماڻهو جن جي پچاڙي ڀلي ٿيندي ........ 121
شڪر ڪرڻ تي نعمتن ۾ اضافو ٿيندو آهي ........ 122
مرڻ گهڙيءَ تائين خدا جي پچار ڪندا رهو ........ 122
صرف هڪ الله جو خوف ۽ عبادت ........ 122
الله اوهان کي عدل ۽ احسان جو حڪم ڪري ٿو ........ 123
الله اوهان کي واعدا پورا ڪرڻ جو حڪم ڪري ٿو ........ 123
عمل صالح جو نتيجو ........ 123
آدابِ تلاوت ........ 124
الله تي توڪل رکندڙ ماڻهو ........ 124
حلال ڪائڻ ۽ نعمتن جو شڪر ........ 125
حڪمت ۽ خيرخواهي سان دعوت ڏيو ........ 126
ماپ تور پوري ڪريو ........ 126
سهڻي ۽ وڻندڙ ڳالهہ ڪيو ........ 127
پنج وقتي نمازون ۽ تهجد ........ 127
اسماءُ الحسنيٰ سان رب کي سڏڻ ........ 128
انشاءَ الله چوڻ جو حڪم ........ 128
نماز، عبادت ۽ الله جو ذڪر ........ 128







مؤمن بي خوف ۽ بي خطر هوندو آهي ........ 129
صبر، تسبيح ۽ خدا جو حمد ........ 129
سڀئي ماڻهو هڪ ئي امت آهن ........ 131
قربانيءَ جو حڪم ........ 131
پاڪ رسمن جي حرمت ۽ عزت ........ 132
ايمان وارن جا طريقا ۽ نشانيون ........ 132
الله جي نصرت پنهنجي ٻانهن لاءِ ........ 134
نماز، زڪوات، اتحاد ۽ جهاد جو حڪم ........ 135
ڇوٽڪارو پائيندڙ ماڻهن جون وصفون ........ 136
نيڪين ۾ جلدي ڪرڻ وارا ........ 140
برائي کي ڀلائي سان دفع ڪرڻ ۽ شيطاني وسوسن کان الله جي پناهہ گهرڻ ........ 141
بدگماني کان بچڻ جو حڪم ........ 142
معافي تلافي جو رويو اپنائڻ جو حڪم ........ 142
بيواهہ عورتن سان نڪاح ڪرڻ جو حڪم ........ 142
الله ۽ رسول جي فرمانبرداري ........ 143
اجازت وٺي داخل ٿيڻ جا وقت ........ 144
بالغ ڇوڪرا اجازت وٺي داخل ٿين ........ 145
پوڙهين عورتن جي لاءِ پردي جي نرمي ........ 145
کاڌي ڪائڻ جي اجازت ........ 146
پنهنجي گهروارن کي سلام ڪرڻ جو حڪم ........ 146
مٽن مائٽن کي چڱائي جو حڪم چوڻ ........ 147
صبر ۽ ڀلائي جو ٻٽو بدلو ........ 147
رزق جو ذريعو صرف خدا جي ذات آهي ان جو ئي شڪر ادا ڪريو ........ 148
قرآن جي تلاوت جو حڪم ........ 149
اهلِ ڪتاب سان تڪراءُ ........ 149
دين ۾ يڪسوئي ........ 150
حقدارن کي حق ڏيڻ جو حڪم ........ 151
صبر کي هٿان نہ ڇڏيو ........ 151
الله جو شڪر ۽ والدين جو شڪر ........ 152
نماز، تبليغ ۽ صبر جو حڪم ........ 152
گهمڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ توازن ........ 152
الله جي فرمانبرداري ۽ چڱا عمل ........ 153
قيامت جي خوف ۽ زندگيءَ جو ٽوڪو ........ 153
نبيءَ جون گهرواريون مؤمنن جون مائر آهن ........ 154
الله جي مدد جو واعدو ........ 154
اجر عظيم ۽ ٻٽي سزا ........ 154
اهلِ بيت جي لاءِ خصوصي حڪم ۽ عنايتون ........ 155




www.sindhsalamat.com

مغفرت ۽ اجر عظيم جا مستحق ماڻهو ............ 156
الله جو ذڪر ۽ تسبيح ............ 157
محرم رشتا، جن ڪان پردو فرض نہ آهي ............ 157
ڍَڪ ۽ حجاب جو حڪم ............ 158
عمل سجايا ٿيڻ جو شرط ............ 158
هرگز ضايع نہ ٿيندڙ سودو ............ 159
الله ڪي ڇڏي ٻين ڪي اولياءَ بڻائڻ وارا ............ 159
الله ڏي رجوع ڪرڻ وارا ............ 161
عقل وارا چڱاين جي پيروي ڪندا آهن ............ 162
مشرڪ بہ خالق الله ڪي مڃيندا آهن ............ 162
الله ڪان دعائون گهرو ۽ تڪبر نہ ڪيو ............ 163
برداشت ڪريو ۽ برائي جو جواب ڀلائي سان ڏيو ............ 164
دين ڪي قائم رکو ............ 164
الله جا حڪم قبول ڪريو ............ 165
ايمان وارن جون نشانيون ............ 165
بدلو بہ مناسب طريقي سان وٺجي ............ 166
سواري جي نعمت ۽ دعا ............ 166
صبر ۽ ثابت قدمي رسولن جو طريقو آهي ............ 167
ڪافرن ۽ غير معاهدن سان وڙهڻ جو حڪم ............ 167
نصرت الاهي جو شرط ............ 168
پنهنجي ۽ اهلِ ايمان جي لاءِ مغفرت گهرڻ ............ 168
قرآن ۾ تدبر ڪرڻ جو حڪم ............ 168
رسول ڪريم جي مجلس جا ادب ............ 168
خبر جي تحقيق ڪرڻ جو حڪم ............ 169
ايماني ڀائپي ۽ پاڻ ۾ صلح صفائي ............ 170
عزت ۽ اڪرام جو معيار ............ 170
ايمان ۽ اسلام جو سنگم ............ 171
اهلِ ايمان جون وصفون ............ 171
جنت جي طرف سبقت ڪريو ............ 172
ظهار جو حڪم ۽ ڪفارو ............ 172
مجلس جا ادب ............ 173
في جي مال جي تقسيم ............ 173
ٻين ڪي پنهنجي ذات تي ترجيح ڏيڻ ............ 174
آخرت جي فڪر جو حڪم ............ 175
ايمان وارين مهاجر عورتن جو حڪم ............ 175
ڪافرن ڏانهن ويندڙ عورت جي مڙسن لاءِ حڪم ............ 176
عورتن ڪان بيعت ............ 176







عذاب ڪان نجات ڏياريندڙ تجارت ............ 177
الله جا مددگار دوست بڻجي وڃو ............ 178
جمعي جي نماز ۽ خطبي جو حڪم ............ 178
الله، رسول ۽ قرآن تي ايمان ............ 179
طلاق جا حڪم ۽ مسئلا ............ 180
عدت واري مدت پوري ڪرڻ جو حڪم ............ 180
تقويٰ ۽ توڪل وارن لاءِ بي حساب رزق ............ 181
عدت جا مسئلا ............ 181
عدت ۽ رضاعت جا ڪجھ حڪم ............ 182
رات جو جاڳڻ ۽ قرآن جي تلاوت ............ 182
تهجد جو وقت، نماز ۾ تلاوت ۽ خرچ جو حڪم ............ 183
خدائي پرچار جو حڪم ............ 184
نيڪوڪارن جون وصفون ۽ انعام ............ 184
گناهگاريءَ ۾ عدم اطاعت جو حڪم ............ 185
جنت ۽ جهنم وارن جون وصفون ............ 185
يتيمن جي سنڀال ۽ مسڪينن ڪي ڪارائڻ جو انعام ............ 186
فراغت ۾ الله ڪان غافل نہ رهو ............ 187
علم حاصل ڪرڻ لاءِ حڪم ............ 187
دين قيم جو معيار ............ 187
خشيت الاهي جو بدلو ............ 187
نماز ۽ قرباني جو حڪم ............ 188
توحيد جو سبق ............ 188
الله جي ربوبيت، حاڪميت ۽ الوهيت جي پناھ ۾ اچڻ جو حڪم ............ 188


## قرآن مجيد جون ٻڌايل انڪار واريون منع ڪيل ڳالهيون


شرڪ نہ ڪريو ............ 193
قرآن جا منڪر نہ بڻجو ۽ قرآن فروشي نہ ڪريو ............ 196
جادو سکڻ ۽ ڪرڻ ڪفر جي وات آهي ............ 197
مسجدن ۾ ذڪر ڪرڻ ڪان روڪڻ ظلم آهي ............ 198
خدا جي شاهديءَ ڪي لڪائڻ ظلم آهي ............ 198
خدائي هدايت ڪي لڪائڻ ظلم آهي ............ 199
شڪ نہ ڪريو ............ 199
ڪافرن ڪان نہ ڊڄو ............ 200
ناشڪري نہ ڪيو ............ 201
شهيد ڪي مئل نہ چئو ............ 202
شيطان جي پيروي نہ ڪيو ............ 202




www.sindhsalamat.com

کھڙيون شيون اوھان لاءِ حرام آھن؟ .......... 204
اعتڪاف جي حالت ۾ مباشرت کان منع .......... 205
ڪنھن جو مال ناحق نہ کائو .......... 206
جنگ ۾ بہ زيادتي نہ ڪيو .......... 206
حرم ۾ لڙائي نہ ڪيو .......... 207
پنھنجو پاڻ کي ھلاڪت ۾ نہ وجھو .......... 207
حج ۾ نہ ڪرڻ جون ڳالھيون .......... 207
نعمتن جي ڪفر جي سزا ۽ تقويٰ جي جزا .......... 207
حرمت وارن مھينن ۾ قتل جي منع ۽ فتنو قتل کان وڏو گناھ آھي .......... 208
مرتد ٿي وڃڻ جي سزا .......... 208
شراب، جوا ۽ فال وجھڻ جي حرمت .......... 209
مشرڪ سان نڪاح نہ ڪيو .......... 210
حيض وارن ڏينھن ۾ جماع جي حرمت .......... 210
قسمن کي چڱائي کان رڪجڻ جو بھانو نہ بڻايو .......... 211
حيض ۽ حمل کي لڪائڻ کان منع .......... 212
طلاق ڏيڻ کان پوءِ مھر واپس وٺڻ جي منع .......... 212
عورتن کي ظلم ۽ زيادتي لاءِ نہ رکو .......... 212
طلاق کي مذاق نہ بڻايو .......... 213
طلاق کان پوءِ عورتن کي ٻئي نڪاح کان نہ روڪيو .......... 213
احسان جتائڻ ۽ اذيت ڏيڻ کان منع .......... 214
اڻوڻندڙ شين جو صدقو نہ ڪيو .......... 214
وياج جي حرمت .......... 215
ڪافرن سان دوستيءَ رکڻ کان منع .......... 217
انصاف جي فضيلت .......... 220
فرقا فرقا نہ بڻجو .......... 220
ڪنھن محرومي يا مصيبت تي غمگين نہ ٿيو .......... 221
ڪافرن وانگر نہ ٿيو .......... 221
بخل نہ ڪريو .......... 222
يتيمن جي مال کي ناقص مال سان نہ مٽايو .......... 223
ڪم عقل يتيمن کي انھن جو مال نہ ڏيو .......... 224
عورتن جا ڏاڄ سان وارث نہ بڻجو .......... 225
پيءُ جي گھر وارين سان نڪاح نہ ڪيو .......... 225
نسب جا محرم رشتا .......... 226
قتل ۽ خودڪشي نہ ڪيو .......... 227
ڪبيرا گناھن کان بچو .......... 228
نصيبن ۾ اجائي تمنا نہ ڪيو .......... 228
بي خبري ۾ نمازون نہ پڙھو .......... 228







ظالمن کان فيصلا نہ ڪرايو .......... 229
خواھشن جي پيروي نہ ڪريو ۽ عدل ھٿان نہ وڃايو .......... 229
خدائي آيتن جو مذاق ڪندڙن سان نہ ويھو .......... 231
وڏي واڪي برو چوڻ کان منع .......... 232
حدون نہ لنگھو، وڌاءُ نہ ڪيو ۽ احمقن جي پيروي نہ ڪريو .......... 232
احرام جي حالت ۾ شڪار .......... 233
شعائرالله، قرباني ۽ حاجين جي بي حرمتي نہ ڪريو .......... 234
دشمنيءَ ۾ حد کان تجاوز ۽ زيادتي نہ ڪيو .......... 234
گناھ ۽ظلم جي ڪمن ۾ مدد نہ ڪيو .......... 235
حلال شين کي حرام نہ بڻايو .......... 235
سوالن جي گھڻائي کان منع .......... 236
مشرڪن کان نہ ٿيو .......... 236
ظاھري ۽ لڪل گناھن کان بچو .......... 237
بنا تڪبير ذبح ٿيل جانورن جو گوشت نہ کائو .......... 237
فضول خرچي کان منع .......... 237
شرڪ، اولاد جي قتل ۽ فحاشيءَ کان منع .......... 238
يتيمن جو مال نہ کائو .......... 238
غيرالله جي پيروي نہ ڪيو .......... 239
فحاشي، گناھ، ناحق زيادتي ۽ شرڪ کان منع .......... 240
فساد نہ ڪريو .......... 240
خدائي حڪمن کي اڻ ٻڌو نہ ڪريو .......... 241
الله ۽ رسول جي امانتن ۾ خيانت نہ ڪيو .......... 241
آڪڙ، نمائش ۽ ڏيکاءَ کان بچو .......... 241
ٻين جا ناحق مال نہ کائو .......... 243
ڪافرن ۽ منافقن جا جنازا نہ پڙھو .......... 243
مشرڪن لاءِ بخشش جي دعا نہ ڪريو .......... 243
احسان فراموشي نہ ڪريو .......... 244
گمراھن جي ڪڍ نہ ھلجو .......... 244
غيرالله کي نہ پڪاريو .......... 244
الله کانسواءِ ڪنھن جي عبادت نہ ڪريو .......... 246
نااميد، ناشڪرا ۽ ٻٽاڪي نہ بڻجو .......... 246
انھن ماڻھن جا ڪرتوت جن کي عذاب ڏنو ويندو .......... 247
ماپ تور ۾ گھٽ وڌائي نہ ڪيو .......... 248
دشمن جي مقابلي ۾ بہ حد کان نہ لنگھجو .......... 250
ناشڪري کان بچجو .......... 250
سرڪشي ۽ تڪبر نہ ڪجو .......... 251
ٻہ ٻہ گھر نہ پنو .......... 251




www.sindhsalamat.com

الله جي لاءِ مثال نہ ڏيو ..... 252
پنهنجا قسم نہ ٽوڙيو ..... 252
قسمن کي دغابازيءَ جو بهانو نہ بڻايو ..... 253
الله سان ڪيل اقرار کي نہ وڪڻو ..... 253
حلال حرام کي زبان جي مسخري نہ بڻايو ..... 253
غيرالله کي ڪارساز نہ بڻايو ..... 254
غيرالله کي معبود نہ بڻايو ..... 254
والدين کي اُف بہ نہ چئو ..... 254
اجايا خرچ نہ ڪيو ..... 255
بُخل نہ ڪيو ۽ فضول خرچي بہ نہ ڪيو ..... 255
سڃائيءَ جي ڀَوَ کان اولاد کي قتل نہ ڪيو ..... 256
زنا جي ويجها نہ وڃو ..... 256
جنهن شيءِ جو علم نہ هجي ان جي پوئتان نہ پئو ..... 257
نہ گهڻو زور سان ۽ نہ گهڻو آهستي ..... 257
هي نہ چئو تہ سڀاڻي ڪندس ..... 257
خواهش پرستن جون ڳالهيون نہ مڃو ..... 257
الله جي ڪلام کان نہ لنوايو ..... 258
الله جي ذڪر ۾ سستي نہ ڪريو ..... 258
دنيا جي سونهن تي نہ هرکجو ..... 258
زانيءَ کي سزا ڏيڻ ۾ ترس نہ کائو ..... 261
زاني مشرڪن سان نڪاح نہ ڪيو ..... 261
بهتان بازيون نہ ڪيو ..... 261
هوند وارا ماڻهو خرچ نہ ڪرڻ جو قسم نہ کائين ..... 262
بنا اجازت ٻين جي گهرن ۾ داخل نہ ٿيو ..... 262
محرمن کان سواءِ ٻئي لاءِ زينت ظاهر نہ ڪريو ..... 263
ٻانهين کي بدڪاري تي مجبور نہ ڪريو ..... 264
ڪافرن اڳيان گوڏا نہ کوڙيو ..... 264
جاهلن کان ٽارو ڪريو ..... 264
ڇوڪري بازي ۽ فحاشي جي ويجها نہ وڃو ..... 264
دنيا ۽ آخرت مان پنهنجو حصو چوندي وٺو ۽ فساد نہ ڪريو ..... 265
والدين جي اطاعت ڪيو ۽ مشرڪ نہ ٿجو ..... 266
ماڻهن جي اذيتن کي عذابِ الاهي نہ سمجهو ..... 266
ناچ ڳائڻ کان بچو ..... 267
سواءِ ڪنهن علم جي الله بابت نہ وڙهو ..... 268
دنيا جي چمڪ ۽ شيطان کان ڌوکو نہ کائو ..... 269
ڪافرن ۽ منافقن جي ڳالهين ۾ نہ ڦاسو ..... 270
وات چواٽي سان ڪا بہ عورت ماءُ ۽ ڪو بہ ڇوڪرو پٽ نہ ٿو بڻجي سگهي ..... 270







عورتون نرم لهجي ۾ ڳالهہ ڪن ..... 271
ٺاهہ سينگار جي نمائش نہ ڪيو ..... 271
رخصتي کان اڳ ٿي طلاق تي عدت ناهي ..... 273
مڪر ڪندڙن جي لاءِ سخت عذاب آهي ..... 273
ڪفر ۽ ناشڪري نہ ڪريو ..... 274
الله ۽ رسول جي نافرماني نہ ڪيو ..... 274
گناهن جي باوجود پنهنجي رب مان نااميد نہ ٿيو ..... 275
الله جي پچار کان منهن نہ موڙيو ..... 276
پنهنجا عمل برباد نہ ڪيو ..... 276
دنيا جي زندگي ڪيل تماشو آهي ..... 276
الله ۽ سندس رسول کان اڳتي نہ وڌو ..... 277
پنهنجي آوازن کي نبيءَ جي آواز کان مٿي نہ ڪيو ..... 277
مسخري ۽ عيب نہ ڪيو ۽ برا نالا نہ رکو ..... 277
گمان، جاسوسي ۽ غيبت کان بچو ..... 278
ڪبيرا گناهن ۽ فحاشي کان بچو ..... 278
پاڻ نہ پڏايو ..... 279
بي شرميءَ جي ڳالهين کان بچڻ جي منع ..... 280
تور کي گهٽ نہ ڪريو ..... 280
نعمتن تي ڦونڊجي نہ وڃو ..... 281
گناهہ، زيادتي ۽ نافرماني جي پچر نہ ڪريو ..... 281
انهن سان دوستي نہ رکو جن تي خدا ڪاوڙيو آهي ..... 282
قول ۽ فعل ۾ تضاد پيدا نہ ڪيو ..... 282
مال ۽ اولاد جي ڪري الله کان غافل نہ ٿيو ..... 282
عدت جي ڏينهن ۾ عورت کي گهر کان نہ ڪڍو ..... 283
منڪرن جو چيو نہ مڃو ..... 284
بدلي جي نيت سان ڪنهن تي احسان نہ ڪيو ..... 284
قيامت کي اجايو چوندڙ گناهگار آهن ..... 284
ايمان وارن جو مذاق نہ اڏايو ..... 285
مؤمنن کي تڪليف نہ پهچايو ..... 285
يتيمن ۽ مسڪينن سان بدسلوڪي نہ ڪيو ..... 285
يتيمن تي ظلم نہ ڪيو ۽ سائل کي نہ جهڙڪيو ..... 286




www.sindhsalamat.com

# سهيڙيندڙ پاران

نحمده و نصلّي علىٰ رسوله الڪريم

خادم الفقراءَ ٽرسٽ جي پاران ڪجهه سالن کان قرآن مجيد جي ترجمن جي اشاعت جو ڪم مسلسل رکيو ويو آهي تہ جيئن قرآن شريف جي هدايت ۽ رهنمائي مقامي ٻولين ۾ ماڻهن لاءِ آسان ۽ نصيحت واري بڻجي.

هينئر قرآن مجيد جي محڪمات جون چونڊ هيءَ آيتون سهيڙي ترجمي سميت پڙهندڙن جي لاءِ پيش ڪيون پيون وڃن تہ جيئن قرآن جي ٻڌايل جائز ۽ ناجائز، حلال ۽ حرام ڪرڻ واريون ڳالهيون ۽ منع ٿيل ڳالهيون پڌري ٿي پڙهندڙن جي سامهون اچن ۽ جنهن سان اسان پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ قرآن جي هدايت ۽ رهنمائيءَ جو ڀرپور فائدو حاصل ڪري سگهون.

اسان جا روزاني زندگيءَ جا نفسي مسئلا، سياسي، سماجي ۽ معاشرتي الجهنون اقتصادي ۽ اخلاقي معاملا سخت ويڳاڙپ جي وَر چڙهيل آهن. جنهن جي نتيجي ۾ سماجي ابتري ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي. اهڙين حالتن ۾ پنهنجي خالق جي موڪليل هدايت کي چنبڙي وڃڻ ۽ ان کي پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ نافذ ڪرڻ ئي واحد بچاءَ جو ذريعو آهي. اسان کي اميد آهي تہ اسان جا پڙهندڙ سيني طبقن جا ماڻهو نوجوان ۽ اسان جا سڀ ڀائر ڀيڻرون هن احڪامات جي مختصر چونڊ مان پنهنجي روزاني زندگي جي مسئلن جي رهنمائي ڀرپور نموني حاصل ڪري سگهندا. اسان جو هيءَ فرض آهي تہ جيڪا هدايت ۽ رهنمائي خدا تعاليٰ اسان کي نصيب ڪئي آهي، اُنهيءَ کان پنهنجن ڀين ساٿين، مٽن مائٽن ۽ سڄاڻو ماڻهن تائين پهچايون تہ جيئن گهڻن ماڻهن جو ڀلو ٿي پوي الله تعاليٰ کان دُعا آهي تہ اسان سيني کي پنهنجي هدايت مان پليءَ پت بهروره ٿيڻ جي توفيق ۽ همت عطا ڪري (آمين)

**عبدالستار عباسي**





وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿١٧﴾

**اسان قرآن کي آسان ڪيو آهي پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو.**



www.sindhsalamat.com

أَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## فيصلا خدائي حڪمن جي مطابق ڪيو

وَاَنِ احْكُمْ بَيْنَهُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ وَاحْذَرْهُمْ اَنْ يَّفْتِنُوْكَ عَنْۢ بَعْضِ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ اِلَيْكَ (المائده: ٤٩)

جيڪي الله حڪم نازل ڪيا آهن تنهن مطابق ماڻهن جي وچ ۾ فيصلا ڪر ۽ هنن جي خواهشن جي پيروي نه ڪر ۽ پڻ هنن بنسبت خبردار رهه. جو ائين نه ٿئي ته جيڪي خدا نازل ڪيو آهي، تنهن جي ڪنهن به حڪم (جي تعميل) ۾ تنهنجا قدم هوهتائي ڇڏين.

## چڱاين جو بدلو ٻنهي جهانن ۾ خير ۽ برڪت آهي

لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةٌ ۚ وَلَدَارُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ (النحل: ٣٠)

(ڏسو ته) جن ماڻهن هن دنيا ۾ چڱايون ڪيون تن جي لاءِ (هتي به) چڱائي آهي ۽ يقيناً (هنن لاءِ) آخرت جو گهر به خير ۽ برڪت ٿي جو گهر آهي.

## الله ۽ رسول جو پيغام سڀ ڪان مٿي رکو

قُلْ اِنْ كَانَ اٰبَآؤُكُمْ وَاَبْنَآؤُكُمْ وَاِخْوَانُكُمْ وَاَزْوَاجُكُمْ وَعَشِيْرَتُكُمْ وَاَمْوَالُ اقْتَرَفْتُمُوْهَا وَتِجَارَةٌ تَخْشَوْنَ كَسَادَهَا وَمَسٰكِنُ تَرْضَوْنَهَآ اَحَبَّ اِلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَجِهَادٍ فِيْ سَبِيْلِهٖ فَتَرَبَّصُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ (التوبه: ٢٤)

(اي پيغمبر! مسلمان کي) چئي ڏي ته جيڪڏهن توهان جا پيئر ۽ توهان جا پٽ ۽ توهان جا ڀائر ۽ توهان جون زالون ۽ توهان جا مائٽ ۽ توهان جو مال جو توهان ڪمايو آهي ۽ توهان جو واپار جنهن جي سرد پوڻ ۽ نقصان هيٺ اچڻ جو توهان کي انديشو ٿئي ٿو ۽ توهان جي رهڻ جا مڪان جي توهان کي





ايتري قدر پسند آهن، اهي سڀ شيون اوهان کي الله کان سندس رسول کان ۽ الله جي راهه ۾ جهاد ڪرڻ کان وڌيڪ پياريون آهن ته (حق جي دعوت اوهان جي محتاج ناهي) توهان ترسو ۽ انتظار ڪريو جيستائين جيڪي خدا کي ڪرڻو آهي سو توهان جي اڳيان آڻي.

## خدائي حڪمن جي لتاڙ ڪفر آهي

وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰفِرُوْنَ (المائده: ٤٤)

(ياد رکو ته) جيڪڏهن ڪوبه خدا جي نازل ڪيل ڪتاب مطابق حڪم نه ڏيندو ته اهڙائي ماڻهو آهن. جي ڪافر آهن.

## تصديق کان سواءِ ڳالهه ڦهلائڻ جي منع

وَاِذَا جَآءَهُمْ اَمْرٌ مِّنَ الْاَمْنِ اَوِ الْخَوْفِ اَذَاعُوْا بِهٖ ۭ وَلَوْ رَدُّوْهُ اِلَى الرَّسُوْلِ وَاِلٰٓى اُولِي الْاَمْرِ مِنْهُمْ لَعَلِمَهُ الَّذِيْنَ يَسْتَنْۢبِطُوْنَهٗ مِنْهُمْ (النساء: ٨٣)

۽ جڏهن هنن ماڻهن وٽ امن جي يا خوف جي ڪا به خبر اچي ٿي تڏهن هڪدم ان کي ماڻهن ۾ مشهور ڪن ٿا. جيڪڏهن هو ان (ماڻهن ۾ مشهور ڪرڻ بدران) الله جي رسول ۽ اختياريءَ وارن وٽ پيش ڪن ها ته پوءِ جيڪي انهن مان ان ڳالهه جو اڳ پوءِ جاچيندڙ آهن سي سچي حقيقت سمجهي وٺن ها (۽ عوام ۾ اهو هراس يا غلط فهمي پيدا نه ٿئي ها۽ عوام ۾ اجايو هراس يا غلط فهمي پيدا نه ٿئي ها)

## ٻين جي خدائن کي گهٽ وڌ نه ڳالهايو

وَلَا تَسُبُّوا الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ (الانعام: ١٠٨)

۽ (اي مسلمانو!) جيڪي ماڻهو خدا کان سواءِ ٻين کي پڪارين ٿا تن (جي ديوتائن) کي گاريون نه ڏيو.

## سيئي ماڻهو احترام لهڻن ٿا

وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيْٓ اٰدَمَ (بني اسرائيل: ٧٠)

هي حقيقت آهي ته اسان بني آدم کي بزرگي ڏني



www.sindhsalamat.com

## صرف رباني انسان بڻجو

مَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنۡ يُّؤۡتِيَهُ اللّٰهُ الۡكِتٰبَ وَ الۡحُكۡمَ وَ النُّبُوَّةَ ثُمَّ يَقُوۡلَ لِلنَّاسِ كُوۡنُوۡا عِبَادًا لِّىۡ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ وَلٰـكِنۡ كُوۡنُوۡا رَبّٰنِيّٖنَ بِمَا كُنۡتُمۡ تُعَلِّمُوۡنَ الۡكِتٰبَ وَ بِمَا كُنۡتُمۡ تَدۡرُسُوۡنَ ﴿٧٩﴾ (آل عمران: ٧٩)

(٧٩) ڪنهن بہ انسان کي ائين نٿو جڳائي تہ الله تعاليٰ هن کي ڪتاب ۽ حڪومت ۽ نبوت عطا فرمائي ۽ پوءِ ماڻهن کي چوي تہ خدا کي ڇڏي منهنجا ٻانها ٿيو (يعني خدا جي حڪمن جي عيوض منهنجا ٻانها ٿيو. (يعني خدا جي حڪمن جي عيوض منهنجا حڪم مڃو)، بلڪ گهرجي تہ رباني انسان ٿيو (يعني ماڻهن کي حق جي واٽ ڏيکاريو ۽ سندن مربي ٿيو. يعني سندن مددگاري ڪري ڪين چڱي درجي تي رسايو) اهو هن ڪري جو توهان الله جو ڪتاب سيکاريو ٿا ۽ پڙهڻ پڙهائڻ ۾ مشغول رهو ٿا.

## پنهنجا معاملا مشوري سان هلايو

وَ اَمۡرُهُمۡ شُوۡرٰى بَيۡنَهُمۡ (الشوريٰ:٣٨)

۽ پنهنجا ڪم ڪاريون ۽ معاملا هڪٻئي سان مشورا ڪري سرانجام ڪن ٿا

****

وَ شَاوِرۡهُمۡ فِى الۡاَمۡرِ (آل عمران:١٥٩)

۽ پڻ وڏن معاملن ۾ هنن سان مشورو ڪر.

## روزي هر ڪنهن جي لکيل آهي

وَمَا مِنۡ دَآبَّةٍ فِى الۡاَرۡضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزۡقُهَا (هود:٦)

۽ زمين تي هلڻ وارو ڪوبہ ساهہ دار ڪونهي جنهن جي روزيءَ جو انتظام الله تي نہ هجي





## رزق ۽ ڪمائي جا ذريعا الله جا پيدا ڪيل آهن، ان ڪري اهي اوهان وٽ امانت آهن

اَفَرَءَيۡتُمۡ مَّا تَحۡرُثُوۡنَ ﴿٦٣﴾ ءَاَنۡتُمۡ تَزۡرَعُوۡنَهٗۤ اَمۡ نَحۡنُ الزّٰرِعُوۡنَ ﴿٦٤﴾ لَوۡ نَشَآءُ لَجَـعَلۡنٰهُ حُطَامًا فَظَلۡتُمۡ تَفَكَّهُوۡنَ ﴿٦٥﴾ اِنَّا لَمُغۡرَمُوۡنَ ﴿٦٦﴾ بَلۡ نَحۡنُ مَحۡرُوۡمُوۡنَ ﴿٦٧﴾ اَفَرَءَيۡتُمُ الۡمَآءَ الَّذِىۡ تَشۡرَبُوۡنَ ﴿٦٨﴾ ءَاَنۡتُمۡ اَنۡزَلۡتُمُوۡهُ مِنَ الۡمُزۡنِ اَمۡ نَحۡنُ الۡمُنۡزِلُوۡنَ ﴿٦٩﴾ لَوۡ نَشَآءُ جَعَلۡنٰهُ اُجَاجًا فَلَوۡلَا تَشۡكُرُوۡنَ ﴿٧٠﴾ اَفَرَءَيۡتُمُ النَّارَ الَّتِىۡ تُوۡرُوۡنَ ﴿٧١﴾ ءَاَنۡتُمۡ اَنۡشَاۡتُمۡ شَجَرَتَهَاۤ اَمۡ نَحۡنُ الۡمُنۡشِـُٔوۡنَ ﴿٧٢﴾ نَحۡنُ جَعَلۡنٰهَا تَذۡكِرَةً وَّمَتَاعًا لِّلۡمُقۡوِيۡنَ ﴿٧٣﴾ (الواقعة: ٦٣ کان ٧٣)

وري توهان انهيءَ ٻج تي غور ڪيو آهي جو توهان پوکيندا آهيو؟ (٦٤) ڇا اهو توهان ٿا ڄمايو ۽ وڌايو يا اسان ئي ان کي ڄمائيندڙ ۽ وڌائيندڙ آهيون؟ (٦٥) جيڪڏهن اسان چاهيون تہ ان (کيتيءَ کي چورو ڪري ڇڏيون ۽ پوءِ توهان حيران ۽ پريشان ٿي وڃو (۽ چوڻ لڳو تہ هاءِ هاءِ!) (٦٦) هاڻي تہ اسان قرض ۾ پئجي وينداسين. (٦٧) بلڪ بلڪل محروم (نادار ۽ سڃا) رهجي وينداسين. (٦٨) وري توهان انهيءَ پاڻيءَ تي غور ڪيو آهيو جو توهان پيئندا آهيو؟ (٦٩) ڇا توهان ٿا ان کي ڪڪرن مان هيٺ آڻيو يا اسان ئي ان کي هيٺ آڻيندڙ آهيون؟ (٧٠) جيڪڏهن اسان چاهيون تہ ان کي ڪارو ڪري ڇڏيون (۽ توهان مصيبت ۾ پئجي وڃو. اسان تہ توهان کي منو پاڻي ٿا ڏيون) پوءِ چو نٿا خدائي نعمتن جو قدر ڪيو؟ (۽ سندس قانونن ۽ حڪمن تي عمل ڪري پنهنجو ڀلو ڪيو؟) (٧١) وري توهان انهيءَ باهہ تي غور ڪيو آهي جا توهان ٻاريندا آهيو؟ (٧٢) ڇا توهان ان (باهہ) جي (ٻارڻ وارن) وڻن کي ڄمائيندا آهيو يا اسان ئي ڄمائيندڙ آهيون؟ (٧٣) اسان ان کي عبرت وٺڻ جي نشاني بڻايو آهي ۽ پڻ بيابانن ۾ رهندڙن لاءِ وڏي سهوليت واري شيءِ بڻايو آهي.



www.sindhsalamat.com

# خدا جي بخشش عام آهي

وَ مَا كَانَ عَطَآءُ رَبِّكَ مَحْظُوْرًا ﴿۲۰﴾ (بني اسرائيل: ۲۰)

۽ (اي پيغمبر!) تنهنجي پروردگار جي بخشش عام آهي ۽ ڪنهن جي به لاءِ بند ناهي.

# ماڻهو پنهنجي عملن جو پاڻ ذميوار آهي

وَ لَا تَكْسِبُ كُلُّ نَفْسٍ اِلَّا عَلَيْهَا ۚ وَ لَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى (الانعام: ۱۶۴)

۽ (ڏسو) هرهڪ ماڻهو پنهنجي عملن سان جيڪي ڪمائي ٿو سو انهيءَ جي ذمي ٿئي ٿو (چڱا عمل ڪندو ته پاڻ کي ئي فائدو پوندس ۽ بدعمل ڪندو ته پاڻ کي ئي نقصان رسندس) ڪوبه بار کڻندڙ ٻئي جو بار نٿو کڻي.

# انسان جو اهو ئي آهي جيڪو پنهنجي هٿ سان ڪمائي ڪري ٿو

اَلَّا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ﴿۳۸﴾ وَ اَنْ لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى ﴿۳۹﴾ وَ اَنَّ سَعْيَهٗ سَوْفَ يُرٰى ﴿۴۰﴾ ثُمَّ يُجْزٰىهُ الْجَزَآءَ الْاَوْفٰى ﴿۴۱﴾ (النجم: ۳۸ کان ۴۱)

(انهن صحيفن ۾ فرمايل آهي) ته ڪوبه بار کڻندڙ ڪنهن ٻئي جو بار کڻي نٿو سگهي. (۳۹) ۽ هرهڪ انسان کي فقط اهو ڪم ايندو جيڪو پاڻ پنهنجي ڪوشش ۽ محنت سان ڪيو هوندائين. (۴۰) ۽ يقيناً ڪوشش ۽ محنت (جو نتيجو) ضرور جلد ئي ڏسڻ ۾ ايندو. (۴۱) پوءِ هن کي پورو پورو بدلو ملي ويندو.

# دين ۾ ڪا به زبردستي نه آهي

لَآ اِكْرَاهَ فِي الدِّيْنِ ۙ قَدْ تَّبَيَّنَ الرُّشْدُ مِنَ الْغَيِّ (البقره: ۲۵۶)

دين جي باري ۾ زور زبردستي جائز ناهي، يقيناً هدايت جي واٽ گمراهي کان الڳ ۽ چٽي ڪئي ويئي آهي. (ٻئي واٽون ماڻهن جي سامهون آهن.





جنهن کي جيڪا وڻي سا اختيار ڪري).

# ايمان جي ضرورت ماڻهوءَ کي پاڻ آهي

وَ لَوْ شَآءَ رَبُّكَ لَاٰمَنَ مَنْ فِي الْاَرْضِ كُلُّهُمْ جَمِيْعًا ؕ اَفَاَنْتَ تُكْرِهُ النَّاسَ حَتّٰى يَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿۹۹﴾ (يونس: ۹۹)

۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تنهنجو پروردگار چاهي ها ته جيڪي به ماڻهو روءِ زمين تي آهن سي سڀ ايمان آڻين ها (۽ دنيا ۾ اعتقاد ۽ عمل جو اختلاف ڪونه هجي ها، پر تون ڏسين ٿو ته الله تعاليٰ ائين ڪونه چاهيو. سندس مشيت يا قانون ئي ائين ٿيو ته طرح طرح جون طبيعتون ۽ لياقتون ظهور ۾ اچن. پوءِ جيڪڏهن ماڻهو اسلام تي نه اچن ته) ڇا تون انهن تي زور آڻيندين ته جستائين ايمان نه آڻيندؤ تيستائين مان اوهان کي ڇڏڻ وارو ناهيان؟

****

وَ قُلِ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكُمْ ۫ فَمَنْ شَآءَ فَلْيُؤْمِنْ وَّ مَنْ شَآءَ فَلْيَكْفُرْ (الڪهف: ۲۹)

۽ چئي ڏي ته سچائي اوهان جي رب جي طرف کان آهي. هاڻي جنهن کي وڻي سو مڃي، جنهن کي نه وڻي سو نه مڃي.

# فساد ۾ هڪ انسان جو قتل سڄي انسانيت جو قتل آهي

مَنْ قَتَلَ نَفْسًا بِغَيْرِ نَفْسٍ اَوْ فَسَادٍ فِي الْاَرْضِ فَكَاَنَّمَا قَتَلَ النَّاسَ جَمِيْعًا ؕ وَ مَنْ اَحْيَاهَا فَكَاَنَّمَاۤ اَحْيَا النَّاسَ جَمِيْعًا (المائده: ۳۲)

جنهن به ماڻهوءَ سواءِ ان حالت جي جڏهن قصاص وٺڻو هجي يا ملڪ ۾ ڦرمار ۽ خونريزي ڪرڻ وارن کي سزا ڏيڻي هجي، ڪنهن ٻئي ماڻهو کي قتل ڪري وڌو تنهن ڄڻ ته سڀني انسانن جو خون ڪيو ۽ جنهن به ٻئي ڪنهن جي حياتي بچائي تنهن ڄڻ ته سڀني ماڻهن کي حياتي ڏني.



www.sindhsalamat.com

## انصاف جا قانون خدا جا مڃيو

اَفَغَيۡرَ اللّٰهِ اَبۡتَغِيۡ حَكَمًا وَّهُوَ الَّذِيۡۤ اَنۡزَلَ اِلَيۡكُمُ الۡكِتٰبَ مُفَصَّلًا (الانعام: ١١٤)

(١١۴) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کان پڇ تہ) ڇا (توهان هي ٿا چاهيو تہ) مان (اوهان جي ۽ پنهنجي وچ ۾) فيصلو ڪرڻ لاءِ خدا کان سواءِ ٻيو جج ڳوليان؟ حالانڪ اهوئي آهي جنهن اوهان تي هي ڪتاب نازل ڪيو آهي. جو کولي کولي (ڳالهيون) ٻڌائڻ وارو آهي

****

وَاَنۡزَلۡنَاۤ اِلَيۡكَ الۡكِتٰبَ بِالۡحَـقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيۡنَ يَدَيۡهِ مِنَ الۡكِتٰبِ وَمُهَيۡمِنًا عَلَيۡهِ فَاحۡكُمۡ بَيۡنَهُمۡ بِمَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعۡ اَهۡوَآءَهُمۡ عَمَّا جَآءَكَ مِنَ الۡحَـقِّ

(المائده: ۴٨)

۽ (اي پيغمبر اهڙيءَ طرح) اسان توڏي سچائيءَ سان ڀريل ڪتاب موڪليو جو انهن ڪتابن جي تصديق ڪندڙ آهي، جيڪي اڳ ئي موجود آهن ۽ انهن تي نگهبان آهي، تنهن ڪري تون خدا جي نازل ڪيل ڪتاب مطابق ماڻهن جي وچ ۾ فيصلا ڪر ۽ جيڪا سچائي تو وٽ اچي چڪي آهي، تنهن کي ڇڏي ماڻهن جي خواهشن جي پيروي نہ ڪجانءِ.

****

وَاَنِ احۡكُمۡ بَيۡنَهُمۡ بِمَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعۡ اَهۡوَآءَهُمۡ وَاحۡذَرۡهُمۡ اَنۡ يَّفۡتِنُوۡكَ عَنۡۢ بَعۡضِ مَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ اِلَيۡكَ (المائده: ۴٩)

۽ (اي پيغمبر!) اسان توکي حڪم ڏنو تہ جيڪي الله تعاليٰ تو تي نازل ڪيو آهي تنهن مطابق ماڻهن جي وچ ۾ فيصلا ڪر ۽ هنن جي خواهشن جي پيروي نہ ڪر ۽ پڻ هنن بنسبت خبردار رهہ، جوائين نہ ٿئي تہ جيڪي خدا نازل ڪيو آهي، تنهن جي ڪنهن بہ حڪم (جي تعميل) ۾ تنهنجا قدم هوڪتائي ڇڏين.

****





وَمَا اخۡتَلَفۡتُمۡ فِيۡهِ مِنۡ شَىۡءٍ فَحُكۡمُهٗۤ اِلَى اللّٰهِ (الشوري: ١٠)

۽ جنهن ڳالهہ بابت توهان هڪ ٻئي سان اختلاف رکو ٿا تنهن جو فيصلو الله وٽ ٿيڻو آهي (پاڻ ۾ ڇو ٿا وڙهو).

## قتل خطا جو بدلو

وَمَنۡ قَتَلَ مُؤۡمِنًا خَطَـــًٔا فَتَحۡرِيۡرُ رَقَبَةٍ مُّؤۡمِنَةٍ (النساء: ٩٢)

جنهن بہ هڪڙي مؤمن کي غلطيءَ کان قتل ڪيو هجي تنهن کي گهرجي تہ هڪ مؤمن ٻانهو آزاد ڪري.

## الله کان سواءِ ٻئي جي بندگي نہ ڪيو

مَا تَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اِلَّاۤ اَسۡمَآءً سَمَّيۡتُمُوۡهَاۤ اَنۡتُمۡ وَاٰبَآؤُكُمۡ مَّاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِنۡ سُلۡطٰنٍ ؕ اِنِ الۡحُكۡمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ اَمَرَ اَلَّا تَعۡبُدُوۡۤا اِلَّاۤ اِيَّاهُ ؕ ذٰلِكَ الدِّيۡنُ الۡقَيِّمُ وَلٰـكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ لَا يَعۡلَمُوۡنَ (يوسف: ۴٠)

توهان ان (خدا) کان سواءِ جن هستين جي بندگي ٿا ڪيو تن جي حقيقت هن کان وڌيڪ ڇا آهي تہ فقط ڪي نالا آهن جي توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن ڪٺي رکيا آهن. الله تعاليٰ انهن جي لاءِ ڪا بہ سند نازل نہ ڪئي آهي. حڪومت تہ الله ئي جي لاءِ آهي. سندس فرمان هي آهي تہ، سندس ئي بندگي ڪيو ٻئي ڪنهن جي بہ بندگي نہ ڪيو. اهوئي سنئون سڌو دين آهي، پر گهڻا ماڻهو اهڙا آهن جيڪي (اها ڳالهہ بہ) نٿا ڄاڻن.

****

اَمۡ لَهُمۡ شُرَكٰٓؤُا شَرَعُوۡا لَهُمۡ مِّنَ الدِّيۡنِ مَا لَمۡ يَاۡذَنۡۢ بِهِ اللّٰهُ (الشوري: ٢١)

هنن کي اهڙا شريڪ آهن ڇا (جن کي هو خدا جي خدائي ۾ شريڪ ٿا سمجهن) جن هنن جي لاءِ دين جو اهو طريقو سيکاريو آهي جنهن جو الله تعاليٰ حڪم ڪونہ ڏنو آهي.

****



www.sindhsalamat.com

وَ الَّذِيۡنَ يَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ لَا يَخۡلُقُوۡنَ شَيۡـًٔا وَّ هُمۡ يُخۡلَقُوۡنَ ﴿۲۰﴾ اَمۡوَاتٌ غَيۡرُ
اَحۡيَآءٍ ۚ وَ مَا يَشۡعُرُوۡنَ ۙ اَيَّانَ يُبۡعَثُوۡنَ ﴿۲۱﴾ اِلٰـهُكُمۡ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النحل: ۲۰،۲۱،۲۲)

۽ الله کان سواءِ جن هستين کي هي ماڻهو پڪارين ٿا سي ڪا بہ شيءِ پيدا تہ ڪري نٿا سگهن پر پاڻ خود (ڪنهن جا) پيدا ڪيل آهن. (۲۱) هو مئل مردا آهن نہ جيئرا. ڪين اها بہ خبر ناهي تہ ڪڏهن (موت بعد) اٿاريا ويندا. توهان جو معبود تہ هڪ ئي معبود آهي (ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ ڪونهي).

## ٻوڙا، گونگا ۽ انڌا نہ ٻڌجو

وَ مَثَلُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا كَمَثَلِ الَّذِىۡ يَنۡعِقُ بِمَا لَا يَسۡمَعُ اِلَّا دُعَآءً وَّ نِدَآءً ؕ صُمٌّۢ
بُكۡمٌ عُمۡىٌ فَهُمۡ لَا يَعۡقِلُوۡنَ ﴿۱۷۱﴾ (البقره: ۱۷۱)

جن ماڻهن حق کان انڪار ڪيو آهي انهن جو مثال اهڙو آهي (يعني انهن کي انڌي تقليد جي بجاءِ عقل ۽ هدايت جي دعوت ڏيڻ اهڙو آهي) جهڙو هڪڙو ڌنار ڍورن ڍڳن جي اڳيان رڙيون ۽ واڪا ڪري جي رڙيون ڍور بلڪل ڪونہ ٿا سمجهن. سواءِ انهيءَ آواز جي جيڪو هنن کي سڏڻ لاءِ ڪم آڻبو آهي. اهي ڪافر ٻوڙا گونگا ۽ انڌا ٿي ويا آهن تنهن ڪري هو عقل نہ هلائيندا نہ ڪي ڪجهہ سمجهندا.

## پنهنجي خواهشن کي خدا نہ بڻايو

اَفَرَءَيۡتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰـهَهٗ هَوٰٮهُ وَ اَضَلَّهُ اللّٰهُ عَلٰى عِلۡمٍ وَّ خَتَمَ عَلٰى سَمۡعِهٖ وَ
قَلۡبِهٖ وَ جَعَلَ عَلٰى بَصَرِهٖ غِشٰوَةً (الجاثيہ: ۲۳)

ڇا تو انهيءَ شخص کي ڏٺو آهي، جنهن پنهنجي خواهشن کي پنهنجو خدا بنايو آهي، ۽ الله تعاليٰ (سندس اها روش ڏسي ۽) ڄاڻي ٻجهي کيس گمراهہ ڪري ڇڏيو آهي، ۽ سندس ڪنن تي ۽ قلب تي مهر لڳائي ڇڏي آهي ۽ سندن اکين تي پردو چاڙهي ڇڏيو آهي.

## نبي جو مشن

يَاۡمُرُهُمۡ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَ يَنۡهٰٮهُمۡ عَنِ الۡمُنۡكَرِ وَ يُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ وَ يُحَرِّمُ عَلَيۡهِمُ





الۡخَبٰۤـئِثَ وَ يَضَعُ عَنۡهُمۡ اِصۡرَهُمۡ وَ الۡاَغۡلٰلَ الَّتِىۡ كَانَتۡ عَلَيۡهِمۡ ؕ فَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا بِهٖ
وَ عَزَّرُوۡهُ وَ نَصَرُوۡهُ وَ اتَّبَعُوا النُّوۡرَ الَّذِىۡۤ اُنۡزِلَ مَعَهٗۤ ۙ اُولٰۤـئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿۱۵۷﴾

(الاعراف: ۱۵۷)

اهو نبي نيڪيءَ جو حڪم ڏيندو برائيءَ کان روڪيندو وڻندڙ شيون حلال ڪندو غليظ شيون حرام ٺهرائيندو. انهيءَ بار کان ڇوٽڪارو ڏيندو جنهن جي هيٺان دٻيل آهن ۽ انهن ڦندن (سرڪڻ ڦاهين) مان ڪڍندو جن ۾ هو ڦاٿل هوندا. تنهن ڪري جيڪي بہ ماڻهو مٿس ايمان آڻيندا، سندس مخالفن کي روڪيندا، (حق جي راهہ ۾) سندس مدد ڪندا ۽ انهيءَ نور ۽ (روشنائي) جي پنيان لڳندا جو هن سان گڏ موڪليل آهي اهي ئي ماڻهو ڪاميابي حاصل ڪرڻ وارا آهن. (هو دنيا ۾ بہ خوش آسودا ۽ طاقت وارا رهندا ۽ آخرت ۾ بہ جنت جا حقدار ٿيندا).

## خدا تي ڪوڙ ٺاهيندڙ وڏو ظالم آهي

فَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنۡ كَذَبَ عَلَى اللّٰهِ وَ كَذَّبَ بِالصِّدۡقِ اِذۡ جَآءَهٗ ؕ اَلَيۡسَ فِىۡ جَهَنَّمَ
مَثۡوًى لِّلۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۳۲﴾ (الزمر: ۳۲)

سو انهيءَ شخص کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جيڪو خدا تي ڪوڙ ٺاهي ٿو؟ ۽ جڏهن کيس حق جي ڳالهہ ٻڌائي وڃي ٿي تڏهن ان کي نڪرائي ٿو ڇڏي؟ ڇا جهنم ۾ اهڙن ڪافرن لاءِ جاءِ ئي ڪانهي؟ (جيڪي خدا تي ڪوڙ ٿا هڻن. بيشڪ آهي. پر هو اجا بہ وڌيڪ سزا جا لائق آهن.)

****

وَ مَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنِ افۡتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوۡ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفۡلِحُ
الظّٰلِمُوۡنَ ﴿۲۱﴾ (الانعام: ۲۱)

۽ (ڏسو) جنهن الله تعاليٰ تي ڪوڙ ٺاهيو ۽ سندس آيتن کي ڪوڙو سمجهي رد ڪيو تنهن کان وڌيڪ ظلم ڪندڙ ڪير ٿي سگهي ٿو؟ يقين آهي تہ ظلم ڪندڙ (يعني غلط راهہ تي هلندڙ) ڪڏهن بہ ڪامياب ڪين ٿيندا.



www.sindhsalamat.com

## فرقابندي وڏو ظلم آهي

فَاخْتَلَفَ الْاَحْزَابُ مِنْۢ بَيْنِهِمْ ۚ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا (الزخرف: ٦٥)

پر (ڇا ٿيو جو) ٽولين يعني فرقن پاڻ ۾ اختلاف ڪيا. سو جن (فرقا ناهي پاڻ تي پاڻ) ظلم ڪيو.

## جنت رڳو دعويٰ سان ڪو نہ ملندي

اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ وَلَمَّا يَعْلَمِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ جٰهَدُوْا مِنْكُمْ وَيَعْلَمَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٤٢﴾ (آل عمران: ١٤٢)

(مسلمانو!) توهان ائين ٿا سمجهو ڇا تہ (خالي ايمان جي دعوي ڪري جنت ۾ داخل ٿي ويندؤ (۽ ايمان ۽ عمل جي آزمائش ئي ڪانہ ٿيندي؟ (اڃا تہ اهڙو موقعو ئي) ڪونہ آيو آهي جنهن سان الله تعاليٰ اوهان ڪي آزمائي ظاهر ڪري ڏيکاري تہ ڪهڙا ماڻهو حق جي راهہ ۾ پوري پوري ڪوشش ڪندڙ آهن ۽ ڪهڙا مشڪلاتن ۾ بہ ثابت قدم رهڻ وارا آهن.

## چڱاين طرف سڏڻ ۽ مداين ڪان روڪڻ

كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَتُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ۭ وَلَوْ اٰمَنَ اَهْلُ الْكِتٰبِ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ۭ مِنْهُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ وَاَكْثَرُهُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿١١٠﴾ (آل عمران: ١١٠)

(١١٠) (اي مسلمانو) توهان سڀني امتن ڪان بهتر امت آهيو جو توهان ماڻهن جي (سڌاري) لاءِ نڪري نروار ٿيا آهيو ۽ توهان نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ وارا ۽ برائين ڪان روڪڻ وارا آهيو ۽ الله تي (سچو) ايمان رکڻ وارا آهيو ۽ جيڪڏهن اهل ڪتاب بہ (مخالفت جي عيوض) ايمان آڻين ها تہ سندن لاءِ وڏو فائدو ۽ چڱائي ٿئي ها (۽ هوئي جهان جي سڌاري جو ڪم ڪن ها) انهن ۾ اهڙا بہ آهن جي ايمان وارا آهن، پر وڏو تعداد انهن ماڻهن جو آهي جي ٻي فرمان ۽ حق جي راه ڪان ٻاهر ويندڙ آهن.

****





وَلْتَكُنْ مِّنْكُمْ اُمَّةٌ يَّدْعُوْنَ اِلَى الْخَيْرِ وَيَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ ۭ وَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿١٠٤﴾ (آل عمران: ١٠٤)

(١٠٤) ۽ ڏسو تمام ضروري ڳالهہ هيءَ آهي تہ توهان ۾ هڪ جماعت (هرهڪ ڳوٺ ۽ هرهڪ محلي ۾) اهڙي هجي جا نيڪيءَ جي راهہ جي دعوت ڏيندڙ هجي، نيڪ ڪمن ڪرڻ جو حڪم ڏئي ۽ برائين ڪان روڪي يقيناً اهي ئي ماڻهو ڪامياب ٿيندا (دنيا ۾ توڙي آخرت ۾).

****

اَلَّذِيْنَ اِنْ مَّكَّنّٰهُمْ فِي الْاَرْضِ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ وَاَمَرُوْا بِالْمَعْرُوْفِ وَنَهَوْا عَنِ الْمُنْكَرِ ۭ وَلِلّٰهِ عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ ﴿٤١﴾ (الحج: ٤١)

(٤١) اِهي (مظلوم مسلمان) اُهي آهن جن ڪي جيڪڏهن اسان زمين ۾ (يعني ملڪ ۾) طاقتور ڪنداسين (يعني سندن حڪومت ٿيندي) تہ هو نماز (جو نظام) قائم ڪندا. زڪوات جو انتظام رکندا، نيڪين جو حڪم ڏيندا ۽ برائين ڪان روڪيندا، ۽ (ياد رکو تہ) سڀني ڳالهين جي پڇاڙي ۽ نتيجو الله تعاليٰ جي ئي هٿ ۾ آهي.

****

وَالْمُؤْمِنُوْنَ وَالْمُؤْمِنٰتُ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَاۗءُ بَعْضٍ ۘ يَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَيُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَيُطِيْعُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۭ اُولٰۗىِٕكَ سَيَرْحَمُهُمُ اللّٰهُ ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٧١﴾ (التوبہ: ٧١)

(٧١) ۽ مؤمن مرد ۽ مؤمن عورتون سڀ هڪ ٻئي جا ڪارساز ۽ رفيق آهن. هو نيڪي جو حڪم ڏين ٿا، برائيءَ ڪان روڪين ٿا، نماز قائم رکن ٿا، زڪوت ڏين ٿا ۽ (هر حال ۾) الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪن ٿا. سو اهي ئي ماڻهو آهن جن تي جلد الله تعاليٰ رحمت ڪندو يقيناً الله سڀني تي غالب ۽ (پنهنجي ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي.

****



www.sindhsalamat.com

اَتَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَتَنْسَوْنَ اَنْفُسَكُمْ وَاَنْتُمْ تَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ؕ
اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۴۴﴾ (البقره: ۴۴)

(۴۴) ڇا توهان ٻين ماڻهن کي تہ نيڪيءَ جو حڪم ڏيو ٿا. پر پاڻ کي وساري ٿا ڇڏيو (تہ توهانجي عملن جو ڪهڙو حال آهي) حالانڪ خدا جو ڪتاب (تورات) پڙهندا رهو ٿا. ڇا (اهڙي صاف ڳالهہ بہ) توهان سمجهي نٿا سگهو؟

## عالمن ۽ ڏاهن لاءِ زندگيءَ ۾ عمل بہ ضروري آهي

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَالْكِتٰبِ الَّذِيْ نَزَّلَ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَ
الْكِتٰبِ الَّذِيْۤ اَنْزَلَ مِنْ قَبْلُ ؕ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِاللّٰهِ وَمَلٰٓىِٕكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ وَ
الْيَوْمِ الْاٰخِرِ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًاۢ بَعِيْدًا ﴿۱۳۶﴾ (النساء: ۱۳۶)

(۱۳۶) مؤمنؤ! الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻيو ۽ انهيءَ ڪتاب تي ايمان آڻيو جو پنهنجي رسول تي نازل ڪيو اٿس ۽ پڻ انهن ڪتابن تي ايمان آڻيو جيڪي ان کان اڳي (ٻين پيغمبرن تي) نازل ڪيا هئائين ۽ (ياد رکو تہ) جنهن بہ الله تي سندس ملائڪن ۽ ڪتابن ۽ رسولن تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان نہ آندو سو سنئين واٽ ڇڏي تمام پري هٽي ويو.

****

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ادْخُلُوْا فِي السِّلْمِ كَآفَّةً ۪ وَلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ
اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿۲۰۸﴾ (البقره: ۲۰۸)

(۲۰۸) اي ايمان وارؤ! (اعتقاد ۽ عمل جي سيني ڳالهين ۾) پوريءَ طرح (نہ رڳو نالي طور) مسلمان (فرمانبردار) ٿيو ۽ خبردار! متان شيطاني وسوسن جي پيروي ڪريو. شيطان تہ اوهان جو ظاهر ظهور دشمن آهي.

****

وَاِذَا سَاَلَكَ عِبَادِيْ عَنِّيْ فَاِنِّيْ قَرِيْبٌ ؕ اُجِيْبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ اِذَا دَعَانِ ۙ
فَلْيَسْتَجِيْبُوْا لِيْ وَلْيُؤْمِنُوْا بِيْ لَعَلَّهُمْ يَرْشُدُوْنَ ﴿۱۸۶﴾ (البقره: ۱۸۶)





(۱۸۶) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن منهنجو ڪو ٻانهو تو کان منهنجي بہ نسبت پڇي (تہ ڪهڙيءَ طرح مون وٽ پهچي سگهي ٿو) تہ تون کيس ٻڌاءِ تہ مان تہ کيس ويجهڙو آهيان. هو جڏهن مون کي سڏي ٿو تڏهن هن جو سڏ ٻڌان ٿو ۽ قبول ڪيان ٿو. پوءِ (جيڪڏهن هو سچ پچ منهنجي طلب رکن ٿا تہ) کين گهرجي تہ منهنجي سڏ جو جواب ڏين ۽ مون تي ايمان رکن انهيءَ لاءِ تہ سنئين واٽ تي هلي ڪاميابي حاصل ڪن.

## ديني ۽ سماجي زندگيءَ ۾ اتحاد جي دعوت

وَاعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللّٰهِ جَمِيْعًا وَّلَا تَفَرَّقُوْا ۪ وَاذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ كُنْتُمْ
اَعْدَآءً فَاَلَّفَ بَيْنَ قُلُوْبِكُمْ فَاَصْبَحْتُمْ بِنِعْمَتِهٖۤ اِخْوَانًا ۚ وَكُنْتُمْ عَلٰى شَفَا حُفْرَةٍ
مِّنَ النَّارِ فَاَنْقَذَكُمْ مِّنْهَا ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿۱۰۳﴾
(آل عمران: ۱۰۳)

(۱۰۳) ۽ (اي مؤمنؤ!) سڀ ملي هڪ ٿي الله جي رسيءَ کي مضبوط جهليو ۽ جدا جدا نہ ٿيو ۽ الله تعاليٰ جي اوهان تي اها نعمت ياد رکو جو ڪڏهن تہ پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا دشمن هئو پر (هاڻي) الله تعاليٰ اوهان جون دليون محبت ۾ ڳنيدي ڇڏيون آهن ۽ سندس فضل ۽ ڪرم سان هڪ ٻئي جا ڀائر ٿي ويا آهيو. توهان جي حالت تہ هي هئي جو توهان باهہ سان ڀريل اونهيءَ کڏ جي ڪناري تي بيٺا هئو (ذرو بہ پير ترڪيو تہ ڌو باهہ ۾). پر الله تعاليٰ توهان کي ان کان بچائي ورتو. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ پنهنجون آيتون (حڪم ۽ نشانيون) چٽيون ڪري ٻڌائي ٿو انهيءَ لاءِ تہ من توهان (سعادت جي) راهہ وٺو.

## صرف ڪائنات جي رب جي عبادت ڪيو ۽ تقويٰ اختيار ڪيو

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اعْبُدُوْا رَبَّكُمُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۲۱﴾ ۙ
الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ فِرَاشًا وَّالسَّمَآءَ بِنَآءً ۪ وَّاَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَخْرَجَ
بِهٖ مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ ۚ فَلَا تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ اَنْدَادًا وَّاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۲﴾ (البقره: ۲۱،۲۲)



www.sindhsalamat.com

(٢١) اي انسانؤ! پنهنجي پالڻهار جي عبادت ۽ فرمانبرداري ڪيو جنهن اوهان کي خلقيو ۽ انهن کي خلقيو جيڪي اوهان کان اڳي ٿي گذريا آهن. (ان ڪري مهربان، رحيم، پالڻهار خالق جي عبادت ۽ فرمانبرداري ڪيو) تہ من گناهن کان بچي نيڪيءَ جي راهہ وٺو. (۽ دنيا ۽ آخرت جون نعمتون ماڻيو). (٢٢) (انهيءَ پالڻهار جي ٻانهپ ڪيو). جنهن اوهانجي لاءِ زمين کي فرش وانگر وڇايو ۽ آسمان کي ڇت وانگر بلند ڪيو ۽ جو آسمان مان مينهن وسائي ٿو جنهن جي وسيلي طرحين طرحين جا ميوا توهانجي کائڻ لاءِ اپاري ٿو. پوءِ (سندس خالقيت، ربوبيت ۽ رحمت ڏسي ڪري) ائين نہ ڪيو جو الله سان ٻين هستين کي بہ شريڪ ڪريو (۽ انهن کي پوڄيو) جڏهن تہ توهان ڄاڻو بہ ٿا (تہ خالق ۽ رب فقط هڪ الله آهي).

❊❊❊❊

وَ لِلّٰهِ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِی الْاَرْضِ ؕ وَ لَقَدْ وَصَّیْنَا الَّذِیْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَ اِیَّاكُمْ اَنِ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ وَ اِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ لِلّٰهِ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِی الْاَرْضِ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَنِیًّا حَمِیْدًا ﴿۱۳۱﴾ (النساء: ١٣١)

(١٣١) ۽ (ياد رکو) تہ آسمان ۽ زمين ۾ جيڪي بہ آهي سو الله جو آهي ۽ الله جي واسطي آهي. يقيناً اسان انهن ماڻهن کي جن کي اوهان کان اڳي ڪتاب ڏنو ويو ۽ پڻ اوهان کي حڪم ڪيو تہ الله (جي نافرماني جي نتيجن) کان ڊڄو ۽ خدا جي حڪمن جي پيروي ڪيو ۽ جيڪڏهن (سندس حڪم) نہ مڃيندؤ تہ (خدا کي ڪا پرواهہ ڪانهي، نقصان اوهان جو ٿيندو) يقيناً جيڪي بہ آسمان ۽ زمين ۾ آهي سو سڀ الله جي لاءِ آهي ۽ الله تعاليٰ بي نياز آهي ۽ سيني چڱين صفتن سان ڪامل طرح موصوف آهي.

❊❊❊❊

ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ ۚ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ خَالِقُ كُلِّ شَیْءٍ فَاعْبُدُوْهُ ۚ وَ هُوَ عَلٰی كُلِّ شَیْءٍ وَّكِیْلٌ ﴿۱۰۲﴾ (الانعام: ١٠٢)

(١٠٢) اهوئي الله اوهان جو پروردگار آهي، ڪوبہ ٻيو معبود ڪونهي، پر هو





پاڻ سيني شين جو پيدا ڪندڙ آهي. تنهن ڪري فقط انهيءَ جي بندگي ڪيو ۽ هر شيءِ سندس حوالي آهي.

❊❊❊❊

یٰعِبَادِیَ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّ اَرْضِیْ وَاسِعَةٌ فَاِیَّایَ فَاعْبُدُوْنِ ﴿۵۶﴾ (العنڪبوت: ٥٦)

(٥٦) اي منهنجا مسلمان بندؤ! يقين ڄاڻو تہ منهنجي زمين ڪشادي آهي سو (جيڪڏهن هتي مڪي ۾ منهنجي حڪمن جي تعميل پوريءَ طرح ڪري نٿا سگهو تہ ٻئي اهڙي ملڪ ۾ وڃو جتي پوريءَ طرح تعميل ڪري سگهو ۽) فقط منهنجي ٻانهپ ڪيو.

❊❊❊❊

وَّ اَنِ اعْبُدُوْنِیْ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِیْمٌ ﴿۶۱﴾ (يس: ٦١)

(٦١) ۽ (پڻ حڪم ڏنو هو تہ) فقط منهنجي ٻانهپ ۽ تابعداري ڪجو جو اهائي سڌي واٽ آهي.

❊❊❊❊

لَهُمْ مِّنْ فَوْقِهِمْ ظُلَلٌ مِّنَ النَّارِ وَ مِنْ تَحْتِهِمْ ظُلَلٌ ؕ ذٰلِكَ یُخَوِّفُ اللّٰهُ بِهٖ عِبَادَهٗ ؕ یٰعِبَادِ فَاتَّقُوْنِ ﴿۱۶﴾ (الزمر: ١٦)

(١٦) انهن جي لاءِ سندن مٿان بہ باهہ جا تهہ هوندا ۽ هيٺان بہ اهڙا تهہ هوندا. الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن کي انهيءَ (عذاب) کان خوف ڏياري خبردار ڪري ٿو (تہ مٿان گناهہ ڪيو ۽ باهہ ۾ سڙو) پوءِ اي منهنجا بندؤ! منهنجي (نافرمانيءَ جي عيوض ۾ جيڪو مان عذاب ٿو ڏيان تنهن) کان ڊڄو (۽ منهنجي فرمانبرداري ڪيو).

❊❊❊❊

بَلِ اللّٰهَ فَاعْبُدْ وَ كُنْ مِّنَ الشّٰكِرِیْنَ ﴿۶۶﴾ (الزمر: ٦٦)

(٦٦) نہ (ٻين جي واٽ نہ وٺو) بلڪ فقط الله جي ٻانهپ ڪيو ۽ شڪر



www.sindhsalamat.com

كندڙن مان ٿيو (يعني الله جي نعمتن جو قدر ڪري سندس مفيد حڪمن جي تعميل ڪري ڪاميابي ۽ سعادت حاصل ڪيو).

****

فَادْعُوا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ وَلَوْ كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ ﴿١٤﴾ (المومن: ١٤)

(١٤) سو توهان فقط الله کي پڪاريو ۽ سچائيءَ سان سندس فرمانبرداري ڪيو اگرچه انهيءَ ڳالهه کي ڪافر سخت ناپسند ڪن.

****

هُوَ الْحَيُّ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ فَادْعُوْهُ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۭ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦٥﴾

(المومن: ٦٥)

(٦٥) اهوئي آهي جو سچ پچ زنده آهي (۽ هر وقت ۽ هميشه زنده آهي) ان کان سواءِ ڪوبه عبادت (۽ فرمانبرداري جي) لائق ڪونهي، پوءِ توهان فقط کيس پڪاريو ۽ اخلاص ۽ فرمابرداريءَ سان پڪاريو (۽ سندس پوري پوري فرمانبرداري ڪيو) سڀ ساراهه انهيءَ الله جي لاءِ آهي جو جهانن جو پروردگار آهي.

****

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ ﴿٥٦﴾ (الذاريات: ٥٦)

(٥٦) ۽ مون جنن توڙي انسانن کي فقط هن لاءِ خلقيو آهي ته هو منهنجي ٻانهپ ڪن (۽ ٻين جي غلاميءَ کان بچي انسانيت جي معراج تي پهچن).

****

اَفَمِنْ هٰذَا الْحَدِيْثِ تَعْجَبُوْنَ ﴿٥٩﴾ وَتَضْحَكُوْنَ وَلَا تَبْكُوْنَ ﴿٦٠﴾ وَاَنْتُمْ سٰمِدُوْنَ ﴿٦١﴾ فَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ وَاعْبُدُوْا ﴿٦٢﴾ (النجم: ٥٩، ٦٠، ٦١، ٦٢)

(٥٩) پوءِ ڇا توهان هن ڳالهه بابت عجب ۾ پئجي ٿا وڃو؟ (۽ اعتبار نٿا ڪيو؟) (٦٠) ۽ کلو ٿا پيا ۽ روئو نٿا؟ (٦١) ۽ توهان بيهودين ڳالهين ۾ پنهنجو وقت ضايع ڪري رهيا آهيو. (غفلت ڇڏيو خبردار ٿيو). (٦٢) الله





تعاليٰ اڳيان جهڪي پئو ۽ سندس ٻانهپ ڪيو (سندس سڀني حڪمن جي تعميل ڪيو).

****

فَاتَّقُوا اللّٰهَ يٰٓاُولِي الْاَلْبَابِ ۖ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۚ قَدْ اَنْزَلَ اللّٰهُ اِلَيْكُمْ ذِكْرًا ﴿١٠﴾

(الطلاق: ١٠)

پوءِ اي عقل وارا مؤمنو! الله کان ڊڄو! (۽ ان جي قانونن جي پاسخاطري رکو) الله اوهان ڏي هڪ ڪتاب (قرآن چٽا حڪم ڏئي) نازل ڪيو آهي.

## خدا سان ڪيل عهد جي پابندي ڪيو

يٰبَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَاَوْفُوْا بِعَهْدِيْٓ اُوْفِ بِعَهْدِكُمْ ۚ وَاِيَّايَ فَارْهَبُوْنِ ﴿٤٠﴾ (البقره: ٤٠)

(٤٠) اي بني اسرائيل! منهنجي اها نعمت ياد ڪيو جا مون اوهان تي ڪئي. (اوهان کي دنيا ۾ سرفراز ڪيو) ۽ جيڪو عهد مون سان ڪيو هو (ته تنهنجي هدايتن ۽ حڪمن تي عمل ڪنداسين) سو پاڙيو ته مان به توهان سان ڪيل عهد پاڙيان (اوهان کي ڪاميابي ۽ نعمتون ڏيان) ۽ فقط مون کان ڊڄو (ڇو ته مون کان سواءِ ٻيو ڪوبه معبود ڪونهي).

****

يٰبَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَاَنِّىْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَي الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٧﴾ وَاتَّقُوْا يَوْمًا لَّا تَجْزِيْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَيْـــًٔا وَّلَا يُقْبَلُ مِنْهَا شَفَاعَةٌ وَّلَا يُؤْخَذُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّلَا ھُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٤٨﴾ (البقره: ٤٧، ٤٨)

(٤٧) اي بني سرائيل! منهنجون نعمتون ياد ڪيو جن سان مون اوهان کي سرفراز ڪيو ۽ دنيا جي قومن تي اوهان کي فضيلت ڏنم. (٤٨) ۽ انهيءَ ڏينهن جي عذاب کان ڊڄو جنهن ڏينهن ڪوبه انسان ٻئي جي ڪم نه اچي سگهندو. (دنيا ۾ ڪيل ٻڇڙن ڪمن جي نتيجن کان ڪوبه بچائي ڪونه

سگهندو) نڪي ڪنهن جي سفارش قبول پوندي، نڪي ڪنهن به قسم جو عيوضو وٺي ڇڏي ڏنو ويندو نڪي ڪٿان به ڪنهن طرح جي مدد ملندي.

****

وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ اِسْمٰعِيْلَ ۫ اِنَّهٗ كَانَ صَادِقَ الْوَعْدِ وَكَانَ رَسُوْلًا نَّبِيًّا ﴿۵۴﴾

(مريم: ۵۴)

(۵۴) ۽ (اي پيغمبر!) هن ڪتاب (قرآن مجيد) ۾ حضرت اسماعيل جو ذڪر پڙهه. بيشڪ هو پنهنجي قول جو سچو هو ۽ (الله جو) موڪليل هو.

## جماعت سان نماز ۽ زڪوات جي ادائگي

وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿۴۳﴾ (البقره: ۴۳)

(۴۳) ۽ نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ادا ڪيو ۽ الله جي حضور ۾ جهڪڻ وارن سان گڏ توهان به نياز جو سر جهڪايو.

****

وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ۭ وَمَا تُقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۱۱۰﴾ (البقره: ۱۱۰)

(۱۱۰) ۽ نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ڏيو (ياد رکو ته) جيڪا به چڱاين جي موڙي پنهنجي لاءِ گڏ ڪيو ٿا ان جو چڱو نتيجو الله تعاليٰ وٽ ڏسندؤ (يعني ايندڙ وقت ۾ انهن جا فائدا ظاهر ٿيندا) جيڪي جيڪي اوهان ڪيو ٿا سو الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ڏسي ٿو.

****

وَكَانَ يَاْمُرُ اَهْلَهٗ بِالصَّلٰوةِ وَالزَّكٰوةِ ۠ وَكَانَ عِنْدَ رَبِّهٖ مَرْضِيًّا ﴿۵۵﴾ (مريم: ۵۵)

(۵۵) ۽ هو پنهنجي گهر جي ماڻهن کي نماز ۽ زڪوات جو حڪم ڏيندو هو ۽ هو (سيني ڳالهين ۾) پنهنجي پروردگار جي حضور ۾ پسند پيل هو.





## صبر ۽ صلوات کان مدد

وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ ۭ وَاِنَّهَا لَكَبِيْرَةٌ اِلَّا عَلَى الْخٰشِعِيْنَ ﴿۴۵﴾ (البقره: ۴۵)

(۴۵) ۽ (ڏسو صبر) ۽ نماز جي وسيلي (پنهنجي سڏاري ۾) مدد وٺو پر نماز (آرام طلب ماڻهو لاءِ) ڏاڍي ڏکي آهي، نه انهن لاءِ جيڪي الله جي حضور ۾ نماڻا ۽ جهڪيل آهن.

## قيامت جي ڏينهن کان ڊڄو جتي نه بدلو هوندو نه سفارش

وَاتَّقُوْا يَوْمًا لَّا تَجْزِيْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَيْـًٔا وَّلَا يُقْبَلُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّلَا تَنْفَعُهَا شَفَاعَةٌ وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿۱۲۳﴾ (البقره: ۱۲۳)

(۱۲۳) ۽ ڊڄو انهيءَ ڏينهن کان جنهن ڏينهن ڪوبه انسان ڪنهن ٻئي انسان کي ڪم نه ايندو (نڪي پنهنجي ڪنهن پيشوا جو نالو وٺي عذاب کان ڇٽي وڃبو) نه ڪنهن طرح جو عيوضو قبول پوندو (يعني فديو ڏئي جان ڪوبه ڇڏائي سگهي) نه ڪنهن جي ڪوشش ۽ سفارش فائدو ڏيندي ۽ نه گنهگارن کي ڪٿان به مدد ملندي.

## ڪعبي ڏانهن منهن ڪرڻ جو حڪم

وَمِنْ حَيْثُ خَرَجْتَ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۭ وَاِنَّهٗ لَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ ۭ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴۹﴾ وَمِنْ حَيْثُ خَرَجْتَ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۭ وَحَيْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ ۙ لِئَلَّا يَكُوْنَ لِلنَّاسِ عَلَيْكُمْ حُجَّةٌ ۤ اِلَّا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ ۤ فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَاخْشَوْنِيْ ۤ وَلِاُتِمَّ نِعْمَتِيْ عَلَيْكُمْ وَلَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿۱۵۰﴾ (البقره: ۱۴۹، ۱۵۰)

(۱۴۹) ۽ (اي پيغمبر!) توهان ڪٿان به نڪرو ۽ ڪٿي به هجو ته (نماز ۾) پنهنجو منهن ڪعبي جي طرف ڪيو ۽ يقين ڪيو ته هيءَ حڪم اوهان



www.sindhsalamat.com

جي پروردگار وٽان حق جو امر آهي ۽ يقين سان ڄاڻو ته الله تعاليٰ اوهان جي عملن کان غافل هرگز ناهي. (١٥٠) ۽ ڏسو توهان ڪٿان به نڪرو ۽ ڪٿي به هجو ته (نماز ۾) پنهنجو منهن ڪعبي جي طرف ڪيو ۽ (اي مسلمانو توهان ڪٿي به هجو ته نماز ۾) پنهنجو منهن ڪعبي جي طرف ڦيرايو. (قبلي جي مقرري تي هيترو تاڪيد جو ڪيو ويو آهي سو) انهيءَ لاءِ ته ماڻهن کي اوهان جي خلاف ڪوبه دليل نه رهي (۽ سيني کي هيءَ حقيقت چٽيءَ طرح معلوم ٿي وڃي ته حضرت ابراهيم عليه السلام جو عبادتگاهه توهان جي لاءِ قبلو مقرر ٿي ويو) پر انهن ماڻهن جيڪي ظالم آهن سي ته ڪنهن به حالت ۾ مخالفت ڪندا. پوءِ انهن کان بلڪل نه ڊڄو. فقط مون کان ڊڄو ۽ اهو (حڪم قبلي وارو) هن لاءِ پڻ ڏنو ويو آهي ته مان (الله تعاليٰ) اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪيان ۽ پڻ انهيءَ لاءِ ته توهان سڌيءَ راهه تي هلو.

## الله جو ذڪر ۽ ان جي نعمتن جو شڪر

فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ وَاشْكُرُوْا لِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ ﴿١٥٢﴾ (البقره: ١٥٢)

(١٥٢) تنهن ڪري مون کي هر وقت ياد ڪندا رهو (۽ منهنجي حڪمن تي عمل ڪندا رهو) مان به توهان کي نه وساريندس (اوهان کي اجر ۽ ڪاميابي ڏيندس) ۽ منهنجي نعمتن جو (عملاً) قدر ڪريو ۽ بي شڪر نه ٿجو.

❋❋❋❋

وَاذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَمِيْثَاقَهُ الَّذِيْ وَاثَقَكُمْ بِهٖٓ ۙ اِذْ قُلْتُمْ سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا ۡ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿٧﴾ (المائده: ٧)

(٧) الله تعاليٰ جا نعمت اوهان تي ڪئي آهي، سا ياد رکو ۽ سندس عهد اقرار نه وساريو جو مضبوطيءَ سان اوهان کان ورتي ڇڏيو اٿس، جڏهن توهان (اسلام قبول ڪندي) چيو هو ته، اسان تنهنجو حڪم ٻڌو ۽ اسان فرمانبرداري ڪئي (۽ ڪندا رهنداسين) ۽ (جڏهن ته اهڙو عهد اقرار ڪري چڪا آهيو تڏهن هر حال ۾) خدا (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄندا رهو جيڪي جيڪي (اوهان جي) دلين ۾ لڪل آهي سو يقيناً الله





تعاليٰ کي معلوم آهي.

❋❋❋❋

قَالَ الَّذِيْ عِنْدَهٗ عِلْمٌ مِّنَ الْكِتٰبِ اَنَا اٰتِيْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّرْتَدَّ اِلَيْكَ طَرْفُكَ ۭ فَلَمَّا رَاٰهُ مُسْتَقِرًّا عِنْدَهٗ قَالَ هٰذَا مِنْ فَضْلِ رَبِّيْ ڦ لِيَبْلُوَنِيْٓ ءَاَشْكُرُ اَمْ اَكْفُرُ ۭ وَمَنْ شَكَرَ فَاِنَّمَا يَشْكُرُ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ رَبِّيْ غَنِيٌّ كَرِيْمٌ ﴿٤٠﴾

(النمل: ٤٠)

(٤٠) (پر) هڪڙي شخص جنهن کي (خدائي) ڪتاب جو ڪجهه علم هو (تنهن) چيو ته، مان ان تخت کي اک ڇنڀڻ کان به اڳي آڻي سگهندس. (ان شخص کي حڪم مليو هو جهٽ پٽ تخت ڪڍي آيو) پوءِ جڏهن حضرت سليمان اهو تخت پنهنجي اڳيان ڏٺو تڏهن چيائين ته، هي منهنجو رب جي فضل جو نتيجو آهي. (جو مون وٽ اهڙا ماڻهو موجود آهن، جيڪي اهڙا ڪم ايڏو تڪڙو ڪري سگهن ٿا. ايترو فضل هن لاءِ آهي ته) منهنجو رب مون کي آزمائي ته مان شڪر ٿو ڪيان (۽ سندس نعمتون سندس راهه ۾ ڪم ٿو آڻيان) يا ناشڪري ٿو ڪيان ۽ حقيقت هيءَ آهي ته جيڪو به شڪر ٿو ڪري سو (رڳو) پنهنجي (فائدي) لاءِ ٿو ڪري، ۽ جيڪڏهن ڪوبه ناشڪري ٿو ڪري (ته پنهنجو ئي نقصان ٿو ڪري نه ڪه الله تعاليٰ جو) الله تعاليٰ ته يقيناً بي نياز بي پرواهه آهي. (ڪابه حاجت ڪانهيس) ۽ بيشڪ هو وڏي شان وارو ۽ وڏي سخا وارو آهي.

❋❋❋❋

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا لُقْمٰنَ الْحِكْمَةَ اَنِ اشْكُرْ لِلّٰهِ ۭ وَمَنْ يَّشْكُرْ فَاِنَّمَا يَشْكُرُ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ﴿١٢﴾ (لقمان: ١٢)

(١٢) ۽ هي واقعو آهي ته اسان لقمان کي دانائي، عقل ۽ حڪمت ڏني هئي (خاص طرح هي) ته الله تعاليٰ جو شڪر بجا آڻيندو رهه. (۽ سندس ڏنل نعمتن کي چڱيءَ طرح ڪم آڻيندو رهه) جيڪو ماڻهو ان طرح شڪرگذاري ٿو ڪري سو درحقيقت پنهنجي فائدي لاءِ ٿو ائين ڪري (ان



www.sindhsalamat.com

۾ سندس ئي فائدو آهي، نہ ڪہ الله تعاليٰ جو چو تہ هو ڪنهن بہ ڳالهہ جو محتاج ناهي) ۽ جيڪو خدا جي بي شڪري ڪري ٿو (۽ سندس نعمتون ضايع ٿو ڪري (سو بہ خدا جو ڪجھ بہ نقصان ڪونہ ٿو ڪري چو تہ) الله تعاليٰ يقيناً بي نياز بي پرواهہ آهي ۽ ڪامل صفتن سان موصوف آهي.

****

اِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ عَنْكُمْ ۫ وَلَا يَرْضٰى لِعِبَادِهِ الْكُفْرَ ۚ وَاِنْ تَشْكُرُوْا يَرْضَهُ لَكُمْ ۭ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ۭ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۭ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝ (الزمر:٧)

(٧) (ياد رکو تہ) جيڪڏهن توهان بي شڪر ٿي ڪفر جي واٽ ٿا وٺو تہ الله تعاليٰ کي توهان جي ڪابہ پرواهہ ناهي. (پر هو اهڙو رحم وارو آهي جو پنهنجي ٻانهن جو ڪفر (۽ تباهي) ڪيس بلڪل پسند ناهي. پر جيڪڏهن توهان شڪرگذار آهيو (۽ سندس قرآن جو قدر ڪري ان تي عمل ٿا ڪيو) تہ هو اوهان کان راضي ۽ خوش ٿو ٿئي ۽ (ياد رکو تہ توهان جيڪڏهن ڪفر ڪندؤ ۽ بدعمل ڪندؤ تہ توهان جي عذاب جو بار ٻيو ڪو بہ نہ کڻندو چو تہ) ڪو بہ بار کڻندڙ ٻئي جو بار کڻي نٿو سگهي. (۽ ياد رکو تہ) توهان کي پنهنجي پروردگار ڏي موٽڻو آهي. پوءِ هو اوهان کي اوهان جي ئي عملن جي حقيقت ٻڌائيندو. يقيناً هو دلين ۾ لڪايل ڳالهيون بہ خوب ڄاڻي ٿو.

****

وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ اِحْسٰنًا ۭ حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ كُرْهًا وَّوَضَعَتْهُ كُرْهًا ۭ وَحَمْلُهٗ وَفِصٰلُهٗ ثَلٰثُوْنَ شَهْرًا ۭ حَتّٰٓى اِذَا بَلَغَ اَشُدَّهٗ وَبَلَغَ اَرْبَعِيْنَ سَنَةً ۙ قَالَ رَبِّ اَوْزِعْنِيْٓ اَنْ اَشْكُرَ نِعْمَتَكَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتَ عَلَيَّ وَعَلٰي وَالِدَيَّ وَاَنْ اَعْمَلَ صَالِحًا تَرْضٰىهُ وَاَصْلِحْ لِيْ فِيْ ذُرِّيَّتِيْ ڵ اِنِّىْ تُبْتُ اِلَيْكَ وَاِنِّىْ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ۝ (الاحقاف:١٥)

(١٥) ۽ اسان انسان کي پنهنجي ماءُ پيءُ سان سهٽي سلوڪ ڪرڻ جو





تاڪيد ڪيو آهي. (ڏسو) سندس ماءُ هن کي وڏي تڪليف سان (اٽڪل 9 مهينا) پيٽ ۾ کنيو ۽ وڏي تڪليف سان هن کي ڄڻيائين. ۽ هن کي پيٽ ۾ سانڍڻ کان وٺي ٿڃ ڇڏائڻ تائين ٽيهہ مهينا لڳي ٿا وڃن. (پوءِ چو نہ انسان کي پنهنجي ماءُ جي خدمت، پيار ۽ عزت سان ڪرڻ گهرجي). آخر اهو (ٻار) طاقت واري جوانيءَ ۾ اچي ٿو ۽ (پوءِ) چاليهن ورهن جي ڄمار کي پهچي ٿو. (ان عمر ۾ عقل وارو ٿئي ٿو ۽) چوي ٿو تہ اي منهنجا پروردگار! مون کي توفيق ڏي تہ مان تنهنجي انهن نعمتن جو شڪريو بجا آڻيان جي تو مون تي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ تي ڪيون آهن. ۽ پڻ توفيق ڏي تہ مان اهڙا نيڪ عمل ڪيان جي توکي پسند پون ۽ منهنجي اولاد کي منهنجي لاءِ نيڪ ڪجانءِ، مان توڏي رجوع ٿو ٿيان. ۽ يقيناً مان (تنهنجي) فرمانبردار ٻانهن مان آهيان.

****

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَلَا تُبْطِلُوْٓا اَعْمَالَكُمْ ۝

(محمد:٣٣)

(٣٣) اي مؤمنو! الله جي فرمانبرداري ڪيو ۽ حضرت رسول (ﷺ) جي فرمانبرداري ڪيو ۽ پنهنجا عمل ضايع نہ ڪري ڇڏيو.

****

لِاِيْلٰفِ قُرَيْشٍ ۝ اٖلٰفِهِمْ رِحْلَةَ الشِّتَاۗءِ وَالصَّيْفِ ۝ فَلْيَعْبُدُوْا رَبَّ هٰذَا الْبَيْتِ ۝ الَّذِيْٓ اَطْعَمَهُمْ مِّنْ جُوْعٍ ڏ وَّاٰمَنَهُمْ مِّنْ خَوْفٍ ۝ (قريش: ١ کان ٤)

(١) قريشن کي چاهہ ڏيڻ جي ڪري، (جو اهي ڪعبي جا متولي آهن.) (٢) (ان عزت ۽ احترام جو نتيجو آهي جو چوڌاري قبيلن ۽ ملڪن انهن کي سياري ۽ اونهاري جي مسافريءَ سان انهن (جي قافلن) کي چاهت سان (حفاظت ۾) رکيو آهي. (٣) (ليڪن قريشين ان ڪعبي جي امين بنجڻ واري ذميواريءَ کي وساري ڇڏيو آهي)، سو کين جڳائي تہ اهي هن گهر جي مالڪ جي عبادت ڪن. (٤) جنهن انهن کي (ڪعبي جي ڪري تجارت ۾



www.sindhsalamat.com

سهولت ڏيئي) ٻڪ ڪان ڪاڏو ڏنو ۽ (قبيلن جي ڦرلٽ جي) ڏپ ڪان بچايو. (تہ جيئن مطمئن ٿي ڪعبي کي خدائي نظام جو مرڪز بنائن.)

## صبر ڪرڻ وارن تي الله جي رحمت هوندي آهي

وَ لَنَبۡلُوَنَّكُمۡ بِشَیۡءٍ مِّنَ الۡخَوۡفِ وَ الۡجُوۡعِ وَ نَقۡصٍ مِّنَ الۡاَمۡوَالِ وَ الۡاَنۡفُسِ وَ الثَّمَرٰتِ ؕ وَ بَشِّرِ الصّٰبِرِیۡنَ ﴿۱۵۵﴾ الَّذِیۡنَ اِذَاۤ اَصَابَتۡهُمۡ مُّصِیۡبَةٌ ۙ قَالُوۡۤا اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّاۤ اِلَیۡهِ رٰجِعُوۡنَ ﴿۱۵۶﴾ اُولٰٓئِكَ عَلَیۡهِمۡ صَلَوٰتٌ مِّنۡ رَّبِّهِمۡ وَ رَحۡمَةٌ ۟ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُهۡتَدُوۡنَ ﴿۱۵۷﴾ (البقره: ۱۵۷،۱۵٦،۱۵۵)

(۱۵۵) (۽ ياد رکو تہ) توهان کي ضرور خطرن ۽ خوفن ۽ بک جي تڪليفن جان ۽ مال ملڪيت جي نقصانن ۽ فصلن جي تباهي سان آزمائيندا سين، پوءِ جيڪي ماڻهو صبر ۽ ثابت قدمي اختيار ڪندا انهن کي (فتح ۽ ڪامرانيءَ جي) بشارت (خوشخبري) ڏي. (۱۵٦) اهي (صبر ڪندڙ) اُهي آهن جيڪي جڏهن ڪا مصيبت مٿن اچي ڪڙڪي ٿي تہ (بي قرار ٿيڻ جي بدران الله کي ياد ڪري پاڻ ۾ وڏي قوت پيدا ڪن ٿا ۽ روحاني جذبي سان) چون ٿا تہ اسان ۽ اسان جو سڀ ڪجھ الله جي لاءِ آهي ۽ اسان کي آخر ڏانهنس ئي موٽڻو آهي. (۱۵۷) يقيناً اهڙن ئي ماڻهن تي سندن پروردگار جو لطف ۽ ڪرم آهي ۽ مٿن رب جي رحمت ٿي وسي ۽ اهي ئي ڪاميابيءَ جي راهہ تي آهن.

## حلال ڪائڻ جو حڪم

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ كُلُوۡا مِمَّا فِى الۡاَرۡضِ حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ وَّلَا تَتَّبِعُوۡا خُطُوٰتِ الشَّيۡطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَـكُمۡ عَدُوٌّ مُّبِيۡنٌ ﴿۱٦۸﴾ (البقره: ۱٦۸)

(۱٦۸) اي انسانؤ! زمين تي جيڪي بہ حلال ۽ پاڪ شيون موجود آهن سي بيشڪ شوق سان ڪائو (پاڻ تي اجايون رڪاوٽون وجهڻ شيطاني وسوسا آهن) توهان شيطان جي نقش قدم تي نہ هلو، هو اوهان جو کليو کلايو دشمن آهي.

❋❋❋❋





يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا كُلُوۡا مِنۡ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقۡنٰكُمۡ وَاشۡكُرُوۡا لِلّٰهِ اِنۡ كُنۡتُمۡ اِيَّاهُ تَعۡبُدُوۡنَ ﴿۱۷۲﴾ (البقره: ۱۷۲)

(۱۷۲) اي مؤمنو! جيڪڏهن توهان فقط الله جي ٻانهپ ڪرڻ وارا آهيو (۽ چاڻو ٿا تہ حلال ۽ حرام بہ نسبت سندس ئي حڪمن تي هلڻو آهي) تہ پوءِ اهي سڀ پاڪ شيون ڪائو جي الله تعاليٰ اوهان جي ڪائڻ لاءِ پيدا ڪيون آهن ۽ جيڪڏهن توهان فقط خدا جي عبادت ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ (توهان ان جي ڏنل نعمتن کي چڱيءَ طرح ڪم آڻي) سچي شڪر گذاري ڪيو.

❋❋❋❋

يٰۤاَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوۡا مِنَ الطَّيِّبٰتِ وَاعۡمَلُوۡا صَالِحًا ؕ اِنِّىۡ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ عَلِيۡمٌ ﴿۵۱﴾ؕ

(المومنون: ۵۱)

(۵۱) اي پيغمبر! پاڪ شيون ڪائو ۽ چڱا عمل ڪيو. توهان جيڪي بہ ڪيو ٿا سو مون کان ڳجهو ناهي.

## نيڪي اصل ۾ ڇا آهي؟

لَيۡسَ الۡبِرَّ اَنۡ تُوَلُّوۡا وُجُوۡهَكُمۡ قِبَلَ الۡمَشۡرِقِ وَ الۡمَغۡرِبِ وَ لٰكِنَّ الۡبِرَّ مَنۡ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَ الۡمَلٰٓئِكَةِ وَ الۡكِتٰبِ وَ النَّبِيّٖنَ ۚ وَ اٰتَى الۡمَالَ عَلٰى حُبِّهٖ ذَوِى الۡقُرۡبٰى وَ الۡيَتٰمٰى وَ الۡمَسٰكِيۡنَ وَ ابۡنَ السَّبِيۡلِ ۙ وَ السَّآئِلِيۡنَ وَ فِى الرِّقَابِ ۚ وَ اَقَامَ الصَّلٰوةَ وَ اٰتَى الزَّكٰوةَ ۚ وَ الۡمُوۡفُوۡنَ بِعَهۡدِهِمۡ اِذَا عٰهَدُوۡا ۚ وَ الصّٰبِرِيۡنَ فِى الۡبَاۡسَآءِ وَ الضَّرَّآءِ وَ حِيۡنَ الۡبَاۡسِ ؕ اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ صَدَقُوۡا ؕ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُتَّقُوۡنَ ﴿۱۷۷﴾

(البقره: ۱۷۷)

(۱۷۷) نيڪي ۽ بزرگي انهيءَ ۾ ناهي تہ توهان (نماز جي وقت) پنهنجو منهن مغرب يا مشرق ڏي ٿا ڦيرايو (يا اهڙيون ظاهري رسمون بجا ٿا آڻيو) پر سچ پچ نيڪ ماڻهو اهي آهن جيڪي الله تي، آخرت جي ڏينهن تي،



www.sindhsalamat.com

فرشتن تي، خدائي ڪتابن تي ۽ خدا جي سڀني نبين تي پورو ايمان رکن ٿا، خدا جي محبت وچان پنهنجو مال مائٽن، يتيمن، مسڪينن، مسافرن ۽ سوال ڪندڙن کي ڏين ٿا ۽ غلامن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ خرچ ڪن ٿا، نماز قائم ڪن ٿا ۽ زڪوٽ ڏين ٿا، جڏهن ڪو عهد اقرار ڪن ٿا ته اهو پورو ڪن ٿا، تنگي ۽ مصيبت جي حالت ۾ يا خوف ۽ هراس جي وقت ۾ صبر ڪرڻ وارا (۽ پنهنجي فرض ادائين ۾ ثابت قدم) ٿين ٿا. بيشڪ اهي ئي ماڻهو نيڪيءَ جي راهه ۾ سچا آهن ۽ اهي ئي متقي آهن.

## قصاص جو تفصيل

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِصَاصُ فِي الْقَتْلٰى ؕ اَلْحُرُّ بِالْحُرِّ وَ الْعَبْدُ بِالْعَبْدِ وَ الْاُنْثٰى بِالْاُنْثٰى ؕ فَمَنْ عُفِيَ لَهٗ مِنْ اَخِيْهِ شَيْءٌ فَاتِّبَاعٌۢ بِالْمَعْرُوْفِ وَ اَدَآءٌ اِلَيْهِ بِاِحْسَانٍ ؕ ذٰلِكَ تَخْفِيْفٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ رَحْمَةٌ ؕ فَمَنِ اعْتَدٰى بَعْدَ ذٰلِكَ فَلَهٗ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۝۱۷۸ (البقره: ۱۷۸)

(۱۷۸) اي مؤمنو! قتل جي حالت ۾ اوهان کي قصاص (يعني بدلي وٺڻ جو حڪم ڏنو وڃي ٿو (پر انسان سڀ برابر آهن) جيڪڏهن آزاد ماڻهو ڪنهن آزاد ماڻهو کي قتل ڪيو آهي ته ان جي بدلي ۾ اهوئي قتل ڪيو وڃي (ائين نه ته مقتول وڏي پوزيشن وارو ماڻهو هجي يا وڏي خاندان ۽ نسل جو هجي ته ان جي عيوض ۾ ٻه ماڻهو قتل ڪيا وڃن. جيئن اڳي عربن جو دستور هو) جيڪڏهن غلام قاتل آهي ته غلام ئي قتل ڪيو ويندو (ائين نه ته مقتول آزاد هجي ته بدلي ۾ وري ٻه غلام قتل ڪيا وڃن) ۽ عورت قاتل هجي ته عورت ئي قتل ڪئي ويندي پوءِ جيڪڏهن قاتل کي مقتول جو وارث ڀاءُ معافي ڏئي (۽ خون بها وٺڻ تي راضي ٿئي) ته پوءِ قاتل کي ڇڏي سگهجي ٿو. ان حالت ۾ وارث انصاف طور مناسب خون بها گهري ۽ قاتل سهڻي نموني سان ڏئي (جيئن صلح ۽ ڀائپي قائم رهي) هي (جو عدل ۽ مساوات جو اصول قائم ڪيو ويو آهي ۽ معافي ۽ خون بها جائز ٺهرائي وئي آهي سو) توهان جي پالڻهار وٽان (اڳوڻن سخت قانونن جي) هلڪائي آهي ۽ وڏي رحمت آهي. هاڻي هن کان پوءِ جيڪو زيادتي ڪندو تنهن کي سخت عذاب ملندو.





## وصيت ۽ ان جو حڪم

كُتِبَ عَلَيْكُمْ اِذَا حَضَرَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ اِنْ تَرَكَ خَيْرَا ۖۚ اۨلْوَصِيَّةُ لِلْوَالِدَيْنِ وَ الْاَقْرَبِيْنَ بِالْمَعْرُوْفِ ۚ حَقًّا عَلَى الْمُتَّقِيْنَ ۝۱۸۰ (البقره: ۱۸۰)

(۱۸۰) (هي حڪم ٻه) توهان کي ڏجي ٿو ته جڏهن ڪنهن ماڻهو کي موت اچي ويجهو پوي ۽ مال متاع ڇڏي وڃڻ وارو هجي ته ڪيس گهرجي ته پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ مائٽن لاءِ انصاف واري وصيت ڪري. متقي ماڻهن تي حق آهي ته ائين ڪن.

## روزي جي فرضيت

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ۝۱۸۳ اَيَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ؕ فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ؕ وَ عَلَى الَّذِيْنَ يُطِيْقُوْنَهٗ فِدْيَةٌ طَعَامُ مِسْكِيْنٍ ؕ فَمَنْ تَطَوَّعَ خَيْرًا فَهُوَ خَيْرٌ لَّهٗ ؕ وَ اَنْ تَصُوْمُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ۝۱۸۴ شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ فِيْهِ الْقُرْاٰنُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَ بَيِّنٰتٍ مِّنَ الْهُدٰى وَ الْفُرْقَانِ ۚ فَمَنْ شَهِدَ مِنْكُمُ الشَّهْرَ فَلْيَصُمْهُ ؕ وَ مَنْ كَانَ مَرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ؕ يُرِيْدُ اللّٰهُ بِكُمُ الْيُسْرَ وَ لَا يُرِيْدُ بِكُمُ الْعُسْرَ ؗ وَ لِتُكْمِلُوا الْعِدَّةَ وَ لِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ وَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ۝۱۸۵ وَ اِذَا سَاَلَكَ عِبَادِيْ عَنِّيْ فَاِنِّيْ قَرِيْبٌ ؕ اُجِيْبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ اِذَا دَعَانِ ۙ فَلْيَسْتَجِيْبُوْا لِيْ وَ لْيُؤْمِنُوْا بِيْ لَعَلَّهُمْ يَرْشُدُوْنَ ۝۱۸۶ اُحِلَّ لَكُمْ لَيْلَةَ الصِّيَامِ الرَّفَثُ اِلٰى نِسَآئِكُمْ ؕ هُنَّ لِبَاسٌ لَّكُمْ وَ اَنْتُمْ لِبَاسٌ لَّهُنَّ ؕ عَلِمَ اللّٰهُ اَنَّكُمْ كُنْتُمْ تَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَكُمْ فَتَابَ عَلَيْكُمْ وَ عَفَا عَنْكُمْ ۚ فَالْـٰٔنَ بَاشِرُوْهُنَّ وَ ابْتَغُوْا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ ۪ وَ كُلُوْا وَ اشْرَبُوْا حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكُمُ الْخَيْطُ الْاَبْيَضُ مِنَ الْخَيْطِ الْاَسْوَدِ مِنَ الْفَجْرِ ۪ ثُمَّ اَتِمُّوا الصِّيَامَ اِلَى الَّيْلِ ۚ وَ لَا تُبَاشِرُوْهُنَّ وَ اَنْتُمْ عٰكِفُوْنَ ۙ فِي الْمَسٰجِدِ ؕ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا تَقْرَبُوْهَا ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ۝۱۸۷ (البقره: ۱۸۳ کان ۱۸۷)



www.sindhsalamat.com

(١٨٣) اي مؤمنو! جهڙيءَ طرح اڳين ماڻهن تي روزا فرض ڪيا ويا هئا، تهڙيءَ طرح اوهان تي بہ فرض ڪيا ويا آهن، انهيءَ لاءِ تہ توهان پاڻ تي ضابطو رکڻ ۽ برائين کان بچڻ سکو. (١٨٤) ڳڻيل ڏينهن (روزا رکڻا آهن، گهڻا ڪونہ آهن) جيڪڏهن اوهان مان ڪو بيمار هجي ۽ سفر ۾ هجي تہ ٻين ڏينهن ۾ (رمضان جا) باقي روزا رکي عدد پورو ڪري ۽ جيڪي ماڻهو روزي جي تڪليف بلڪل برداشت ڪري نہ سگهن (مثلاً نهايت پوڙها ماڻهو يا دائم المريض) اُهي روزي جي بدران هڪ مسڪين کي ماني کارائين. پر جيڪڏهن ڪو پنهنجي خوشيءِ سان وڌيڪ مسڪينن کي کارائن تہ هن جو اجر وڌيڪ ٿيندو پر جيڪڏهن سمجهہ اٿوَ تہ پوءِ سمجهي وٺو تہ روزو رکڻ اوهان جي لاءِ بهتر آهي. (١٨٥) اهو رمضان جو مهينو اهو آهي جنهن ۾ قرآن مجيد نازل ڪيو ويو. ان ۾ ماڻهن لاءِ هدايت جي واٽ ڏيکاريل آهي. هدايت جا روشن دليل ڏنل آهن، حق ۽ باطل الڳ الڳ ڪري ڏيکاريل آهن، پوءِ اوهان مان جيڪو بہ هن مبارڪ مهيني ۾ حاضر هجي اهو روزا رکي، ڪو بيمار هجي يا سفر ۾ هجي تہ پوءِ رمضان بعد ٻين ڏينهن ۾ باقي روزا رکي عدد پورو ڪري. الله تعاليٰ توهان جي واسطي آساني ٿو چاهي نہ ڪہ تڪليف (روزن قضا ڪرڻ جو حڪم انهيءَ لاءِ ڏنو ويو آهي تہ) روزن جو عدد پورو ڪري پوري برڪت حاصل ڪيو الله تعاليٰ جا توهان کي سنئين واٽ ڏيکاري آهي، تنهن تي سندس وڏائي ۽ شان بيان ڪيو ۽ پڻ (سندس نعمتون چڱيءَ طرح ڪم آڻي) ان جي شڪر گذاري ڪيو. (١٨٦) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن منهنجو ڪو ٻانهو تو کان منهنجي بہ نسبت پڇي (تہ ڪهڙيءَ طرح مون وٽ پهچي سگهي ٿو) تہ تون کيس ٻڌاءِ تہ مان تہ کيس ويجهڙو آهيان، هو جڏهن مون کي سڏي ٿو تڏهن هن جو سڏ ٻڌان ٿو ۽ قبول ڪيان ٿو، پوءِ (جيڪڏهن هو سچ پچ منهنجي طلب رکن ٿا تہ) کين گهرجي تہ منهنجي سڏ جو جواب ڏين ۽ مون تي ايمان رکن انهيءَ لاءِ تہ سنئين واٽ تي هلي ڪاميابي حاصل ڪن. (١٨٧) توهان جي لاءِ حلال آهي تہ روزن جي ڏينهن ۾ رات جي وقت پنهنجي عورتن سان همبستر ٿيو. هو اوهان جي لاءِ لباس آهن ۽ اوهان هنن جي لاءِ (يعني اوهان جي زندگي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهي ۽ هڪ





ٻئي لاءِ سينگار ۽ حفاظت آهيو) الله تعاليٰ کي معلوم آهي تہ توهان (رات جو زالن سان همبستر ٿيڻ کي ناجائز سمجهي بہ لڪ چپ ۾ اهو ڪم ڪري) پنهنجي ضمير سان خيانت ڪري رهيا آهيو، پوءِ الله تعاليٰ توهان جي توبہ قبول ڪئي ۽ اوهان جي خطا معاف ڪئي، هاڻي بيشڪ پنهنجي زالن سان رات جي وقت همبستر ٿيو ۽ جيڪي الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ جائز ٺهرايو آهي سو طلب ڪيو ۽ ماڻيو ۽ (رات جي وقت) بيشڪ کائو پيئو جيستائين صبح جي سفيد ڌار رات جي ڪاري ڌار کان نڪري نروار ٿئي (يعني پرڀات ٿي، تنهن کان اڳي کائڻ پيئڻ بند ڪيو) پوءِ (پرهہ ڦٽيءَ کان وٺي) رات تائين يعني سج لهڻ تائين روزو پورو ڪيو. پر جيڪڏهن توهان مسجدن ۾ اعتڪاف ڪري رهيا آهيو تہ پوءِ (رات جو بہ) پنهنجي زالن سان همبستر نہ ٿيو. اهي الله جون ٺهرايل حدون آهن، تنهن ڪري (انهن حدن کان ٻاهر وڃڻ لاءِ حدن کي رڳو ويجهو بہ نہ وڃو. الله تعاليٰ اهڙيءَ طرح پنهنجون هدايتون چٽيون ڪري ٻڌائي ٿو انهيءَ لاءِ تہ ماڻهو خدا جي نافرمانيءَ کان بچن.

## حرمت وارن مهينن جو احترام

اَلشَّهۡرُ الۡحَرَامُ بِالشَّهۡرِ الۡحَرَامِ وَ الۡحُرُمٰتُ قِصَاصٌ ؕ فَمَنِ اعۡتَدٰی عَلَیۡکُمۡ فَاعۡتَدُوۡا عَلَیۡهِ بِمِثۡلِ مَا اعۡتَدٰی عَلَیۡکُمۡ ۪ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الۡمُتَّقِیۡنَ ﴿۱۹۴﴾ (البقره: ١٩٤)

(١٩٤) جيڪڏهن ڪافر مقرر مهينن (مثلاً ذوالحج ۽ محرم) جي حرمت ڪري لڙائي نہ ڪن تہ توهان بہ نہ ڪيو پر جيڪڏهن لڙائي ڪن تہ مجبوراً توهان کي بہ ڪرڻي آهي، ساڳيءَ طرح ٻين بين الاقوامي قانونن ۾ بہ جهڙي روش مخالف ڌر اختيار ڪري تهڙي توهان کي بہ ڪرڻي پوندي، پوءِ جيڪڏهن اوهان جي خلاف ڪو زيادتي ڪري تہ اوتري قدر توهان بہ انهيءَ معاملي ۾ ڪيو ۽ هر حال ۾ خدا کان ڊڄي پاڻ تي ضابطو رکو ۽ پڪ ڄاڻو تہ الله تعاليٰ انهن سان آهي، جي سڀ ڪنهن ڳالهہ ۾ پرهيزگار آهن.



www.sindhsalamat.com

## الله جي رستي ۾ خرچ ڪرڻ جو حڪم

وَ اَنۡفِقُوۡا فِیۡ سَبِیۡلِ اللّٰہِ وَ لَا تُلۡقُوۡا بِاَیۡدِیۡکُمۡ اِلَی التَّہۡلُکَۃِ ۚۖۛ وَ اَحۡسِنُوۡا ۚۛ اِنَّ اللّٰہَ یُحِبُّ الۡمُحۡسِنِیۡنَ ﴿۱۹۵﴾ (البقره: ١٩٥)

(١٩٥) ۽ الله تعاليٰ جي راهه ۾ پنهنجو مال خرچ ڪيو. (ائين نه ٿئي جو جهاد لاءِ پئسا وغيره نه ڏيڻ سان) پنهنجي هٿن سان پاڻ کي پاڻ برباد ڪري ڇڏيو. (يعني دشمن غالب پوندو ته اوهان جو مال ملڪيت بلڪ اوهان جون جانيون به ڇٽ ٿي ويندیون) ۽ هميشه چڱايون ڪندا رهو. بيشڪ الله تعاليٰ انهن سان حب ٿو رکي جيڪي چڱايون ٿا ڪن.

❊❊❊❊

مَنۡ ذَا الَّذِیۡ یُقۡرِضُ اللّٰہَ قَرۡضًا حَسَنًا فَیُضٰعِفَہٗ لَہٗۤ اَضۡعَافًا کَثِیۡرَۃً ؕ وَ اللّٰہُ یَقۡبِضُ وَ یَبۡصُۜطُ ۪ وَ اِلَیۡہِ تُرۡجَعُوۡنَ ﴿۲۴۵﴾ (البقره: ٢۴۵)

(٢۴۵) ڪير آهي جو الله تعاليٰ کي خوشيءِ سان سهڻو قرض ڏئي جو قرض الله تعاليٰ ڪيس موٽائي ڏئي (جهاد لاءِ يا ٻيءَ طرح خدا جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ آهي خدا کي سهڻو قرض ڏيڻ، جنهن جي عيوض بي شمار برڪتون ۽ نعمتون حاصل ٿين ٿيون) ۽ (تنگدستيءَ کان نه ڊڄو) الله ئي تنگدستي ۽ ڪشادو رزق ڏيندڙ آهي ۽ آخر ته انهيءَ جي طرف موٽڻو اٿوَ.

❊❊❊❊

وَ یَسۡـَٔلُوۡنَکَ مَا ذَا یُنۡفِقُوۡنَ ۬ؕ قُلِ الۡعَفۡوَ ؕ کَذٰلِکَ یُبَیِّنُ اللّٰہُ لَکُمُ الۡاٰیٰتِ لَعَلَّکُمۡ تَتَفَکَّرُوۡنَ ﴿۲۱۹﴾ (البقره: ٢١٩)

۽ توکان پڇن ٿا ته حق جي راهه ۾ ڇا خرچ ڪيون؟. انهن کي چئو ته جيڪي توهان جي ضرورتن کان وڌيڪ هجي سو خرچ ڪيو. ڏسو ته ڪيئن الله تعاليٰ پنهنجون نشانيون ۽ هدايتون چٽيون ڪري ٿو ٻڌائي. انهيءَ لاءِ ته دنيا ۽ آخرت جي مسئلن ۽ مصلحتن جي باري ۾ غور ۽ فڪر ڪيو.

❊❊❊❊





وَ مَثَلُ الَّذِیۡنَ یُنۡفِقُوۡنَ اَمۡوَالَہُمُ ابۡتِغَآءَ مَرۡضَاتِ اللّٰہِ وَ تَثۡبِیۡتًا مِّنۡ اَنۡفُسِہِمۡ کَمَثَلِ جَنَّۃٍۭ بِرَبۡوَۃٍ اَصَابَہَا وَابِلٌ فَاٰتَتۡ اُکُلَہَا ضِعۡفَیۡنِ ۚ فَاِنۡ لَّمۡ یُصِبۡہَا وَابِلٌ فَطَلٌّ ؕ وَ اللّٰہُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ بَصِیۡرٌ ﴿۲۶۵﴾ (البقره: ٢٦٥)

(٢٦٥) (ان جي ابتڙ) جيڪي ماڻهو الله جي راضپي جي لاءِ ۽ پنهنجي دل جي خوشي ۽ ثبات سان پنهنجو مال خرچ ڪن ٿا انهن جو مثال اهڙو آهي جهڙو هڪڙي آئني تي لڳايل باغ، انهيءَ تي چڱو مينهن وسيو ته ٻيڻا ڦل ڦول پيدا ٿي ويا ۽ جيڪڏهن زور سان مينهن نه وسيو ته هلڪيون بوندون به هن کي آباد ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن ۽ ياد رکو ته جيڪي جيڪي اوهان ڪيو ٿا الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ڏسي ٿو.

❊❊❊❊

اَلَّذِیۡنَ یُنۡفِقُوۡنَ اَمۡوَالَہُمۡ فِیۡ سَبِیۡلِ اللّٰہِ ثُمَّ لَا یُتۡبِعُوۡنَ مَاۤ اَنۡفَقُوۡا مَنًّا وَّ لَاۤ اَذًی ۙ لَّہُمۡ اَجۡرُہُمۡ عِنۡدَ رَبِّہِمۡ ۚ وَ لَا خَوۡفٌ عَلَیۡہِمۡ وَ لَا ہُمۡ یَحۡزَنُوۡنَ ﴿۲۶۲﴾ (البقره: ٢٦٢)

(٢٦٢) جيڪي ماڻهو الله جي راهه ۾ خرچ ڪن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح خرچ ڪن ٿا جو نڪي وٺندڙن تي ٿورو ٿڦن ٿا ۽ نه وري وري احسان جي يادگيري ڏيارين ٿا، نڪي احسان ڪرڻ بعد ڪنهن به نموني سندن دل ڏکائن يا ڪين ايذاءُ پهچائن ٿا انهن ماڻهن کي الله تعاليٰ وٽان سندن عمل جو اجر ملندو هنن کي نڪي ڪنهن قسم جو خوف خطرو رهندو نه غمگيني.

❊❊❊❊

وَ اَنۡفِقُوۡا مِنۡ مَّا رَزَقۡنٰکُمۡ مِّنۡ قَبۡلِ اَنۡ یَّاۡتِیَ اَحَدَکُمُ الۡمَوۡتُ فَیَقُوۡلَ رَبِّ لَوۡ لَاۤ اَخَّرۡتَنِیۡۤ اِلٰۤی اَجَلٍ قَرِیۡبٍ ۙ فَاَصَّدَّقَ وَ اَکُنۡ مِّنَ الصّٰلِحِیۡنَ ﴿۱۰﴾ (المنافقون: ١٠)

(١٠) ۽ جو اوهان کي اسان رزق ڏنو آهي سو هن کان اڳي خرچ ڪريو جو اوهان مان ڪنهن وٽ موت اچي وڃي پوءِ (حسرت ڪري) چوي ته، اي منهنجا پاليندڙ! جيڪر مون کي ٿوري مدت تائين مهلت ڏئين ها ته خيرات ڪريان ها ۽ (انهن چڱن ماڻهن مان ٿيان ها! (جيڪي تنهنجي نظام ۽ مخلوق لاءِ خرچ ڪري، انسانيت کي سنوارين ۽ پنهنجي ذات کي



www.sindhsalamat.com

سرخرو ڪن ٿا.)

❋❋❋❋

فَاتَّقُوا اللّٰهَ مَا اسْتَطَعْتُمْ وَ اسْمَعُوْا وَ اَطِيْعُوْا وَ اَنْفِقُوْا خَيْرًا لِّاَنْفُسِكُمْ ؕ وَ مَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۱۶﴾ اِنْ تُقْرِضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا يُّضٰعِفْهُ لَكُمْ وَ يَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ شَكُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿۱۷﴾ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَ الشَّهَادَةِ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۱۸﴾ (التغابن: ١٦-١٨)

(١٦) سو جيترو ٿي سگهيو اوترو الله کان ڊڄو ۽ (الله جا احڪام) ٻڌو ۽ چيو مڃيو ۽ (پنهنجي ڪمائي خدا جي پالڻهاريءَ وانگر ڪليل رکي) خرچ ڪريو تہ اوهانجي نفسن جو ڀلو ٿئي ۽ جيڪي (ٻين جي ضرورت کي پنهنجي وس آهر نظرانداز نہ ڪندا ۽) پنهنجي نفسن جي حرص کان بچايا ويندا، سي ئي ڪامياب آهن. (١٧) (الله جي چوڻ تي هلي ٻين جون ضرورتون پوريون ڪري) جيڪڏهن اوهين الله کي چڱو قرض ڏيندو تہ هو اوهان کي اهو (قرض) گهڻو وڌائي ڏيندو ۽ اوهان کي (نقصانن کان) بخشيندو. ۽ الله وڏو قدردان (ماڻهن جي ڪوتاهي ڪرڻ تي) بردبار آهي. (١٨) ڳجهہ ۽ ظاهر (۾ اوهانجي نيتن ۽ جذبن) کي ڄاڻڻ وارو زبردست (۽) حڪمت وارو آهي.

❋❋❋❋

وَ ابْتَغِ فِيْمَآ اٰتٰىكَ اللّٰهُ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ وَ لَا تَنْسَ نَصِيْبَكَ مِنَ الدُّنْيَا وَ اَحْسِنْ كَمَآ اَحْسَنَ اللّٰهُ اِلَيْكَ وَ لَا تَبْغِ الْفَسَادَ فِي الْاَرْضِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿۷۷﴾

(القصص: ٧٧)

(٧٧) ۽ (قارون کي هيئن بہ چيائون تہ) الله تعاليٰ جيڪو توکي هيترو رزق ۽ مال دولت ڏني آهي تنهن سان (تون سخاوت ڪري) آخرت جي گهر (يعني جنت) لاءِ تلاش (۽ طلب) ڪر، ۽ دنيا ۾ جيڪو تنهنجو حصو آهي سو بہ نہ وسار (يعني پنهنجي دولت مان پنهنجي ۽ پنهنجي اولاد ۽ مائٽن جي جسم، دل ۽ دماغ جي سڌاري ۽ واڌاري ۽ خوشحال رهڻ لاءِ بہ خرچ ڪر) ۽ جيئن الله تعاليٰ توتي احسان ڪيو آهي، تيئن تون بہ (ماڻهن تي)





احسان ڪر ۽ نہ (اٿلندو) ملڪ ۾ فساد ۽ بگاڙو مچاءِ. يقيناً الله تعاليٰ فساد ۽ بگاڙو مچائيندڙن کي ناپسند ٿو ڪري.

❋❋❋❋

اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ اَنْفِقُوْا مِمَّا جَعَلَكُمْ مُّسْتَخْلَفِيْنَ فِيْهِ ؕ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَ اَنْفَقُوْا لَهُمْ اَجْرٌ كَبِيْرٌ ﴿۷﴾ (الحديد: ٧)

(٧) (سو) الله ۽ سندس رسول ۾ ايمان آڻيو ۽ جن شين جو اوهان کي وارث ڪيو اٿس تن مان (خدا جي راهہ ۾) خرچ ڪيو. پوءِ اوهان مان جيڪي ايمان ٿا آڻين ۽ (خدا جي راهہ ۾) خرچ ٿا ڪن تن لاءِ وڏو اجر آهي (۽ ڪين دنيا ۽ آخرت ۾ وڏيون نعمتون ملنديون.

❋❋❋❋

اِنَّ الْمُصَّدِّقِيْنَ وَ الْمُصَّدِّقٰتِ وَ اَقْرَضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا يُّضٰعَفُ لَهُمْ وَ لَهُمْ اَجْرٌ كَرِيْمٌ ﴿۱۸﴾ (الحديد: ١٨)

(١٨) يقيناً جيڪي مرد ۽ عورتون صدقا ڏيندڙ آهن ۽ الله تعاليٰ کي سهڻو قرض ٿا ڏين تن کي ٻيڻو (ٽيڻو بلڪ ڏهوڻو) ملندو ۽ انهن کي ان کان سواءِ ٻيو بہ وڏو شاندار اجر ملندو.

❋❋❋❋

اِنَّ سَعْيَكُمْ لَشَتّٰى ﴿۴﴾ فَاَمَّا مَنْ اَعْطٰى وَ اتَّقٰى ﴿۵﴾ وَ صَدَّقَ بِالْحُسْنٰى ﴿۶﴾ فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلْيُسْرٰى ﴿۷﴾ (الليل: ۴ کان ٧)

(۴) تہ اوهان جون ڪوششون (بہ ائين الڳ رخن ۾ ٿيندڙ ۽) مختلف آهن. (۵) (انهيءَ فرق جي باوجود بہ رات ۽ ڏينهن ۽ نر ۽ مادي هڪ ٻئي لاءِ مفيد بڻجن ٿا) پوءِ جنهن شخص (سيني انسانن کي الله جو ڪٽنب ڄاڻي انهن ۾) پنهنجي ڪمائي ورهائي ۽ الله کان ڊنو. (٦) ۽ (هن دنيا ۾ الله جي نيابت واري) تمام چڱي ڳالهہ کي سچو سمجهيو. (٧) تہ ان کي (انهيءَ چڱي ڳالهہ لاءِ) تمام آسان رستي (تي هلڻ) جر توفيق ڏينداسون.

❋❋❋❋



www.sindhsalamat.com

قُلْ لِّعِبَادِیَ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا یُقِیْمُوا الصَّلٰوةَ وَ یُنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّ عَلَانِیَةً مِّنْ قَبْلِ اَنْ یَّاْتِیَ یَوْمٌ لَّا بَیْعٌ فِیْهِ وَ لَا خِلٰلٌ ﴿۳۱﴾ (ابراهيم: ٣١)

(٣١) (اي پيغمبرا) منهجي بندن مان جن ايمان آندو آهي تن کي هيءُ پيغام پهچائي ڏي ته انهيءَ ڪان اڳي جو اهو (خوفناڪ) ڏينهن اچي ظاهر ٿئي جنهن ڏينهن (ڇوٽڪاري لاءِ) نڪي ڪنهن قسم جو ڏيڻ وٺڻ ڪم ايندو نڪي ڪنهن به طرح جي دوستي ڪم ايندي (پنهنجي لاءِ ڇوٽڪاري جو سامان ڪري وٺن يعني) نماز قائم ڪن ۽ اسان جي ڏنل روزيءَ مان ظاهر توڙي ڳجهيءَ طرح (خدا جي راهه ۾) خرچ ڪندا رهن.

## انفاق ڪيئن ڪجي؟

یَسْـَٔلُوْنَكَ مَا ذَا یُنْفِقُوْنَ قُلْ مَاۤ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ خَیْرٍ فَلِلْوَالِدَیْنِ وَ الْاَقْرَبِیْنَ وَ الْیَتٰمٰى وَ الْمَسٰكِیْنِ وَ ابْنِ السَّبِیْلِ وَ مَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَیْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِیْمٌ ﴿۲۱۵﴾

(البقره: ٢١٥)

(٢١٥) اي پيغمبر! توڪان ماڻهو پڇن ٿا ته ڪهڙي خيرات ڪن ۽ ڪهڙيءَ طرح ڪن. انهن کي چئو ته، جيڪي توهان پنهنجي مال مان بچائي سگهو سو خدا جي راهه ۾ خرچ ڪيو. ان لاءِ حقدار آهن ماءُ پيءُ، مٽ مائٽ، يتيم مسڪين ۽ مسافر ۽ ياد رکو ته جيڪا به چڱائي توهان ڪيو ٿا سا الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو (۽ ان جو اجر ڏئي ٿو).

## پنهنجي پاڪ رزق مان ئي خرچ ڪيو

یٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ یَّاْتِیَ یَوْمٌ لَّا بَیْعٌ فِیْهِ وَ لَا خُلَّةٌ وَّ لَا شَفَاعَةٌ وَ الْكٰفِرُوْنَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۲۵۴﴾ (البقره: ٢٥٤)

(٢٥٤) مؤمنؤ! جيڪو رزق اسان توهان کي ڏنو آهي سو (رڳو پنهنجي نفساني خواهشن پورين ڪرڻ لاءِ نه پر الله جي راهه ۾ به) خرچ ڪيو انهيءَ ڪان اڳي جو زندگي پوري ٿي وڃي ۽ اهو ڏينهن اچي وڃي جنهن ڏينهن نڪي خريد فروخت ٿي سگهندي (جو پيسا ڏيئي جنت خريد ڪيو)





نڪي ڪنهن دوست جي ڪوشش ۽ مددگاري ڪم ايندي، نڪي ڪنهن جي سفارش سان ڪم ڪيدي سگهبو. (ان ڏينهن فقط چڱا عمل ڪم ايندا) ۽ ياد رکو ته جيڪي ماڻهو (هن حقيقت جا) منڪر آهن سي ئي پاڻ تي پاڻ ظلم ڪري رهيا آهن.

****

یٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْفِقُوْا مِنْ طَیِّبٰتِ مَا كَسَبْتُمْ وَ مِمَّاۤ اَخْرَجْنَا لَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَ لَا تَیَمَّمُوا الْخَبِیْثَ مِنْهُ تُنْفِقُوْنَ وَ لَسْتُمْ بِاٰخِذِیْهِ اِلَّاۤ اَنْ تُغْمِضُوْا فِیْهِ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ غَنِیٌّ حَمِیْدٌ ﴿۲۶۷﴾ (البقره: ٢٦٧)

(٢٦٧) اي مؤمنو! جيڪي توهان ڪمايو ٿا ۽ جيڪي اسان توهان لاءِ زمين مان پيدا ڪيون ٿا انهن مان پاڪ ۽ چڱيون شيون خدا جي راهه ۾ خرچ ڪيو. ائين نه ڪيو جو ڪا ردي ۽ خراب شيءِ خدا جي نالي تي خيرات ڪيو. اهڙي شيءِ جيڪر اوهان کي ملي ته ڪڏهن به نه وٺو. پرڄاڻي ٻجهي اکيون بند ڪري وٺو ته پوءِ ٻي ڳالهه آهي. ياد رکو ته الله تعاليٰ بي نياز ۽ سيني چڱين صفتن سان ڪامل طرح موصوف آهي. (هن کي اوهان جي ڪنهن به شيءِ جو احتياج ڪونهي، چڱين شين جي خيرات ڪرڻ مان توهان کي سعادت ۽ نجات ملندي).

## پنهنجي پياري شيءِ مان ئي خرچ ڪيو

لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ وَ مَا تُنْفِقُوْا مِنْ شَیْءٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِیْمٌ ﴿۹۲﴾

(آل عمران: ٩٢)

(٩٢) توهان نيڪيءَ جي درجي کي ڪڏهن به پهچي نٿا سگهو جيستائين توهان (خدا جي راهه ۾) خرچ نه ڪيو ان مان جنهن سان توهان کي محبت آهي. جيڪي جيڪي توهان (خدا جي راهه ۾) خرچ ڪيو ٿا سو بلاشڪ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو (۽ ان جو اجر ڏئي ٿو).



www.sindhsalamat.com

# حج جا احڪام

وَ اَتِمُّوا الْحَجَّ وَ الْعُمْرَةَ لِلّٰهِ ؕ فَاِنْ اُحْصِرْتُمْ فَمَا اسْتَيْسَرَ مِنَ الْهَدْيِ ۚ وَ لَا تَحْلِقُوْا رُءُوْسَكُمْ حَتّٰى يَبْلُغَ الْهَدْيُ مَحِلَّهٗ ؕ فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ بِهٖۤ اَذًى مِّنْ رَّاْسِهٖ فَفِدْيَةٌ مِّنْ صِيَامٍ اَوْ صَدَقَةٍ اَوْ نُسُكٍ ۚ فَاِذَاۤ اَمِنْتُمْ ٝ فَمَنْ تَمَتَّعَ بِالْعُمْرَةِ اِلَى الْحَجِّ فَمَا اسْتَيْسَرَ مِنَ الْهَدْيِ ۚ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ اَيَّامٍ فِى الْحَجِّ وَ سَبْعَةٍ اِذَا رَجَعْتُمْ ؕ تِلْكَ عَشَرَةٌ كَامِلَةٌ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ لَّمْ يَكُنْ اَهْلُهٗ حَاضِرِى الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۱۹۶﴾ اَلْحَجُّ اَشْهُرٌ مَّعْلُوْمٰتٌ ۚ فَمَنْ فَرَضَ فِيْهِنَّ الْحَجَّ فَلَا رَفَثَ وَ لَا فُسُوْقَ ۙ وَ لَا جِدَالَ فِى الْحَجِّ ؕ وَ مَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ يَّعْلَمْهُ اللّٰهُ ؕ وَ تَزَوَّدُوْا فَاِنَّ خَيْرَ الزَّادِ التَّقْوٰى ۫ وَ اتَّقُوْنِ يٰۤاُولِى الْاَلْبَابِ ﴿۱۹۷﴾ لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَبْتَغُوْا فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ فَاِذَاۤ اَفَضْتُمْ مِّنْ عَرَفٰتٍ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ عِنْدَ الْمَشْعَرِ الْحَرَامِ ۪ وَ اذْكُرُوْهُ كَمَا هَدٰىكُمْ ۚ وَ اِنْ كُنْتُمْ مِّنْ قَبْلِهٖ لَمِنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿۱۹۸﴾ ثُمَّ اَفِيْضُوْا مِنْ حَيْثُ اَفَاضَ النَّاسُ وَ اسْتَغْفِرُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۹۹﴾ (البقره: ۱۹۶ کان ۱۹۹)

(١٩٦) جڏهن حج ۽ عمري جي نيت ڪيو تہ ان کي پورو ڪيو پر جيڪڏهن واٽ تي گهيرجي وڃو يعني (لڙائي يا ڪنهن ٻئي سبب ڪان روڪجي پئو) تہ پوءِ هڪڙو جانور قربان ڪيو جهڙو ملي سگهي ۽ تيستائين وار نہ ڪتايو (حج بعد احرام لاهڻ وقت وار ڪتائبا آهن) جيستائين قرباني جو جانور پنهنجي جاءِ تي نہ پهچي. جيڪڏهن ڪو شخص بيمار هجي يا مٿي ۾ ڪو ايذاءُ هجيس تہ وارن ڪتائڻ جي بدلي ۾ روزا رکي يا صدقو ڏئي يا جانور جي قرباني ڪري. پوءِ جڏهن امن امان جي حالت قائم ٿئي ۽ ڪو شخص چاهي تہ عمرو ۽ حج ملائي ٻنهي جو ثواب هڪ ئي سفر سان حاصل ڪري تہ انهيءَ لاءِ بہ جانور جي قرباني ڪرڻي آهي. جهڙو جانور ملي سگهي پر جيڪڏهن ڪو جانور هٿ ڪري نہ سگهي تہ پوءِ حج جي ڏينهن ۾ ٽي روزا رکي ۽ ست روزا گهر پهچڻ بعد. اهي پورا ڏهہ روزا ٿيا. (پر ياد رکو تہ) هي حڪم (عمري ۽ حج ملائڻ وارو) انهيءَ لاءِ آهي جنهن جو گهر ٻار مڪي ۾ نہ هجي ۽ ياد رکو تہ هر حال ۾ الله





ڪان ڊڄي چڱا ڪم ڪيو ۽ يقين ڪيو تہ (نافرماني ڪرڻ وارن لاءِ) الله تعاليٰ جي سزا سخت آهي. (١٩٧) حج جا مهينا سڀ ڪنهن کي معلوم آهن. پوءِ جنهن ماڻهو انهن مهينن ۾ حج ڪرڻ پاڻ تي لازم ڪيو تہ پوءِ (حج جي حالت ۾ اچي چڪو) نڪي عورتن ڏانهن رغبت ڪري نڪي ڪو گناهہ جو ڪم ڪري، نڪي جهيڙو جنگ ڪري ۽ ياد رکو تہ جيڪي بہ چڱايون توهان ڪيو ٿا سي الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو ۽ توهان (حج لاءِ) ٿمر ڪٺندا ڪريو پر سڀ ڪان چڱو ٿمر آهي تقوي (يعني ٿمر ۽ گهربل سامان تہ ڪٺڻ گهرجي پر پرهيزگاري جهڙي ٻي ڳالهہ ئي ڪانهي) تنهن ڪري اي سمجهہ وارؤا هر حال ۾ خدا ڪان ڊڄي گناهن ڪان پرهيزگاري ڪندا رهو. (١٩٨) جيڪڏهن توهان (حج جي موقعي تي) پنهنجي پالڻهار جي فضل (واپار، ڌنڌي دولت ڪمائڻ وغيره) جي تلاش بہ ڪريو تہ انهيءَ ۾ بہ توهان جي لاءِ ڪو گناهہ ڪونهي. پوءِ جڏهن عرفات جي ٽڪري ۽ ميدان ڪان وڏي هجوم ۾ موٽو تڏهن پاڪ يادگار (يعني مزدلفہ) ۾ ڪجهہ وقت رهي الله جو ذڪر ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح ذڪر ڪيو جهڙيءَ طرح توهان کي الله تعاليٰ هدايت ڪئي آهي. ياد رکو تہ هن ڪان اڳ اوهان بہ انهن ماڻهن منجهان هئو جيڪي راهہ ڀلجي ويا هئا. (١٩٩) پوءِ اوهان (مڪي جا ماڻهو) بہ انهيءَ جاءِ تي وڃي پوءِ موٽو جتان ٻيا ماڻهو انبوهہ ڪري موٽن ٿا ۽ الله ڪان پنهنجي گناهن جي بخشش گهرو. بيشڪ الله تعاليٰ معاف ڪرڻ وارو ۽ رحم وارو آهي.

****

فَاِذَا قَضَيْتُمْ مَّنَاسِكَكُمْ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَذِكْرِكُمْ اٰبَآءَكُمْ اَوْ اَشَدَّ ذِكْرًا ؕ فَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَاۤ اٰتِنَا فِى الدُّنْيَا وَ مَا لَهٗ فِى الْاٰخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ ﴿۲۰۰﴾ وَ مِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَاۤ اٰتِنَا فِى الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّ فِى الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ نَصِيْبٌ مِّمَّا كَسَبُوْا ؕ وَ اللّٰهُ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۲۰۲﴾ وَ اذْكُرُوا اللّٰهَ فِيْۤ اَيَّامٍ مَّعْدُوْدٰتٍ ؕ فَمَنْ تَعَجَّلَ فِيْ يَوْمَيْنِ فَلَاۤ اِثْمَ عَلَيْهِ ۚ وَ مَنْ تَاَخَّرَ فَلَاۤ اِثْمَ عَلَيْهِ ۙ لِمَنِ اتَّقٰى ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّكُمْ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿۲۰۳﴾ (البقره: ۲۰۰ کان ۲۰۳)

(٢٠٠) پوءِ جڏهن حج جا سڀ ارڪان پورا ڪري رهو تڏهن الله تعاليٰ جو



www.sindhsalamat.com

ذڪر ڪيو جھڙيءَ طرح اڳي پنھجي ابن ڏاڏن جو شان بيان ڪندا ھئو بلڪ ان کان گھڻو وڌيڪ الله تعاليٰ جي پاڪائي ۽ صفتن جو بيان ڪيو (حج جي ارڪانن جو اصل مقصد اھوئي آھي) پوءِ ڪي ماڻھو اھڙا آھن جي چون ٿا تہ اي اسان جا پروردگار! اسان کي دنيا ۾ ئي (چڱائي) ڏي انھن کي آخرت جي چڱائي مان ڪو حصو نہ ملندو. (٢٠١) پر ڪي اھڙ بہ آھن جي چوٿا تہ اي اسان جا پروردگار! اسان کي دنيا ۾ بہ چڱائي ڏي ۽ آخرت ۾ بہ چڱائي ڏي ۽ دوزخ جي عذاب کان بچائي وٺجانءِ. (٢٠٢) (يقين ڪيو تہ) اھڙن ئي ماڻھن کي سندن چڱن عملن مطابق دنيا ۽ آخرت جي سعادت مان حصو ملندو ۽ الله تعاليٰ عملن جي حساب جانچڻ ۾ بلڪل تڪو آھي (ھر انسان کي ھن جي عملن موافق جلد نتيجا ڏيڻ وارو آھي. (٢٠٣) حج جي ڳڻيل ڏينھن (ايام تشريق 10، 11، 12، 13 ذوالحج) ۾ الله جي ذڪر ۾ لڳا رھو پر جيڪڏھن ڪو (موٽڻ ۾ تڪڙ ڪري ۽) ٻن ڏينھن ۾ روانو ٿي وڃي تہ مٿس گناھ ڪونھي، جيڪڏھن ڪو وڌيڪ ڏينھن رھي تہ بہ مٿس گناھ ڪونھي اھا (جلدي يا دير جي) اجازت انھيءَ ماڻھوءَ لاءِ آھي جو تقوي وارو آھي. (اصل مقصد تقويٰ آھي) تنھن ڪري ھر حال ۾ خدا جو خوف دل ۾ رکي پرھيزگاري ڪريو ۽ ياد رکو تہ يقيناً اوھان کي (ڪنھن ڏينھن مرڻو) ۽ خدا جي حضور ۾ گڏ ٿيڻو آھي.

## اسلام ۾ مڪمل طور داخل ٿي وڃڻ

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ادْخُلُوْا فِي السِّلْمِ كَآفَّةً ۠ وَلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ۭ
اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٢٠٨﴾ (البقره:٢٠٨)

(٢٠٨) اي ايمان وارؤ! (اعتقاد ۽ عمل جي سيني ڳالھين ۾) پوريءَ طرح (نہ رڳو نالي طور) مسلمان (فرمانبردار) ٿيو ۽ خبردار! مٿان شيطاني وسوسن جي پيروي ڪريو. شيطان تہ اوھان جو ظاھر ظھور دشمن آھي.

## جھاد جو حڪم

كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ وَهُوَ كُرْهٌ لَّكُمْ ۚ وَعَسٰٓى اَنْ تَكْرَهُوْا شَيْـــًٔا وَّهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَ





عَسٰٓى اَنْ تُحِبُّوْا شَيْـــًٔا وَّهُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ۭ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢١٦﴾

(البقره:٢١٦)

(٢١٦) توھان کي لڙائيءَ جو حڪم ڏنو ويو آھي، اھو توھان کي نٿو وڻي، پر ممڪن آھي تہ جيڪا شيءِ توھان کي ناپسند آھي سا توھان جي لاءِ فائدي واري ھجي ۽ جيڪا توھان پسند ٿا ڪيو سا توھان جي لاءِ نقصانڪار ھجي. الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو پر توھان نٿا ڄاڻو.

****

وَقَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٤٤﴾ (البقره: ٢٤٤)

(٢٤٤) ۽ (جيڪڏھن لڙائي ڪرڻي پوي تہ بھادر ٿي) خدا جي راھ ۾ لڙائي ڪريو ۽ يقين ڄاڻو تہ الله تعاليٰ سڀ ڪجھ ٻڌي ۽ ڄاڻي ٿو.

****

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا خُذُوْا حِذْرَكُمْ فَانْفِرُوْا ثُبَاتٍ اَوِ انْفِرُوْا جَمِيْعًا ﴿٧١﴾

(النساءِ:٧١)

(٧١) مؤمنؤ! پنھنجي حفاظت ۽ تياريءَ ۾ لڳا رھو پوءِ (جڏھن ضرورت پوي تڏھن دشمن جي مقابلي لاءِ نڪرو) جدا جدا ٽولين ۾ نڪرو يا گڏجي لشڪر ڪري نڪرو (جيئن مناسب سمجھو).

****

فَلْيُقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ الَّذِيْنَ يَشْرُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا بِالْاٰخِرَةِ ۭ وَمَنْ
يُّقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَيُقْتَلْ اَوْ يَغْلِبْ فَسَوْفَ نُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٧٤﴾ (النساءِ:٧٤)

(٧٤) سو جن ماڻھن آخرت جي نعمتن لاءِ دنيا جي زندگي (الله وٽ) وڪڻي ڇڏي آھي تن کي گھرجي تہ (اھڙن منافقن وانگر جھاد کان نہ ٿھن ۽) الله جي راھ ۾ جنگ ڪن ۽ جيڪو الله جي راھ ۾ جنگ ٿو ڪري سو قتل ٿي وڃي يا غالب پوي (ھر حال ۾) اسان ڪيس وڏو اجر ڏينداسين.

****



www.sindhsalamat.com

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِهٖ صَفًّا كَاَنَّهُمْ بُنْيَانٌ مَّرْصُوْصٌ ۝٤

(الصف: ۴)

(۴) بيشڪ الله انهن کي دوست رکي ٿو جيڪي (عملي طرح) سندس رستي ۾ صفون ٻڌي جنگ ڪن ٿا (۽ پنهنجي ان عمل تي ايڏو مضبوطيءَ سان بيٺل آهن) ڄڻ ته اهي شيهي پلٽيل پت آهن.

****

وَلَا تَهِنُوْا فِي ابْتِغَآءِ الْقَوْمِ ۭ اِنْ تَكُوْنُوْا تَاْلَمُوْنَ فَاِنَّهُمْ يَاْلَمُوْنَ كَمَا تَاْلَمُوْنَ ۚ وَتَرْجُوْنَ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا يَرْجُوْنَ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ۝١٠٤ (النساء: ۱۰۴)

(۱۰۴) ۽ دشمنن جي پوئتان پوڻ ۾ همت نه هاريو. جيڪڏهن توهان کي (جنگ ۾) تڪليف پهچي ٿي ته جهڙيءَ طرح توهان کي تڪليف ٿي ٿئي تهڙيءَ طرح هنن کي به تڪليف ٿي پهچي، پر توهان کي الله وٽان (فتح ۽ اجر جون) اهڙيون اميدون آهن جي هنن کي بلڪل نه آهن (ڇو ته توهان حق ۽ انصاف لاءِ وڙهي رهيا آهيو ۽ هو ظلم ۽ فساد جي راهه ۾ لڙي رهيا آهن). الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت رکندڙ آهي.

****

اِنَّ اللّٰهَ يُدٰفِعُ عَنِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ كُلَّ خَوَّانٍ كَفُوْرٍ ۝٣٨ اُذِنَ لِلَّذِيْنَ يُقٰتَلُوْنَ بِاَنَّهُمْ ظُلِمُوْا ۭ وَاِنَّ اللّٰهَ عَلٰي نَصْرِهِمْ لَقَدِيْرُ ۝٣٩ (الحج: ۳۸، ۳۹)

(۳۸) جن ماڻهن ايمان آندو آهي تن کي يقيناً الله تعاليٰ (ظالمن جي ظلم ۽ سختين کان) بچائي ٿو. هن ۾ ذرو به شڪ ناهي ته الله تعاليٰ امانت ۾ خيانت ڪندڙن کي، جيڪي خدا جي نعمتن جا بي شڪر آهن، ڪڏهن به پسند نٿو ڪري (۳۹) جن (مؤمنن) جي خلاف ظالمن جنگ جاري رکي آهي تن کي به هاڻي (ساڻن) جنگ ڪرڻ جي رخصت ڏني وڃي ٿي. ڇو ته هنن تي سراسر ظلم ڪيو ٿو وڃي. ۽ الله تعاليٰ بيشڪ هنن (مؤمنن) جي مدد ڪرڻ جي قدرت ۽ طاقت رکي ٿو.





## يتيمن جي ڀلائي ۽ سنڀال

فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۭ وَيَسْــَٔـلُوْنَكَ عَنِ الْيَتٰمٰى ۭ قُلْ اِصْلَاحٌ لَّهُمْ خَيْرٌ ۭ وَاِنْ تُخَالِطُوْهُمْ فَاِخْوَانُكُمْ ۭ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ الْمُفْسِدَ مِنَ الْمُصْلِحِ ۭ وَلَوْ شَاۗءَ اللّٰهُ لَاَعْنَتَكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ۝٢٢٠ (البقره: ۲۲۰)

(۲۲۰) ۽ ماڻهو توکان يتيمن متعلق سوال ڪن ٿا. انهن کي چئو ته جنهن ڳالهه ۾ هنن جو سڌارو ۽ فائدو هجي اها ئي بهتر آهي، ۽ جيڪڏهن توهان هنن سان گڏ رهو ۽ پنهنجي گهر ۾ شامل ڪري ڇڏيو ته بهرحال هو اوهان جا ڀائر آهن. الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو ته ڪير سڌاري ڪرڻ وارو آهي ۽ ڪير بگاڙو ۽ خرابي ڪرڻ وارو آهي. (توهان جي نيت چڱي آهي ته يتيمن جي مال سنڀالڻ کان نه نٽايو) جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها ته (يتيمن جي نازڪ معاملي ۾) اوهان کي تڪليف ۾ وجهي ها (يعني سخت پابنديون وارا حڪم ڏئي ها) بيشڪ الله تعاليٰ وڏي طاقت وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

## فطري طريقي جي مباشرت

نِسَاۗؤُكُمْ حَرْثٌ لَّكُمْ ۠ فَاْتُوْا حَرْثَكُمْ اَنّٰى شِئْتُمْ ۡ وَقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ ۭ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ مُّلٰقُوْهُ ۭ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝٢٢٣ (البقره: ۲۲۳)

(۲۲۳) اوهان جون عورتون اوهان جي لاءِ پوک وانگر آهن. پوءِ جيئن توهان چاهيو تيئن (فطرت جي تقاضا موجب) ٻنيءَ ۾ پوک پوکيو ۽ پنهنجي لاءِ ايندڙ وقت جو بندوبست به ڪري ڇڏيو (يعني جيڪو اولاد پيدا ٿيندو تنهن لاءِ سامان تيار رکو) ۽ هر حال ۾ خدا جو خوف رکي پرهيزگاري ڪيو ۽ ياد رکو ته توهان کي (هڪ ڏينهن مرڻو آهي) ۽ الله جي حضور ۾ حاضر ٿيڻو آهي ۽ سچو ايمان رکندڙن کي (دائمي سعادت جي) خوشخبري ڏي.

## عورت جي عدت ۽ سندس حق

وَالْمُطَلَّقٰتُ يَتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ ثَلٰثَةَ قُرُوْۗءٍ ۭ وَلَا يَحِلُّ لَهُنَّ اَنْ يَّكْتُمْنَ مَا خَلَقَ



www.sindhsalamat.com

اللّٰهُ فِيْٓ اَرْحَامِهِنَّ اِنْ كُنَّ يُؤْمِنَّ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ وَ بُعُوْلَتُهُنَّ اَحَقُّ بِرَدِّهِنَّ فِيْ ذٰلِكَ اِنْ اَرَادُوْٓا اِصْلَاحًا ؕ وَلَهُنَّ مِثْلُ الَّذِيْ عَلَيْهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ۠ وَلِلرِّجَالِ عَلَيْهِنَّ دَرَجَةٌ ؕ وَ اللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۲۸﴾ (البقره: ۲۲۸)

(۲۲۸) جن عورتن کي سندن مڙسن طلاق ڏني هجي انهن کي ٽن ماهانه حيضن تائين پاڻ کي (ٻئي نڪاح ڪرڻ کان) روڪڻ گهرجي (يعني ٽن مهينن اندر عورت ٻيو نڪاح ڪري نٿي سگهي.) ۽ جيڪڏهن اهي عورتون الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿيون ته هنن لاءِ جائز ناهي ته جا شيءِ الله تعاليٰ هنن جي پيٽ ۾ خلقي آهي سا لڪائي ڇڏين (ڇو ته جيڪڏهن ٻار پيٽ ۾ آهي ته پوءِ عدت تيستائين هلندي جيستائين ٻار ڄمي ممڪن آهي ته ٻار ئي زال مڙس جي ٺهڻ جو سبب بڻجي وڃي) ۽ انهن جي مڙسن کي حق آهي ته جيڪڏهن انهي عدت جي اندر صلح ۽ ناهه لاءِ تيار ٿي وڃن ته پوءِ طلاق ڏنل زال کي پنهنجي زال ڪري ڏسن. عورتن کي به مردن تي اهڙائي حق آهن جهڙا مردن کي عورتن تي ته هڪ ٻئي سان چڱي هلت هلن. البت مردن کي عورتن تي هڪڙو درجو وڌيڪ ڏنو ويو آهي. (ڇو ته عورت نازڪ ۽ ضعيف آهي. مرد ڪيس سنڀالي ۽ حفاظت ڪري ٿو) الله تعاليٰ وڏي شان وارو ۽ حڪمت وارو آهي.

## طلاق ڏيڻ ۽ خلع وٺڻ جو حڪم

اَلطَّلَاقُ مَرَّتٰنِ ۠ فَاِمْسَاكٌۢ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ تَسْرِيْحٌۢ بِاِحْسَانٍ ؕ وَ لَا يَحِلُّ لَكُمْ اَنْ تَاْخُذُوْا مِمَّآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ شَيْئًا اِلَّآ اَنْ يَّخَافَآ اَلَّا يُقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ؕ فَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا يُقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ۙ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا فِيْمَا افْتَدَتْ بِهٖ ؕ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا تَعْتَدُوْهَا ۚ وَ مَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۲۲۹﴾ (البقره: ۲۲۹)

(۲۲۹) طلاق (جنهن کان پوءِ وري رجوع ڪري سگهجي ٿو) ٻه ڀيرا ٿي سگهي ٿي. پوءِ مرد يا ته انصاف ۽ چڱيءَ سلوڪ سان زال کي پاڻ وٽ زال ڪري رکي يا ته (ٽيون ڀيرو طلاق ڏيئي) سهڻي سلوڪ سان هن کان جدا ٿئي ۽ توهان جي لاءِ جائز ناهي ته جيڪي توهان پنهنجي زالن کي (مهر ۽ ٻيون





سوکڙيون، زيور، ڪپڙا وغيره) ڏيئي ڇڏيو آهي تنهن مان ڪجهه طلاق ڏيڻ وقت موٽائي وٺو. پر جيڪڏهن ٻنهي کي انديشو ٿئي ته الله جا ٺهرايل حق ۽ واجب ادا ٿي نه سگهندا ته پوءِ هڪ ٻئي سان انهن ڏنل شين بابت راضي نامون ڪري سگهن ٿا. پوءِ توهان کي سچ پچ اهڙو انديشو هجي ته الله جا ٺهرايل حق ۽ واجب ادا ٿي نه سگهندا ته پوءِ ٻنهي تي ڪو گناهه ناهي، جيڪڏهن زال (پاڻ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ) عيوضي ۾ ڪجهه ڇڏي ڏئي. (۽ مڙس اهو وٺي جدا ٿيڻ تي راضي ٿي وڃي) ۽ ياد رکو ته اهي الله جون مقرر ڪيل حدون آهن پوءِ متان انهن کان ٻاهر قدم ڪڍو. جيڪو به الله تعاليٰ جي ٺهرايل حدن کان ٻاهر ويندو ته پوءِ اهڙا ئي ماڻهو آهن جي ظلم ڪندڙ آهن.

## طلاق ۽ عدت

وَ اِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَبَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمْسِكُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ سَرِّحُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ ۠ وَ لَا تُمْسِكُوْهُنَّ ضِرَارًا لِّتَعْتَدُوْا ۚ وَ مَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ ؕ وَ لَا تَتَّخِذُوْٓا اٰيٰتِ اللّٰهِ هُزُوًا ۫ وَّ اذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَ مَآ اَنْزَلَ عَلَيْكُمْ مِّنَ الْكِتٰبِ وَ الْحِكْمَةِ يَعِظُكُمْ بِهٖ ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۲۳۱﴾ (البقره: ۲۳۱)

(۲۳۱) جڏهن توهان پنهنجي زال کي طلاق ڏيو تڏهن يا ته عدت جي اندر هنن کي چڱي طريقي سان پاڻ وٽ زال ڪري رهايو يا ته (آخري طلاق بعد) چڱي طريقي سان هن کي اماڻي ڇڏيو. ائين نه ٿئي جو هنن کي نقصان پهچائڻ لاءِ روڪي رکو ۽ مٿس ظلم ڪيو. (نڪي زال ڪري وهاريو نڪي وڃڻ ڏيوس جيئن اڳي بت پرست عرب ڪندا هئا) جيڪو ائين ڪندو سو پنهنجو ئي نقصان ڪندو. ائين نه ڪيو جو الله جي حڪمن کي کيل تماشو بنائي ڇڏيو (اڄ نڪاح ڪيو سڀاڻي طلاق ڏني) پاڻ تي الله جون نعمتون ياد ڪيو. الله تعاليٰ ڪتاب ۽ حڪمت مان جو ڪجهه نازل ڪيو آهي ۽ جنهن سان اوهان کي چڱيون نصيحتون ڏئي ٿو (سي ڪڏهن نه وسارجو) ۽ الله کان ڊڄو ۽ پڪ ڄاڻو ته بيشڪ الله تعاليٰ کي هر شيءِ جو علم آهي.



www.sindhsalamat.com

## رضاعت (کير پيارڻ) جا حڪم

وَ الْوَالِدٰتُ يُرْضِعْنَ اَوْلَادَهُنَّ حَوْلَيْنِ كَامِلَيْنِ لِمَنْ اَرَادَ اَنْ يُّتِمَّ الرَّضَاعَةَ ؕ وَ عَلَى الْمَوْلُوْدِ لَهٗ رِزْقُهُنَّ وَ كِسْوَتُهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ لَا تُكَلَّفُ نَفْسٌ اِلَّا وُسْعَهَا ۚ لَا تُضَآرَّ وَالِدَةٌۢ بِوَلَدِهَا وَ لَا مَوْلُوْدٌ لَّهٗ بِوَلَدِهٖ ۗ وَ عَلَى الْوَارِثِ مِثْلُ ذٰلِكَ ۚ فَاِنْ اَرَادَا فِصَالًا عَنْ تَرَاضٍ مِّنْهُمَا وَ تَشَاوُرٍ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا ؕ وَ اِنْ اَرَدْتُّمْ اَنْ تَسْتَرْضِعُوْٓا اَوْلَادَكُمْ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِذَا سَلَّمْتُمْ مَّآ اٰتَيْتُمْ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۲۳۳﴾ (البقره: ۲۳۳)

(۲۳۳) ۽ (جيڪڏهن طلاق ڏنل عورت کي ٻار ڄاول هجي) ته ٻار کي پورا ٻه سال ٿڃ پياري، ٻار جي انهيءَ پيءُ تي لازم آهي ته انهيءَ عرصي لاءِ ٻار جي ماءُ کي کاڌو پيتو، لٽو ڪپڙو مناسب طرح ڏئي. ڪنهن به شخص کي سندس وسعت کان وڌيڪ تڪليف ڏيڻي ناهي، نه ماءُ کي سندس ٻچي سببان ڪو نقصان پهچايو وڃي، نه پيءُ کي انهي ٻچي سببان. پر جيڪڏهن والد فوت ٿي وڃي ته سندس وارث انهيءَ عورت جي کاڌي پيتي ۽ لٽي ڪپڙي وغيره جو اهڙيءَ طرح انتظام رکي جهڙيءَ طرح پيءُ کي مناسب آهي، پر جيڪڏهن ٻئي پيءُ ۽ ماءُ پاڻ ۾ راضي ٿي صلاح مصلحت سان ٿڃ (مدت کان اڳي) ڇڏرائين ته پوءِ مٿن گناهه ڪونهي ۽ جيڪڏهن اوهان چاهيو ته پنهنجي ٻچن لاءِ ڪنهن ٻي عورت جي ٿڃ جو انتظام ڪيو ته ان ۾ به اوهان تي ڪو گناهه ڪونهي، بشرطيڪ جيڪي ماءُ کي ڏيڻو ڪيو هو سو دستور موجب انصاف سان ان جي حوالي ڪيو. (وڏي ڳالهه هيءُ آهي ته هر حال ۾) الله تعاليٰ جو خوف رکو ۽ يقين ڪيو ته جيڪي به توهان ڪيو ٿا سو بلاشبه الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ڏسي ٿو پيو.

## بيواه جي عدت

وَ الَّذِيْنَ يُتَوَفَّوْنَ مِنْكُمْ وَ يَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا يَّتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ اَرْبَعَةَ اَشْهُرٍ وَّ عَشْرًا ۚ فَاِذَا بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا فَعَلْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿۲۳۴﴾ (البقره: ۲۳۴)





(۲۳۴) ۽ توهان مان ڪي ماڻهو فوت ٿي وڃن ۽ بيوهه زالون ڇڏي وڃن ته انهن بيوهه زالن کي گهرجي ته چار مهينا ۽ ڏهه ڏينهن (وفات جي عدت تائين) پاڻ کي (ٻئي نڪاح کان) روڪي رکن. پوءِ جڏهن اها عدت پوري ڪن تڏهن جيڪي جائز طريقي سان پنهنجي لاءِ ڪن (يعني ٻئي نڪاح جي تياري ڪن) ته ان لاءِ توهان تي ڪو ڏوهه ڪونهي. (يعني انهن کي نڪي ٻئي نڪاح کان منع ڪيو نڪي وڌيڪ سوڳ ڪرڻ تي مجبور ڪيو) ۽ جيڪي توهان ڪيو ٿا الله تعاليٰ ان جي خبر رکندڙ آهي.

❋❋❋❋

وَ لَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا عَرَّضْتُمْ بِهٖ مِنْ خِطْبَةِ النِّسَآءِ اَوْ اَكْنَنْتُمْ فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ ؕ عَلِمَ اللّٰهُ اَنَّكُمْ سَتَذْكُرُوْنَهُنَّ وَ لٰكِنْ لَّا تُوَاعِدُوْهُنَّ سِرًّا اِلَّآ اَنْ تَقُوْلُوْا قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ؕ۬ وَ لَا تَعْزِمُوْا عُقْدَةَ النِّكَاحِ حَتّٰى يَبْلُغَ الْكِتٰبُ اَجَلَهٗ ؕ وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ فَاحْذَرُوْهُ ۚ وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿۲۳۵﴾ (البقره: ۲۳۵)

(۲۳۵) ۽ جن بيوهه عورتن سان نڪاح ڪرڻ چاهيو تن کي جيڪڏهن اشاري طور پنهنجو ارادو ٻڌايو يا پنهنجي دل ۾ نڪاح جو ارادو لڪائي رکو ته ان ۾ اوهان جي لاءِ گناهه ڪونهي. الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو ته ان جو خيال توهان جي دل ۾ ايندو پر ائين نه ٿئي جو لڪي ڇپي انهن کي (نڪاح جو) وعدو ڏيئي ڇڏيو. مگر دستور موجب مناسب ڳالهه ٻولهه ڪري سگهجي ٿي ۽ جيستائين عدت جي مقرر مدت پوري نه ٿئي تيستائين نڪاح جي ڳنڍ ٻڌڻ جو پڪو ارادو نه ڪيو (ڇو ته عدت جي اندر نڪاح جي تياري به جائز ناهي) ۽ يقين ڪيو ته جو ڪجهه اوهان جي دلين ۾ آهي سو الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو. تنهن ڪري سندس خوف رکو ۽ ڄاڻو ته بيشڪ الله تعاليٰ بخشڻ وارو ۽ تحمل وارو آهي.

## حق مهر رخصتي کان اڳ ۾ ڏيڻ جو حڪم

لَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِنْ طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ مَا لَمْ تَمَسُّوْهُنَّ اَوْ تَفْرِضُوْا لَهُنَّ فَرِيْضَةً ۖۚ وَّ مَتِّعُوْهُنَّ ۚ عَلَى الْمُوْسِعِ قَدَرُهٗ وَ عَلَى الْمُقْتِرِ قَدَرُهٗ ۚ مَتَاعًا بِالْمَعْرُوْفِ ۚ



www.sindhsalamat.com

حَقًّا عَلَى الْمُحْسِنِينَ ﴿٢٣٦﴾ وَإِنْ طَلَّقْتُمُوهُنَّ مِنْ قَبْلِ أَنْ تَمَسُّوهُنَّ وَقَدْ فَرَضْتُمْ لَهُنَّ فَرِيضَةً فَنِصْفُ مَا فَرَضْتُمْ إِلَّا أَنْ يَعْفُونَ أَوْ يَعْفُوَ الَّذِي بِيَدِهِ عُقْدَةُ النِّكَاحِ ۚ وَأَنْ تَعْفُوا أَقْرَبُ لِلتَّقْوَىٰ ۚ وَلَا تَنْسَوُا الْفَضْلَ بَيْنَكُمْ ۚ إِنَّ اللَّهَ بِمَا تَعْمَلُونَ بَصِيرٌ ﴿٢٣٧﴾ (البقره: ٢٣٦،٢٣٧)

(٢٣٦) ۽ جيڪڏهن اهڙي حالت پيش اچي جو توهان عورت کي اجا هٿ بہ نہ لاتو هجي نڪي اجا مهر مقرر ڪيو هجي ۽ طلاق ڏيئي ڇڏيو تہ توهان تي ڪو گناهہ ڪونهي، پر ان حالت ۾ (جو ماٿي جون ڳالهيون پڪيون ڪري وري ٽوڙڻ سان عورت کي صدمو يا نقصان پهچي ٿو تنهنجي عيوض ۾ ضروري آهي تہ) عورت کي ڪجهہ ڏيو ايترو ڏيو جيترو حالتن موجب مناسب هجي شاهوڪار پنهنجي وسعت آهر ڏئي ۽ مسڪين پنهنجي وسعت آهر ڏئي، نيڪ عمل انسانن تي حق آهي تہ ائين ڪن.

(٢٣٧) پر جيڪڏهن عورت کي هٿ لڳائڻ کان اڳي طلاق ڏيو ۽ مهر مقرر ڪيو هجيو تہ انهيءَ حالت ۾ مقرر ڪيل مهر جو اڌ عورت کي ڏيڻ گهرجي، مگر ائين ٿي سگهي ٿو تہ عورتون پنهنجي خوشيءَ سان معاف ڪري ڇڏين يا مرد جنهن جي هٿ ۾ نڪاح جو رشتو آهي سو پاڻ اڌ رقم باز رکڻ جي بدران سڄو مهر زال کي ڏئي، توهان مرد جيڪڏهن ائين ڪندؤ (يعني اهڙي حالتن ۾ بہ سڄو مهر پري ڏيندؤ) تہ اها پرهيزگاري ۽ نيڪ عملي جي ڳالهہ آهي، پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان احسان ۽ ڀلائي ڪرڻ ڪڏهن نہ وساريو ۽ ياد رکو تہ جيڪي جيڪي عمل اوهان ڪيو ٿا سي بيشڪ الله تعاليٰ ڏسي ٿو.

## وچين نماز جي حفاظت

حَافِظُوا عَلَى الصَّلَوَاتِ وَالصَّلَاةِ الْوُسْطَىٰ وَقُومُوا لِلَّهِ قَانِتِينَ ﴿٢٣٨﴾ (البقره: ٢٣٨)

(٢٣٨) پنهنجي نمازن جي حفاظت ۾ ڪوشش ڪندا رهو خصوصاً اهڙي نماز جا (ظاهر ۽ باطن ۾) بهترين نماز هجي (ٽپهري يا عصر جي نماز کي بہ صلوة الوسطي وچئين نماز چئبو آهي) ۽ الله جي حضور ۾ اهڙيءَ طرح نماز ۾ بيهو جو ڳويا ادب ۽ نياز ۾ مستغرق ٿي ويا آهيو.





## صلات الخوف جو طريقو

فَإِنْ خِفْتُمْ فَرِجَالًا أَوْ رُكْبَانًا ۖ فَإِذَا أَمِنْتُمْ فَاذْكُرُوا اللَّهَ كَمَا عَلَّمَكُمْ مَا لَمْ تَكُونُوا تَعْلَمُونَ ﴿٢٣٩﴾ (البقره: ٢٣٩)

(٢٣٩) پر جيڪڏهن دشمن جو خوف خطرو هجي تہ پيادا هجو يا سوار هجو هلندي جيئن بہ ٿي سگهي تيئن نماز پڙهي وٺو. پوءِ جيڪڏهن امن امان جي حالت قائم ٿئي تہ اهڙيءَ ئي طرح نماز پڙهو. جهڙيءَ طرح توهان کي سيکاري ويئي آهي، جنهن جي اڳي اوهان کي خبر ڪانہ هئي.

****

وَإِذَا كُنْتَ فِيهِمْ فَأَقَمْتَ لَهُمُ الصَّلَاةَ فَلْتَقُمْ طَائِفَةٌ مِنْهُمْ مَعَكَ وَلْيَأْخُذُوا أَسْلِحَتَهُمْ فَإِذَا سَجَدُوا فَلْيَكُونُوا مِنْ وَرَائِكُمْ وَلْتَأْتِ طَائِفَةٌ أُخْرَىٰ لَمْ يُصَلُّوا فَلْيُصَلُّوا مَعَكَ وَلْيَأْخُذُوا حِذْرَهُمْ وَأَسْلِحَتَهُمْ ۗ وَدَّ الَّذِينَ كَفَرُوا لَوْ تَغْفُلُونَ عَنْ أَسْلِحَتِكُمْ وَأَمْتِعَتِكُمْ فَيَمِيلُونَ عَلَيْكُمْ مَيْلَةً وَاحِدَةً ۚ وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ إِنْ كَانَ بِكُمْ أَذًى مِنْ مَطَرٍ أَوْ كُنْتُمْ مَرْضَىٰ أَنْ تَضَعُوا أَسْلِحَتَكُمْ ۖ وَخُذُوا حِذْرَكُمْ ۗ إِنَّ اللَّهَ أَعَدَّ لِلْكَافِرِينَ عَذَابًا مُهِينًا ﴿١٠٢﴾ (النساء: ١٠٢)

(١٠٢) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن تون مسلمانن ۾ هجين (جنگ هلندڙ هجي) ۽ تون هنن جي لاءِ نماز قائم رکين تہ گهرجي تہ (فوج جو) هڪ حصو (مقتدي ٿي) تنهنجي پنيان توسان گڏ (نماز لاءِ) اٿي بيهي ۽ هٿيار بہ ڪٽي بيهي، پوءِ جڏهن (اهو حصو) سجدو ڪري رهي تہ پوئتي هٽي وڃي ۽ ٻيو حصو جو نماز ۾ شريڪ نہ هو سو توسان شريڪ ٿئي ۽ کين گهرجي تہ پوري خبرداري رکن ۽ هٿيار ڪٽي بيهن. (ياد رکو تہ) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ وررتي آهي سي چاهين ٿا تہ توهان پنهنجي هٿيارن ۽ جنگ جي سامان کان غفلت ڪيو تہ هو هڪدم اوهان جي مٿان ڪاهي پون ۽ جيڪڏهن توهان کي برسات جي ڪري ڪجهہ تڪليف ٿئي يا توهان بيمار هجو تہ پوءِ توهان تي گناهہ ڪونهي، جيڪڏهن هٿيار لاهي رکو. پر پنهنجي بچاءُ ڪرڻ کان غافل ٿيڻ نہ گهرجي (يقين رکو تہ) الله تعاليٰ



www.sindhsalamat.com

ڪافرن جي لاءِ خوار خراب ڪندڙ عذاب تيار رکيو آهي (هو اوهان تي فتح حاصل نه ڪندا).

## تجارت حلال آهي ۽ وياج حرام آهي

اَلَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ الرِّبٰوا لَا يَقُوْمُوْنَ اِلَّا كَمَا يَقُوْمُ الَّذِيْ يَتَخَبَّطُهُ الشَّيْطٰنُ مِنَ الْمَسِّ ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْٓا اِنَّمَا الْبَيْعُ مِثْلُ الرِّبٰوا ۘ وَاَحَلَّ اللّٰهُ الْبَيْعَ وَحَرَّمَ الرِّبٰوا ۭ (البقره: ٢٧٥)

(٢٧٥) جي ماڻهو (گهرج وارن جي مدد ڪرڻ بدران اتلندو انهن ڪان) وياج وٺي پيٽ پالن ٿا اهي (انهيءَ ظلم جو نتيجو ڏسندا) ۽ اتي بيهي به ڪين سگهندا پر جي بيهندا ته انهي ماڻهو وانگر جنهن ڪي شيطان جي ڇهڻ سان چريائي ٿي وئي هجي (يا مرگهيءَ جي بيماريءَ ۾ گرفتار هجي). هي انهيءَ ڪري ٿيندو جو هنن (وياج ڪي ناجائز نه سمجهيو ۽) چياءُون ته واپار به وياج وٺڻ وانگر آهي. پر الله تعاليٰ واپار ڪري نفعو ڪمائڻ ڪي حلال ٺهرايو آهي ۽ وياج ڪي حرام ڪيو.

****

يَمْحَقُ اللّٰهُ الرِّبٰوا وَيُرْبِي الصَّدَقٰتِ ۭ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ كَفَّارٍ اَثِيْمٍ (البقره: ٢٧٦)

(٢٧٦) الله تعاليٰ وياج مان ڪوٽ ۽ تباهي ڏئي ٿو ۽ خيرات لاءِ برڪت ۽ واڌارو ٿو ڏئي ۽ ياد رڪو ته الله تعاليٰ انهن ڪي ناپسند ٿو ڪري جي الله تعاليٰ جا بي شڪر ۽ نافرمان آهن.

****

وَمَآ اٰتَيْتُمْ مِّنْ رِّبًا لِّيَرْبُوَا۟ فِيْٓ اَمْوَالِ النَّاسِ فَلَا يَرْبُوْا عِنْدَ اللّٰهِ ۚ وَمَآ اٰتَيْتُمْ مِّنْ زَكٰوةٍ تُرِيْدُوْنَ وَجْهَ اللّٰهِ فَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُضْعِفُوْنَ (الروم: ٣٩)

(٣٩) ۽ توهان جيڪي ڏيو ٿا انهيءَ لاءِ ته ماڻهن جي مال ملڪيت مان، وياج سان (يا ٻين ناجائز طريقن سان) دولت هٿ ڪيون ۽ وڌايون سا الله وٽ هرگز ڪانه وڌندي (بلڪ الله تعاليٰ اوهان ڪي مصيبتن هيٺ آڻيندو





پر جيڪي توهان صدقن ۽ زڪوات طور خدا جي راضپي جي طلب ۾ ائين ڪيو ٿا (سا دولت بيشڪ وڌندي ۽ پاڪ ٿيندي) اهڙن ئي ماڻهن ڪي (الله وٽان) وڌندڙ انعام ۽ نعمتون ملنديون.

## ايمان وارا نيڪوڪار ماڻهو بي خوف زندگي ماڻيندا

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ لَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ (البقره: ٢٧٧)

(٢٧٧) جي ماڻهو الله تي سچو ايمان رڪن ٿا ۽ سندن عمل به چڱا آهن پڻ نماز قائم ڪن ٿا ۽ زڪوت ڪين ٿا تن ڪي يقيناً سندن پروردگار وٽان اجر ملندو نڪي هنن ڪي ڪنهن به قسم جو خوف خطرو رهندو نڪي ڪا غمگيني.

## قرضدار ڪي مهلت ڏيڻ ۽ قرض جي لڪت ڪرڻ

وَاِنْ كَانَ ذُوْ عُسْرَةٍ فَنَظِرَةٌ اِلٰى مَيْسَرَةٍ ۭ وَاَنْ تَصَدَّقُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ۝ وَاتَّقُوْا يَوْمًا تُرْجَعُوْنَ فِيْهِ اِلَى اللّٰهِ ۼ ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ (البقره: ٢٨٠ ڪان ٢٨١)

(٢٨٠) ۽ جيڪڏهن قرضي تنگ حالت ۾ آهي (۽ هڪدم قرض ڏيئي نٿو سگهي) ته هن ڪي آساني جي حالت ٿيڻ تائين مهلت ڏيڻ گهرجي پر جيڪڏهن سمجهه رڪو ٿا ته يقين رڪو ته توهان لاءِ بهتري هن ۾ آهي ته اهڙي مسڪين ڪي قرض (مور به) صدقي طور بلڪل معاف ڪري ڇڏيو.

(٢٨١) ۽ انهيءَ ڏينهن جي حساب ڪان ڊڄو جنهن ڏينهن الله تعاليٰ جي حضور ۾ موٽي ويندؤ. پوءِ ڇا ٿيندو جو هر نفس (پنهنجي عملن سان) جيڪي ڪمايو هوندو ان جو پورو پورو بدلو هن ڪي ملندو ڪنهن سان به بي انصافي نه ٿيندي.

****



www.sindhsalamat.com

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِذَا تَدَايَنۡتُمۡ بِدَيۡنٍ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى فَاكۡتُبُوۡهُ ‌ؕ وَلۡيَكۡتُبْ
بَّيۡنَكُمۡ كَاتِبٌ ۢ بِالۡعَدۡلِ‌ ۖ وَلَا يَاۡبَ كَاتِبٌ اَنۡ يَّكۡتُبَ كَمَا عَلَّمَهُ اللّٰهُ فَلۡيَكۡتُبۡ ‌ۚ وَ
لۡيُمۡلِلِ الَّذِىۡ عَلَيۡهِ الۡحَـقُّ وَلۡيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ وَلَا يَبۡخَسۡ مِنۡهُ شَيۡـــًٔا ‌ؕ فَاِنۡ كَانَ
الَّذِىۡ عَلَيۡهِ الۡحَـقُّ سَفِيۡهًا اَوۡ ضَعِيۡفًا اَوۡ لَا يَسۡتَطِيۡعُ اَنۡ يُّمِلَّ هُوَ فَلۡيُمۡلِلۡ وَلِيُّهٗ
بِالۡعَدۡلِ‌ ؕ وَاسۡتَشۡهِدُوۡا شَهِيۡدَيۡنِ مِنۡ رِّجَالِكُمۡ‌ ۚ فَاِنۡ لَّمۡ يَكُوۡنَا رَجُلَيۡنِ فَرَجُلٌ وَّ
امۡرَاَتٰنِ مِمَّنۡ تَرۡضَوۡنَ مِنَ الشُّهَدَآءِ اَنۡ تَضِلَّ اِحۡدٰٮهُمَا فَتُذَكِّرَ اِحۡدٰٮهُمَا
الۡاُخۡرٰى‌ ؕ وَلَا يَاۡبَ الشُّهَدَآءُ اِذَا مَا دُعُوۡا ‌ؕ وَلَا تَسۡـــَٔمُوۡۤا اَنۡ تَكۡتُبُوۡهُ صَغِيۡرًا اَوۡ كَبِيۡرًا
اِلٰٓى اَجَلِهٖ‌ ؕ ذٰلِكُمۡ اَقۡسَطُ عِنۡدَ اللّٰهِ وَاَقۡوَمُ لِلشَّهَادَةِ وَاَدۡنٰٓى اَلَّا تَرۡتَابُوۡۤا اِلَّاۤ اَنۡ تَكُوۡنَ
تِجَارَةً حَاضِرَةً تُدِيۡرُوۡنَهَا بَيۡنَكُمۡ فَلَيۡسَ عَلَيۡكُمۡ جُنَاحٌ اَلَّا تَكۡتُبُوۡهَا ‌ؕ وَاَشۡهِدُوۡۤا
اِذَا تَبَايَعۡتُمۡ‌ ۖ وَلَا يُضَآرَّ كَاتِبٌ وَّلَا شَهِيۡدٌ ؕ وَاِنۡ تَفۡعَلُوۡا فَاِنَّهٗ فُسُوۡقٌ ۢ بِكُمۡ‌ ؕ وَاتَّقُوا
اللّٰهَ‌ ؕ وَيُعَلِّمُكُمُ اللّٰهُ‌ ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَىۡءٍ عَلِيۡمٌ ﴿۲۸۲﴾ (البقره: ٢٨٢)

(٢٨٢) اي مؤمنو! جڏهن ڪنهن خاص مدي لاءِ اوڌر (پيسا يا ٻيو ڪجهه) ڏيو يا وٺو تہ پوءِ ان کي لکپڙهہ هيٺ آڻيو ۽ هڪڙو لکڻ وارو اوهان جي وچ ۾ هجي جو عدل ۽ ايمانداريءَ سان دستاويز لکي. لکي ڄاڻندڙ کي گهرجي تہ لکڻ کان انڪار نہ ڪري، جو تہ الله تعاليٰ ئي هن کي لکڻ سيکاريو آهي، تنهن ڪري ضرور لکي. هيئن ڪجي جو جنهن کي رقم يا شيءِ (مقرر مدي تي) ڏيڻي آهي سو چوندو وڃي (تہ ڪاتب لکندو وڃي) ۽ چوڻ وقت پنهنجي پروردگار جو خوف دل ۾ رکي ۽ جو ڪجهہ هن کي ڏيڻو آهي تنهن کان ذرو بہ گهٽ نہ لکائي. پر جيڪڏهن ذميوار بي سمجهہ هجي يا ضعيف هجي ۽ لکائڻ جي قابليت نہ هجيس تہ پوءِ ان جي پاران سندس خير خواهہ دوست يا سنڀاليندڙ عدل ۽ ايمانداريءَ سان چوندو لکائيندو وڃي ۽ (جيڪو دستاويز لکيو وڃي) تنهن تي پنهنجي ماڻهن مان ٻن مردن کي شاهد ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن ٻہ مرد نہ هجن تہ هڪ مرد ۽ ٻہ عورتون جيڪي پسند هجن سي شاهد ڪري ڇڏيو. انهيءَ لاءِ تہ جيڪڏهن هڪ عورت کان ڳالهہ وسري وڃي تہ ٻي هن کي يادگيري ڏياري ۽ جڏهن شاهدن کي سڏيو وڃي تڏهن هلي وڃڻ ۽ شاهدي ڏيڻ کان نہ نٽائين ۽ معاملو





ننڍڙو هجي توڙي وڏو هجي پر ميعاد پيل هجي تہ دستاويز لکڻ ۾ شرم يا ڍرائي نہ ڪيو. هن ڳالهہ ۾ الله تعاليٰ جي نظر ۾ توهان جي لاءِ انصاف جي زياده مضبوطي آهي، شاهديءَ لاءِ وڌيڪ پڪائي آهي ۽ وڌيڪ امڪان آهي تہ شڪ شبهي ۾ ڪونہ پوندو پر جيڪڏهن سودو ڪرڻ وقت هٿئون هٿ ڏيئي وٺي ڪم لاهي ڇڏيو ٿا (اوڌر ڪانہ رهي) تہ پوءِ اوهان تي ڏوهہ ناهي، جيڪڏهن اهو سودو لکپڙهہ هيٺ نہ آڻيو پر تڏهن بہ (وڏن تجارتي معاملن ۾) سودي ڪندي شاهد ڪري ڇڏيو (تہ پوءِ ڪو جهڳڙو نہ ٿئي. مثلاً ڳئون يا ٻڪري خريد ڪيو ۽ پوءِ ڪو چوي تہ توهان چورائي آيا آهيو تہ ڪيڏو نہ خلل تي پوي) (هي ڳالهہ بہ ضروري آهي تہ) لکندڙ ۽ شاهد کي ڪوبہ نقصان نہ پهچي (يعني غرض وارو هنن تي دٻاءُ نہ وجهي تہ شاهدي گهٽ وڌ ڏي، پر ممڪن آهي تہ هي معنيٰ بہ آهي تہ لکندڙ يا شاهد کي جيڪڏهن لکڻ يا شاهدي ڏيڻ ۾ مالي نقصان ٿيندو هجي تہ انهن کي عيوضو ڏيڻ گهرجي) جيڪڏهن توهان هنن کي نقصان هيٺ آڻيندو تہ توهان جي لاءِ گناهہ جو ڪم آهي ۽ توهان کي گهرجي تہ هر حال ۾ خدا جو خوف رکندا رهو. هو اوهان کي (ضروري ڳالهيون) سيکاري ٿو ۽ هو هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي.

## لکت جو انڪار نہ ڪرڻ

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِذَا تَدَايَنۡتُمۡ بِدَيۡنٍ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى فَاكۡتُبُوۡهُ ‌ؕ وَلۡيَكۡتُبْ
بَّيۡنَكُمۡ كَاتِبٌ ۢ بِالۡعَدۡلِ‌ ۖ وَلَا يَاۡبَ كَاتِبٌ اَنۡ يَّكۡتُبَ كَمَا عَلَّمَهُ اللّٰهُ فَلۡيَكۡتُبۡ ‌ۚ

(البقره: ٢٨٢)

(٢٨٢) اي مؤمنو! جڏهن ڪنهن خاص مدي لاءِ اوڌر (پيسا يا ٻيو ڪجهه) ڏيو يا وٺو تہ پوءِ ان کي لکپڙهہ هيٺ آڻيو ۽ هڪڙو لکڻ وارو اوهان جي وچ ۾ هجي جو عدل ۽ ايمانداريءَ سان دستاويز لکي. لکي ڄاڻندڙ کي گهرجي تہ لکڻ کان انڪار نہ ڪري، جو تہ الله تعاليٰ ئي هن کي لکڻ سيکاريو آهي، تنهن ڪري ضرور لکي.



www.sindhsalamat.com

## شاهدي ڏيڻ کان انڪار نہ ڪرڻ

وَلَا يَاْبَ الشُّهَدَآءُ اِذَا مَا دُعُوْا ؕ (البقره: ٢٨٢)

(٢٨٢) ۽ جڏهن شاهدي لاءِ گهرايا وڃن تہ اهي انڪار نہ ڪن.

## شاهدي نہ لڪائڻ

وَلَا تَكْتُمُوا الشَّهَادَةَ ؕ وَمَنْ يَّكْتُمْهَا فَاِنَّهٗۤ اٰثِمٌ قَلْبُهٗ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿٢٨٣﴾

(البقره: ٢٨٣)

۽ خبردار! شاهدي ڪڏهن بہ نہ لڪايو (ڪهڙو بہ خوف خطرو هجي، ڪهڙي بہ لالچ ملي تہ بہ سچي شاهدي ڏيو) جيڪو شاهدي لڪائيندو سو پنهنجي دل ۾ گنهگار ٿيندو (سندس دل ڪاري ٿيندي) ۽ ياد رکو تہ جيڪي جيڪي عمل توهان ڪيو ٿا تن کان الله تعاليٰ بي خبر ناهي (هو ضرور باز پرس ڪندو).

## سفر ۾ گروي رکڻ جي اجازت

وَاِنْ كُنْتُمْ عَلٰى سَفَرٍ وَّلَمْ تَجِدُوْا كَاتِبًا فَرِهٰنٌ مَّقْبُوْضَةٌ ؕ فَاِنْ اَمِنَ بَعْضُكُمْ بَعْضًا فَلْيُؤَدِّ الَّذِى اؤْتُمِنَ اَمَانَتَهٗ وَلْيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ ؕ وَلَا تَكْتُمُوا الشَّهَادَةَ ؕ وَمَنْ يَّكْتُمْهَا فَاِنَّهٗۤ اٰثِمٌ قَلْبُهٗ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿٢٨٣﴾ (البقره: ٢٨٣)

(٢٨٣) ۽ جيڪڏهن توهان سفر ۾ هجو ۽ (دستاويز لکڻ لاءِ) ڪاتب نہ لڀي تہ پوءِ ڪا شيءِ گروي طور قبضي ۾ ڏني وڃي، پر جيڪڏهن توهان مان هڪڙو ماڻهو ٻئي تي اعتبار رکي تہ پوءِ جنهن تي اعتبار رکيو ويو هجي سو (وقت اچڻ تي) امانت واپس ڪري ۽ پنهنجي پروردگار الله جو خوف رکي (ضرور امانت واپس ڏئي) ۽ خبردار! شاهدي ڪڏهن بہ نہ لڪايو (ڪهڙو بہ خوف خطرو هجي، ڪهڙي بہ لالچ ملي تہ بہ سچي شاهدي ڏيو) جيڪو شاهدي لڪائيندو سو پنهنجي دل ۾ گنهگار ٿيندو (سندس دل ڪاري ٿيندي) ۽ ياد رکو تہ جيڪي جيڪي عمل توهان ڪيو ٿا تن کان الله تعاليٰ بي خبر ناهي (هو ضرور باز پرس ڪندو).





## الله ۽ رسول جي حڪم ڪي مڃو

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِىْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٣١﴾ قُلْ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ ۚ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٣٢﴾ (آل عمران: ٣١،٣٢)

(٣١) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چئو تہ جيڪڏهن توهان سچ پچ الله سان محبت رکو ٿا تہ پوءِ منهنجي پيروي ڪيو. (يعني جيڪي الله جا حڪم توهان کي ٻڌايان ٿو تن جي تعميل ڪيو جيڪڏهن ائين ڪندؤ) تہ الله بہ اوهان سان محبت ڪندو ۽ اوهان جون خطائون معاف ڪندو. الله تعاليٰ وڏو بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي. (٣٢) (اي پيغمبر!) تون چئو تہ الله ۽ سندس رسول جي فرمابرداري ڪيو پوءِ جيڪڏهن هو پنهنجي ڏين ۽ منهن موڙين (يعني فرمانبرداري نہ ڪن) تہ پوءِ الله تعاليٰ بہ ڪفر ڪرڻ وارن کي پسند نٿو ڪري.

❋❋❋❋

وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿١٣٢﴾ (آل عمران: ١٣٢)

(١٣٢) ۽ الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪيو. انهيءَ لاءِ تہ الله جي رحمت جي لائق ٿيو.

❋❋❋❋

وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ ۚ فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاِنَّمَا عَلٰى رَسُوْلِنَا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿١٢﴾ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿١٣﴾ (التغابن: ١٢،١٣)

(١٢) ۽ الله جو حڪم مڃيو ۽ رسول جو حڪم مڃيو پوءِ جيڪڏهن منهن موڙيندؤ تہ (ان ۾ اوهان جو پنهنجو ئي نقصان آهي) اسان جي رسول تي تہ رڳو پڌرو پيغام پهچائڻ جو ڪم آهي. (١٣) الله کان سواءِ ڪو بہ عبادت ۽ فرمانبرداريءَ جي لائق نہ آهي ۽ الله (جي قانونن جي محڪميت ۽ نوس هئڻ) تي ئي ايمان وارن کي ڀروسو ڪرڻ گهرجي.

❋❋❋❋



www.sindhsalamat.com

وَاَطِيۡعُوا اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ وَلَا تَنَازَعُوۡا فَتَفۡشَلُوۡا وَتَذۡهَبَ رِيۡحُكُمۡ وَاصۡبِرُوۡا ؕ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيۡنَ ۚ﴿۴۶﴾ (الانفال: ٤٦)

(٤٦) ۽ الله ۽ سندس رسول جو چوڻ مڃيو ۽ پاڻ ۾ جهڳڙا نہ ڪيو (بي اتفاقي نہ ڪيو هڪ ٻي وچو) ائين ڪندؤ (يعني پاڻ ۾ جهڳڙا ڪندؤ ۽ پاڻ ۾ ٻڌي نہ ڪندؤ) تہ توهان جون دليون هارجي وينديون ۽ اوهان جي طاقت هلي ويندي ۽ (مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾) صبر ۽ ثابت قدمي اختيار ڪيو (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ انهن جو ساٿي آهي جي صبر ڪندڙ ۽ ثابت قدم رهندڙ آهن.

## ملت ابراهيم جي پيروي

قُلۡ صَدَقَ اللّٰهُ ۟ فَاتَّبِعُوۡا مِلَّةَ اِبۡرٰهِيۡمَ حَنِيۡفًا ؕ وَمَا كَانَ مِنَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ ﴿۹۵﴾

(آل عمران: ٩٥)

(٩٥) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چئو تہ الله تعاليٰ حق جي ڳالھ ٻڌائي آهي. (توهان بني اسرائيلن کي جيڪڏهن سچائي قبول ڪرڻي آهي تہ) توهان حضرت ابراهيم جي طريقي جي پيروي ڪيو (جنهن جي مان دعوت ڏئي رهيو آهيان). اهو طريقو آهي غير کي ڇڏي فقط الله جو ٿي رهڻ، ۽ يقيناً حضرت ابراهيم مشرڪن منجهان نہ هو.

## حج جي فرضيت

اِنَّ اَوَّلَ بَيۡتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِىۡ بِبَكَّةَ مُبٰرَكًا وَّهُدًى لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ۚ﴿۹۶﴾ فِيۡهِ اٰيٰتٌ ۢ بَيِّنٰتٌ مَّقَامُ اِبۡرٰهِيۡمَ ۚ وَمَنۡ دَخَلَهٗ كَانَ اٰمِنًا ؕ وَلِلّٰهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الۡبَيۡتِ مَنِ اسۡتَطَاعَ اِلَيۡهِ سَبِيۡلًا ؕ وَمَنۡ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِىٌّ عَنِ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۹۷﴾ (آل عمران: ٩٦، ٩٧)

(٩٦) يقيناً پهريون پهريون گهر (عبادت گاهہ) جو انسانن جي لاءِ ناهيو ويو. اهو اهوئي آهي جو مڪي معظم ۾ آهي، جو گهڻي برڪت وارو ۽ سڀني انسانن جي لاءِ هدايت جو مرڪز آهي. (٩٧) ان ۾ حق جون چٽيون نشانيون موجود آهن، (جن ان مان هڪ آهي اها) جاءِ جتي حضرت





ابراهيم بيهي نماز پڙهي هئي. (مقام ابراهيم اڄ تائين موجود ۽ مشهور آهي. ٻي نشاني هيءَ آهي تہ) جيڪو بہ ان جي حدن ۾ داخل ٿيو سو امن امان ۾ رهيو ۽ (هي بہ نشاني آهي تہ) الله جي طرف کان ماڻهن لاءِ هي ڳالھ بہ ضروري مقرر ڪئي ويئي تہ جيڪو بہ ان تائين پهچڻ جي طاقت سنڀاري سو ان گهر جو حج ڪري، پوءِ جيڪو بہ (هن حقيقت مڃڻ کان) انڪار ڪندو (سو پاڻ کي ئي گمراھ ڪري خساري هيٺ آڻيندو) بيشڪ الله تعاليٰ سڄي دنيا کان بي نياز ۽ بي پرواھ آهي. (ڪنهن جي بہ عبادت وغيره جو محتاج ناهي).

## الله کان ڊڄو

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ وَلَا تَمُوۡتُنَّ اِلَّا وَاَنۡتُمۡ مُّسۡلِمُوۡنَ ﴿۱۰۲﴾

(آل عمران: ١٠٢)

(١٠٢) مؤمنؤ! الله کان ڊڄو اهڙو ڊڄو جهڙو سچ پچ ڊڄڻ جي ۽ دنيا مان رحلت ڪري وڃو تنهن کان اڳي پڪا مسلمان ۽ خدا جي فرمانبرداريءَ تي ثابت قدم ٿي وڃو.

****

فَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۱۲۳﴾ (آل عمران: ١٢٣)

تنهن ڪري توهان خدا کان ڊڄو (۽ سندس نافرماني کان بچو) تہ توهان سندس نعمتن جو قدر ڪيو.

## الله جي رسيءَ کي مضبوط پڪڙيو

وَاعۡتَصِمُوۡا بِحَبۡلِ اللّٰهِ جَمِيۡعًا وَّلَا تَفَرَّقُوۡا ۪ وَاذۡكُرُوۡا نِعۡمَتَ اللّٰهِ عَلَيۡكُمۡ اِذۡ كُنۡتُمۡ اَعۡدَآءً فَاَلَّفَ بَيۡنَ قُلُوۡبِكُمۡ فَاَصۡبَحۡتُمۡ بِنِعۡمَتِهٖۤ اِخۡوَانًا ۚ وَكُنۡتُمۡ عَلٰى شَفَا حُفۡرَةٍ مِّنَ النَّارِ فَاَنۡقَذَكُمۡ مِّنۡهَا ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمۡ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمۡ تَهۡتَدُوۡنَ ﴿۱۰۳﴾

(آل عمران: ١٠٣)

(١٠٣) ۽ (اي مؤمنؤ!) سڀ ملي هڪ ٿي الله جي رسيءَ کي مضبوط جهليو ۽



www.sindhsalamat.com

جدا جدا نہ ٿيو ۽ الله تعاليٰ جي اوهان تي اها نعمت ياد رکو جو ڪڏهن تہ پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا دشمن هئو پر (هاڻي) الله تعاليٰ اوهان جون دليون محبت ۾ ڳنڍي ڇڏيون آهن ۽ سندس فضل ۽ ڪرم سان هڪ ٻئي جا ڀائر ٿي ويا آهيو. توهان جي حالت تہ هي هئي جو توهان باهہ سان ڀريل اونهيءَ کڏ جي ڪناري تي بيٺا هئو (ذرو بہ پير ترڪيو تہ ڏو باهہ ۾). پر الله تعاليٰ توهان کي ان کان بچائي ورتو. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ پنهنجون آيتون (حڪم ۽ نشانيون) چٽيون ڪري ٻڌائي ٿو انهيءَ لاءِ تہ من توهان (سعادت جي) راهہ وٺو.

## باهہ کان بچو

وَ اتَّقُوا النَّارَ الَّتِيْٓ اُعِدَّتْ لِلْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۳۱﴾ (آل عمران: ۱۳۱)

(۱۳۱) ۽ انهيءَ باهہ جي عذاب کان ڊڄو (۽ ان کان بچڻ لاءِ احتياط رکو) جا باهہ ڪافرن جي لاءِ تيار رکي ويئي آهي.

## جنت جي طرف ڊوڙيو

وَ سَارِعُوْٓا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ جَنَّةٍ عَرْضُهَا السَّمٰوٰتُ وَ الْاَرْضُ ۙ اُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۳۳﴾ (آل عمران: ۱۳۳)

(۱۳۳) پنهنجي پروردگار جي مغفرت (بخشائش) ڏانهن تڪڙا ڊوڙو ۽ پڻ انهيءَ جنت ڏانهن ڊوڙو جنهن جي ڪيڙ ايڏي آهي جيڏي آسمانن ۽ زمينن جي (يعني سڄي ڪائنات جي) ۽ جا جنت متقي انسانن لاءِ تيار رکي آهي.

## جهاد ۽ نيڪوڪار زندگي جو موت

وَ لَئِنْ قُتِلْتُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَوْ مُتُّمْ لَمَغْفِرَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَ رَحْمَةٌ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ﴿۱۵۷﴾ (آل عمران: ۱۵۷)

(۱۵۷) ۽ جيڪڏهن توهان الله جي راهہ ۾ مارجي ويو يا پنهنجي موت مري ويو تہ پوءِ الله تعاليٰ وٽان جيڪا رحمت ۽ بخشش اوهان کي ملندي سا





انهن سڀني شين کان گهڻو بهتر آهي جي ماڻهو ميڙي گڏ ڪري رهيا آهن.

****

فَاسْتَجَابَ لَهُمْ رَبُّهُمْ اَنِّيْ لَآ اُضِيْعُ عَمَلَ عَامِلٍ مِّنْكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى ۚ بَعْضُكُمْ مِّنْۢ بَعْضٍ ۚ فَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا وَ اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَ اُوْذُوْا فِيْ سَبِيْلِيْ وَ قٰتَلُوْا وَ قُتِلُوْا لَاُكَفِّرَنَّ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَ لَاُدْخِلَنَّهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۚ ثَوَابًا مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ عِنْدَهٗ حُسْنُ الثَّوَابِ ﴿۱۹۵﴾ (آل عمران: ۱۹۵)

(۱۹۵) پوءِ هنن جي پروردگار هنن جون دعائون قبول ڪيون ۽ فرمايائين تہ بيشڪ آءٌ ڪنهن بہ عمل ڪندڙ جو عمل ضايع نٿو ڪيان، مرد هجي توڙي عورت. توهان سڀ هڪ ٻئي جي جنس آهيو (عملن جي نتيجن جو قانون سڀني لاءِ هڪ جهڙو آهي) پوءِ جن (خدا جي راهہ ۾) هجرت ڪئي، پنهنجي گهرن مان تڙي ڪڍيا ويا، منهنجي راهہ وٺڻ جي ڪري ايذايا ويا ۽ حق جي راهہ ۾ لڙايون ڪيائون ۽ قتل ٿيا تن جون خطائون هنن مان يقيناً ميساري ڇڏيندس ۽ کين (ابدي نعمتن جي) باغن ۾ داخل ڪندس جن جي هيٺان نهرون وهندڙ هونديون. هي الله جي طرف کان (هنن جي نيڪ عملن جو) اجر ۽ انعام هوندو ۽ الله ئي آهي جو بهترين اجر ۽ انعام ڏئي ٿو.

## الله ۽ ان جي رسولن تي ايمان آڻيو

فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رُسُلِهٖ ۚ وَ اِنْ تُؤْمِنُوْا وَ تَتَّقُوْا فَلَكُمْ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۷۹﴾ (آل عمران: ۱۷۹)

پوءِ (اي منافقو! توهان جي سڌاري لاءِ هي آخري مهلت آهي) الله تي ۽ سندس رسول تي سچو ايمان رکو. جيڪڏهن توهان (هاڻي بہ) ايمان آڻيندؤ ۽ گناهن ۽ بدعملن کان پري رهندؤ تہ توهان جي لاءِ وڏو اجر آهي.

## صبر ڪيو ۽ ثابت قدم رهو

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اصْبِرُوْا وَ صَابِرُوْا وَ رَابِطُوْا ۟ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۲۰۰﴾

(آل عمران: ۲۰۰)



www.sindhsalamat.com

(٢٠٠) اي ايمان وارؤ! (جيڪڏهن ڪاميابي چاهو ٿا ته هنن سيني ڳالهين جو جوهر هي آهي ته) صبر ڪيو هڪ ٻئي کي صبر ڪرڻ جي ترغيب ڏيو هڪ ٻئي سان ڳنڍيجي هڪ ٿي وڃوءِ (هر حال ۾) خدا کان ڊڄندا رهو ته (پنهنجي مقصد ۾) ڪامياب ٿيو.

****

وَمَآ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّآ اِنَّهُمْ لَيَاْكُلُوْنَ الطَّعَامَ وَيَمْشُوْنَ فِي الْاَسْوَاقِ ۭ وَجَعَلْنَا بَعْضَكُمْ لِبَعْضٍ فِتْنَةً ۭ اَتَصْبِرُوْنَ ۚ وَكَانَ رَبُّكَ بَصِيْرًا ۝

(الفرقان: ٢٠)

(٢٠) ءِ اسان (اي پيغمبر!) توکان اڳي جيڪي به پيغمبر موڪليا هئا سي سڀ (تو وانگر) ماني کائيندا هئا ءِ رستن سان گهمندا ڦرندا هئا ءِ اسان توهان (انسانن) کي هڪ ٻئي جي لاءِ آزمائش بڻايو آهي (انهيءَ لاءِ ته ڏسون) ته توهان صبر ءِ ثابت قدمي اختيار ڪيو ٿا يا نه! ءِ (ياد رکو ته) اوهان جو پروردگار سڀ ڪجهه ڏسندڙ آهي.

## انسانيت جو احترامءِ متي مائٽي جو لحاظ

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ وَّخَلَقَ مِنْهَا زَوْجَهَا وَبَثَّ مِنْهُمَا رِجَالًا كَثِيْرًا وَّنِسَاۗءً ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْ تَسَاۗءَلُوْنَ بِهٖ وَالْاَرْحَامَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلَيْكُمْ رَقِيْبًا ۝ (النساء: ١)

(١)اي انسانو! پنهنجي پروردگار کان ڊڄو (سندس حڪمن ءِ قانونن جي تعميل ڪيو ورنه تباهه ٿيندؤ انهيءَ پروردگار کان ڊڄو) جنهن توهان کي هڪڙي نفس مان پيدا ڪيو ءِ ان مان ئي سندس جوڙو (يعني عورت) پيدا ڪئي. پوءِ انهن ٻنهي مان مردن ءِ عورتن جو وڏو تعداد دنيا ۾ پکيڙيو (هڪ نفس مان قبيلا، قومون، شهر ءِ ملڪ ٿي ويا ءِ مائٽي جو وڏو حلقو ٿيو) پوءِ الله کان ڊڄو جنهن جي نالي ۾ هڪ ٻئي کان (پيار ءِ ڳانڍاپي جي) طلب ڪيو ٿا ءِ پڻ مائٽيءَ جي معاملن ۾ (خصوصاً عورتن جي معاملن ۾) خبرداري رکجو. يقين ڄاڻو ته الله تعاليٰ اوهان تي ءِ (اوهان جي عملن تي





هر وقت) نظر رکيون ويٺو آهي.

## مناسب وقت تي يتيمن کي سندن مال واپس ڪرڻ

وَاٰتُوا الْيَتٰمٰٓى اَمْوَالَھُمْ وَلَا تَتَبَدَّلُوا الْخَبِيْثَ بِالطَّيِّبِ ۠ وَلَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَھُمْ اِلٰٓى اَمْوَالِكُمْ ۭ اِنَّهٗ كَانَ حُوْبًا كَبِيْرًا ۝ (النساء: ٢)

(٢) ءِ يتيمن جو مال (ايمانداريءَ سان) سندن حوالي ڪيو (جڏهن هو وڏا ٿين). ائين نه ڪيو جو هنن جي ڪنهن چڱي شيءِ جي بدران پنهنجي ڪا ردي شيءِ هنن کي ڏيو ءِ هنن جو مال پنهنجي مال سان ملائي کائي ڇڏيو. يقيناً ائين ڪرڻ (يتيمن جو مال هضم ڪرڻ) تمام وڏي گناهه جي ڳالهه آهي. (اڄ ڪلهه وڏا پائر يا چاچا ڳڏيل ملڪيت مان پاڻ لاءِ وڏا وڏا خرچ ڪن ٿا، حالانڪ صغيرن جي ملڪيت مان رڳو هڪ پئسو خيرات ڏيڻ به جائز ناهي.)

****

وَلَا تُؤْتُوا السُّفَهَاۗءَ اَمْوَالَكُمُ الَّتِىْ جَعَلَ اللّٰهُ لَكُمْ قِيٰمًا وَّارْزُقُوْھُمْ فِيْهَا وَاكْسُوْھُمْ وَقُوْلُوْا لَھُمْ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ۝ وَابْتَلُوا الْيَتٰمٰى حَتّٰٓي اِذَا بَلَغُوا النِّكَاحَ ۚ فَاِنْ اٰنَسْتُمْ مِّنْھُمْ رُشْدًا فَادْفَعُوْٓا اِلَيْھِمْ اَمْوَالَھُمْ ۚ وَلَا تَاْكُلُوْھَآ اِسْرَافًا وَّبِدَارًا اَنْ يَّكْبَرُوْا ۭ وَمَنْ كَانَ غَنِيًّا فَلْيَسْتَعْفِفْ ۚ وَمَنْ كَانَ فَقِيْرًا فَلْيَاْكُلْ بِالْمَعْرُوْفِ ۭ فَاِذَا دَفَعْتُمْ اِلَيْھِمْ اَمْوَالَھُمْ فَاَشْهِدُوْا عَلَيْھِمْ ۭ وَكَفٰى بِاللّٰهِ حَسِيْبًا ۝ (النساء: ٥ کان ٦)

(٥) اوهان جو مال متاع جنهن کي الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ گذران جو وسيلو بڻايو آهي سو بي سمجهه ماڻهن جي حوالي نه ڪري ڇڏيو (متان اجايو برباد ڪري ڇڏين) (يعني ننڍي عمر وارن نادان ڇوڪرن جي حوالي نه ڪيو) مگر هيئن ڪيو جو هنن جي مال مان هنن کي کارايو پيئاريو ءِ لٽو ڪپڙو ڏيو ءِ چڱيون ڳالهيون هنن کي سمجهايو (تعليم ءِ تربيت ڏيو). (٦) ءِ يتيمن جي سنڀال ڪندي انهن کي آزمائيندا رهو (ته هنن جي سمجهه ڪيتري قدر آهي) جيستائين ڪه هو نڪاح جي عمر کي پهچن، پوءِ جيڪڏهن انهن ۾



www.sindhsalamat.com

قابليت ۾ سڌارو ڏسو تہ انهن جو مال سندن حوالي ڪري ڇڏيو ۽ متان وڏا اجايا خرچ ڪري جلد جلد انهن جو مال کائي کپائي ڇڏيو انهيءَ خيال کان تہ وڏا ٿيندا ( تہ مال موٽائي وٺندا. اوهان سنڀاليندڙن مان) جيڪو غني يعني آسودو هجي تنهن کي گهرجي تہ (هنن جي مال مان پنهنجي لاءِ ڪجهہ بہ خرچ ڪرڻ کان) پرهيز ڪري، پر جيڪو مسڪين محتاج هجي سو ان مان ڪجهہ پاڻ لاءِ ڪم آڻي، پر انصاف سان مناسب حدن اندر. پوءِ جڏهن هنن جو مال سندن حوالي ڪيو تڏهن ان تي ماڻهن کي شاهد ڪيو ۽ ياد رکو تہ الله تعاليٰ چڱيءَ طرح پورو حساب وٺندڙ آهي.

## وڏيڪ شادين جي مشروط اجازت

وَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا تُقْسِطُوْا فِى الْيَتٰمٰى فَانْكِحُوْا مَا طَابَ لَكُمْ مِّنَ النِّسَآءِ مَثْنٰى وَ ثُلٰثَ وَ رُبٰعَ فَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا تَعْدِلُوْا فَوَاحِدَةً اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ذٰلِكَ اَدْنٰٓى اَلَّا تَعُوْلُوْا ﴿٣﴾ (النساء: ٣)

(٣) ۽ جيڪڏهن توهان کي انديشو هجي تہ يتيم ڇوڪرين سان (نڪاح ڪري) انهن سان انصاف نہ ڪري سگهندؤ (تہ انهن سان نڪاح نہ ڪيو بلڪ ٻين) عورتن مان جي پسند اچن تن سان نڪاح ڪيو ٻن يا ٽن يا چئن سان (بشرطيڪ انهن ۾ انصاف ڪري سگهو يعني سڀني کي سڀ حق هڪ جهڙائي ڏئي سگهو ۽ سڀني سان هڪ جهڙي هلت ڪري سگهو) جيڪڏهن توهان کي انديشو هجي تہ انصاف نہ ڪري سگهندؤ تہ پوءِ فقط هڪ سان نڪاح ڪيو يا انهن عورتن سان نڪاح ڪيو جي (لڙائيءَ ۾ قيد ٿي) اوهان جي هٿ ۾ آيون آهن. بي انصافيءَ کان بچڻ لاءِ اِئين ڪرڻ بهتر آهي (ان کان جو يتيم ڇوڪرين سان نڪاح ڪري انهن جي حقن متعلق الله وٽ ڏوهاري ٿيو).

## حق مهر ادا ڪرڻ

وَ اٰتُوا النِّسَآءَ صَدُقٰتِهِنَّ نِحْلَةً فَاِنْ طِبْنَ لَكُمْ عَنْ شَىْءٍ مِّنْهُ نَفْسًا فَكُلُوْهُ هَنِيْٓـًٔا مَّرِيْٓـًٔا ﴿٤﴾ (النساء: ٤)





(٤) عورتن کي مهر دل جي خوشيءَ سان ڏيئي ڇڏيو (اگرچہ اهي يتيم ۽ لاوارث هجن) پر جيڪڏهن هو پاڻ خوشيءَ سان ڪجهہ ڇڏي ڏين (نہ وٺن) تہ پوءِ ڀلي مزي سان ان کي پنهنجي ڪم آڻيو.

## والدين جو ڇڏيل مال

لِلرِّجَالِ نَصِيْبٌ مِّمَّا تَرَكَ الْوَالِدٰنِ وَ الْاَقْرَبُوْنَ وَ لِلنِّسَآءِ نَصِيْبٌ مِّمَّا تَرَكَ الْوَالِدٰنِ وَ الْاَقْرَبُوْنَ مِمَّا قَلَّ مِنْهُ اَوْ كَثُرَ نَصِيْبًا مَّفْرُوْضًا ﴿٧﴾ (النساء: ٧)

(٧) ماءُ پيءُ ۽ ويجهن مائٽن جي ڇڏيل ملڪيت ۾ ٿوري هجي توڙي گهڻي، ڇوڪرن جو حصو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ماءُ پيءُ ۽ ويجهن مائٽن جي ترڪي ۾ ڇوڪرين جو بہ حصو آهي ۽ اهو حصو (خدا جو) ٺهرايل حصو آهي.

## وراثت جي مال ۾ يتيمن مسڪينن جي مدد

وَ اِذَا حَضَرَ الْقِسْمَةَ اُولُوا الْقُرْبٰى وَ الْيَتٰمٰى وَ الْمَسٰكِيْنُ فَارْزُقُوْهُمْ مِّنْهُ وَ قُوْلُوْا لَهُمْ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ﴿٨﴾ (النساء: ٨)

(٨) ۽ جڏهن ترڪي جو مال ورهائڻ وقت ٻيا ڪي مائٽ (جن کي ورثي ۾ ڪجهہ بہ ملٽو ناهي) ۽ (خاندان جا) ۽ يتيم ۽ مسڪين حاضر هجن تہ انهن کي بہ (مال جي گهٽائي يا ٿورائي تي نظر رکي) ڪجهہ ٿورو گهڻو ڏيو ۽ (جيڪڏهن راضي نہ ٿين تہ) هنن کي چڱن وڻندڙ لفظن سان سمجهائي خوش ڪيو.

❋❋❋❋

وَلْيَخْشَ الَّذِيْنَ لَوْ تَرَكُوْا مِنْ خَلْفِهِمْ ذُرِّيَّةً ضِعٰفًا خَافُوْا عَلَيْهِمْ فَلْيَتَّقُوا اللّٰهَ وَ لْيَقُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ﴿٩﴾ (النساء: ٩)

(٩) ۽ ترڪو ورهائيندڙن کي ڊڄڻ گهرجي (تہ متان ڪنهن حقدار سان بي انصافي ٿئي) جيڪڏهن هو پاڻ ضعيف اولاد ڇڏي وڃن تہ ڪين انهن بنسبت ڪيڏو نہ انديشو رهي. (ساڳيءَ طرح ٻين جي اولاد لاءِ بہ خيال رکن) تنهن ڪري ڪين گهرجي تہ خدا کان ڊڄن ۽ اهڙا لفظ زبان مان ڪين



www.sindhsalamat.com

جي مناسبت ۾ وزندار هجن.

## يتيمن جو مال هڙپ ڪرڻ جو انجام

إِنَّ الَّذِينَ يَأْكُلُونَ أَمْوَالَ الْيَتَامَىٰ ظُلْمًا إِنَّمَا يَأْكُلُونَ فِي بُطُونِهِمْ نَارًا ۖ وَسَيَصْلَوْنَ سَعِيرًا ﴿١٠﴾ (النساء: ١٠)

(١٠) جيڪي ماڻهو بي انصافيءَ سان يتيمن جو مال هڙپ ڪري ٿا وڃن سي (ياد رکن) ته هو پنهنجي پيٽن ۾ باهه جا ٽانڊا وجهي رهيا آهن ۽ جلد ئي هو دوزخ جي سخت ڇيڀي ڪندڙ باهه ۾ اڇلايا ويندا.

## وراثت جا احڪام ۽ وارثن جا حصا

يُوصِيكُمُ اللَّهُ فِي أَوْلَادِكُمْ ۖ لِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ الْأُنثَيَيْنِ ۚ فَإِن كُنَّ نِسَاءً فَوْقَ اثْنَتَيْنِ فَلَهُنَّ ثُلُثَا مَا تَرَكَ ۖ وَإِن كَانَتْ وَاحِدَةً فَلَهَا النِّصْفُ ۚ وَلِأَبَوَيْهِ لِكُلِّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا السُّدُسُ مِمَّا تَرَكَ إِن كَانَ لَهُ وَلَدٌ ۚ فَإِن لَّمْ يَكُن لَّهُ وَلَدٌ وَوَرِثَهُ أَبَوَاهُ فَلِأُمِّهِ الثُّلُثُ ۚ فَإِن كَانَ لَهُ إِخْوَةٌ فَلِأُمِّهِ السُّدُسُ ۚ مِن بَعْدِ وَصِيَّةٍ يُوصِي بِهَا أَوْ دَيْنٍ ۗ آبَاؤُكُمْ وَأَبْنَاؤُكُمْ لَا تَدْرُونَ أَيُّهُمْ أَقْرَبُ لَكُمْ نَفْعًا ۚ فَرِيضَةً مِّنَ اللَّهِ ۗ إِنَّ اللَّهَ كَانَ عَلِيمًا حَكِيمًا ﴿١١﴾ (النساء: ١١)

(١١) توهان جي اولاد جي باري ۾ الله تعاليٰ اوهان کي حڪم ٿو ڏئي ته ڇوڪر لاءِ ٻن ڇوڪرين جي برابر حصو هجي (يعني ڇوڪر جو حصو ڇوڪريءَ جي حصي کان ٻيڻو هئڻ گهرجي) پر جيڪڏهن (ڇوڪر نه هجي) ٻه يا وڌيڪ ڇوڪريون هجن ته انهن جو حصو ٽيندو 2/3 يعني ٽن مان ٻه حصا ۽ فقط هڪ ڇوڪري هجي ته هن کي ترڪي جو اڌ ملندو. ۽ ميت جي ماءُ پيءُ مان هر هڪ کي ڇهون حصو ملندو. جيڪڏهن ميت اولاد ڇڏيو هجي. جيڪڏهن اولاد نه ڇڏيو هجيس ۽ وارث فقط ماءُ پيءُ هجن ته ماءُ کي ٽيون حصو ملندو (باقي پيءُ کي). جيڪڏهن (ماءُ پيءُ جي علاوه) ميت هڪ کان وڌيڪ ڀائر يا ڀينر ڇڏي وڃي ته ماءُ جو حصو ڇهون ٿيندو پر ياد رکڻ گهرجي ته ميت جيڪا وصيت ڪئي هجي يا جيڪو





قرض مٿس رهجي ويو هجي (۽ ڪفن دفن جو خرچ) انهن سڀني جي ڏيڻ بعد اهي حصا وارثن کي ورهائي ڏجن. توهان کي خبر ناهي ته توهان جا ماءُ پيءُ (ڏاڏو ڏاڏاي) نفع پهچائڻ جي لحاظ کان توهان کي وڌيڪ ويجها آهن يا توهان جو اولاد (۽ پوٽا پوٽيون) وڌيڪ ويجها آهن. (ڪنهن جو حق وڌيڪ آهي، ڪنهن جوگهٽ، الله جي حڪمت ئي ان جو فيصلو ڪري ٿي سگهي، تنهن ڪري) الله تعاليٰ حصا مقرر ڪيا آهن ۽ هو (پنهنجي بندن جي مصلحتن کي) ڄاڻڻ وارو ۽ (پنهنجي سڀني حڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي.

❁❁❁❁

وَلَكُمْ نِصْفُ مَا تَرَكَ أَزْوَاجُكُمْ إِن لَّمْ يَكُن لَّهُنَّ وَلَدٌ ۚ فَإِن كَانَ لَهُنَّ وَلَدٌ فَلَكُمُ الرُّبُعُ مِمَّا تَرَكْنَ ۚ مِن بَعْدِ وَصِيَّةٍ يُوصِينَ بِهَا أَوْ دَيْنٍ ۚ وَلَهُنَّ الرُّبُعُ مِمَّا تَرَكْتُمْ إِن لَّمْ يَكُن لَّكُمْ وَلَدٌ ۚ فَإِن كَانَ لَكُمْ وَلَدٌ فَلَهُنَّ الثُّمُنُ مِمَّا تَرَكْتُم ۚ مِّن بَعْدِ وَصِيَّةٍ تُوصُونَ بِهَا أَوْ دَيْنٍ ۗ وَإِن كَانَ رَجُلٌ يُورَثُ كَلَالَةً أَوِ امْرَأَةٌ وَلَهُ أَخٌ أَوْ أُخْتٌ فَلِكُلِّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا السُّدُسُ ۚ فَإِن كَانُوا أَكْثَرَ مِن ذَٰلِكَ فَهُمْ شُرَكَاءُ فِي الثُّلُثِ ۚ مِن بَعْدِ وَصِيَّةٍ يُوصَىٰ بِهَا أَوْ دَيْنٍ غَيْرَ مُضَارٍّ ۚ وَصِيَّةً مِّنَ اللَّهِ ۗ وَاللَّهُ عَلِيمٌ حَلِيمٌ ﴿١٢﴾ (النساء: ١٢)

(١٢) جيڪڏهن زال ترڪو ڇڏي وڃي ۽ اولاد نه هجيس ته مڙس کي ملندو اڌ. پر جيڪڏهن اولاد ڇڏي وڃي ته مڙس کي چوٿين پتي ملندي، پر اهو ورهاڱو وصيت جي تعميل ۽ قرض ادا ڪرڻ بعد باقي ملڪيت مان ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن مڙس ترڪو ڇڏي وڃي ۽ اولاد نه ڇڏي ته زال کي ملندي چوٿين پتي، پر جيڪڏهن اولاد هجيس ته اٺين پتي ملندس. اهو ورهاڱو (بلڪ سڀ ڪو ورهاڱو) وصيت جي تعميل ۽ قرض لاهڻ بعد ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن ڪو مرد يا عورت ترڪو ڇڏي وڃي ۽ ڪلالہ هجي (يعني نڪي پيءُ ماءُ، ڏاڏو ڏاڏاي، نانو ناني هجيس، نڪي اولاد يا اولاد جو اولاد هجيس) ۽ (مائيٽو) ڀاءُ يا ڀيڻ هجيس ته ڪيس ڇهون حصو ملندو پر جيڪڏهن (ڀائر ۽ ڀينر) هڪ کان وڌيڪ هجن ته اهي ٽيون



www.sindhsalamat.com

حصو پاڻ ۾ ورهائي ڪٽندا. (باقي ٻه حصا ڀين ڏي ويندا سڳا ڀائر ڀينر يا ساڳئي پيءُ جا اولاد موجود هوندا ته مائيتي ڀائرن ۽ ڀينرن کي ڪجهه نه ملندو) پر اهو ورهاڱو وصيت جي تعميل ۽ قرض ادا ڪرڻ بعد ڪرڻو آهي. بشرطيڪ حقدارن کي نامناسب طور نقصان نه پهچي. هي الله جي طرفان حڪم آهي ۽ الله تعاليٰ چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي (ته سندس ٻانهن جي چڱائي ڇا ۾ آهي) ۽ (انهن جي غلطين جي باري ۾) ڏاڍو بردبار آهي.

## ڪلالہ جي وراثت

يَسْتَفْتُوْنَكَ ؕ قُلِ اللّٰهُ يُفْتِيْكُمْ فِى الْكَلٰلَةِ ؕ اِنِ امْرُؤٌا هَلَكَ لَيْسَ لَهٗ وَلَدٌ وَّلَهٗۤ اُخْتٌ فَلَهَا نِصْفُ مَا تَرَكَ ۚ وَهُوَ يَرِثُهَاۤ اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّهَا وَلَدٌ ؕ فَاِنْ كَانَتَا اثْنَتَيْنِ فَلَهُمَا الثُّلُثٰنِ مِمَّا تَرَكَ ؕ وَاِنْ كَانُوْۤا اِخْوَةً رِّجَالًا وَّنِسَآءً فَلِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ الْاُنْثَيَيْنِ ؕ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اَنْ تَضِلُّوْا ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَىْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۱۷۶﴾ (النساء:١٧٦)

(١٧٦) (اي پيغمبر!) ماڻهو توکان ڪلالہ جي باري ۾ (يعني اهڙي ماڻهو جي ميراث جي باري ۾ جنهن کي نه پيءُ ماءُ هجي، نه اولاد) فتوي گهرن ٿا. ڪين چئو ته الله تعاليٰ توهان کي ڪلالہ جي باري ۾ (هيءُ) حڪم ڏئي ٿو. جيڪڏهن اهڙو (ڪلالہ) مرد مري وڃي جنهن کي اولاد نه هجي (نڪي پيءُ ڏاڏو) ۽ ڪيس هڪ ڀيڻ هجي ته جيڪي فوتي ڇڏي ويو آهي، تنهن جو اڌ ڀيڻ کي ملندو پر جيڪڏهن (ڪلالہ) عورت مري وڃي ۽ ڪيس اولاد نه هجي (نڪي پيءُ ڏاڏو) ته هن جي سڀ مال جو وارث سندس ڀاءُ ٿيندو ۽ جيڪڏهن ٻه ڀينر هجن (يا ٻن کان وڌيڪ) ته انهن (2/3 يعني) ٽن حصن مان ٻه حصا ترڪي مان ملندا ۽ جيڪڏهن ڀائر به هجن ۽ ڀينر به ته، پوءِ هرهڪ ڀاءُ کي هرهڪ ڀيڻ کان ٻيڻو ملندو. الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ حڪم چٽا ڪري ٿو ڇڏي، انهيءَ لاءِ ته گمراهه نه ٿيو ۽ الله تعاليٰ سڀني ڳالهين جو علم رکندڙ آهي.

## مؤمن ٻانهين سان نڪاح جي اجازت

وَمَنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ مِنْكُمْ طَوْلًا اَنْ يَّنْكِحَ الْمُحْصَنٰتِ الْمُؤْمِنٰتِ فَمِنْ مَّا مَلَكَتْ





اَيْمَانُكُمْ مِّنْ فَتَيٰتِكُمُ الْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِاِيْمَانِكُمْ ؕ بَعْضُكُمْ مِّنْۢ بَعْضٍ ۚ فَانْكِحُوْهُنَّ بِاِذْنِ اَهْلِهِنَّ وَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ مُحْصَنٰتٍ غَيْرَ مُسٰفِحٰتٍ وَّلَا مُتَّخِذٰتِ اَخْدَانٍ ۚ فَاِذَاۤ اُحْصِنَّ فَاِنْ اَتَيْنَ بِفَاحِشَةٍ فَعَلَيْهِنَّ نِصْفُ مَا عَلَى الْمُحْصَنٰتِ مِنَ الْعَذَابِ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ خَشِىَ الْعَنَتَ مِنْكُمْ ؕ وَاَنْ تَصْبِرُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۵﴾ (النساء:٢٥)

(٢٥) ۽ جيڪڏهن اوهان مان ڪنهن کي اها طاقت نه هجي جو آزاد مؤمن عورتن سان نڪاح ڪري سگهي ته پوءِ انهن عورتن سان نڪاح ڪري سگهي ٿو جيڪي (لڙائيءَ ۾ قيد ٿي) توهان جي قبضي ۾ آيون هجن ۽ مؤمن هجن. (غلام عورت سان نڪاح ڪرڻ ۾ ڪوبه عيب يا گهٽتائي ڪانهي. اصل ڳالهه آهي ايمان) سو الله تعاليٰ اوهان جي ايمان جي حقيقت بهتر ڄاڻندڙ آهي (ممڪن آهي ته هڪ مؤمن ٻانهي ايمان جي لحاظ کان بهتر درجو رکندڙ هجي، هڪ شريف زادي کان جا ايماني خصلتن کان محروم هجي) ۽ توهان سڀ هڪ ٻئي سان هڪ جنس آهيو. (ٻانها ۽ ٻانهيون به ٻين وانگر انسان آهن) پوءِ ڀلي اهڙين غلام عورتن کي انهن جي مالڪن جي اجازت سان پنهنجي نڪاح ۾ آڻيو ۽ دستور موجب انهن کي مهر ڏيو. هيءَ ڳالهه ضروري آهي ته اهي (ٻانهيون) نڪاح جي قيد اندر پاڪ دامن ٿي رهن. بدڪار نه ٿين نه ڪي لڪي ڇپي بدچالي ڪندڙ هجن. پوءِ جيڪڏهن نڪاح ۾ اچڻ بعد انهن مان ڪا فاحش ڪم ڪري ته هن لاءِ انهيءَ سزا جو اڌ آهي جا آزاد عورتن لاءِ مقرر آهي. هي حڪم انهن ماڻهن لاءِ آهي جن کي انديشو هجي ته (نڪاح نه ڪرڻ جي ڪري) نقصان يا گناهن ۾ پئجي ويندا. ۽ جيڪڏهن توهان صبر ڪيو (۽ بهتر حالتن لاءِ ترسو) ته توهان جي لاءِ بهتر آهي ۽ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي.

## مردن ۽ عورتن جي درجي بندي

اَلرِّجَالُ قَوّٰمُوْنَ عَلَى النِّسَآءِ بِمَا فَضَّلَ اللّٰهُ بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ وَّبِمَاۤ اَنْفَقُوْا مِنْ اَمْوَالِهِمْ ؕ فَالصّٰلِحٰتُ قٰنِتٰتٌ حٰفِظٰتٌ لِّلْغَيْبِ بِمَا حَفِظَ اللّٰهُ ؕ وَالّٰتِىْ



www.sindhsalamat.com

تَخَافُوْنَ نُشُوْزَهُنَّ فَعِظُوْهُنَّ وَ اهْجُرُوْهُنَّ فِي الْمَضَاجِعِ وَ اضْرِبُوْهُنَّ ۚ فَاِنْ اَطَعْنَكُمْ فَلَا تَبْغُوْا عَلَيْهِنَّ سَبِيْلًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيًّا كَبِيْرًا ﴿۳۴﴾ (النساء: ۳۴)

(۳۴) مرد عورتن (جي گذران ۽ حفاظت) لاءِ بندوبست ڪرڻ وارا آهن. هن ڪري جو الله تعاليٰ ڪن کي ڪن کان (ڪن ڳالهين ۾ مثلاً طاقت ۾) بهتر ڪيو آهي ۽ پڻ هن ڪري جو مرد پنهنجو مال (عورتن تي) خرچ ڪن ٿا. پوءِ جيڪي عورتون نيڪ آهن، سي (الله جون) فرمانبردار رهن ٿيون ۽ جيئن الله تعاليٰ ڪين حفاظت ۾ رکيو آهي، تيئن پاڻ بہ (ظاهر توڙي باطن ۾) غيب ۾ بہ (خدائي قانونن جي) حفاظت ڪنديون رهن ٿيون. ۽ جن زالن کان توهان کي بغاوت جو انديشو هجي تن کي (پهريائين نرمي ۽ محبت سان) سمجهايو پوءِ ڪين خواب گاهہ ۾ پاڻ کان الڳ رکو (پوءِ بہ نہ مڃن ۽ ڪين (ڪجهہ قدر) بدني سزا بہ ڏيو. پوءِ جيڪڏهن توهان جو چوڻ مڃن تہ (سختي بند ڪيو) ۽ ائين نہ ڪيو جو (مٿن الزام رکڻ لاءِ) واٽون ۽ حيلا بهانا ڳوليو. ياد رکو تہ الله تعاليٰ سڀني کان اعليٰ ۽ سڀني کان وڏو آهي.

## نيڪ عملي جي وات

وَ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَلَا تُشْرِكُوْا بِهٖ شَيْئًا وَّ بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا وَّ بِذِي الْقُرْبٰى وَ الْيَتٰمٰى وَ الْمَسٰكِيْنِ وَ الْجَارِ ذِي الْقُرْبٰى وَ الْجَارِ الْجُنُبِ وَ الصَّاحِبِ بِالْجَنْۢبِ وَ ابْنِ السَّبِيْلِ ۙ وَ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ مَنْ كَانَ مُخْتَالًا فَخُوْرَا ﴿۳۶﴾ ۙ

(النساء: ۳٦)

(۳٦) ۽ (خبردار!) الله جي ٻانهپ ڪريو ۽ ڪنهن بہ شيءِ کي ساڻس شريڪ نہ ڪيو ۽ اوهان کي گهرجي تہ ماءُ پيءُ سان، مائٽن سان، يتيمن ۽ مسڪينن سان، پاڙيسرين سان، اهي پاڙيسري مائٽ هجن توڙي ڌاريا هجن، (مسافريءَ ۾ يا هوندئن) ۽ پرسان ويٺل سنگتين سان، مسافرن سان ۽ انهن سان جي توهان جي قبضي يا زيردستيءَ ۾ آهن، انهن سڀني سان احسان (خير خواهي ۽ مددگاري) ڪندا رهو. الله تعاليٰ انهن ماڻهن کي پسند نٿو ڪري جيڪي آڪڙيل ۽ ٻٽاڪي آهن.





## ضرورت جي وقت تيمم ڪرڻ

وَاِنْ كُنْتُمْ مَّرْضٰى اَوْ عَلٰى سَفَرٍ اَوْ جَآءَ اَحَدٌ مِّنْكُمْ مِّنَ الْغَآئِطِ اَوْ لٰمَسْتُمُ النِّسَآءَ فَلَمْ تَجِدُوْا مَآءً فَتَيَمَّمُوْا صَعِيْدًا طَيِّبًا فَامْسَحُوْا بِوُجُوْهِكُمْ وَ اَيْدِيْكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَفُوًّا غَفُوْرًا ﴿۴۳﴾ (النساء: ۴۳)

۽ جيڪڏهن توهان بيمار هجو يا سفر ۾ هجو يا توهان مان ڪو پائخانہ مان فارغ ٿي نڪري يا توهان عورت سان همبستر ٿيا هجو ۽ (وضو ۽ غسل جي لاءِ) پاڻي نہ ملي تہ پاڪ زمين کان ڪم وٺو (زمين تي هٿ لڳائي) منهن ۽ هٿن جي مٿان گهمايو. بيشڪ الله تعاليٰ معاف ڪندڙ ۽ بخشيندڙ آهي.

## امانت جي ادائگي ڪيو ۽ فيصلن ۾ عدل ڪيو

اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ تُؤَدُّوا الْاَمٰنٰتِ اِلٰى اَهْلِهَا ۙ وَ اِذَا حَكَمْتُمْ بَيْنَ النَّاسِ اَنْ تَحْكُمُوْا بِالْعَدْلِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ نِعِمَّا يَعِظُكُمْ بِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ سَمِيْعًا بَصِيْرًا ﴿۵۸﴾

(النساء: ۵۸)

(۵۸) مؤمنؤ! خدا توهان کي حڪم ٿو ڪري تہ جيڪا جنهن جي امانت هجي سا ان جي حوالي ڪندا ڪريو ۽ جڏهن ماڻهن جي وچ ۾ فيصلا ڪريو تڏهن عدل ۽ انصاف سان فيصلا ڪريو. خدا توهان کي ڪهڙي نہ چڱي نصيحت ٿو ڏئي، بيشڪ هو سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي.

## اختلافن ۽ مونجهارن کي ختم ڪرڻ جو حل

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَ اُولِي الْاَمْرِ مِنْكُمْ ۚ فَاِنْ تَنَازَعْتُمْ فِيْ شَيْءٍ فَرُدُّوْهُ اِلَى اللّٰهِ وَ الرَّسُوْلِ اِنْ كُنْتُمْ تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ ذٰلِكَ خَيْرٌ وَّ اَحْسَنُ تَاْوِيْلًا ﴿۵۹﴾ (النساء: ۵۹)

(۵۹) مؤمنؤ! الله جي فرمانبرداري ڪيو، الله جي رسول جي فرمانبرداري ڪيو ۽ (انهن ماڻهن جي فرمانبرداري ڪيو) جيڪي اوهان ۾ حاڪم ۽ اختيار رکندڙ هجن، پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ڳالهہ بابت اختلاف ۽ جهيڳڙو ڪيو تہ



www.sindhsalamat.com

الله ۽ رسول ڏي رجوع ڪريو (۽ جيڪو فيصلو اتان ملي ان کي قبول ڪري ان جي تعميل ڪريو) جيڪڏهن توهان سچ پچ الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان ٿا رکو (ته ضرور ائين ڪيو) انهيءَ ۾ توهان جي لاءِ وڏي چڱائي آهي ۽ (ان جي پڇاڙي چڱي آهي) ۽ ان مان نتيجو تمام سهڻو نڪري ٿو.

****

وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا لِيُطَاعَ بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿٦٤﴾

(النساء: ٦٤)

(٦٤) ۽ (اي پيغمبر! نه رڳو توکي پر) جنهن کي به اسان دنيا ۾ رسول ڪري موڪليو سو هن لاءِ ته اسان جي حڪم سان سندس فرمانبرداري ڪئي وڃي. ۽ جڏهن هنن ماڻهن (تنهنجي نافرماني ڪري) پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو ۽ نقصان پهچايو تڏهن جيڪر تو وٽ اچن ها ۽ خدا کان معافي گهرن ها ۽ پڻ خدا جو رسول هنن جي معافيءَ لاءِ خدا کان دعا گهري ها ته هي ماڻهو ڏسن ها ته خدا بيشڪ توبه قبول ڪندڙ ۽ رحم وارو آهي.

****

فَلَا وَرَبِّكَ لَا يُؤْمِنُوْنَ حَتّٰى يُحَكِّمُوْكَ فِيْمَا شَجَرَ بَيْنَهُمْ ثُمَّ لَا يَجِدُوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ حَرَجًا مِّمَّا قَضَيْتَ وَيُسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿٦٥﴾ (النساء: ٦٥)

(٦٥) (اي پيغمبر!) تنهنجو پروردگار هن ڳالهه تي شاهد آهي ته اهي ماڻهو ڪڏهن به مؤمن تي نه سگهندا جيستائين ڪ توکي پنهنجن جهيڙن ۽ معاملن ۾ حاڪم ۽ منصف ڪن (پڻ هنن جي دلين جي حالت به اهڙي ٿئي جو) جيڪو فيصلو تون ڪرين ان جي خلاف هنن جي دلين ۾ ڪو ڪٽڪو پيدا نه ٿئي ۽ اهڙيءَ طرح مڃن جنهن کي پورو پورو مڃڻ چئي سگهجي.

****

مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ ۚ وَمَنْ تَوَلّٰى فَمَآ اَرْسَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ حَفِيْظًا ﴿٨٠﴾

(النساء: ٨٠)





(٨٠) جنهن رسول پاڪ جي فرمانبرداري ڪئي تنهن في الحقيقت الله جي اطاعت ڪئي ۽ جيڪڏهن ڪنهن (تنهنجي فرمانبرداريءَ کان) منهن موڙيو ته پوءِ (اي پيغمبر!) اسان توکي مٿس نگهبان ڪري ڪونه موڪليو آهي (جو تون هن کي زور سان پنهنجي فرمانبرداري ڪرائين).

## پلي ۽ بري سفارش جو بدلو ملندو

مَنْ يَّشْفَعْ شَفَاعَةً حَسَنَةً يَّكُنْ لَّهٗ نَصِيْبٌ مِّنْهَا ۚ وَمَنْ يَّشْفَعْ شَفَاعَةً سَيِّئَةً يَّكُنْ لَّهٗ كِفْلٌ مِّنْهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ مُّقِيْتًا ﴿٨٥﴾ (النساء: ٨٥)

(٨٥) جو انسان ٻئي انسان سان چڱي ڪم ۾ شامل ۽ مددگار ٿئي ٿو تنهن کي ان عمل (جي اجر) ۾ حصو ملندو ۽ جيڪو برائي ۾ ٻئي سان شامل ۽ مددگار ٿئي ٿو تنهن کي ان لاءِ ان برائي (جي نتيجي) مان حصو ملندو. (هو ۽ هر هڪ شيءِ جو سنڀاليندڙ ۽ نگهبان آهي. هو هر عمل جي مطابق بدلو ڏئي ٿو) ۽ بيشڪ هو هر (ڪم ڪرڻ جي) طاقت رکندڙ آهي.

## سلام جو جواب ڏيڻ

وَاِذَا حُيِّيْتُمْ بِتَحِيَّةٍ فَحَيُّوْا بِاَحْسَنَ مِنْهَآ اَوْ رُدُّوْهَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ حَسِيْبًا ﴿٨٦﴾ (النساء: ٨٦)

(٨٦) ۽ (اي مؤمنؤ) جڏهن توهان کي دعا جو سلام ڪيو وڃي تڏهن توهان ان کان به بهتر دعا جا الفاظ جوابي سلام ۾ ڪم آڻيو يا (ڪم از ڪم) ساڳيا لفظ موٽائي چئو. بيشڪ الله تعالي هر شيءِ جو حساب وٺندڙ آهي.

## ڀُل ۾ ٿيل قتل جي ديت ۽ ڪفارو

وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ اَنْ يَّقْتُلَ مُؤْمِنًا اِلَّا خَطَـًٔا ۚ وَمَنْ قَتَلَ مُؤْمِنًا خَطَـًٔا فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ وَّدِيَةٌ مُّسَلَّمَةٌ اِلٰٓى اَهْلِهٖٓ اِلَّآ اَنْ يَّصَّدَّقُوْا ؕ فَاِنْ كَانَ مِنْ قَوْمٍ عَدُوٍّ لَّكُمْ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ ؕ وَاِنْ كَانَ مِنْ قَوْمٍۢ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ فَدِيَةٌ مُّسَلَّمَةٌ اِلٰٓى اَهْلِهٖ وَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ ۚ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ



www.sindhsalamat.com

شَهْرَيْنِ مُتَتَابِعَيْنِ ۡ تَوْبَةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۹۲﴾ (النساء: ۹۲)

(۹۲) ڪنهن بہ مؤمن کي نٿو جڳائي تہ ڪنهن مؤمن کي قتل ڪري سواءِ ان حالت جي جڏهن پل چڪ کان ائين ٿي وڃي. جنهن بہ هڪڙي مؤمن کي غلطيءَ کان (شڪ شبهي ۾) قتل ڪيو هجي تنهن کي گهرجي تہ هڪ مؤمن ٻانهو آزاد ڪري ۽ مقتول جي وارثن کي خون بها (عيوضو) ڏئي پر جيڪڏهن مقتول جو وارث خون بها معاف ڪري تہ ڪري سگهي ٿو. ۽ جيڪڏهن مقتول انهيءَ قوم مان آهي جي توهان جا دشمن آهن (۽ توهان سان لڙائي اٿن) پر هو آهي مؤمن (۽ ڪو ائين سمجهي تہ هي بہ دشمن مان آهي ان کي قتل ڪيو هجي) تہ گهرجي تہ هڪ مسلمان غلام آزاد ڪيو وڃي. (خون بها ڏيڻ جو ضرور ڪونهي چو تہ هن جي وارثن ۽ سنگتين جي مسلمانن سان لڙائي آهي) ۽ جيڪڏهن مقتول انهن ماڻهن مان آهي جن سان اوهان جو صلح جو عهدنامو ٿيل آهي تہ گهرجي تہ قاتل مقتول جي وارثن کي خون بها بہ ڏئي ۽ هڪ مسلمان غلام آزاد بہ ڪري. ۽ جيڪڏهن قاتل هڪڙو غلام نہ لهي (يعني ڪيس ايتري وسعت ناهي جو ڪو غلام خريد ڪري ان کي آزاد ڪري ڇڏي) تہ پوءِ بہ مهينا لاڳيتا روزا رکي. هن لاءِ جو الله جي طرف کان اها (هن جي گناهہ جي) توبہ آهي. ۽ الله سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت رکندڙ آهي.

## ڄاڻي واڻي قتل ڪرڻ جي سزا

وَمَنْ يَّقْتُلْ مُؤْمِنًا مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآؤُهٗ جَهَنَّمُ خٰلِدًا فِيْهَا وَغَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِ وَلَعَنَهٗ وَاَعَدَّ لَهٗ عَذَابًا عَظِيْمًا ﴿۹۳﴾ (النساء: ۹۳)

(۹۳) ۽ جيڪو مسلمان ڪنهن مؤمن کي ڄاڻي ٻجهي قتل ڪري تنهن جي سزا جهنم آهي، جنهن ۾ هو هميشہ رهندو ۽ مٿس الله جو غضب پيو ۽ لعنت پئي ۽ هن جي لاءِ تمام وڏو عذاب تيار رکيل آهي.

## سڀ ۾ رواداري جو حڪم

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا ضَرَبْتُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَتَبَيَّنُوْا وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ اَلْقٰۤى





اِلَيْكُمُ السَّلٰمَ لَسْتَ مُؤْمِنًا ۚ تَبْتَغُوْنَ عَرَضَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۡ فَعِنْدَ اللّٰهِ مَغَانِمُ كَثِيْرَةٌ ؕ كَذٰلِكَ كُنْتُمْ مِّنْ قَبْلُ فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ فَتَبَيَّنُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿۹۴﴾ (النساء: ۹۴)

(۹۴) مؤمنو! جڏهن توهان الله جي راهہ ۾ جنگ ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪرو تڏهن (توهان کي گهرجي تہ جن ماڻهن سان مقابلو هجي تن بابت) چڱيءَ طرح تحقيقات ڪريو (تہ اهي دشمنن مان آهن يا دوستن مان) ۽ جيڪو بہ توهان کي سلام ڪري (۽ پاڻ کي مسلمان ظاهر ڪري) تنهن کي ائين نہ چئو تہ تون مؤمن نہ آهين (اسان توسان وڙهنداسين) ڇا توهان دنيا ۽ دولت جا طلبگار آهيو؟ (جو چاهيو ٿا تہ جيڪو بہ ملي تنهن سان وڙهي ڦرلٽ ڪري مال دولت هٿ ڪيون) (توهان کي خبر ناهي ڇا تہ) الله وٽ توهان جي لاءِ وڏيون (جائز) نعمتون موجود آهن. (ظلم جي روش چو ٿا وٺو؟) اوهان جي حالت بہ اڳي اهڙي هئي. پوءِ الله تعاليٰ اوهان تي احسان ڪيو (جو توهان کي هدايت بہ نصيب ٿي ۽ قومي زور بہ حاصل ڪيو) تنهن ڪري توهان ضرور تحقيقات ڪريو (۽ فقط دشمنن جو مقابلو ڪيو) بيشڪ الله تعاليٰ توهان جي عملن جي خبر رکندڙ آهي.

## جان ۽ مال سان جهاد جي فضيلت

لَا يَسْتَوِي الْقٰعِدُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ غَيْرُ اُولِي الضَّرَرِ وَالْمُجٰهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ؕ فَضَّلَ اللّٰهُ الْمُجٰهِدِيْنَ بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ عَلَى الْقٰعِدِيْنَ دَرَجَةً ؕ وَكُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى ؕ وَفَضَّلَ اللّٰهُ الْمُجٰهِدِيْنَ عَلَى الْقٰعِدِيْنَ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۹۵﴾ (النساء: ۹۵)

(۹۵) مؤمن ۾ جيڪي بنا عذر گهر ويهي ٿا رهن (يعني لڙائيءَ ۾ شريڪ نٿا ٿين) سي انهن جي برابر هرگز ٿي نٿا سگهن، جيڪي پنهنجي مال ۽ جان سان الله جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ وارا آهن. الله تعاليٰ مال ۽ جان سان جهاد ڪرڻ وارن کي ويهي رهندڙن جي ڀيٽ ۾ وڏو درجو ۽ فضيلت ڏني آهي (هونئن تہ) الله تعاليٰ جو چڱو واعدو سڀني (نيڪ مسلمانن) لاءِ آهي پر مجاهدن کي ويهندڙن کان گهڻو وڏو اجر ملندو.



www.sindhsalamat.com

## نمازِ قصر جو حڪم

وَاِذَا ضَرَبۡتُمۡ فِی الۡاَرۡضِ فَلَيۡسَ عَلَيۡكُمۡ جُنَاحٌ اَنۡ تَقۡصُرُوۡا مِنَ الصَّلٰوةِ ۖ اِنۡ خِفۡتُمۡ اَنۡ يَّفۡتِنَكُمُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا ؕ اِنَّ الۡكٰفِرِيۡنَ كَانُوۡا لَكُمۡ عَدُوًّا مُّبِيۡنًا ﴿١٠١﴾

(النساء: ١٠١)

(١٠١) ۽ جيڪڏهن (جنگ ڪرڻ لاءِ) سفر تي نڪرو ۽ اوهان کي انديشو هجي ته ڪافر توهان کي ڪنهن تڪليف ۾ نه وجهن ته پوءِ توهان تي گناهه ڪونهي. جيڪڏهن نماز گهٽائي پڙهو (يعني چار رڪعتون فرض جي بدران ٻه رڪعتون). بلاشبہ ڪافر توهان جا ظاهر ظهور دشمن آهن (نماز جي وقت ٻه حملو ڪري ڏيندا).

## فرض نمازون پنهنجي مقرر وقتن تي پڙهڻ

فَاِذَا قَضَيۡتُمُ الصَّلٰوةَ فَاذۡكُرُوا اللّٰهَ قِيٰمًا وَّقُعُوۡدًا وَّعَلٰى جُنُوۡبِكُمۡ ۚ فَاِذَا اطۡمَاۡنَنۡتُمۡ فَاَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ ۚ اِنَّ الصَّلٰوةَ كَانَتۡ عَلَى الۡمُؤۡمِنِيۡنَ كِتٰبًا مَّوۡقُوۡتًا ﴿١٠٣﴾

(النساء: ١٠٣)

(١٠٣) پوءِ جڏهن توهان نماز پڙهي چڪو. تڏهن ٻه گهرجي ته ٻيٺي ويٺي ليٽندي هر حال ۾ الله کي ياد ڪندا رهو. پوءِ جڏهن توهان کي (دشمن جي طرف کان) خطرو نه رهي ۽ تسلي هجي تڏهن (هميشہ جي دستور موجب) نماز پڙهو. بيشڪ نماز مسلمانن تي وقت جي پابنديءَ سان فرض ڪئي ويئي آهي.

## فيصلا عدل ۽ انصاف سان ڪيو

اِنَّاۤ اَنۡزَلۡنَاۤ اِلَيۡكَ الۡكِتٰبَ بِالۡحَقِّ لِتَحۡكُمَ بَيۡنَ النَّاسِ بِمَاۤ اَرٰٮكَ اللّٰهُ ؕ وَلَا تَكُنۡ لِّلۡخَآٮِٕنِيۡنَ خَصِيۡمًا ﴿١٠٥﴾ وَّاسۡتَغۡفِرِ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوۡرًا رَّحِيۡمًا ﴿١٠٦﴾ (النساء: ١٠٥، ١٠٦)

(١٠٥) (اي پيغمبر!) اسان توتي سچائي سان پريل ڪتاب نازل ڪيو آهي انهيءَ ته جيڪي الله تعاليٰ (ان ۾) ڏيکاريو آهي تنهن موجب ماڻهن جي وچ





۾ فيصلا ڪرين. ۽ خيانت ڪرڻ وارن جي طرفداريءَ ۾ جهڳڙو نه ڪر.

(١٠٦) ۽ الله کان بخشش گهر (جو فيصلن ڪرڻ جو ڪم تمام اهم ۽ نازڪ آهي) بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي.

****

وَلَا تُجَادِلۡ عَنِ الَّذِيۡنَ يَخۡتَانُوۡنَ اَنۡفُسَهُمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ مَنۡ كَانَ خَوَّانًا اَثِيۡمًا ﴿١٠٧﴾

(النساء: ١٠٧)

(١٠٧) ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي اندر ۾ خيانت رکن ٿا تن جي طرفداريءَ ۾ تون جهڳڙو نه ڪر. الله تعاليٰ اهڙن ماڻهن کي هرگز پسند نٿو ڪري جي خيانت ڪندڙ ۽ ڏوهه گناهه ڪندڙ آهن.

## خطائن لاءِ توبهه ۽ استغفار

وَمَنۡ يَّعۡمَلۡ سُوۡٓءًا اَوۡ يَظۡلِمۡ نَفۡسَهٗ ثُمَّ يَسۡتَغۡفِرِ اللّٰهَ يَجِدِ اللّٰهَ غَفُوۡرًا رَّحِيۡمًا ﴿١١٠﴾

(النساء: ١١٠)

(١١٠) ۽ جيڪو ماڻهو ڪو برو ڪم ڪري ٿو ويهي يا پاڻ کي نقصان ڪري ٿو ڇڏي ۽ پوءِ (ان کان توبه ڪري) الله جي بخشش ٿو گهري، سو ڏسندو ته بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي.

****

فَسَبِّحۡ بِحَمۡدِ رَبِّكَ وَاسۡتَغۡفِرۡهُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ تَوَّابًا ﴿٣﴾ (النصر: ٣)

(٣) تڏهن تون پنهنجي پالڻهار جي تسبيح ۽ حمد ڪر (پوءِ دين جي غلبي لاءِ سرگرم ٿيءُ) ۽ (ڪنهن غير شعوري ڪمي بابت بہ) ان کان معافي گهر. بيشڪ اهو توبه قبول ڪندڙ آهي.

## تهمت جو وبال

وَمَنۡ يَّكۡسِبۡ خَطِيۡٓـئَةً اَوۡ اِثۡمًا ثُمَّ يَرۡمِ بِهٖ بَرِيۡٓـئًـا فَقَدِ احۡتَمَلَ بُهۡتَانًا وَّاِثۡمًا مُّبِيۡنًا ﴿١١٢﴾ (النساء: ١١٢)



www.sindhsalamat.com

(۱۱۲) ۽ جنهن اڻ ڄاڻائي ۾ خطا ڪري وڌي يا ڄاڻي ٻجهي ڪو ڏوھ ڪيو ۽ پوءِ ڪنهن بي ڏوهيءَ تي ان ڏوھ جي تهمت ڏريائين تہ (ياد رکو تہ) هن بهتان ۽ کليل ڏوھ جو بار پنهنجي گردن تي وڌو.

****

اِنَّ الَّذِيْنَ جَآءُوْ بِالْاِفْكِ عُصْبَةٌ مِّنْكُمْ ؕ لَا تَحْسَبُوْهُ شَرًّا لَّكُمْ ؕ بَلْ هُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ؕ لِكُلِّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ مَّا اكْتَسَبَ مِنَ الْاِثْمِ ۚ وَالَّذِیْ تَوَلّٰى كِبْرَهٗ مِنْهُمْ لَهٗ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۱﴾ لَوْلَآ اِذْ سَمِعْتُمُوْهُ ظَنَّ الْمُؤْمِنُوْنَ وَالْمُؤْمِنٰتُ بِاَنْفُسِهِمْ خَيْرًا ۙ وَّقَالُوْا هٰذَآ اِفْكٌ مُّبِيْنٌ ﴿۱۲﴾ (النور: ۱۱، ۱۲)

(۱۱) جن ماڻهن (حضرت عائشہ صديقہ تي) تهمت لڳائي سي بہ بيشڪ توهان مان ئي هڪ ٽولي آهن. توهان ان (تهمت واري واقعي) کي پنهنجي لاءِ خراب نہ سمجهيو بلڪ ان ۾ اوهان جي لاءِ چڱائي آهي. انهن مان هرهڪ شخص جنهن (انهيءَ تهمت پکيڙڻ ۾) حصو ورتو تنهن گناھ جو ڪم ڪيو ۽ انهن مان جنهن (انهيءَ تهمت لڳائڻ ۽ پکيڙڻ ۾) وڏو حصو ورتو تنهن کي تمام وڏو سخت عذاب ٿيندو. (۱۲) جڏهن توهان اها (تهمت) ٻڌي هئي تڏهن مؤمن مردن ۽ مؤمن زالن پنهنجي دلين ۾ چو نہ نيڪ گمان آندو (۽ چو بدگمان تي هڪڙي خراب تهمت تي ڪٽي اعتبار ڪياٿون ۽ هڪ ٻئي کي ٻڌاياٿون) ۽ چو نہ هڪدم چئي ڏناٿون تہ هيءَ تہ چٽي ڪوڙي تهمت آهي.

****

اِنَّ الَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ الْمُحْصَنٰتِ الْغٰفِلٰتِ الْمُؤْمِنٰتِ لُعِنُوْا فِى الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ۪ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿۲۳﴾ (النور: ۲۳)

(۲۳) اهي ماڻهو جيڪي ڪن پاڪدامن معصوم ۽ بيخبر مؤمنياڻين تي تهمت لڳائين ٿا تن تي دنيا توڙي آخرت ۾ لعنت پوندي ۽ انهن کي سخت عذاب ٿيندو.





## صدقو، نيڪي ۽ سڌارو ڪريو

لَا خَيْرَ فِیْ كَثِيْرٍ مِّنْ نَّجْوٰىهُمْ اِلَّا مَنْ اَمَرَ بِصَدَقَةٍ اَوْ مَعْرُوْفٍ اَوْ اِصْلَاحٍۭ بَيْنَ النَّاسِ ؕ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ فَسَوْفَ نُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۱۱۴﴾

(النساء: ۱۱۴)

(۱۱۴) هنن ماڻهن جي مخفي مشورن مان گهڻن ۾ چڱائي ڪانهي پر جيڪڏهن ڪو (مخفي طرح) خيرات ڪرڻ لاءِ يا ڪنهن نيڪي جي ڪم ڪرڻ لاءِ حڪم ڪري يا ماڻهن جي وچ ۾ صلح ڪرائڻ چاهي (تہ پوءِ مخفي مشورا ڪرڻ ۾ بہ چڱائي آهي) ۽ جيڪو خدا جي راضپي جي طلب ۾ ائين ڪري تہ تنهن کي اسان وڏو اجر ڏينداسين.

## سچي شاهدي ڏيڻ

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْا قَوّٰمِيْنَ بِالْقِسْطِ شُهَدَآءَ لِلّٰهِ وَلَوْ عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ اَوِ الْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ ۚ اِنْ يَّكُنْ غَنِيًّا اَوْ فَقِيْرًا فَاللّٰهُ اَوْلٰى بِهِمَا ۫ فَلَا تَتَّبِعُوا الْهَوٰٓى اَنْ تَعْدِلُوْا ۚ وَاِنْ تَلْوٗۤا اَوْ تُعْرِضُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿۱۳۵﴾

(النساء: ۱۳۵)

(۱۳۵) مؤمنؤ! انصاف تي پوري مضبوطيءَ سان قائم رهڻ وارا ۽ الله جي واسطي (سچي) شاهدي ڏيڻ وارا ٿيو. اگرچہ اها (سچي) شاهدي خود توهان جي خلاف يا اوهان جي پيءُ ماءُ ۽ ويجهن مائٽن جي خلاف هجي (تہ بہ سچي شاهدي ڏيڻ کان نہ ڪيٻايو) جيڪو ڪو شاهوڪار آهي يا مسڪين آهي تہ الله (اوهان کان) وڌيڪ انهن تي مهربان آهي) (توهان کي ائين ڪرڻو ناهي جو دولتمند جي دولت ۾ لالچ رکي يا مسڪين جي حال تي رحم کائي سچي ڳالھ ڪرڻ کان هٽي وڃو) پوءِ خبردار ائين نہ ٿئي جو نفساني خواهشن جي ڪري انصاف کان هٽي وڃو ۽ جيڪڏهن توهان (شاهدي ڏيڻ ۾) آڏيون ڦڏيون ڳالهيون يا شاهدي ڏيڻ کان انڪار ڪندو تہ (ياد رکو تہ توهان جيڪي بہ ڪيو ٿا تنهن جي الله تعاليٰ خبر رکندڙ آهي.



www.sindhsalamat.com

## ايمان جي واٿ

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اٰمِنُوۡا بِاللّٰهِ وَ رَسُوۡلِهٖ وَ الۡكِتٰبِ الَّذِىۡ نَزَّلَ عَلٰى رَسُوۡلِهٖ وَ الۡكِتٰبِ الَّذِىۡۤ اَنۡزَلَ مِنۡ قَبۡلُ ؕ وَ مَنۡ يَّكۡفُرۡ بِاللّٰهِ وَ مَلٰٓئِكَتِهٖ وَ كُتُبِهٖ وَ رُسُلِهٖ وَ الۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ فَقَدۡ ضَلَّ ضَلٰلًاۢ بَعِيۡدًا ﴿۱۳۶﴾ (النساء: ۱۳۶)

(١٣٦) مؤمنؤ! الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻيو ۽ انهيءَ ڪتاب تي ايمان آڻيو جو پنهنجي رسول تي نازل ڪيو اٿس ۽ پڻ انهن ڪتابن تي ايمان آڻيو جيڪي ان کان اڳي (ٻين پيغمبرن تي) نازل ڪيا هئائين ۽ (ياد رکو ته) جنهن به الله تي سندس ملائڪن ۽ ڪتابن ۽ رسولن تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان نه آندو سو سنئين واٽ چڏي تمام پري هٽي ويو.

## رسول الله ﷺ تي ايمان

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ قَدۡ جَآءَكُمُ الرَّسُوۡلُ بِالۡحَقِّ مِنۡ رَّبِّكُمۡ فَاٰمِنُوۡا خَيۡرًا لَّكُمۡ ؕ وَاِنۡ تَكۡفُرُوۡا فَاِنَّ لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيۡمًا حَكِيۡمًا ﴿۱۷۰﴾ (النساء: ۱۷۰)

(١٧٠) اي (سڀئي) انسانو! بيشڪ الرسول (پيغمبر اسلام) اوهان جي پروردگار جي طرف کان سچائي کڻي اوهان ڏي آيو آهي. تنهن ڪري توهان مٿس ايمان آڻيو جو (ان ۾) اوهان جي ئي لاءِ بهتري آهي، پر جيڪڏهن توهان انڪار ڪندؤ ته پوءِ آسمان ۽ زمين ۾ جيڪي به آهي سو سڀ الله ئي جي لاءِ آهي (توهان جو انڪار ۽ ظلم توهان کي ئي نقصان پهچائيندو) ۽ (ياد رکو ته) الله سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

## دين تي مضبوطيءَ سان قائم رهڻ

فَاَمَّا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا بِاللّٰهِ وَ اعۡتَصَمُوۡا بِهٖ فَسَيُدۡخِلُهُمۡ فِىۡ رَحۡمَةٍ مِّنۡهُ وَ فَضۡلٍ ۙ وَّيَهۡدِيۡهِمۡ اِلَيۡهِ صِرَاطًا مُّسۡتَقِيۡمًا ﴿۱۷۵﴾ (النساء: ۱۷۵)

(١٧٥) پوءِ جن ماڻهن الله تي ايمان آندو ۽ ان جي سهاري کي مضبوط جهليو تن کي هو جلد پنهنجي رحمت جي ڇانو ۾ داخل ڪندو ۽ مٿن





پنهنجو فضل ڪندو ۽ کين پاڻ تائين پهچڻ جي واٽ ڏيکاريندو (اها واٽ ڏيکاريندو) جا سڌي واٽ آهي.

## عهد جي پابندي ڪيوءِ حلال جانور ڪائو

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَوۡفُوۡا بِالۡعُقُوۡدِ ؕ اُحِلَّتۡ لَكُمۡ بَهِيۡمَةُ الۡاَنۡعَامِ اِلَّا مَا يُتۡلٰى عَلَيۡكُمۡ غَيۡرَ مُحِلِّى الصَّيۡدِ وَ اَنۡتُمۡ حُرُمٌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَحۡكُمُ مَا يُرِيۡدُ ﴿۱﴾ (المائده: ۱)

(١) مؤمنو! پنهنجا معاهدا پورا ڪيو (پنهنجا سڀ فرض بجا آڻيو). توهان جي لاءِ ڍڳن ڍورن (جو گوشت کائڻ) حلال ڪيو ويو آهي، سواءِ انهن جي جن بابت (اڳي بيان ڪيل آهي ۽ اڳتي) حڪم ٻڌايو ويندو پر جڏهن احرام جي حالت ۾ هجو تڏهن شڪار ڪرڻ حلال ناهي، بيشڪ الله تعاليٰ جيڪي چاهي ٿو تنهن جو حڪم ڏئي ٿو.

## حرام ڪيل جانورءِ گوشت

حُرِّمَتۡ عَلَيۡكُمُ الۡمَيۡتَةُ وَ الدَّمُ وَ لَحۡمُ الۡخِنۡزِيۡرِ وَ مَاۤ اُهِلَّ لِغَيۡرِ اللّٰهِ بِهٖ وَ الۡمُنۡخَنِقَةُ وَ الۡمَوۡقُوۡذَةُ وَ الۡمُتَرَدِّيَةُ وَ النَّطِيۡحَةُ وَ مَاۤ اَكَلَ السَّبُعُ اِلَّا مَا ذَكَّيۡتُمۡ ۚ وَ مَا ذُبِحَ عَلَى النُّصُبِ وَ اَنۡ تَسۡتَقۡسِمُوۡا بِالۡاَزۡلَامِ ؕ ذٰلِكُمۡ فِسۡقٌ ؕ اَلۡيَوۡمَ يَئِسَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا مِنۡ دِيۡنِكُمۡ فَلَا تَخۡشَوۡهُمۡ وَ اخۡشَوۡنِ ؕ اَلۡيَوۡمَ اَكۡمَلۡتُ لَكُمۡ دِيۡنَكُمۡ وَ اَتۡمَمۡتُ عَلَيۡكُمۡ نِعۡمَتِىۡ وَ رَضِيۡتُ لَكُمُ الۡاِسۡلَامَ دِيۡنًا ؕ فَمَنِ اضۡطُرَّ فِىۡ مَخۡمَصَةٍ غَيۡرَ مُتَجَانِفٍ لِّاِثۡمٍ ۙ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۳﴾ (المائده: ۳)

(٣) (مسلمانو!) توهان تي (هي شيون) حرام ڪيون ويون آهن، مردار جانور، رت، سوئر جو گوشت، اهو جانور جنهن تي خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي جو نالو ورتجي، گردن گهٽي ماريل، ڌڪ هڻي ماريل، مٿاهين جاءِ تان ڪري مئل، ڪنهن جانورن جي سڱن سان مريل، جنهن کي ڪنهن ڦاڙيندڙ جانور چيري ڦاڙي کاڌو هجي، پر اهي (حرام ناهن) جن کي توهان (انهن جي مرڻ کان اڳي) ذبح ڪري ورتو. اهو جانور به حرام آهي جو ڪنهن غير الله جي پوڄا جي جاءِ تي ذبح ڪيو وڃي، ۽ جيڪي (گوشت يا ٻيون شيون ڪڻن



www.sindhsalamat.com

جي نموني يا جوا طور) تيرن سان پاڻ ۾ ورهايو (جيئن عرب جا مشرڪ ڪندا هئا سو بہ حرام آهي). اها گناهہ جي ڳالهہ آهي. (مسلمانو!) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي هئي اهي هاڻي اوهان جي دين بابت نااميد ٿي ويا آهن (يعني ڏسن ٿا تہ اسلام پڪي پايي تي قائم ٿي ويو آهي ۽ مسلمان زور وٺي ويا آهن) پوءِ توهان هنن کان بلڪل نہ ڊڄو ۽ فقط مون کان ڊڄو (۽ منهنجي حڪم جي تعميل ڪيو) اڄوڪي ڏينهن مون توهان جي لاءِ توهان جو دين ڪامل ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي نعمت اوهان تي پوري ڪيم ۽ توهان جي لاءِ دين اسلام پسند ڪيم. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو بک کان لاچار هجي، ائين نہ تہ (ڄاڻي ٻجهي) گناهہ جو ڪم ڪرڻ چاهي (۽ لاچاري حالت ۾ ڪا حرام شيءِ ڪائي) تہ پوءِ الله تعاليٰ بخشڻهار ۽ رحمت رڪندڙ آهي.

## نيڪيءَ جي ڪمن ۾ سهڪار ڪرڻ

وَ تَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ وَ التَّقْوٰى ۪ وَ لَا تَعَاوَنُوْا عَلَى الْاِثْمِ وَ الْعُدْوَانِ ۪ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۲﴾ (المائده: ٢)

نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ جي ڪمن ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪريو مگر گناهہ ۽ ظلم جي ڪمن ۾ مدد نہ ڪيو ۽ (خبردار!) الله کان ڊڄندا رهو جو يقيناً (بدعملن لاءِ) سخت سزا ڏيندڙ آهي.

## شڪاري ڪُتي جي شڪار جو حڪم

يَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَآ اُحِلَّ لَهُمْ ؕ قُلْ اُحِلَّ لَكُمُ الطَّيِّبٰتُ ۙ وَ مَا عَلَّمْتُمْ مِّنَ الْجَوَارِحِ مُكَلِّبِيْنَ تُعَلِّمُوْنَهُنَّ مِمَّا عَلَّمَكُمُ اللّٰهُ ۫ فَكُلُوْا مِمَّآ اَمْسَكْنَ عَلَيْكُمْ وَ اذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهِ ۪ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۴﴾ (المائده: ٤)

(۴) (اي پيغمبر!) ماڻهو توکان پڇن ٿا تہ ڪهڙيون ڪهڙيون شيون ڪين حلال آهن؟ تون چئو تہ. جيڪي بہ چڱيون شيون آهن. سي سڀ توهان جي لاءِ حلال ڪيون ويون آهن ۽ شڪاري جانور جن کي توهان شڪار ڪرڻ لاءِ تربيت ڏني آهي ۽ (شڪار جو طريقو) جيئن خدا توهان کي





سيکاريو آهي (يعني خدا جي ڏنل عقل ۽ ذهن سان توهان ڳولي ڪڍيو آهي) انهن شڪاري جانورن کي سيکاريو تہ پوءِ جيڪو شڪار هو پڪڙين ۽ توهان جي لاءِ رکن تہ اهو توهان بيشڪ کائو پر گهرجي تہ (شڪاري جانور کي شڪار تي ڇڏڻ وقت) خدا جو نالو وٺو (جيئن ذبح ڪرڻ وقت وٺندا آهيو) ۽ (هر حال ۾) الله کان ڊڄندا رهو (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ (عملن جو) حساب وٺڻ ۾ بلڪل تيز آهي.

## اهلِ ڪتاب جو کاڌو ۽ عورتون

اَلْيَوْمَ اُحِلَّ لَكُمُ الطَّيِّبٰتُ ؕ وَ طَعَامُ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ حِلٌّ لَّكُمْ ۪ وَ طَعَامُكُمْ حِلٌّ لَّهُمْ ۫ وَ الْمُحْصَنٰتُ مِنَ الْمُؤْمِنٰتِ وَ الْمُحْصَنٰتُ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ اِذَآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ مُحْصِنِيْنَ غَيْرَ مُسٰفِحِيْنَ وَ لَا مُتَّخِذِيْٓ اَخْدَانٍ ؕ وَ مَنْ يَّكْفُرْ بِالْاِيْمَانِ فَقَدْ حَبِطَ عَمَلُهٗ ۫ وَ هُوَ فِي الْاٰخِرَةِ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۵﴾ (المائده: ٥)

(۵) اڄ سڀ چڱيون شيون توهان جي لاءِ حلال ڪيون ويون آهن. جن ماڻهن کي ڪتاب ڏنو ويو آهي تن (اهل ڪتاب) جو تيار ڪيل طعام توهان جي لاءِ حلال آهي ۽ اوهان جو طعام هنن لاءِ حلال آهي. پڻ اوهان جي لاءِ مسلمان بيبيون ۽ اهل ڪتاب جون بيبيون حلال آهن. بشرطيڪ انهن جو مهر انهن کي ڏيو ۽ مقصود نڪاح ۾ آڻڻ جو هجي، نڪي نفس پرستيءَ لاءِ بدڪاري ڪئي وڃي. نڪي لڪي ڇپي بدچالي ڪئي وڃي، ۽ (ياد رکو تہ) جيڪو بہ ايمان کان منڪر ٿيو تنهنجا عمل ضايع ٿي ويا ۽ آخرت ۾ هو انهن منجهان هوندو جي تباهہ حال هوندا.

## وضوءِ تيمم جا فرض

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا قُمْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ فَاغْسِلُوْا وُجُوْهَكُمْ وَ اَيْدِيَكُمْ اِلَى الْمَرَافِقِ وَ امْسَحُوْا بِرُءُوْسِكُمْ وَ اَرْجُلَكُمْ اِلَى الْكَعْبَيْنِ ؕ وَ اِنْ كُنْتُمْ جُنُبًا فَاطَّهَّرُوْا ؕ وَ اِنْ كُنْتُمْ مَّرْضٰٓى اَوْ عَلٰى سَفَرٍ اَوْ جَآءَ اَحَدٌ مِّنْكُمْ مِّنَ الْغَآئِطِ اَوْ



www.sindhsalamat.com

لٰمَسْتُمُ النِّسَآءَ فَلَمْ تَجِدُوْا مَآءً فَتَيَمَّمُوْا صَعِيْدًا طَيِّبًا فَامْسَحُوْا بِوُجُوْهِكُمْ وَ اَيْدِيْكُمْ مِّنْهُ ؕ مَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيَجْعَلَ عَلَيْكُمْ مِّنْ حَرَجٍ وَّ لٰكِنْ يُّرِيْدُ لِيُطَهِّرَكُمْ وَ لِيُتِمَّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ۝٦ (المائده: ٦)

(٦) مؤمنؤ! جڏهن نماز جي لاءِ تياري ڪيو تڏهن پنهنجو منهن ۽ هٿ ٺونٺين تائين ڌوئيندا ڪريو ۽ مٿي تي (پاڻي سان آلو ڪيل) هٿ گهمايو ۽ پنهنجا ٻئي پير مرن تائين ڌوئي ڇڏيو ۽ جيڪڏهن تڙ جي ضرورت هجي ته وهنجي صاف ۽ پاڪ ٿيو ۽ جيڪڏهن توهان بيمار هجو ۽ (پاڻيءَ جو استعمال نقصانڪار هجي) يا سفر ۾ هجو (۽ پاڻيءَ جي ڳولا ڪرڻ ۾ تڪليف هجي) يا توهان مان ڪو پائخاني مان ٿي آيو هجي يا عورت کي هٿ لاتو هجيس (همبستر ٿيو هجي) ۽ پاڻي نه ملي ته پوءِ (وضوءِ غسل لاءِ پاڻيءَ بدران) پاڪ مٽيءَ کان ڪم وٺو. (تيمم جو طريقو هي آهي ته) پاڪ مٽيءَ تي هٿ لڳائي هٿن کي منهن ۽ ٻانهن تي (ٺونٺين تائين) گهمايو. الله تعاليٰ نٿو چاهي ته توهان کي ڪنهن به قسم جي تڪليف ۽ تنگيءَ ۾ وجهي، بلڪ هو چاهي ٿو ته توهان کي (اهڙن عملن جي وسيلي) صاف ۽ پاڪ رکي ۽ پڻ چاهي ٿو ته توهان تي پنهنجي نعمت (هدايت) پوري ڪري ته توهان شڪرگذار رهو (يعني الله جي نعمتن جو قدر ڪريو).

## شاهديءَ انصاف

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْا قَوّٰمِيْنَ لِلّٰهِ شُهَدَآءَ بِالْقِسْطِ ۫ وَ لَا يَجْرِمَنَّكُمْ شَنَاٰنُ قَوْمٍ عَلٰۤى اَلَّا تَعْدِلُوْا ؕ اِعْدِلُوْا ۫ هُوَ اَقْرَبُ لِلتَّقْوٰى ۫ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ۝٨ (المائده: ٨)

(٨) مؤمنؤ! خدا (جي سچائيءَ) جي لاءِ مضبوطيءَ سان قائم رهڻ وارا ۽ انصاف جي لاءِ (سچي) شاهدي ڏيڻ وارا ٿيو ۽ (خبردار) ائين نه ٿئي جو ڪن ماڻهن جي (اوهان سان) دشمني اوهان کي هن ڳالهه لاءِ اياري ته توهان (ساڻن) انصاف نه ڪيو. (هر حال ۾) انصاف ڪيو. چو ته ائين ڪرڻ تقويٰ کي ويجهو آهي ۽ الله (جي نافرماني جي نتيجن) کان ڊڄو توهان جيڪي به ڪيو ٿا تنهن جي الله تعاليٰ خبر رکندڙ آهي.





## تقويٰ ۽ جهاد جو حڪم

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ابْتَغُوْۤا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ وَ جَاهِدُوْا فِيْ سَبِيْلِهٖ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ۝٣٥ (المائده: ٣٥)

(٣٥) مؤمنؤ! الله (جي نافرمانين جي نتيجن) کان ڊڄندا رهو ۽ وٽس پهچڻ لاءِ حيلا وسيلا ڳوليندا رهو ۽ سندس راهه ۾ ڪوشش ۽ جهاد ڪندا رهو. انهيءَ لاءِ ته توهان ڪاميابي حاصل ڪيو.

## چوريءَ جي سزا

وَ السَّارِقُ وَ السَّارِقَةُ فَاقْطَعُوْۤا اَيْدِيَهُمَا جَزَآءًۢ بِمَا كَسَبَا نَكَالًا مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ۝٣٨ فَمَنْ تَابَ مِنْۢ بَعْدِ ظُلْمِهٖ وَ اَصْلَحَ فَاِنَّ اللّٰهَ يَتُوْبُ عَلَيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝٣٩ (المائده: ٣٨، ٣٩)

(٣٨) ۽ جيڪي چور هجن مرد خواهه عورتون تن جا هٿ وڍي ڇڏيو. اها هنن جي ڪِيئي جي سزا آهي ۽ الله جي طرف کان عبرت جي نشاني آهي (جنهن کي ڏسي ٻيا چوري نه ڪندا) الله تعاليٰ (سيني تي) غالب ۽ (پنهنجي سيني حڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي. (٣٩) پوءِ جنهن اهڙي ظلم (يعني چوري) ڪرڻ بعد توبه ڪئي (يعني چوري ڪرڻ کان هميشه لاءِ باز رهيو) ۽ پاڻ کي سڌاريائين، تنهن ڏانهن الله تعاليٰ به (پنهنجي رحمت جي) موٽ ڪندو بيشڪ هو بخشيندڙ ۽ رحمت رکندڙ آهي.

## انصاف ڪرڻ جو حڪم

وَ اِنْ حَكَمْتَ فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ بِالْقِسْطِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ۝٤٢ (المائده: ٤٢)

پر جيڪڏهن فيصلو ڪرين ته پوءِ هنن جي وچ ۾ بلڪل انصاف سان فيصلو ڪر (اهو خيال نه ڪر ته هو شرير يا ڪافر آهن) بيشڪ الله تعاليٰ انصاف ڪندڙن کي حب ٿو ڪري.

****



www.sindhsalamat.com

لَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا بِالْبَيِّنٰتِ وَ اَنْزَلْنَا مَعَهُمُ الْكِتٰبَ وَ الْمِيْزَانَ لِيَقُوْمَ النَّاسُ بِالْقِسْطِ ۚ وَ اَنْزَلْنَا الْحَدِيْدَ فِيْهِ بَاْسٌ شَدِيْدٌ وَّ مَنَافِعُ لِلنَّاسِ وَ لِيَعْلَمَ اللّٰهُ مَنْ يَّنْصُرُهٗ وَ رُسُلَهٗ بِالْغَيْبِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿٢٥﴾ (الحديد: ٢٥)

(٢٥) هيءَ حقيقت آهي تہ اسان پنهنجي رسولن کي چٽين نشانين (۽ چٽن حڪمن) سان موڪليو ۽ انهن سان گڏ ڪتاب ۽ تارازي نازل ڪئي سين انهيءَ تہ ماڻهو عدل ۽ انصاف تي قائم رهن ۽ پڻ الله تعاليٰ لوهہ نازل ڪيو آهي (يعني عطا ڪيو آهي) جنهن سان سخت لڙائي ڪري تي سگهجي ۽ جنهن ۾ ماڻهن لاءِ گهڻائي فائدا رکيل آهن ۽ (اهي ٿيئي شيون) هن لاءِ (عطا ڪيل آهن) تہ الله تعاليٰ ڏسي وٺي تہ ڪهڙا ماڻهو (انهن ٽن شين سان) ڪيس ۽ سندس رسولن کي اڻ ڏٺي مدد ڪن ٿا (۽ اهو خيال نٽا ڪن تہ اسان جي حق جي راهہ ۾ مدد ڀيا ماڻهو ڏسن ٿا يا نہ) يقيناً الله تعاليٰ وڏي طاقت وارو ۽ زبردست غالب آهي (۽ سڀ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو).

## اسلامي قانون جي مطابق فيصلو ڪرڻ

اِنَّآ اَنْزَلْنَا التَّوْرٰىةَ فِيْهَا هُدًى وَّ نُوْرٌ ۚ يَحْكُمُ بِهَا النَّبِيُّوْنَ الَّذِيْنَ اَسْلَمُوْا لِلَّذِيْنَ هَادُوْا وَ الرَّبّٰنِيُّوْنَ وَ الْاَحْبَارُ بِمَا اسْتُحْفِظُوْا مِنْ كِتٰبِ اللّٰهِ وَ كَانُوْا عَلَيْهِ شُهَدَآءَ ۚ فَلَا تَخْشَوُا النَّاسَ وَ اخْشَوْنِ وَ لَا تَشْتَرُوْا بِاٰيٰتِيْ ثَمَنًا قَلِيْلًا ۭ وَ مَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٤٤﴾ (المائده: ٤٤)

(٤٤) بيشڪ اسان تورات نازل ڪيو. ان ۾ هدايت ۽ روشني آهي. خدا جا نبي جيڪي (خدا جي حڪمن جا) فرمانبردار هئا. انهيءَ (تورات) جي مطابق يهودين کي حڪم ڏيندا هئا ۽ پڻ ربي ۽ احبار (يعني يهودين جا علماء ۽ مشائخ) انهيءَ (تورات) تي عمل ڪندا هئا. ڇو تہ هو انهيءَ الله جي ڪتاب جا محافظ ٺهرايا ويا هئا ۽ ان (جي حڪمن ۽ هدايتن) تي شاهد هئا. پوءِ (اي يهودين جي جماعت وارؤ! حق جي تابعداري ڪرڻ ۾) ماڻهن کان نہ ڊڄو. مون کان ڊڄو ۽ منهنجي آيتن کي (دنيائي فائدي جي) ٿورڙي بها تي وڪڻي نہ ڇڏيو. (ياد رکو تہ) جيڪڏهن ڪوبہ خدا جي نازل ڪيل





ڪتاب مطابق حڪم نہ ڏيندو تہ اهڙائي ماڻهو آهن. جي ڪافر آهن.

****

وَ كَتَبْنَا عَلَيْهِمْ فِيْهَآ اَنَّ النَّفْسَ بِالنَّفْسِ ۙ وَ الْعَيْنَ بِالْعَيْنِ وَ الْاَنْفَ بِالْاَنْفِ وَ الْاُذُنَ بِالْاُذُنِ وَ السِّنَّ بِالسِّنِّ ۙ وَ الْجُرُوْحَ قِصَاصٌ ۭ فَمَنْ تَصَدَّقَ بِهٖ فَهُوَ كَفَّارَةٌ لَّهٗ ۭ وَ مَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٤٥﴾ (المائده: ٤٥)

(٤٥) ۽ اسان (يهودين جي لاءِ تورات ۾) هي حڪم ڏنو هو تہ جان جي عيوض ۾ جان. اک جي عيوض ۾ اک. نڪ جي عيوض ۾ نڪ. ڪن جي عيوض ۾ ڪن. ڏند جي عيوض ۾ ڏند ۽ زخمن جي عيوض ۾ اهڙائي زخم. پوءِ جيڪو بدلو وٺڻ معاف ڪري ڇڏي تنهن لاءِ اها (معافي سندس گناهن جو) ڪفارو ٿيندي ۽ جيڪڏهن ڪو خدا جي نازل ڪيل ڪتاب موجب حڪم نہ ڏيندو تہ اهڙائي ماڻهو آهن جي ظلم ڪندڙ آهن.

****

وَ لْيَحْكُمْ اَهْلُ الْاِنْجِيْلِ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فِيْهِ ۭ وَ مَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٤٧﴾ (المائده: ٤٧)

(٤٧) انجيل وارن (عيسائين) کي گهرجي تہ جيڪي انجيل ۾ الله تعاليٰ نازل ڪيو آهي تنهن موجب حڪم ڏين. ۽ جيڪڏهن ڪو خدا جي نازل ڪيل ڪتاب موجب حڪم نہ ڏيندو تہ پوءِ اهڙائي ماڻهو آهن جي فاسق آهن.

****

قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لَسْتُمْ عَلٰى شَيْءٍ حَتّٰى تُقِيْمُوا التَّوْرٰىةَ وَ الْاِنْجِيْلَ وَ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۭ وَ لَيَزِيْدَنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ مَّآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ طُغْيَانًا وَّ كُفْرًا ۚ فَلَا تَاْسَ عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٦٨﴾ (المائده: ٦٨)

(٦٨) (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کي چئو تہ اي اهل ڪتاب! توهان وٽ ڪا بہ شيءِ ڪانهي (جنهن تي بيهي سگهو) جستائين ڪہ تورات ۽ انجيل



www.sindhsalamat.com

تي ۽ ان تي جيڪي اوهان جي پروردگار وٽان اوهان تي نازل ٿيو آهي، قائم رهو. ۽ (اي پيغمبر! تون ڏسندين ته) جيڪي تنهنجي پروردگار وٽان توتي نازل ٿيو آهي سو (هنن کي هدايت ۽ نصيحت جو سبب ٿيڻ بدران) هنن کي سرڪشي ۽ ڪفر ۾ وڌائيندو (چو ته ڪين توسان حسد ۽ ساڙ آهي). پوءِ تون انهيءَ انڪار ڪندڙ قوم جي حالت تي افسوس نه ڪر.

## حلال ڪائڻ جو حڪم

وَكُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا ۠ وَّاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿٨٨﴾

(المائده: ٨٨)

(٨٨) ۽ جيڪي جيڪي الله تعاليٰ اوهان کي ڏنو آهي تنهن مان چڱيون ۽ حلال شيون بيشڪ کائو ۽ انهيءَ الله (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو جنهن تي اوهان ايمان آندو آهي.

## قسم ٽوڙڻ جو ڪفارو

لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغْوِ فِيْٓ اَيْمَانِكُمْ وَلٰكِنْ يُّؤَاخِذُكُمْ بِمَا عَقَّدْتُّمُ الْاَيْمَانَ ۚ فَكَفَّارَتُهٗٓ اِطْعَامُ عَشَرَةِ مَسٰكِيْنَ مِنْ اَوْسَطِ مَا تُطْعِمُوْنَ اَهْلِيْكُمْ اَوْ كِسْوَتُهُمْ اَوْ تَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ ۭ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ اَيَّامٍ ۭ ذٰلِكَ كَفَّارَةُ اَيْمَانِكُمْ اِذَا حَلَفْتُمْ ۭ وَاحْفَظُوْٓا اَيْمَانَكُمْ ۭ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٨٩﴾

(المائده: ٨٩)

(٨٩) الله تعاليٰ اوهان کان انهن قسمن بابت پڇاڻو يا سختي نه ڪندو جي خالي بڪواس ۽ بي معنيٰ آهن. پر انهن بابت باز پرس ڪندو جي ڄاڻي ٻجهي ڪنيا اٿو پوءِ (جيڪڏهن اهڙو قسم ٽوڙيو پوي ته) ان جو ڪفارو (عيوضو) آهي ڏهن مسڪينن کي ماني کارائڻ درمياني ماني جهڙي پنهنجي ٻارن ٻچن کي کارايو ٿا. يا (ڏهن مسڪينن کي) ڪپڙا پهرائڻ يا هڪڙو غلام آزاد ڪرڻ ۽ جيڪڏهن (انهن تن مان) ڪابه حاصل ٿي نه سگهي ته پوءِ لاڳيتا ٽي ڏينهن روزا رکجن. اهو توهان جي قسمن جو





ڪفارو آهي، جي توهان (ڄاڻي ٻجهي) ڪنيا آهن. پر توهان کي گهرجي ته پنهنجي قسمن جي پوري نگهباني ڪيو (جيئن ٽوڙڻا نه پون) اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ پنهنجون آيتون اوهان جي لاءِ چٽيون ڪري ٿو ڇڏي، انهيءَ لاءِ ته شڪرگذار رهو (۽ سندس هدايتن جو قدر ڪري انهن تي عمل ڪيو).

## تقويٰ، ايمان ۽ عمل صالح جون برڪتون

لَيْسَ عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جُنَاحٌ فِيْمَا طَعِمُوْٓا اِذَا مَا اتَّقَوْا وَّاٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ثُمَّ اتَّقَوْا وَّاٰمَنُوْا ثُمَّ اتَّقَوْا وَّاَحْسَنُوْا ۭ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٩٣﴾ (المائده: ٩٣)

(٩٣) جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون انهن (حرام ٿيڻ جي حڪم کان اڳي) جيڪي (حرام شيون) کاڌيون تن بنسبت مٿن گناهه ڪونهي، جڏهن ته هو (آئنده جي لاءِ) پرهيزگار ٿيا، ايمان آندائون ۽ صالح عمل ڪيائيون ۽ جڏهن ڪنهن ڳالهه کان ڪين روڪيو ويو ته رڪجي پيا ۽ (الله جي حڪم تي) ايمان آندائون ۽ چڱا ڪم ڪيائون. پوءِ به پرهيز ڪندا رهيا ۽ چڱايون ڪيائون (پوءِ بيشڪ هو صالح عمل ڪندڙ آهن) ۽ الله تعاليٰ چڱايون ڪندڙن کي حب ٿو ڪري.

## احرام ۾ زميني ۽ پاڻيءَ جو شڪار ڪرڻ

اُحِلَّ لَكُمْ صَيْدُ الْبَحْرِ وَطَعَامُهٗ مَتَاعًا لَّكُمْ وَلِلسَّيَّارَةِ ۚ وَحُرِّمَ عَلَيْكُمْ صَيْدُ الْبَرِّ مَا دُمْتُمْ حُرُمًا ۭ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٩٦﴾ (المائده: ٩٦)

(٩٦) اوهان جي لاءِ درياهه ۽ سمنڊ جو شڪار ۽ ڪائڻ جون شيون (جي بنا شڪار جي هٿ اچن مثلاً مڇي، جا پاڻيءَ مان نڪري آيل هجي احرام جي حالت ۾ به) حلال آهن. انهيءَ لاءِ ته توهان کي به فائدو پهچي ۽ قافلو به فائدو وٺي. پر خشڪيءَ جو شڪار تيستائين توهان جي لاءِ حرام آهي جيستائين احرام جي حالت ۾ آهيو. پوءِ الله (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو چو ته (آخر) انهيءَ ڏانهن اوهان کي جمع ڪري آندو ويندو.



www.sindhsalamat.com

## ناپاڪ شيون پاڪ شين جي برابر ناهن

قُلْ لَّا يَسْتَوِي الْخَبِيْثُ وَالطَّيِّبُ وَلَوْ اَعْجَبَكَ كَثْرَةُ الْخَبِيْثِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ يٰٓاُولِي الْاَلْبَابِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿١٠٠﴾ (المائده: ١٠٠)

(١٠٠) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چئو ته پاڪ شيون ۽ گنديون شيون هڪ ٻئي جي برابر ٿي نه ٿيون سگهن اگرچه اوهان کي گندي شيءِ جو گهڻو هئڻ پسند اچي. پوءِ اي سمجهه وارؤ! الله (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڏڄو انهيءَ لاءِ ته (نقصان ۽ تباهيءَ جي بدران) ترقي ۽ ڪاميابي حاصل ڪيو.

## پنهنجي ذات کان غافل نه ٿجو

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا عَلَيْكُمْ اَنْفُسَكُمْ ۚ لَا يَضُرُّكُمْ مَّنْ ضَلَّ اِذَا اهْتَدَيْتُمْ ۭ اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٠٥﴾ (المائده: ١٠٥)

(١٠٥) مؤمنؤ! (ياد رکو) توهان تي فقط پنهنجي جان جي ذميواري آهي. (نڪي توهان ٻين جي ڪمن جا ذميوار آهيو نڪي ٻيا اوهان جي ڪمن جا) جيڪڏهن اوهان پاڻ سڌي رستي تي قائم رهندؤ ته ڪنهن ٻئي جو گمراهه هجڻ اوهان کي ڪجهه به نقصان پهچائي نه سگهندو (۽ آخر) اوهان سڀني کي الله ئي جي طرف موٽڻو آهي ۽ (انهيءَ ڏينهن) هو اوهان کي ٻڌائيندو ته اوهان ڪهڙا ڪهڙا ڪم (هن دنيا ۾) ڪيا.

## وصيت تي گواهي ڏيڻ

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا شَهَادَةُ بَيْنِكُمْ اِذَا حَضَرَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ حِيْنَ الْوَصِيَّةِ اثْنٰنِ ذَوَا عَدْلٍ مِّنْكُمْ اَوْ اٰخَرٰنِ مِنْ غَيْرِكُمْ اِنْ اَنْتُمْ ضَرَبْتُمْ فِي الْاَرْضِ فَاَصَابَتْكُمْ مُّصِيْبَةُ الْمَوْتِ ۭ تَحْبِسُوْنَهُمَا مِنْۢ بَعْدِ الصَّلٰوةِ فَيُقْسِمٰنِ بِاللّٰهِ اِنِ ارْتَبْتُمْ لَا نَشْتَرِيْ بِهٖ ثَمَنًا وَّلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ۙ وَلَا نَكْتُمُ شَهَادَةَ ۙ اللّٰهِ اِنَّآ اِذًا لَّمِنَ الْاٰثِمِيْنَ ﴿١٠٦﴾ فَاِنْ عُثِرَ عَلٰٓى اَنَّهُمَا اسْتَحَقَّآ اِثْمًا فَاٰخَرٰنِ يَقُوْمٰنِ مَقَامَهُمَا مِنَ الَّذِيْنَ اسْتَحَقَّ عَلَيْهِمُ





الْاَوْلَيٰنِ فَيُقْسِمٰنِ بِاللّٰهِ لَشَهَادَتُنَآ اَحَقُّ مِنْ شَهَادَتِهِمَا وَمَا اعْتَدَيْنَآ ۡ اِنَّآ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٠٧﴾ ذٰلِكَ اَدْنٰٓى اَنْ يَّاْتُوْا بِالشَّهَادَةِ عَلٰي وَجْهِهَآ اَوْ يَخَافُوْٓا اَنْ تُرَدَّ اَيْمَانٌۢ بَعْدَ اَيْمَانِهِمْ ۭ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاسْمَعُوْا ۭ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿١٠٨﴾ (المائده: ١٠٦ کان ١٠٨)

(١٠٦) مؤمنؤ! جڏهن اوهان مان ڪنهن تي موت جي گهڙي اچي وڃي (۽ وصيت ڪرڻ چاهي) ته وصيت جي وقت شاهديءَ لاءِ اوهان مان ٻه معتبر عادل ماڻهو شاهد ٿيڻ گهرجن. پر جيڪڏهن اوهان سفر ۾ هجوءِ موت جي گهڙي پيش اچي وڃي (۽ مسلمان شاهد نه ملي سگهن) ته (مسلمان شاهدن جي بدران) غيرمسلم شاهد به ٿي سگهن ٿا. (پوءِ جيڪڏهن انهن شاهدن جي سچائيءَ ۾ ڪنهن طرح جو شڪ پئجي وڃي ته) انهن کي نماز بعد (مسجد ۾) روڪيو. هو الله جو قسم کڻي چون ته اسان پنهنجو قسم ڪنهن به عيوضي لاءِ ڪونه وڪيو آهي. اگرچه (فائدو وٺندڙ) اسان جو ويجهو مائٽ هجي (ته به اسان ڪوڙ ڳالهائي قسم ڪونه پيچنداسين) اسان خدا ڪارڻ سچي شاهدي ڪڏهن به نه لڪائينداسين. جيڪڏهن اسان ائين ڪيون ته گناهه اسان تي آهي. (١٠٧) پوءِ جيڪڏهن معلوم ٿئي ته انهن ٻنهي شاهدن گناهه جو ڪم ڪيو آهي (۽ ڪوڙ ڳالهايو اٿن) ته پوءِ انهن جي جاءِ تي ٻيا ٻه شاهد انهن ماڻهن مان اٿي کڙا ٿين جن جو حق (پهرين شاهدن مان هرهڪ دبائڻ چاهيو هو ۽ اهي (ٻيا) شاهد انهن مان هجن جي (مظلوم ڌر سان) ويجهڙائي رکندڙ هجن. پوءِ اهي ٻئي خدا جو قسم کڻي چون ته اسان جي شاهدي پهرين شاهدن جي شاهديءَ کان وڌيڪ سچي آهي. اسان شاهدي ڏيڻ ۾ ڪنهن به قسم جي زيادتي ڪانه ڪئي آهي. جيڪڏهن زيادتي ڪيون ته ظلم جو گناهه اسان جي گردن تي آهي. (١٠٨) هن طرح جي قسم مان وڌيڪ اميد رکي سگهجي ٿي ته شاهد سچي شاهدي ڏيندا يا (گهٽ ۾ گهٽ) هنن کي هن ڳالهه جو انديشو ٿيندو ته متان اسان جي قسمن کي ٻي ڌر جي قسمن بعد رد نه ڪيو وڃي. (بهرحال) الله (جي نافرماني جي نتيجن) کان ڏڄوءِ سندس حڪم ٻڌوءِ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ نافرمانن لاءِ هدايت واري واٽ نٿو کولي.



www.sindhsalamat.com

## سلام چوڻ جا حڪم

وَ اِذَا جَآءَكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِنَا فَقُلْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ ۙ اَنَّهٗ مَنْ عَمِلَ مِنْكُمْ سُوْٓءًۢا بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَ اَصْلَحَ فَاَنَّهٗ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۵۴﴾ (الانعام: ۵۴)

(۵۴) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن اهي ماڻهو تو وٽ اچن جن اسان جي آيتن تي ايمان آندو آهي، تڏهن تون (مٿن مهربان ٿي ۽) چئو تہ اوهان تي سلام هجي، توهان جي پروردگار پنهنجي مٿان رحمت لازم ڪري ڇڏي آهي. توهان منجهان جيڪڏهن ڪوئي اڻ ڄاڻائيءَ کان ڪا برائي ڪري وجهي ۽ پوءِ توبہ ڪري (يعني آئنده اها برائي نہ ڪري) ۽ پاڻ کي سڌاري تہ پوءِ (خدا جي رحمت کان نااميد نہ ٿيو) بيشڪ هو غفور ۽ رحيم آهي.

## بيهودن ماڻهن کان ٽارو ڪرڻ جو حڪم

وَاِذَا رَاَيْتَ الَّذِيْنَ يَخُوْضُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِنَا فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ حَتّٰى يَخُوْضُوْا فِيْ حَدِيْثٍ غَيْرِهٖ ۭ وَاِمَّا يُنْسِيَنَّكَ الشَّيْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ بَعْدَ الذِّكْرٰى مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۶۸﴾

(الانعام: ۶۸)

(۶۸) ۽ جڏهن توهان اهڙن ماڻهن کي ڏسو جيڪي اسان جي آيتن بابت (شرارت ڪري) بيهودي بڪواس ڪن ٿا تڏهن توهان انهن کان پاسو ڪري هليا وڃو جيستائين هو ڪنهن ٻيءَ ڳالهہ تي غور ۽ خوض ڪرڻ لڳن (پوءِ ڀلي وٽن ويهو ۽ بحث ۾ شامل ٿيو) ۽ جيڪڏهن شيطان اوهان کان هيءَ (ڳالهہ) وسارائي ڇڏي تہ يادگيري اچڻ بعد اهڙي قوم (جي مجلس) ۾ نہ ويهو جا ظلم ڪندڙ آهي.

## خدا جي ڏسيل واٽ ئي حق جي واٽ آهي

قُلْ اَنَدْعُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُنَا وَلَا يَضُرُّنَا وَنُرَدُّ عَلٰٓى اَعْقَابِنَا بَعْدَ اِذْ هَدٰىنَا اللّٰهُ كَالَّذِي اسْتَهْوَتْهُ الشَّيٰطِيْنُ فِي الْاَرْضِ حَيْرَانَ ۠ لَهٗٓ اَصْحٰبٌ يَّدْعُوْنَهٗٓ اِلَى





الْهُدَى ائْتِنَا ۭ قُلْ اِنَّ هُدَى اللّٰهِ هُوَ الْهُدٰى ۭ وَاُمِرْنَا لِنُسْلِمَ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۷۱﴾

(الانعام: ۷۱)

(۷۱) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کان) پڇ تہ ڇا اسان خدا کي ڇڏي انهن (ديوتائن يا بتن) کي پڪاريون جي (پاڻ بيوس آهن ۽) نڪي اسان کي فائدو پهچائي سگهن ٿا، نڪي نقصان؟ ۽ توڙي خدا اسان کي (حق پرستيءَ جي) سڌي واٽ ڏيکاري آهي تڏهن بہ (گمراهيءَ جي طرف) پنئين پير ڦري هليا وڃون؟ ۽ اسان جو مثال انهيءَ ماڻهو جهڙو ٿي پوي جنهن کي شيطان بيابان ۾ واٽ ڀلائي ڇڏي هجي ۽ حيران پريشان ٿي (هيڏي هوڏي ڀٽڪي) رهيو هجي ۽ سندس سنگتي هن کي واٽ جي طرف سڏيندا رهن (۽ چوندا هجن تہ ڪاڏي گم ٿي ويو آهين) هيڏي اسان ڏي اچ؟ (اي پيغمبر!) تون چئو تہ، فقط خدا جي ڏسيل واٽ ئي حق جي واٽ آهي ۽ اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ سڀني جهانن جي پروردگار جي اڳيان فرمانبرداريءَ جو سر جهڪايون.

## نماز ۽ تقويٰ جو حڪم

وَاَنْ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاتَّقُوْهُ ۭ وَهُوَ الَّذِيْٓ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿۷۲﴾ (الانعام: ۷۲)

(۷۲) اسان کي هي پڻ حڪم ڏنو ويو آهي تہ نماز قائم ڪيو ۽ (هر حال ۾ خدا (جي نافرماني جي نتيجن) کان ڊڄندا رهو ۽ آخر انهيءَ ئي جي طرف توهان کي جمع ڪري موٽايو ويندو.

## امن ۽ سلامتي جو رستو

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَمْ يَلْبِسُوْٓا اِيْمَانَهُمْ بِظُلْمٍ اُولٰۗىِٕكَ لَهُمُ الْاَمْنُ وَهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿۸۲﴾

(الانعام: ۸۲)

(۸۲) جن ماڻهن (خدا تي) ايمان آندو ۽ پنهنجي ايمان کي ظلم (شرڪ سان بگاڙي نہ ڇڏيو تن جي لاءِ ئي امن امان آهي ۽ اهي ئي صحيح راهہ تي آهن.



www.sindhsalamat.com

## تڪبير پڙهي ذبح يا شڪار ڪيل جانور جو گوشت

فَكُلُوْا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ اِنْ كُنْتُمْ بِاٰيٰتِهٖ مُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٨﴾ (الانعام: ١١٨)

(١١٨) پوءِ (گمراهن جي وهمن ۽ گمانن جي پيروي نه ڪيوءِ جنهن (جانور) تي خدا جو نالو ورتو ويو آهي، سو بيشڪ کائو جيڪڏهن توهان خدا جي آيتن تي ايمان رکو ٿا.

## فصل جي ڪٽائي تي خدا جو حق ادا ڪرڻ

وَهُوَ الَّذِيْٓ اَنْشَاَ جَنّٰتٍ مَّعْرُوْشٰتٍ وَّغَيْرَ مَعْرُوْشٰتٍ وَّالنَّخْلَ وَالزَّرْعَ مُخْتَلِفًا اُكُلُهٗ وَالزَّيْتُوْنَ وَالرُّمَّانَ مُتَشَابِهًا وَّغَيْرَ مُتَشَابِهٍ ۭ كُلُوْا مِنْ ثَمَرِهٖٓ اِذَآ اَثْمَرَ وَاٰتُوْا حَقَّهٗ يَوْمَ حَصَادِهٖ ڮ وَلَا تُسْرِفُوْا ۭ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿١٤١﴾ (الانعام: ١٤١)

(١٤١) ۽ (ڏسو ته) اهو خدا ئي آهي جنهن (طرحين طرحين وڻن جا) باغ پيدا ڪيا، ڪي منهن تي چڙهايل (جيئن ڊاک جون وليون) ۽ ڪي بنا مَنهن جي (جيئن عام وڻ آهن) ۽ پڻ کجيءَ جا وڻ ۽ پوکون پيدا ڪيائين جن جا ميوا جدا جدا قسمن جا ٿين ٿا. پڻ زيتون ۽ ڏاڙهن جا وڻ پيدا ڪيائين جن مان ڪي صورت شڪل ۾ هڪ جهڙا ته ڪي وري مخلتف، سو (خدا جا پيدا ڪيل) ميوا شوق سان کائو جڏهن اهي وڻن ۾ پيدا ٿين ۽ پچن. ۽ اوهان کي گهرجي ته جڏهن فصل ڪٽو تڏهن هن جو (يعني خدا جو) حق به ڏيندا ڪريو (يعني خدا جي راهه ۾ صدقو ۽ زڪوت ڪيندا ڪريو) ۽ اسراف نه ڪيو. خدا انهن کي پسند نٿو ڪري جيڪي اسراف ڪندڙ آهن.

## والدين سان ڀلايون ڪرڻ جو حڪم

وَّبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ۚ (الانعام: ١٥١)

پنهنجي ماءُ پيءُ سان چڱي هلت وٺوءِ چڱايون ڪيو.





## ماپ تور ۾ انصاف، سچ ڳالهه چوڻ ۽ واعدو پاڙڻ

وَاَوْفُوا الْكَيْلَ وَالْمِيْزَانَ بِالْقِسْطِ ۚ لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ۚ وَاِذَا قُلْتُمْ فَاعْدِلُوْا وَلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ۚ وَبِعَهْدِ اللّٰهِ اَوْفُوْا ۭ ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿١٥٢﴾ (الانعام: ١٥٢)

۽ (هي ڳالهه به ياد رکو ته) انصاف ۽ ايمانداريءَ سان تور ۽ ماپ پوري ڪريو. اسان ڪنهن به جان (انسان) تي سندس طاقت کان ٻاهر بار نٿا رکون (پنهنجي طاقت آهر انصاف ۽ ايمانداريءَ جي ڪوشش ڪريو) ۽ جڏهن ڪابه ڳالهه چؤ ته حق ۽ انصاف جي چئو. اگرچه معاملو پنهنجي مائٽن سان تعلق رکندڙ هجي (۽ فيصلو سندس خلاف وڃي) ۽ الله سان جيڪو عهد اقرار ڪيو اٿو سو پورو ڪيو ۽ چڱيءَ طرح پاڙيو. اهي ڳالهيون آهن جن جو خدا اوهان کي حڪم ڏنو آهي، انهيءَ لاءِ ته من نصيحت وٺو (۽ صالح عمل ڪيو).

## صراط مستقيم تي هلڻ

وَاَنَّ هٰذَا صِرَاطِيْ مُسْتَقِيْمًا فَاتَّبِعُوْهُ ۚ وَلَا تَتَّبِعُوا السُّبُلَ فَتَفَرَّقَ بِكُمْ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۭ ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٥٣﴾ (الانعام: ١٥٣)

(١٥٣) ۽ (الله تعاليٰ ٻڌايو ته خدا پرستي ۽ نيڪ عمليءَ جي) اهائي واٽ منهنجي (ٺهرايل) سڌي واٽ آهي، سو انهيءَ ئي (واٽ) تي هلو. (ٻين) واٽن تي نه هلو متان اهي واٽون اوهان کي خدا جي سڌيءَ واٽ کان جدا ڪري ڇڙوڇڙ ۽ گمراهه ڪري ڇڏين. اها ڳالهه آهي جهن جو خدا اوهان کي حڪم ڏنو آهي، انهيءَ لاءِ ته توهان پرهيزگار ٿي پئو.

## قرآن ڪريم تي عمل ڪرڻ

وَهٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ فَاتَّبِعُوْهُ وَاتَّقُوْا لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿١٥٥﴾ (الانعام: ١٥٥)

(١٥٥) ۽ (اهڙيءَ طرح) هي ڪتاب (قرآن مجيد) آهي، جنهن کي اسان نازل ڪيو آهي جو برڪت وارو آهي (يعني جيڪي ان جي پيروي ڪندا



www.sindhsalamat.com

تن لاءِ برڪت واري راهه کولي ڇڏيندڙ آهي). پوءِ توهان کي گهرجي تہ ان (قرآن مجيد) جي پيروي ڪيو ۽ پرهيزگاريءَ جو ڍنگ اختيار ڪيو تہ توهان تي رحم ڪيو وڃي.

❊❊❊❊

وَاتَّبِعُوْٓا اَحْسَنَ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ الْعَذَابُ بَغْتَةً وَّ اَنْتُمْ لَا تَشْعُرُوْنَ ﴿٥٥﴾ (الزمر: ٥٥)

(٥٥) ۽ جيڪي اوهان جي پروردگار وٽان اوهان تي نازل ڪيو ويو آهي تنهن جي بهترين ڳالهين ۽ حڪمن جي پيروي ڪيو ان کان اڳي جو اوهان تي اوچتو عذاب اچي وڃي ۽ اوهان کي پتو ئي نہ پوي.

## هڪ نيڪيءَ جو ثواب ڏهوڻ تي

مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ عَشْرُ اَمْثَالِهَا ۚ وَمَنْ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجْزٰٓى اِلَّا مِثْلَهَا وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿١٦٠﴾ (الانعام: ١٦٠)

(١٦٠) (ياد رکو تہ) جيڪو بہ (الله جي حضور ۾) نيڪي (صالح عمل آڻيندو تنهن کي سندس نيڪ عملن کان ڏهوڻو ثواب ملندو. ۽ جيڪو برائي آڻيندو سو ان برائيءَ جي بدلي ۾ اوتري ئي سزا ڪائيندو جيتري برائي ڪئي هوندائين (يعني نيڪيءَ جي اجر ۾ واڌارو ڪيو وڃي ٿو پر برائي جي سزا ۾ واڌارو ڪونهي) ۽ ائين ڪونہ ٿيندو جو (عملن جي بدلي ۾) ماڻهن سان ڪجهه بہ بي انصافي ڪئي وڃي.

## اطاعت، قربانيون ۽ جيئڻ مرڻ الله جي لاءِ آهي

قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦٢﴾ لَا شَرِيْكَ لَهٗ ۚ وَبِذٰلِكَ اُمِرْتُ وَاَنَا اَوَّلُ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿١٦٣﴾ (الانعام: ١٦٢، ١٦٣)

(١٦٢) چؤ تہ منهنجي نماز منهنجو حج (قرباني) منهنجو جيئڻ ۽ منهنجي مرڻ سڀ ڪجهه فقط الله جي لاءِ آهي، جو سڀني جهان جو پروردگار آهي.





(١٦٣) هن جو ڪوئي شريڪ ڪونهي. مون کي انهيءَ ئي ڳالهه جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ مان مسلمانن ۾ (يعني خدا جي فرمانبردارن ۾) پهريون فرمانبردار آهيان.

❊❊❊❊

وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا نُوْحِيْٓ اِلَيْهِ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا فَاعْبُدُوْنِ ﴿٢٥﴾ (الانبياء: ٢٥)

(٢٥) ۽ (اي پيغمبر!) اسان توکان اڳي ڪوبہ پيغمبر اهڙو ڪونہ موڪليو جنهن ڏي هن ڳالهه جو وحي نہ موڪليوسين تہ ڪوبہ معبود ڪونهي سواءِ منهنجي. پوءِ اوهان کي گهرجي تہ فقط منهنجي ٻانهپ ڪريو.

## الله کي سچي دل ۽ ڪامل فرمانبرداري سان مڃيو

قُلْ اَمَرَ رَبِّيْ بِالْقِسْطِ ۗ وَاَقِيْمُوْا وُجُوْهَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ وَّادْعُوْهُ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۬ كَمَا بَدَاَكُمْ تَعُوْدُوْنَ ﴿٢٩﴾ (الاعراف: ٢٩)

(٢٩) (اي پيغمبر! تون انهن ماڻهن کي) چئو تہ منهنجي پروردگار (هر حالت ۾) اعتدال جي راهه اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي (پڻ حڪم ڪيو آهي تہ) نماز جي هر وقت تي ۽ هر هنڌ پنهنجا منهن بلڪل سڌا رکو (يعني پوريءَ طرح الله جي اڳيان نياز جو سر جهڪايو) ۽ الله کي سچي دل سان ۽ ڪامل فرمانبرداريءَ جي نيت سان پڪاريو (ياد رکو تہ) جهڙيءَ طرح الله تعاليٰ اوهان کي پهرياتين پيدا ڪيو تهڙيءَ طرح اوهان (موت کان پوءِ ڏانهنس) موٽندؤ.

## خدا جي دربار ۾ سنورجي اچو ۽ اسراف نہ ڪيو

يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ خُذُوْا زِيْنَتَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ وَّكُلُوْا وَاشْرَبُوْا وَلَا تُسْرِفُوْا ۚ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿٣١﴾ (الاعراف: ٣١)

(٣١) اي آدم جا اولاد! نماز جي هر وقت ۽ هر هنڌ سنائي ۽ سينگار رکو ۽



www.sindhsalamat.com

(بيشڪ) ڪائو پيئو (يعني الله تعاليٰ جون ڏنل نعمتون ماڻيو) پر حدن کان ٻاهر نہ وڃو. (حدن کان ٻاهر وڃڻ ۾ اوهان جو ئي نقصان آهي) بيشڪ الله تعاليٰ انهن کي پسند نٿو ڪري جيڪي حدن کان ٻاهر ٿا وڃن.

## نوڙت ۽ خلوت سان رب کي پڪاريو

اُدْعُوْا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَّ خُفْيَةً ۭ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿۵۵﴾ (الاعراف: ۵۵)

(۵۵) (اي انسانو!) خدا کي نماڻائي ۽ آهہ زاريءَ سان ۽ خلوت ۾ (اڪيلائي ۾ آهستہ آهستہ (نہ وڏي واڪي سان) پڪاريو. (ياد رکو تہ الله تعاليٰ دل جا خيال بہ ڄاڻي ٿو. ظاهري ڏيک ويک ڪرڻ ۽ هٿ وڏائي رکڻ واري دعا يا نماز گهربل اخلاقي بلندي ۽ روحانيت پيدا نہ ڪندي اٽلندو خدا کان دور ڪندي) يقين ڄاڻو تہ الله انهن کي حب نٿو ڪري جي حدن کان ٻاهر وڃن.

## زمين ۾ فساد نہ ڪريو

وَلَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ بَعْدَ اِصْلَاحِهَا وَادْعُوْهُ خَوْفًا وَّطَمَعًا ۭ اِنَّ رَحْمَتَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۵۶﴾ (الاعراف: ۵۶)

(۵٦) (اهڙي دعا زمين تي سڌارو ۽ امن امان پيدا ڪندڙ آهي) ۽ توهان (اي انسانو!) متان درستي انتظام ۽ امن امان بعد زمين تي فساد ۽ خرابيون پيدا ڪيو (ان لاءِ ضروري آهي تہ) الله تعاليٰ کي خوف ۽ اميد جا جذبا رکي پڪاريو. (خوف اهو رکو تہ متان اوهان کان خدا جي نافرمانيءَ جو ڪو ڪم ٿي وڃي ۽ اميد اها رکو تہ چڱن ڪمن لاءِ توهان کي برڪتون نصيب ٿينديون) بيشڪ الله جي رحمت نيڪيون ڪندڙن کي بلڪل ويجهي آهي.

****

وَالَّذِيْنَ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مِيْثَاقِهٖ وَيَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَيُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ ۙ اُولٰۗىِٕكَ لَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوْۗءُ الدَّارِ ﴿۲۵﴾

(الرعد: ۲۵)





(۲۵) ۽ جن ماڻهن جو حال هي آهي جو الله جو عهد مضبوط ڪرڻ بعد وري ان کي ٽوڙي ٿا ڇڏين ۽ جن لاڳاپن ڳنڍڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي تن کي ڪپي ٿا ڇڏين ۽ ملڪ ۾ شرارتون ۽ فساد ڪندا ٿا رهن سي اهي ماڻهو آهن جن جي لاءِ لعنت آهي ۽ بري رهڻ جي جاءِ آهي. (يعني دوزخ ۾ داخل ٿيندا).

## نرمي، درگذر ۽ جاهلن کان ٽارو ڪرڻ جو حڪم

خُذِ الْعَفْوَ وَاْمُرْ بِالْعُرْفِ وَاَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِيْنَ ﴿۱۹۹﴾ (الاعراف: ۱۹۹)

(۱۹۹) (بهرحال) نرمي ۽ درگذر کان ڪم وٺ. نيڪيءَ جو حڪم ڏي ۽ جاهلن کان مڙي لنگهہ.

## قرآن کي توجهہ سان ٻڌو

وَاِذَا قُرِئَ الْقُرْاٰنُ فَاسْتَمِعُوْا لَهٗ وَاَنْصِتُوْا لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿۲۰۴﴾ (الاعراف: ۲۰۴)

(۲۰۴) (اي مسلمانو!) جڏهن بہ قرآن مجيد پڙهيو وڃي تڏهن دل لڳائي ٻڌندا ڪريو ۽ خاموش رهندا ڪريو تہ اوهان تي الله تعاليٰ جي رحمت ٿئي.

****

لَا تَسْمَعُوْا لِهٰذَا الْقُرْاٰنِ وَالْغَوْا فِيْهِ (حم السجدة: ۲٦)

هي قرآن نہ ٻڌو ۽ (جڏهن مؤمن قرآن پڙهي ٻڌائين تڏهن) شور مچايو.

## هڪ ٻئي سان معاملا درست رکو

يَسْـَٔــلُوْنَكَ عَنِ الْاَنْفَالِ ۭ قُلِ الْاَنْفَالُ لِلّٰهِ وَالرَّسُوْلِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَصْلِحُوْا ذَاتَ بَيْنِكُمْ ۠ وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗٓ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱﴾ (الانفال: ۱)

(۱) (اي پيغمبر!) ماڻهو توکان غنيمت جي مال بابت پڇن ٿا (تہ ڪيئن ورهائجي؟) تون کين چئو تہ غنيمت جو مال دراصل الله ۽ ان جي رسول جو



www.sindhsalamat.com

آهي. (يعني الله ۽ رسول کي ئي فيصلو ڪرڻو آهي) پوءِ جيڪڏهن توهان سچا مؤمن آهيو تہ توهان کي گهرجي تہ (ان مال بابت پاڻ ۾ جهڳڙا نہ ڪيو) الله کان ڊڄو پنهنجا هڪ ٻئي سان معاملا درست رکو ۽ الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداريءَ ۾ محڪم رهو.

## مال ۽ اولاد بہ آزمائش آهن

وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّمَآ اَمْوَالُكُمْ وَ اَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ۙ وَّ اَنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿۲۸﴾

(الانفال: ۲۸)

(۲۸) ۽ ياد رکو تہ توهان جو مال ۽ توهان جو اولاد (اوهان جي لاءِ) هڪ آزمائش آهي (۽ هيءَ ڳالهہ بہ نہ وسارجو تہ) الله ئي آهي جنهن وٽ (نيڪي ڪندڙن لاءِ) وڏو اجر (۽ نعمتون) آهن.

## خدا کان ڊڄندا رهو تہ اوهان منجهان اوهان جون جون برايون ڪيدي ڇڏيندو

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تَتَّقُوا اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّكُمْ فُرْقَانًا وَّيُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَ يَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿۲۹﴾ (الانفال: ۲۹)

(۲۹) مؤمنؤ! جيڪڏهن توهان خدا کان ڊڄندا رهو (۽ سندس نافرماني کان بچو) تہ پوءِ هو توهان جي لاءِ (حق ۽ باطل ۾) فرق ڪرڻ ۽ سمجهڻ جي قوت پيدا ڪندو ۽ اوهان منجهان اوهان جون برايون ڪيدي ڇڏيندو ۽ اوهان کي بخشيندو. (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ تہ تمام وڏو فضل ڪندڙ آهي.

****

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اٰمِنُوْا بِرَسُوْلِهٖ يُؤْتِكُمْ كِفْلَيْنِ مِنْ رَّحْمَتِهٖ وَ يَجْعَلْ لَّكُمْ نُوْرًا تَمْشُوْنَ بِهٖ وَ يَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۸﴾ (الحديد: ۲۸)

(۲۸) اي (عيسائيو) اوهان مان جن کي (حضرت عيسيٰ تي) ايمان آهي، سي خدا کان ڊڄو (۽ خدائي دين جي نظام هيٺ اچو) ۽ سندس رسول





(حضرت محمد ﷺ) تي ايمان آڻيو (چو تہ توهان حضرت عيسيٰ واري تعليم وساري ڇڏي آهي ۽ هي رسول حضرت محمد ﷺ ساڳئي تعليم تو ڏئي) الله تعاليٰ اوهان کي پنهنجي رحمت مان بہ حصا ڏيندو. ۽ اوهان جي لاءِ نور پيدا ڪندو جنهن ۾ توهان گامزن ٿيندو (يعني انهيءَ روشنيءَ ۾ عملي طرح اڳتي وڌندا رهندؤ) ۽ اوهان جون (اڳيون) خاميون معاف ڪري ڇڏيندو ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ بار بار معاف ڪندڙ ۽ وڏي رحم وارو آهي (بشرطيڪ توهان غلطيون ڦٽي ڪري سڌيءَ واٽ تي هلو).

## غنائم مان پنجون حصو خرچ ڪرڻ جو حڪم

وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّمَا غَنِمْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَاَنَّ لِلّٰهِ خُمُسَهٗ وَ لِلرَّسُوْلِ وَ لِذِي الْقُرْبٰى وَ الْيَتٰمٰى وَ الْمَسٰكِيْنِ وَ ابْنِ السَّبِيْلِ ۙ اِنْ كُنْتُمْ اٰمَنْتُمْ بِاللّٰهِ وَ مَآ اَنْزَلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا يَوْمَ الْفُرْقَانِ يَوْمَ الْتَقَى الْجَمْعٰنِ ؕ وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۴۱﴾ (الانفال: ۴۱)

(۴۱) ۽ ڄاڻي ڇڏيو تہ اوهان کي جيڪو غنيمت جو مال هٿ اچي تنهن جو پنجون حصو الله ۽ الله جي رسول لاءِ ۽ (رسول جي) مائٽن لاءِ يتيمن جي لاءِ مسڪينن جي لاءِ ۽ مسافرن جي لاءِ آهي (۽ باقي چار حصا مجاهدن ۾ ورهائي سگهجن ٿا) جيڪڏهن توهان الله (جي انهيءَ غيبي مدد) تي يقين ٿا رکو جيڪا مدد اسان فيصلو ڪري ڇڏڻ واري ڏينهن پنهنجي بندي (حضرت رسول ﷺ) تي نازل ڪئي هئي جڏهن بہ لشڪر (بدر وٽ) هڪ ٻئي جي سامهون ٿيا هئا (تہ انهيءَ طرح ورهاڱو ڪيو) ۽ (ياد رکو تہ) الله جي قدرت کان ڪابہ ڳالهہ ٻاهر ناهي.

## دشمن جي مقابلي ۾ ثابت قدمي ۽ الله جي پچار

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا لَقِيْتُمْ فِئَةً فَاثْبُتُوْا وَ اذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۴۵﴾ (الانفال: ۴۵)

(۴۵) اي مؤمنؤ! جڏهن (حملو ڪندڙن جي) ڪنهن ٽوليءَ سان اوهان جو مقابلو ٿئي تڏهن لڙائيءَ ۾ ثابت قدم رهو ۽ الله تعاليٰ کي گهڻو ياد ڪيو. انهيءَ لاءِ تہ توهان ڪامياب ٿيو.



www.sindhsalamat.com

## پاڻ ۾ جهڳڙا نہ ڪيو

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا لَقِيْتُمْ فِئَةً فَاثْبُتُوْا وَ اذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۴۵﴾ وَ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَ لَا تَنَازَعُوْا فَتَفْشَلُوْا وَ تَذْهَبَ رِيْحُكُمْ وَ اصْبِرُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۴۶﴾ (الانفال: ۴۵،۴۶)

(۴۵) اي مؤمنؤ! جڏهن (حملو ڪندڙن جي) ڪنهن ٽوليءَ سان اوهان جو مقابلو ٿئي تڏهن لڙائيءَ ۾ ثابت قدم رهو ۽ الله تعاليٰ کي گهڻو ياد ڪيو. انهيءَ لاءِ تہ توهان ڪامياب ٿيو. (۴٦) ۽ الله ۽ سندس رسول جو چوڻ مڃو ۽ پاڻ ۾ جهڳڙا نہ ڪيو (بي اتفاقي نہ ڪيو هڪ ٿي وڃو) ائين ڪندؤ (يعني پاڻ ۾ جهڳڙا ڪندؤ ۽ پاڻ ۾ ٻڌي نہ ڪندؤ) تہ توهان جون دليون هارجي وينديون ۽ اوهان جي طاقت هلي ويندي ۽ (مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾) صبر ۽ ثابت قدمي اختيار ڪيو (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ انهن جو ساٿي آهي جي صبر ڪندڙ ۽ ثابت قدم رهندڙ آهن.

❋❋❋❋

وَ اَعِدُّوْا لَهُمْ مَّا اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ قُوَّةٍ وَّ مِنْ رِّبَاطِ الْخَيْلِ تُرْهِبُوْنَ بِهٖ عَدُوَّ اللّٰهِ وَ عَدُوَّكُمْ وَ اٰخَرِيْنَ مِنْ دُوْنِهِمْ ۚ لَا تَعْلَمُوْنَهُمْ ۚ اَللّٰهُ يَعْلَمُهُمْ ؕ وَ مَا تُنْفِقُوْا مِنْ شَيْءٍ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ يُوَفَّ اِلَيْكُمْ وَ اَنْتُمْ لَا تُظْلَمُوْنَ ﴿٦٠﴾ (الانفال: ٦٠)

(٦٠) ۽ (اي مسلمانو!) جيتري قدر ئي ٿي سگهي اوتري قدر پاڻ ۾ قوت پيدا ڪري ۽ گهوڙا (جنگ لاءِ) تيار رکي دشمن جي مقابلي لاءِ پنهنجو (جنگ جو) سامان تيار ڪندا رهو. ڇو تہ اهڙيءَ طرح تيار رهڻ سان اوهان الله جي دشمن ۽ پنهنجي دشمنن تي پنهنجو ڌاڪو ۽ رعب ڄمائيندؤ ۽ پڻ انهن ماڻهن کان علاوه ٻين تي ڌاڪو ڄمائيندؤ جن جي توهان کي خبر ناهي (تہ اوهان جا دشمن آهن) الله تعاليٰ انهن کي ڄاڻي ٿو ۽ (ياد رکو تہ) الله جي راهہ ۾ (يعني جهاد جي تياريءَ ۾) توهان جيڪو بہ خرچ ڪندؤ سو توهان کي پورو پورو ملي ويندو ۽ اوهان جو حق هرگز تلف نہ ڪيو ويندو.





## مشرڪ کي پناهہ ڏيڻ

وَ اِنْ اَحَدٌ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ اسْتَجَارَكَ فَاَجِرْهُ حَتّٰى يَسْمَعَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ اَبْلِغْهُ مَاْمَنَهٗ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْلَمُوْنَ ﴿٦﴾ (التوبہ: ٦)

(٦) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن مشرڪن مان ڪو ماڻهو اچي ۽ اوهان کان پناهہ گهري تہ ڪيس ضرور پناهہ ڏيو تيستائين جيستائين هو (چڱيءَ طرح) الله جو ڪلام ٻڌي وٺي، پوءِ ڪيس (سلامت) سندس امن واري جاءِ تي پهچايو. هيءُ حڪم هن ڪري ضروري ٿيو جو اهي ماڻهو (اسلام جي حقيقت کان) بي خبر آهن.

## عهد ٽوڙيندڙ ڪافرن سان جنگ ڪريو

وَ اِنْ نَّكَثُوْٓا اَيْمَانَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ عَهْدِهِمْ وَ طَعَنُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ فَقَاتِلُوْٓا اَئِمَّةَ الْكُفْرِ ۙ اِنَّهُمْ لَآ اَيْمَانَ لَهُمْ لَعَلَّهُمْ يَنْتَهُوْنَ ﴿١٢﴾ (التوبہ: ١٢)

(١٢) ۽ جيڪڏهن اهي ماڻهو پنهنجو عهدو  پيمان جو پاڻ ڪري چڪا آهن ٽوڙي ڇڏين ۽ اوهان جي دين کي طعني طور گهٽ وڌ ڳالهائين تہ پوءِ (هن کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي تہ انهن) ڪفر جي سردارن سان جنگ ڪيو. اهي اهڙا ماڻهو آهن جن جو قسم ناهي. (۽ توهان کي جنگ هن لاءِ ڪرڻ گهرجي) تان تہ هو (ظلم ۽ بدعهدي کان) باز اچي وڃن.

## مرشدن ۽ درويشن کي رب نہ بڻايو

اِتَّخَذُوْٓا اَحْبَارَهُمْ وَ رُهْبَانَهُمْ اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَ الْمَسِيْحَ ابْنَ مَرْيَمَ ۚ وَ مَآ اُمِرُوْٓا اِلَّا لِيَعْبُدُوْٓا اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ سُبْحٰنَهٗ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٣١﴾ (التوبہ: ٣١)

(٣١) انهن (اهل ڪتاب) الله کي ڇڏي پنهنجي مرشدن ۽ درويشن کي (پنهنجا) رب ڪٽي بنايو آهي ۽ پڻ مريم جي پٽ مسيح کي حالانڪ کين جيڪو حڪم ڏنو ويو هو سواءِ نہ هن کان سواءِ ڪجهہ نہ هو تہ هڪ خدا جي ٻانهپ ڪيو. ڪانئس سو ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي (يعني خدا جي حڪمن خلاف ڪنهن بہ انسان جي حڪم جي تابعداري نہ ڪجي) الله



www.sindhsalamat.com

تعاليٰ پاڪ آهي، انهيءَ (شرڪت ۽ شريڪن) کان جي سندس ذات سان شامل ڪري رهيا آهن.

## مشرڪ وڙهن ته اوهان به وڙهو

وَقَاتِلُوا الْمُشْرِكِيْنَ كَآفَّةً كَمَا يُقَاتِلُوْنَكُمْ كَآفَّةً ۭ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿٣٦﴾

(التوبہ: ٣٦)

۽ اوهان سڀني (مسلمانن) کي گهرجي ته سڀني مشرڪن سان گڏجي لڙائي ڪيو جيئن هو سڀ اوهان سڀني سان گڏجي لڙائي ٿا ڪن ۽ ياد رکو ته الله تعاليٰ انهن جو ساٿي آهي جي (هر حال ۾) متقي آهن.

****

اِنْفِرُوْا خِفَافًا وَّثِقَالًا وَّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِكُمْ وَاَنْفُسِكُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۭ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٤١﴾ (التوبہ: ٤١)

(٤١) (مسلمانو! هٿيارن ۽ سامان سان جو) هلڪو هجي توڙي ڳورو هجي، جنهن به حال ۾ هجو نڪري ڪڙا ٿيو (جو مدافعت لاءِ توهان کي سڏيو ويو آهي) ۽ پنهنجي مال سان ۽ پنهنجي جانين سان الله جي راهه ۾ جهاد ڪيو جيڪڏهن توهان (پنهنجو نفعو نقصان) ڄاڻو ٿا ته هي (يعني جهاد ڪرڻ) توهان جي حق ۾ بهتر آهي.

****

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَاتِلُوا الَّذِيْنَ يَلُوْنَكُمْ مِّنَ الْكُفَّارِ وَلْيَجِدُوْا فِيْكُمْ غِلْظَةً ۭ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٢٣﴾ (التوبہ: ١٢٣)

(١٢٣) مؤمنؤ! انهن ڪافرن سان جنگ ڪيو جي اوهان جي آسپاس (پکڙيل) آهن ۽ (اهڙي نظم ۽ جوش سان لڙو جو) هو (جنگ ۾) اوهان جي سختي ۽ طاقت ۽ بهادري) محسوس ڪن. (چو ته سختيءَ کان سواءِ جنگ جنگ ناهي) ۽ ياد رکو ته الله تعاليٰ انهن جو ساٿي آهي، جيڪي (هر حال ۾) متقي آهن. (يعني خدا جي حڪمن جي بجا آوري ڪندڙ آهن).





## زڪوات جا مصارف

اِنَّمَا الصَّدَقٰتُ لِلْفُقَرَآءِ وَالْمَسٰكِيْنِ وَالْعٰمِلِيْنَ عَلَيْهَا وَالْمُؤَلَّفَةِ قُلُوْبُهُمْ وَفِي الرِّقَابِ وَالْغٰرِمِيْنَ وَفِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ۭ فَرِيْضَةً مِّنَ اللّٰهِ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٦٠﴾ (التوبہ: ٦٠)

(٦٠) صدقي جو مال (يعني زڪوت جو مال) فقط فقيرن (نادارن) لاءِ ۽ مسڪينن لاءِ ۽ انهن (ڪامورن) لاءِ جي ان جي وصولي لاءِ مقرر ڪيا وڃن. ۽ انهن لاءِ جن جي دلين ۾ (حق جي ڪلمي جي) الفت (شوق محبت) پيدا ڪرڻي آهي (مثلاً تبليغ ڪرڻ سان). ۽ انهن لاءِ جن جا گردن (غلاميءَ جي زنجيرن ۾) جڪڙيل آهن (۽ انهن کي آزاد ڪرائڻو آهي) ۽ پڻ قرضدارن جي لاءِ (جي قرض ۾ پورجي ويا هجن ۽ قرض لاهڻ جي طاقت ڪانه اٿن) ۽ الله جي راهه ۾ (يعني جهاد لاءِ ۽ انهن سڀني ڪمن لاءِ جي جهاد وانگر حق جي ڪلمي کي بلند ڪرڻ لاءِ هجن) ۽ مسافرن لاءِ (جي مفلس هجن ۽ گهر پهچي نه سگهن) آهي. اهو الله جي طرف کان نهرايل حڪم آهي ۽ الله تعاليٰ (سڀ ڪجهه) ڄاڻندڙ ۽ (پنهنجي سڀني ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي.

## ايمان وارن لاءِ بشارت

اَلتَّآئِبُوْنَ الْعٰبِدُوْنَ الْحٰمِدُوْنَ السَّآئِحُوْنَ الرّٰكِعُوْنَ السّٰجِدُوْنَ الْاٰمِرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَالنَّاهُوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَالْحٰفِظُوْنَ لِحُدُوْدِ اللّٰهِ ۭ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٢﴾

(التوبہ: ١١٢)

(١١٢) (انهن مؤمنن جي وصفن ۽ عملن جو حال هي آهي جو هو پنهنجي پل چڪ ۽ خطائن کان) توبه ڪندڙ (يعني اصلاح ڪندڙ)، عبادت (يعني سڀني حڪمن جي فرمانبرداري) ڪندڙ الله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا ڪندڙ (يعني الله تعاليٰ جون صفتون بيان ڪندڙ ۽ انهن تي عمل ڪندڙ)، سير ۽ سفر ڪندڙ (۽ عبرت وٺندڙ) ۽ رڪوع ڪندڙ ۽ سجدي ۾ جهڪندڙ نيڪيون ڪرڻ جو حڪم ڏيندڙ برائين کان روڪيندڙ ۽ الله تعاليٰ جي



www.sindhsalamat.com

تهرايل حدن جي حفاظت ڪندڙ آهن. (اي پيغمبرا اهي ئي سچا مؤمن آهن) ۽ مؤمنن کي (ڪاميابي ۽ سعادت جي) خوشخبري ٻڌائي ڇڏ.

## سچن سان گڏ بيهي رهو

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَكُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۱۱۹﴾ (التوبہ: ۱۱۹)

(۱۱۹) مؤمنؤ! خدا جو خوف رکو ۽ سچن جا ساٿي ٻڻجو (جو تہ اها سچائي هئي جا انهن ٽن اصحابن جي بخشش جو وسيلو ٿي.)

## الله جي اجازت کانسواءِ سفارش ڪونهي

اِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ يُدَبِّرُ الْاَمْرَ ۭ مَا مِنْ شَفِيْعٍ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ اِذْنِهٖ ۭ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ۭ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۳﴾ (يونس: ۳)

(۳) (اي انسانؤ!) اوهان جو پروردگار تہ اهوئي الله آهي جنهن آسمانن کي ۽ زمين کي ڇهن ايامن ۾ پيدا ڪيو. (يعني ڇهن مقرر زمانن ۾ پيدا ڪيو) پوءِ پنهنجي حڪومت جي تخت تي با قدرت قائم رهيو. اهوئي سڀني ڪمن جو بندوبست ڪري رهيو آهي، (يعني دنيا پيدا بہ پاڻ ڪيائين ۽ ان تي حڪومت بہ فقط سندس ئي رهي) هن وٽ ڪوبہ سفارش ڪندڙ ٿي نہ ٿو سگهي، سواءِ ان جي جنهن کي پاڻ اجازت ڏئي. (۽ اجازت کان پوءِ هو سفارش ڪرڻ جي جرئت ڪري) اهوئي آهي الله اوهان جو پروردگار. تنهن ڪري انهيءَ جي بندگي ڪيو ڇا توهان غور ۽ فڪر کان ڪم نٿا وٺو؟

## خدا کان معافي ۽ توبهہ جي ضرورت

وَّاَنِ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ يُمَتِّعْكُمْ مَّتَاعًا حَسَنًا اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى وَّيُؤْتِ كُلَّ ذِيْ فَضْلٍ فَضْلَهٗ ۭ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنِّىْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ كَبِيْرٍ ﴿۳﴾
(هود: ۳)





(۳) ۽ هي (اعلان آهي) تہ. پنهنجي پروردگار کان معافي گهرو ۽ ڏانهس موٽو. (ائين ڪندؤ تہ) هو توهان کي هڪ مقرر وقت تائين زندگيءَ جي فائدن سان بلڪل چڱيءَ طرح نوازيندو ۽ (پنهنجي قانون مطابق) هرهڪ زياده (عمل) ڪرڻ واري کي سندس وڌيڪ ڪوشش جو اجر بہ ڏيندو. پر جيڪڏهن (خدا پرستي ۽ نيڪ عمليءَ کان) منهن موڙيندؤ تہ مون کي ڊپ آهي تہ توهان تي عذاب جو وڏو ڏينهن نہ اچي وڃي.

****

فَاصْبِرْ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّاسْتَغْفِرْ لِذَنْۢبِكَ وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ بِالْعَشِيِّ وَالْاِبْكَارِ ﴿۵۵﴾ (المومن: ۵۵)

(۵۵) (اي پيغمبرا ڪافر وغيره تنهنجي سخت مخالفت ڪري رهيا آهن پر تون ثابت قدم رهہ. يقين ڄاڻ تہ الله تعاليٰ جو واعدو سچو آهي (تہ تون ڪامياب ٿيندين ۽ منڪر خوار خراب ٿيندا) ۽ تون پنهنجي (بشري ڪمزورين کان الله جي پناهہ وٺ (تہ اهي دفع ٿي وڃن) ۽ صبح شام (هر وقت) پنهنجي پروردگار جي پاڪائي ۽ صفتون بيان ڪندو رهہ.

## نماز قائم ڪرڻ ۽ صبر جي ضرورت

وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ طَرَفَيِ النَّهَارِ وَزُلَفًا مِّنَ الَّيْلِ ۭ اِنَّ الْحَسَنٰتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّاٰتِ ۭ ذٰلِكَ ذِكْرٰى لِلذّٰكِرِيْنَ ﴿۱۱۴﴾ وَاصْبِرْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۱۵﴾

(هود: ۱۱۴، ۱۱۵)

(۱۱۴) ۽ نماز قائم ڪيو انهيءَ وقت جڏهن ڏينهن شروع ٿيڻ تي هجي ۽ انهيءَ وقت جڏهن رات جو پهريون حصو گذري ويو هجي. ياد رکو تہ نيڪيون برائين کي ڪٽي ٿيون وڃن. هيءَ نصيحت آهي انهن لاءِ جيڪي نصيحت وٺندڙ آهن. (۱۱۵) ۽ صبر ڪيو (يعني حق جي راهہ ۾ سڀ تڪليفون ۽ مصيبتون ثابت قدميءَ سان سهندا رهو) ڇو تہ بيشڪ الله تعاليٰ نيڪ عملن جو اجر ضايع نٿو ڪري.



www.sindhsalamat.com

## غيب صرف الله تعاليٰ کي حاصل آهي

وَ لِلّٰهِ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ اِلَيْهِ يُرْجَعُ الْاَمْرُ كُلُّهٗ فَاعْبُدْهُ وَ تَوَكَّلْ عَلَيْهِ ؕ وَ مَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲۳﴾ (هود: ۱۲۳)

(۱۲۳) ۽ (ياد رک تہ) الله ئي کي آسمان ۽ زمين جي لڪل ڳالهين جو علم آهي. ۽ سڀ ڪم سندس ئي اڳيان رجوع ٿين ٿا. تنهن ڪري سندس ئي بندگيءَ ۾ لڳو رهہ (يعني سڀ فرض ۽ حڪم بجا آڻيندو رهہ) ۽ مٿس ڀروسو رک (تہ آخر نيڪ ماڻهو ڪامياب ٿيندا ۽ بد ماڻهو نقصانن هيٺ ايندا) تنهنجو پروردگار انهن عملن کان غافل ناهي، جيڪي جيڪي ماڻهو ڪري رهيا آهن (هو ماڻهن جا سڀ عمل ڄاڻي ٿو ۽ انهن جو حساب وٺي ٿو ۽ جزا ۽ سزا ڏئي ٿو.

## اهي ماڻهو جن جي پڇاڙي ڀلي ٿيندي

اَلَّذِيْنَ يُوْفُوْنَ بِعَهْدِ اللّٰهِ وَ لَا يَنْقُضُوْنَ الْمِيْثَاقَ ﴿۲۰﴾ وَ الَّذِيْنَ يَصِلُوْنَ مَاۤ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖۤ اَنْ يُّوْصَلَ وَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ وَ يَخَافُوْنَ سُوْٓءَ الْحِسَابِ ﴿۲۱﴾ وَ الَّذِيْنَ صَبَرُوا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِمْ وَ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اَنْفَقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّ عَلَانِيَةً وَّ يَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ السَّيِّئَةَ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عُقْبَى الدَّارِ ﴿۲۲﴾ (الرعد: ۲۰ کان ۲۲)

(۲۰) اهي (نصيحت وٺندڙ) اهي ماڻهو آهن جيڪي الله سان پنهنجي (ٻانهپ جو) عهد پورو ڪن ٿا ۽ پنهنجو قول ۽ قرار نٿا ڀڃن. (۲۱) ۽ اهي اهي ماڻهو آهن جيڪي انهن رشتن (يعني لاڳاپن) کي جوڙين ۽ ڳنڍين ٿا جن جي جوڙڻ ۽ ڳنڍڻ جو الله تعاليٰ حڪم ڏنو آهي. (فقط) پنهنجي پروردگار کان ڊڄن ٿا ۽ حساب (ڏيڻ) جي سختي جي خيال کان انديشي ۾ رهن ٿا. (۲۲) ۽ اهي اُهي ماڻهو آهن جن الله تعاليٰ جي محبت ڪندي (يا الله تعاليٰ جي راضپي حاصل ڪرڻ جي طلب ۾ هر طرح جي ڀوڳنائن ۽ سختين ۾) صبر ڪيو (۽ پنهنجي فرض ادائين ۾ ثابت قدم رهيا) نماز قائم رکي جيڪو رزق اسان کين ڏنو آهي تنهن مان (خدا جي راهہ ۾) مخفي طرح توڙي ظاهر ظهور خرچ ڪندا رهيا. هنن برائيءَ جي مقابلي ۾ برائي نہ





ڪئي، بلڪ چڱائيءَ جي هلت ڪئي. بيشڪ اهي ئي ماڻهو آهن جن جي لاءِ عاقبت جو گهر (تيار رکيل) آهي.

## شڪر ڪرڻ تي نعمتن ۾ اضافو ٿيندو آهي

وَ اِذْ تَاَذَّنَ رَبُّكُمْ لَئِنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِيْدَنَّكُمْ وَ لَئِنْ كَفَرْتُمْ اِنَّ عَذَابِيْ لَشَدِيْدٌ ﴿۷﴾

(ابراهيم: ۷)

(۷) (۽ اوهان اهو وقت وساري ڇڏيو آهي ڇا) جڏهن اوهان جي پروردگار (پنهنجي هن قانون جو) اعلان ڪيو هو تہ جيڪڏهن توهان شڪر ڪندؤ تہ مان اوهان کي اڃا بہ زياده نعمتون بخشيندس ۽ جيڪڏهن ناشڪري ڪندؤ تہ پوءِ ياد رکو تہ منهنجو عذاب بہ ڏاڍو سخت عذاب آهي.

## مرڻ گهڙيءَ تائين خدا جي پچار ڪندا رهو

فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَ كُنْ مِّنَ السّٰجِدِيْنَ ﴿۹۸﴾ وَ اعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ ﴿۹۹﴾

(الحجر: ۹۸، ۹۹)

(۹۸) سو تون (ڪائنن بي پرواهہ رهي) پنهنجي پروردگار جي حمد ۽ ثنا ڪر ۽ سندس حضور ۾ سجدو ڪندو رهہ. (۹۹) سندس ٻانهپ (۽ حڪمن جي فرمانبرداريءَ) ۾ لڳو رهہ. جيستائين يقين تنهنجي اڳيان اچي وڃي.

## صرف هڪ الله جو خوف ۽ عبادت

يُنَزِّلُ الْمَلٰٓئِكَةَ بِالرُّوْحِ مِنْ اَمْرِهٖ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖۤ اَنْ اَنْذِرُوْۤا اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّاۤ اَنَا فَاتَّقُوْنِ ﴿۲﴾ (النحل: ۲)

(۲) هو (الله تعاليٰ) پنهنجي ٻانهن مان جنهن کي چاهي ٿو تنهن ڏانهن پنهنجي حڪم سان فرشتن کي الروح (يعني وحي) سان موڪلي ٿو. انهيءَ لاءِ تہ ماڻهن کي هن حقيقت بابت خبردار ڪري تہ مون الله کان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي تنهن ڪري مون کان ڊڄو (۽ انڪار ۽ بدعمليءَ کان باز اچو).



www.sindhsalamat.com

## الله اوهان کي عدل ۽ احسان جو حڪم ڪري ٿو

إِنَّ اللَّهَ يَأْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْإِحْسَانِ وَإِيتَاءِ ذِي الْقُرْبَىٰ وَيَنْهَىٰ عَنِ الْفَحْشَاءِ وَالْمُنكَرِ وَالْبَغْيِ ۚ يَعِظُكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُونَ ﴿٩٠﴾ (النحل: ٩٠)

(٩٠) (مسلمانو!) الله تعاليٰ حڪم ٿو ڏئي ته (هر معاملي ۾ ۽ هرهڪ ڳالهه ۾) انصاف ڪيو، (سيني سان) ڀلائي ۽ نيڪي ڪيو ۽ مائٽن سان سهڻو سلوڪ ڪيو- ۽ هو اوهان کي (هنن ڳالهين کان) روڪي ٿو بي حيائيءَ جي ڳالهين کان، هر قسم جي برائين ۽ گناهن کان ۽ ظلم ۽ زيادتيءَ جي ڪمن کان، هو توهان کي نصيحت ٿو ڪري انهيءَ لاءِ ته (سمجهو ۽) نصيحت وٺو.

## الله اوهان کي واعدا پورا ڪرڻ جو حڪم ڪري ٿو

وَأَوْفُوا بِعَهْدِ اللَّهِ إِذَا عَاهَدتُّمْ وَلَا تَنقُضُوا الْأَيْمَانَ بَعْدَ تَوْكِيدِهَا وَقَدْ جَعَلْتُمُ اللَّهَ عَلَيْكُمْ كَفِيلًا ۚ إِنَّ اللَّهَ يَعْلَمُ مَا تَفْعَلُونَ ﴿٩١﴾ (النحل: ٩١)

(٩١) ۽ جڏهن توهان پاڻ ۾ واعدو يا عهدنامون ڪيو ته (سمجهي ڇڏيو ته ڄڻ الله سان عهد ڪيو اٿوَ) پوءِ اوهان کي گهرجي ته الله جو عهد پورو ڪيو ۽ ائين نه ڪيو جو قسمن تي (واعدو يا عهد نامون) پڪو ڪري وري ان کي ٽوڙي ڇڏيو. حالانڪ توهان الله کي پنهنجي مٿان نگهبان ٺهرائي چڪا آهيو (يعني الله جو قسم کڻي ڪيس شاهد ڪري چڪا آهيو) يقين ڪيو ته توهان جيڪي جيڪي ڪيو ٿا سو الله کان لڪل ڪونهي.

## عمل صالح جو نتيجو

مَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِّن ذَكَرٍ أَوْ أُنثَىٰ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَنُحْيِيَنَّهُ حَيَاةً طَيِّبَةً ۖ وَلَنَجْزِيَنَّهُمْ أَجْرَهُم بِأَحْسَنِ مَا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿٩٧﴾ (النحل: ٩٧)

(٩٧) جيڪو به چڱا عمل ٿو ڪري، مرد هجي خواهه عورت ۽ اهو مؤمن به هجي تنهن کي اسان ضرور (هن ئي دنيا ۾) چڱي زندگي بسر ڪرائينداسين ۽ آخرت ۾ به ضرور هن کي وڌو اجر ڏينداسين. هنن جيڪي به چڱا ڪم





ڪيا آهن تن جي مطابق اسان جو به چڱو اجر ڪين ملندو.

## آدابِ تلاوت

فَإِذَا قَرَأْتَ الْقُرْآنَ فَاسْتَعِذْ بِاللَّهِ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيمِ ﴿٩٨﴾ (النحل: ٩٨)

(٩٨) پوءِ جڏهن تون قرآن پڙهڻ لڳين، تڏهن توکي گهرجي ته مردود شيطان (جي وسوسن) کان الله جي پناهه گهرندو ڪر.

## الله تي توڪل رکندڙ ماڻهو

إِنَّهُ لَيْسَ لَهُ سُلْطَانٌ عَلَى الَّذِينَ آمَنُوا وَعَلَىٰ رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُونَ ﴿٩٩﴾ إِنَّمَا سُلْطَانُهُ عَلَى الَّذِينَ يَتَوَلَّوْنَهُ وَالَّذِينَ هُم بِهِ مُشْرِكُونَ ﴿١٠٠﴾ (النحل: ٩٩، ١٠٠)

(٩٩) ۽ بيشڪ جيڪي ماڻهو ايمان وارا آهن ۽ پنهنجي پروردگار تي ڀروسو ٿا رکن تن تي سندس زور يا حڪم هرگز ڪونه هلندو. (١٠٠) هن (شيطان) جو زور ته انهن تي ٿو هلي جيڪي ڪيس پنهنجو رفيق ٿا بنائين ۽ جيڪي هن جي ڪري شرڪ ٿا ڪن.

****

إِن يَنصُرْكُمُ اللَّهُ فَلَا غَالِبَ لَكُمْ ۖ وَإِن يَخْذُلْكُمْ فَمَن ذَا الَّذِي يَنصُرُكُم مِّن بَعْدِهِ ۗ وَعَلَى اللَّهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُونَ ﴿١٦٠﴾ (آل عمران: ١٦٠)

(١٦٠) (مسلمانو!) جيڪڏهن الله تعاليٰ اوهان جي مدد ڪندو ته ڪو به توهان تي غالب نه پوندو ۽ جيڪڏهن هو اوهان کي ڇڏي ڏيندو ته پوءِ ڪير آهي جو هن جي ڇڏي ڏيڻ بعد اوهان جي مدد ڪري سگهندو؟ تنهن ڪري مؤمنن کي گهرجي ته فقط الله تعاليٰ تي ڀروسو رکن (۽ حق جي راهه تي ثابت قدم رهن).

****

فَتَوَكَّلْ عَلَى اللَّهِ ۖ إِنَّكَ عَلَى الْحَقِّ الْمُبِينِ ﴿٧٩﴾ (النمل: ٧٩)

(٧٩) سو (اي منهنجا پيغمبر!) الله تي ڀروسو رک. يقيناً تون صريح (يعني



www.sindhsalamat.com

چٽي) حق تي آهين. (ڪافر باطل تي آهن. تون سندن پرواهہ نہ ڪر. الله تعاليٰ تنهنجي مدد ڪندو.)

****

وَقَالَ يٰبَنِيَّ لَا تَدْخُلُوْا مِنْۢ بَابٍ وَّاحِدٍ وَّ ادْخُلُوْا مِنْ اَبْوَابٍ مُّتَفَرِّقَةٍ ؕ وَ مَاۤ اُغْنِيْ عَنْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ؕ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ ۚ وَ عَلَيْهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُتَوَكِّلُوْنَ ﴿٦٧﴾ (يوسف: ٦٧)

(٦٧) ۽ پيءُ هنن کي (رواني ٿيڻ وقت) چيو تہ اي منهنجا پٽؤ! (ڏسو جڏهن مصر ۾ پهچو تڏهن شهر جي) هڪ ئي دوازي مان داخل نہ ٿجو. جدا جدا دروازن مان داخل ٿجو. مان توهان کي ڪنهن بہ اهڙيءَ ڳالهہ کان بچائي نٿو سگهان جا الله جي حڪم سان ٿيڻي هجي. (پر پاڻ کي پنهنجي وس آهر سڀ تدبيرون ڪرڻ گهرجن) حڪومت فقط الله جي آهي. مان فقط مٿس ڀروسو رکيو آهي. ۽ اهوئي آهي جنهن تي سڀني ڀروسو رکندڙن کي ڀروسو رکڻ گهرجي.

## حلال ڪائڻ ۽ نعمتن جو شڪر

فَكُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا ۪ وَّ اشْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿١١٤﴾ (النحل: ١١٤)

(١١٤) پوءِ اوهان کي گهرجي تہ جيڪو رزق الله تعاليٰ اوهان کي ڏنو آهي، سو شوق سان کائو. جي حلال ۽ پاڪ شيون آهن ۽ الله جي نعمتن جو شڪر ڪيو جيڪڏهن توهان سچ پچ سندس ئي ٻانهپ ڪندڙ آهيو.

****

وَ اَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ ﴿١١﴾ (الضحيٰ: ١١)

(١١) ۽ پنهنجي پالڻهار جي نعمتن کي بيان ڪر (انهن نعمتن کي خدائي عطيو سمجهي ٻين تي بہ اهي نعمتون ڪم آڻيندو رهہ).



احڪام القرآن

## حڪمت ۽ خيرخواهي سان دعوت ڏيو

اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ وَ جَادِلْهُمْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ وَ هُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿١٢٥﴾ وَ اِنْ عَاقَبْتُمْ فَعَاقِبُوْا بِمِثْلِ مَا عُوْقِبْتُمْ بِهٖ ؕ وَ لَئِنْ صَبَرْتُمْ لَهُوَ خَيْرٌ لِّلصّٰبِرِيْنَ ﴿١٢٦﴾ وَ اصْبِرْ وَ مَا صَبْرُكَ اِلَّا بِاللّٰهِ وَ لَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَ لَا تَكُ فِيْ ضَيْقٍ مِّمَّا يَمْكُرُوْنَ ﴿١٢٧﴾ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا وَّ الَّذِيْنَ هُمْ مُّحْسِنُوْنَ ﴿١٢٨﴾ (النحل: ١٢٥ کان ١٢٨)

(١٢٥) (اي پيغمبر!) پنهنجي پروردگار جي راهہ ڏانهن ماڻهن کي سڏ. هن طرح جون حڪمت (عقل ۽ دانائي) جون ڳالهيون بيان ڪر ۽ سهڻي نموني سان واعظ ۽ نصيحت ڪر. ۽ جيڪڏهن مخالفن سان بحث ڪرين تہ اهڙي طريقي سان ڪر جو حسن ۽ خوبيءَ جو طريقو هجي. تنهنجو پروردگار ئي بهتر ڄاڻي ٿو تہ ڪير سندس راهہ کان نڪري گمراهہ ٿي ويو آهي ۽ ڪير سڌيءَ ۽ سچي راهہ تي آهي. (١٢٦) جيڪڏهن مخالفن جي سختيءَ جي جواب ۾ سختي ڪيو تہ گهرجي تہ اهڙي ۽ اوتري ڪيو جيتري توهان سان ڪئي ويئي آهي. پر جيڪڏهن توهان صبر ڪيو (يعني هنن جي سختي سهو ۽ سختيءَ جي عيوض سختي نہ ڪيو) تہ بيشڪ صبر ڪرڻ وارن لاءِ صبر ئي بهتر آهي. (١٢٧) (اي پيغمبر!) صبر ڪر تنهنجو صبر فقط الله جي مدد جي ڪري توکي حاصل ٿيو آهي. ۽ انهن ماڻهن جي حال تي غم نہ ڪر. نڪي انهن جي (دشمنيءَ جي) تدبيرن جي ڪري دل کي پريشان ڪر. (١٢٨) يقيناً الله تعاليٰ انهن ساڻ (مددگار) آهي. جيڪي پرهيزگار آهن ۽ نيڪيءَ جا ڪم ٿا ڪن.

## ماپ تور پوري ڪريو

وَ اَوْفُوا الْكَيْلَ اِذَا كِلْتُمْ وَ زِنُوْا بِالْقِسْطَاسِ الْمُسْتَقِيْمِ ؕ ذٰلِكَ خَيْرٌ وَّ اَحْسَنُ تَاْوِيْلًا ﴿٣٥﴾ (بني اسرائيل: ٣٥)

(٣٥) ۽ جڏهن ڪا شيءِ ماپيو تہ بلڪل پوري ماپ ڪيو (ان ۾ گهٽتائي نہ



www.sindhsalamat.com

ڪيو) ۽ جڏهن توريو تڏهن سچي ۽ سڌي تارازي سان توريو (يعني نڪي تارازي غلط هجي نڪي تورڻ ۾ ڪا هٿ جي چالاڪي ڪجي) اهوئي بهتر طريقو آهي ۽ چڱو نتيجو ڏيڻ وارو آهي.

****

وَالسَّمَآءَ رَفَعَهَا وَوَضَعَ الْمِيْزَانَ ۙ اَلَّا تَطْغَوْا فِى الْمِيْزَانِ ۝ وَاَقِيْمُوا الْوَزْنَ بِالْقِسْطِ وَلَا تُخْسِرُوا الْمِيْزَانَ ۝ (الرحمٰن: ٧کان٩)

(٧) ۽ آسمان کي هن ئي بلند ڪيو آهي، ۽ (قانون عدل ۽ اعتدال جي) تارازي بيهاري اٿس. (٨) انهيءَ لاءِ ته توهان (انسان به سيني دنيائي معاملن ۾ قانون، عدل ۽ احسان جي) تارازيءَ کان ٻاهر نڪري نه وڃو. (٩) ۽ (اي انسانو! هڪ ٻئي سان هلت ڪرڻ ۾) عدل ۽ انصاف جو وزن قائم رکو ۽ (عدل ۽ احسان جي) تارازيءَ ۾ گھٽتائي نه ڪيو.

## سهڻي ۽ وٽندڙ ڳالهه ڪيو

وَقُلْ لِّعِبَادِىْ يَقُوْلُوا الَّتِىْ هِىَ اَحْسَنُ ؕ اِنَّ الشَّيْطٰنَ يَنْزَغُ بَيْنَهُمْ ؕ اِنَّ الشَّيْطٰنَ كَانَ لِلْاِنْسَانِ عَدُوًّا مُّبِيْنًا ۝ (بني اسرائيل: ٥٣)

(٥٣) ۽ (اي پيغمبر!) منهنجي ٻانهن کي چئي ڇڏ (يعني انهن کي جن ايمان آندو آهي ته مخالفن سان گفتگو ڪندي) جيڪا ڳالهه چئو سا اهڙي چئو جا سهڻي ۽ وٽندڙ هجي (نه نفرت يا دشمني پيدا ڪندڙ). شيطان ماڻهن جي وچ ۾ فساد وجهي ٿو (جيڪڏهن هو ڳاريون يا اڻ وٽندڙ لفظ ڪم آڻين ٿا) يقيناً شيطان انسان جو چٽوپٽو دشمن آهي.

## پنج وقتي نمازون ۽ تهجد

اَقِمِ الصَّلٰوةَ لِدُلُوْكِ الشَّمْسِ اِلٰى غَسَقِ الَّيْلِ وَقُرْاٰنَ الْفَجْرِ ؕ اِنَّ قُرْاٰنَ الْفَجْرِ كَانَ مَشْهُوْدًا ۝ وَمِنَ الَّيْلِ فَتَهَجَّدْ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ ۖ عَسٰٓى اَنْ يَّبْعَثَكَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا ۝ (بني اسرائيل: ٧٨،٧٩)





(٧٨) (اي پيغمبر!) نماز قائم ڪر. سج لڙڻ کان وٺي رات جي اونداهيءَ تائين (يعني ظهر، عصر، مغرب ۽ عشا جي وقتن ۾) پڻ صبح جو قرآن پڙهڻ (خاص طرح) ڏٺو ويجي ٿو. (يعني الله تعاليٰ خاص طرح صبح جي نماز ڏسي ٿو ۽ ان جو فائدو وڏيڪ ملي ٿو.) (٧٩) ۽ (اي پيغمبر!) رات جو ڪجهه حصو (يعني پويون پهر) سجاڳيءَ ۾ گذار. اهو تنهنجي لاءِ زياده عمل آهي. ممڪن آهي ته جلد الله توکي اهڙي درجي تي پهچائي ڇڏيندو جو نهايت ساراهيل ۽ پسند پيل درجو هوندو.

## اسماءُ الحسنيٰ سان رب کي سڏڻ

قُلِ ادْعُوا اللّٰهَ اَوِ ادْعُوا الرَّحْمٰنَ ؕ اَيًّا مَّا تَدْعُوْا فَلَهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى

(بني اسرائيل: ١١٠)

(١١٠) (اي پيغمبر!) تون چئو ته توهان (مڪي جا مشرڪ) الله چئي (ڪيس) پڪاريو يا رحمان جي نالي سان ڪيس پڪاريو جيئن به پڪاريو (ساڳي ڳالهه آهي) سندس سڀ نالا سهڻا ۽ چڱا آهن.

## انشاءَ الله چوڻ جو حڪم

وَلَا تَقُوْلَنَّ لِشَاىْءٍ اِنِّىْ فَاعِلٌ ذٰلِكَ غَدًا ۝ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ۡ وَاذْكُرْ رَّبَّكَ اِذَا نَسِيْتَ وَقُلْ عَسٰٓى اَنْ يَّهْدِيَنِ رَبِّىْ لِاَقْرَبَ مِنْ هٰذَا رَشَدًا ۝ (الڪهف: ٢٣،٢٤)

(٢٣) ۽ ڪا به ڳالهه هجي ته ائين ڪڏهن به نه چئو ته، سڀاڻي مان اهو ڪم ڪري ڇڏيندس. (٢٤) سواءِ هن جي جو سمجهي ڇڏيو ته ٿيندو اهوئي جو الله تعاليٰ چاهيندو ۽ جڏهن ويسر ٿيئَو ته وري الله جي يادگيري تازي ڪري چئو ته، اميد آهي ته منهنجو پروردگار هن کان به زياده ڪاميابيءَ جي راهه منهنجي لاءِ کولي ڇڏيندو.

## نماز، عبادت ۽ الله جو ذڪر

اِنَّنِىْٓ اَنَا اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا فَاعْبُدْنِىْ ۙ وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ لِذِكْرِىْ ۝ (طٰه : ١٤)



www.sindhsalamat.com

(١۴) بيشڪ مان ئي الله آهيان، مون ڪان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي. تنهن ڪري فقط منهنجي ٻانهپ ڪر ۽ منهنجي يادگيري (رکڻ) لاءِ نماز قائم ڪر.

## مؤمن بي خوف ۽ بي خطر هوندو آهي

وَ مَنْ يَّعْمَلْ مِنَ الصّٰلِحٰتِ وَ هُوَ مُؤْمِنٌ فَلَا يَخٰفُ ظُلْمًا وَّ لَا هَضْمًا ﴿١١٢﴾ (طٰه : ١١٢)

(١١٢) پر جنهن چڱا عمل ڪيا هوندا ۽ مؤمن بہ هوندو تنهن جي لاءِ ڪوبہ انديشو نہ هوندو، نڪي ساڻس بي انصافي ٿيندي، نڪي سندس حق ماريو ويندو.

## صبر، تسبيح ۽ خدا جو حمد

فَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَ سَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ وَ قَبْلَ غُرُوْبِهَا ۚ وَ مِنْ اٰنَآئِ الَّيْلِ فَسَبِّحْ وَ اَطْرَافَ النَّهَارِ لَعَلَّكَ تَرْضٰى ﴿١٣٠﴾

(طٰه : ١٣٠)

(١٣٠) تنهن ڪري (توکي گهرجي تہ) جيڪي جيڪي ڳالهيون اهي (گنهگار) چون ٿا تن تي صبر ڪر ۽ پنهنجي پروردگار جي حمد ۽ ثنا ۾ لڳو رهہ، صبح جو سج نڪرڻ کان اڳي، شام جو سج لهڻ کان اڳي، ۽ رات جي گهڙين ۾ بہ ثنا ڪندو رهہ ۽ ڏينهن جي پيپهريءَ جي لڳ ڀڳ بہ. ممڪن آهي تہ تون بلڪل جلد (نتيجن جي ظهور کان) خوش ٿي ويندين.

❊❊❊❊

وَ اصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ فَاِنَّكَ بِاَعْيُنِنَا وَ سَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ حِيْنَ تَقُوْمُ ﴿٤٨﴾ وَ مِنَ الَّيْلِ فَسَبِّحْهُ وَ اِدْبَارَ النُّجُوْمِ ﴿٤٩﴾ (الطور: ۴٨،۴٩)

(۴٨) سو (اي پيغمبر!) تون پنهنجي پروردگار جي حڪم لاءِ صبر ۽ ثابت قدميءَ سان ترس. يقيناً تون اسان جي اکين جي سامهون آهين، (اسان جي توتي شفقت جي نظر آهي، اسان توکي هنن دشمنن کان بچائيندا سين ۽ ڪامياب ڪنداسين) ۽ تون جڏهن جڏهن (نماز لاءِ يا ڪنهن اهم ڪم





لاءِ) اٿي ڪڙو ٿئين تڏهن تڏهن پنهنجي پروردگار جي حمد ۽ ثنا ڪندو رهہ. (۴٩) ۽ رات جو ڪجهہ حصو بہ الله تعاليٰ جي پاڪائي ۽ شان بيان ڪرڻ ۾ گذار ۽ تارن جي لهڻ کان پوءِ بہ (يعني فجر جي وقت بہ) پاڪائي ۽ شان بيان ڪندو رهہ.

❊❊❊❊

فَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَ سَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ وَ قَبْلَ الْغُرُوْبِ ﴿٣٩﴾ وَ مِنَ الَّيْلِ فَسَبِّحْهُ وَ اَدْبَارَ السُّجُوْدِ ﴿۴٠﴾ (قٓ: ٣٩،۴٠)

(٣٩) پوءِ (اي پيغمبر اهي ماڻهو ايمان نٿا آڻين تہ خيال نہ ڪر) جيڪي هي ماڻهو بڪندا رهن ٿا تنهن کي صبر سان سهندو رهہ ۽ پنهنجي پروردگار جي حمد ۽ ثنا ڪندو رهہ، سج اڀرڻ کان اڳي ۽ پڻ سج لهڻ کان اڳ ۾. (۴٠) رات جي ڪجهہ حصي ۾ بہ سندس شان ۽ پاڪائي بيان ڪندو رهہ ۽ پڻ سجدن کان پوءِ (يعني هر وقت الله ۽ سندس حڪمن کي ياد رک ۽ انهن جي تعميل ڪر).

❊❊❊❊

فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿٧۴﴾ (الواقعہ: ٧۴)

(٧۴) سو (اي پيغمبر!) پنهنجي اعليٰ ۽ عظيم پروردگار جي نالي جي پاڪائي ۽ شان بيان ڪندو رهہ (۽ سندس راهہ ۾ ۽ دين قائم ڪرڻ ۾ بي انتها ڪوشش ڪندو رهہ).

❊❊❊❊

سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلَى ﴿١﴾ (الاعليٰ: ١)

(١) (اي محمد ﷺ) تون پنهنجي سيني کان مٿاهين پالڻهار جي نالي جي عظمت بيان ڪر. (۽ ان جي پالڻهاريءَ واري نظام لاءِ سرگرم رهہ.)

❊❊❊❊



www.sindhsalamat.com

وَتَوَكَّلْ عَلَى الْحَيِّ الَّذِي لَا يَمُوتُ وَسَبِّحْ بِحَمْدِهِ ۚ وَكَفَىٰ بِهِ بِذُنُوبِ عِبَادِهِ خَبِيرًا ﴿٥٨﴾ (الفرقان:٥٨)

(٥٨) ۽ (اي پيغمبر! خوشخبري ٻڌائڻ ۽ خبردار ڪرڻ واري اعليٰ ڪم ۾) تون انهيءَ هميشہ زنده رهڻ واري خدا تي ڀروسو رک جو ڪڏهن بہ مرڻ وارو ناهي ۽ انهيءَ خدا جي پاڪائي ۽ شان سندس اعليٰ صفتن سان گڏ بيان ڪندو رهہ. اهو خدا پنهنجي بندن جي گناهن ۽ برن ڪمن جي پوري پوري خبر رکندڙ آهي.

## سڀئي ماڻهو هڪ ئي امت آهن

إِنَّ هَٰذِهِ أُمَّتُكُمْ أُمَّةً وَاحِدَةً وَأَنَا رَبُّكُمْ فَاعْبُدُونِ ﴿٩٢﴾ وَتَقَطَّعُوا أَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ ۖ كُلٌّ إِلَيْنَا رَاجِعُونَ ﴿٩٣﴾ فَمَنْ يَعْمَلْ مِنَ الصَّالِحَاتِ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَا كُفْرَانَ لِسَعْيِهِ وَإِنَّا لَهُ كَاتِبُونَ ﴿٩٤﴾ (الانبياء: ٩٢ کان ٩٤)

(٩٢) (انهن سڀني نبين ۽ رسولن جي وسيلي اسان جيڪا تعليم ڏني هئي سان هيءَ هئي تہ) هي توهان سڀني جي امت حقيقت ۾ هڪ ئي امت آهي (جدا جدا دين ۽ جدا جدا مذهبي ٽوليون ڪونہ آهن) ۽ مان ئي توهان سڀني جي (اڪيلو) پروردگار آهان. تنهن ڪري توهان کي گهرجي تہ فقط منهنجي ٻانهپ ڪيو (۽ ان راهہ ۾ جدا جدا نہ ٿي وڃو.) (٩٣) پر ماڻهن پاڻ ۾ اختلاف ڪري (هڪ ئي) دين جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيا، (نيٺ ڏسندؤ تہ) سڀني کي اسان ڏي موٽڻو آهي (۽ انهيءَ اختلاف ۽ دشمنين جو نتيجو چکڻو آهي.) (٩٤) پوءِ (ياد رکو تہ هن باري ۾ بنيادي ڳالهہ هيءَ آهي تہ) جيڪو بہ نيڪ عمل ٿو ڪري ۽ (الله تي) ايمان بہ اٿس تنهن جي ڪوشش اجائي نہ ٿيندي. اسان سندس نيڪيون لکي ڇڏڻ وارا آهيون.

## قربانيءَ جو حڪم

لِيَشْهَدُوا مَنَافِعَ لَهُمْ وَيَذْكُرُوا اسْمَ اللَّهِ فِي أَيَّامٍ مَعْلُومَاتٍ عَلَىٰ مَا رَزَقَهُمْ مِنْ بَهِيمَةِ الْأَنْعَامِ ۖ فَكُلُوا مِنْهَا وَأَطْعِمُوا الْبَائِسَ الْفَقِيرَ ﴿٢٨﴾ ثُمَّ لْيَقْضُوا تَفَثَهُمْ وَلْيُوفُوا نُذُورَهُمْ وَلْيَطَّوَّفُوا بِالْبَيْتِ الْعَتِيقِ ﴿٢٩﴾ (الحج: ٢٨، ٢٩)





(٢٨) اهي هن لاءِ ايندا تہ پنهنجي فائدن وٺڻ واري جاءِ تي اهي حاضر ٿين، ۽ اسان جيڪي پاليل جانور هنن کي رزق طور ڏنا آهن، تن جي قرباني ڪري مقرر ڏينهن ۾ الله جو نالو وٺن. پوءِ قربانيءَ جو گوشت پاڻ بہ کائو ۽ بکايل فقيرن کي بہ کارايو. (٢٩) پوءِ اهي ماڻهو (يعني حاجي) قرباني ڪرڻ بعد پنهنجي جسم ۽ لباس جي ميرائي لاهي ڇڏين. (يعني احرام لاهي ڇڏين) پڻ پنهنجا نذر پورا ڪن ۽ هن قديم گهر (يعني ڪعبت الله) جي چوڌاري طواف ڪن.

## پاڪ رسمن جي حرمت ۽ عزت

ذَٰلِكَ وَمَنْ يُعَظِّمْ حُرُمَاتِ اللَّهِ فَهُوَ خَيْرٌ لَهُ عِنْدَ رَبِّهِ ۗ وَأُحِلَّتْ لَكُمُ الْأَنْعَامُ إِلَّا مَا يُتْلَىٰ عَلَيْكُمْ ۖ فَاجْتَنِبُوا الرِّجْسَ مِنَ الْأَوْثَانِ وَاجْتَنِبُوا قَوْلَ الزُّورِ ﴿٣٠﴾

(الحج: ٣٠)

(٣٠) سو ڏسو (حج جي) ڳالهہ ائين ٿي ۽ جيڪو بہ الله تعاليٰ جي ٺهريل پاڪ رسمن جي عزت ٿو ڪري تنهن جي لاءِ سندس پروردگار وٽ وڏي چڱائي آهي. ۽ (هيءَ ڳالهہ بہ ياد رکو تہ) انهن جانورن کان سواءِ جن جي حرام هئڻ جو حڪم قرآن مجيد ۾ ٻڌايو ويو آهي، سڀ چوپايا جانور اوهان جي لاءِ حلال ڪيا ويا آهن. پوءِ توهان کي گهرجي تہ بتن جي ناپاڪائيءَ کان پاڻ کي بچايو ۽ پڻ ڪوڙ ڳالهائڻ کان پري رهو.

## ايمان وارن جا طريقا ۽ نشانيون

وَلِكُلِّ أُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنْسَكًا لِيَذْكُرُوا اسْمَ اللَّهِ عَلَىٰ مَا رَزَقَهُمْ مِنْ بَهِيمَةِ الْأَنْعَامِ ۗ فَإِلَٰهُكُمْ إِلَٰهٌ وَاحِدٌ فَلَهُ أَسْلِمُوا ۗ وَبَشِّرِ الْمُخْبِتِينَ ﴿٣٤﴾ الَّذِينَ إِذَا ذُكِرَ اللَّهُ وَجِلَتْ قُلُوبُهُمْ وَالصَّابِرِينَ عَلَىٰ مَا أَصَابَهُمْ وَالْمُقِيمِي الصَّلَاةِ وَمِمَّا رَزَقْنَاهُمْ يُنْفِقُونَ ﴿٣٥﴾ وَالْبُدْنَ جَعَلْنَاهَا لَكُمْ مِنْ شَعَائِرِ اللَّهِ لَكُمْ فِيهَا خَيْرٌ ۖ فَاذْكُرُوا اسْمَ اللَّهِ عَلَيْهَا صَوَافَّ ۖ فَإِذَا وَجَبَتْ جُنُوبُهَا فَكُلُوا مِنْهَا وَأَطْعِمُوا الْقَانِعَ وَالْمُعْتَرَّ ۚ كَذَٰلِكَ سَخَّرْنَاهَا لَكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُونَ ﴿٣٦﴾ (الحج: ٣٤ کان ٣٦)

(٣٤) ۽ (ڏسو) هر هڪ امت جي لاءِ اسان عبادت جو ڪوئي نہ ڪوئي طريقو مقرر ڪيو هو. انهيءَ لاءِ تہ انهن پاليل جانورن کي جي اسان رزق طور (ڪين



www.sindhsalamat.com

ڏنا آهن. ذبح ڪن تہ الله جو نالو وٺن. پوءِ (ياد رکو تہ) اوهان جو معبود اهوئي هڪڙو يگانو معبود آهي، ۽ (جيئن تہ ان کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي، انهيءَ ڪري اوهان کي گهرجي تہ) فقط انهيءَ ئي جي اڳيان فرمانبرداريءَ جو سر جهڪائي رکو. ۽ (اي پيغمبرا!) نماڻائي ۽ نيازمندي رکندڙ ٻانهن کي (ڪاميابي ۽ سعادت جي) خوشخبري ڏيئي ڇڏ. (٣٥) انهن (حق جي نيازمندن) کي (بہ خوشخبري ڏيئي ڇڏ) جن وٽ جيڪڏهن الله جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي تہ انهن جون دليون ڏڪي ٿيون وڃن. جيڪي هر قسم جي مصيبتن ۾ صبر ڪندڙ آهن. جيڪي نماز درست ڪري پڙهڻ ۾ ڪوشش ڪندڙ آهن. ۽ جيڪي انهيءَ رزق مان جو الله تعاليٰ کين ڏنو آهي، (نيڪ ڪمن ۾) خرچ ڪندا ٿا رهن. (٣٦) ۽ (ڏسو قربانيءَ جي انهن) اٺن کي (جن کي پري پري کان حج جي موقعي تي نيو وڃي ٿو) اسان انهن شين ۾ شمار ڪيو آهي، جي اوهان جي لاءِ الله جي (عبادت جي) نشانين مان آهن. انهن ۾ اوهان جي لاءِ وڏي چڱائي آهي. تنهن ڪري اوهان کي گهرجي تہ انهن کي قطارن ۾ بيهاري ذبح ڪرڻ وقت الله جو نالو ياد ڪريو. پوءِ جڏهن هو ڪنهن بہ پاسي تہ ڪري پون (يعني ڪسجي وڃن) تڏهن انهن جي گوشت مان پاڻ بہ کائو ۽ فقيرن ۽ زيارت ڪندڙ (حاجين) کي بہ کارايو. اهڙيءَ طرح اسان انهن جانورن کي توهان جي لاءِ تابع ڪري ڇڏيو آهي، تہ توهان (الله تعاليٰ جي نعمتن جا) شڪرگذار رهو.

❊❊❊❊

وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلْ إِلَيْهِ تَبْتِيلًا ﴿٨﴾ رَبُّ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ فَاتَّخِذْهُ وَكِيلًا ﴿٩﴾ وَاصْبِرْ عَلَىٰ مَا يَقُولُونَ وَاهْجُرْهُمْ هَجْرًا جَمِيلًا ﴿١٠﴾

(المزمل: ٨ کان ١٠)

(٨) ۽ پنهنجي پاليندڙ جو نالو (۽ ان جون صفتون) اڳيان رک (توکي انهن صفتن کي معاشري ۾ عملي طرح نافذ ڪرڻو آهي) ۽ سڀني کان جدا ٿي ان جو ٿيءُ! (٩) (اهو) اڀرندي ۽ الهندي جو مالڪ آهي، ان کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪارساز نہ آهي. پوءِ تون (ڪوبہ فڪر نہ ڪر ۽) ان کي پنهنجن ڪمن بڻائڻ وارو ڪري وٺ. (١٠) ۽ (ڪافر) جيڪي پيا چون تنهن (جو ڪوبہ اثر نہ وٺ ۽ ان) تي صبر ڪر ۽ کين چڱي وڙسان ڇڏي ڏي.

❊❊❊❊





ثُمَّ كَانَ مِنَ الَّذِينَ آمَنُوا وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ وَتَوَاصَوْا بِالْمَرْحَمَةِ ﴿١٧﴾ (البلد: ١٧)

(١٧) وري انهن ماڻهن مان ٿئي جن (الله جي پالڻهاريءَ وارن ٺوس قانونن تي) ايمان آندو ۽ هڪ ٻئي کي صبر ڪرڻ جي تلقين ڪئي ۽ هڪ ٻئي کي رحم ڪرڻ جي وصيت ڪئي آهي.

❊❊❊❊

وَالْعَصْرِ ﴿١﴾ إِنَّ الْإِنْسَانَ لَفِي خُسْرٍ ﴿٢﴾ إِلَّا الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ وَتَوَاصَوْا بِالْحَقِّ وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ﴿٣﴾ (العصر: ١ کان ٣)

(١) زماني جو (هر) دور شاهد آهي، (٢) تہ بيشڪ انسان (فرد جي حيثيت ۾ توڙي جماعت جي حيثيت ۾ پهنجي مقصدن ماڻڻ ۾) وڏي نقصان ۾ رهيو آهي. (٣) پر انهن ماڻهن کان سواءِ جن (خدا جي عطا ڪيل حياتيءَ جي طريقي کي مڃي) ايمان آندو ۽ (پوءِ ان طريقي مطابق) چڱا ڪم ڪيا ۽ هڪ ٻئي کي حق (جي واٽ اختيار ڪرڻ) جي نصيحت ڪئي ۽ هڪ ٻئي کي (ان واٽ تي) ثابت قدم رهڻ جي نصيحت ڪئي.

## الله جي نصرت پنهنجي ٻانهن لاءِ

الَّذِينَ أُخْرِجُوا مِنْ دِيَارِهِمْ بِغَيْرِ حَقٍّ إِلَّا أَنْ يَقُولُوا رَبُّنَا اللَّهُ ۗ وَلَوْلَا دَفْعُ اللَّهِ النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لَهُدِّمَتْ صَوَامِعُ وَبِيَعٌ وَصَلَوَاتٌ وَمَسَاجِدُ يُذْكَرُ فِيهَا اسْمُ اللَّهِ كَثِيرًا ۗ وَلَيَنْصُرَنَّ اللَّهُ مَنْ يَنْصُرُهُ ۗ إِنَّ اللَّهَ لَقَوِيٌّ عَزِيزٌ ﴿٤٠﴾ (الحج: ٤٠)

(٤٠) هي (مؤمن) اهي مظلوم آهن. جيڪي ناحق پنهنجي گهرن مان تڙي ڪڍيا ويا آهن. (هنن جو ڪوبہ ڏوهہ ڪونہ هو) هو تہ فقط چوندا ۽ مڃيندا هئا تہ اسان جو پروردگار الله آهي. ۽ ڏسو جيڪڏهن الله تعاليٰ ڪن (نيڪ) ماڻهن جي هٿان ڪن (ظالمن) کي نہ روڪيندو رهي ها (۽ هڪ ٽولي کي ٻئي ٽولي تي ظلم ڪرڻ لاءِ ڇوٽ ڇڏي ڏئي ها) تہ ڪنهن بہ قوم جا عبادتگاهہ زمين تي سلامت نہ رهن ها، نڪي (عيسائين ۽ يهودين جون) خانقاهون ۽ ديوليون نڪي ٻين جا عبادتگاهہ ۽ مسجدون، جن (سڀني) ۾ الله تعاليٰ جو گهڻو ذڪر ڪيو وڃي ٿو. اهي سڀ گهڻو اڳي ڊهي وڃن ها. (ياد رکو تہ) جيڪو بہ الله (جي سچائيءَ) جي حمايت ڪندو تنهن جي



www.sindhsalamat.com

الله تعاليٰ بہ ضرور مدد ڪندو. انهيءَ ۾ ڪجهہ بہ شڪ شبهو ڪونهي تہ هو يقيناً سڀ ڪا قوت رکندڙ ۽ سيني تي غالب آهي.

## نماز، زڪوات، اتحاد ۽ جهاد جو حڪم

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ارْكَعُوْا وَ اسْجُدُوْا وَ اعْبُدُوْا رَبَّكُمْ وَ افْعَلُوا الْخَيْرَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٧٧﴾ وَ جَاهِدُوْا فِي اللّٰهِ حَقَّ جِهَادِهٖ ؕ هُوَ اجْتَبٰىكُمْ وَ مَا جَعَلَ عَلَيْكُمْ فِي الدِّيْنِ مِنْ حَرَجٍ ؕ مِلَّةَ اَبِيْكُمْ اِبْرٰهِيْمَ ؕ هُوَ سَمّٰىكُمُ الْمُسْلِمِيْنَ ۙ۬ مِنْ قَبْلُ وَ فِيْ هٰذَا لِيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ شَهِيْدًا عَلَيْكُمْ وَ تَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ ۚۖ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ اعْتَصِمُوْا بِاللّٰهِ ؕ هُوَ مَوْلٰىكُمْ ۚ فَنِعْمَ الْمَوْلٰى وَ نِعْمَ النَّصِيْرُ ﴿٧٨﴾ (الحج: ٧٧،٧٨)

(٧٧) مؤمنؤ! رڪوع ۾ جهڪو سجدي ۾ ڪري ڪري پئو پنهنجي پروردگار جي ٻانهپ ڪيو ۽ نيڪيءَ جا ڪم ڪيو. عجب ناهي تہ ائين ڪرڻ سان اوهان ڪامياب ۽ بامراد ٿيندؤ (يعني دنيا ۽ آخرت جون نعمتون حاصل ڪندؤ). (٧٨) ۽ الله جي راهہ ۾ سر ڌڙ جي بازي لڳايو. ان جي راهہ ۾ ٻي انتها ڪوشش ڪرڻ جو جيڪو حق آهي، سو پوريءَ طرح بجا آڻيو. الله تعاليٰ اوهان (مسلمانن) کي وڏي فضيلت لاءِ چونڊي ڪنيو آهي، ۽ توهان جي لاءِ دين ۾ ڪنهن بہ قسم جي تنگي (يا تڪليف) ڪانہ رکي اٿس. توهان کي اهوئي (سنئو سڌو) طريقو ڏسيو ويو آهي، جو توهان جي پيءُ حضرت ابراهيم جو هو. الله تعاليٰ توهان جو نالو مسلم رکيو آهي. اڳوڻن زمانن ۾ بہ ۽ (قرآن) ۾ بہ ۽ اهو هن لاءِ ڪيائين تہ رسول (صلي الله عليه وسلم) اوهان جي لاءِ (حق جو) شاهد ٿئي (يعني حق سيکاري) ۽ توهان وري سيني انسانن جي لاءِ (حق سيکاريندڙ ٿيو). تنهن ڪري توهان نماز جو نظام قائم ڪيو ۽ زڪوات جو بندوبست رکو. الله جو سهارو مضبوط جهليو. اهوئي اوهان جو ڪارساز آهي. ۽ جنهن جو ڪارساز الله ٿيو تنهن جو ڪهڙو نہ چڱو ڪارساز آهي ۽ ڪهڙو نہ چڱو مددگار!



احڪام القرآن

## چوٽڪارو پائيندڙ ماڻهن جون وصفون

قَدْ اَفْلَحَ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿١﴾ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ صَلَاتِهِمْ خٰشِعُوْنَ ﴿٢﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ مُعْرِضُوْنَ ﴿٣﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ لِلزَّكٰوةِ فٰعِلُوْنَ ﴿٤﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَ ﴿٥﴾ اِلَّا عَلٰۤى اَزْوَاجِهِمْ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَاِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُوْمِيْنَ ﴿٦﴾ فَمَنِ ابْتَغٰى وَرَآءَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْعٰدُوْنَ ﴿٧﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ لِاَمٰنٰتِهِمْ وَ عَهْدِهِمْ رٰعُوْنَ ﴿٨﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَوٰتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ ﴿٩﴾ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْوٰرِثُوْنَ ﴿١٠﴾ الَّذِيْنَ يَرِثُوْنَ الْفِرْدَوْسَ ؕ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿١١﴾ (المومنون: ١ کان ١١)

(١) بيشڪ ايمان وارا ڪامياب ۽ سعادت وارا ٿي ويندا. (٢) (اهي مؤمن ڪامياب رهندا) جيڪي پنهنجي نمازن ۾ نماڻا ۽ نيازمند آهن. (٣) ۽ جيڪي نڪمين ۽ واهيات ڳالهين کان رخ ڦيرائي ڇڏين ٿا. (٤) ۽ جيڪي زڪوات ادا ڪرڻ ۾ سرگرم آهن. (٥) ۽ جيڪي پنهنجي ستر رکڻ ۾ ڪڏهن بہ غافل نٿا ٿين. (٦) پر هو پنهنجي نڪاح ٻڌين زالن سان همبستريءَ جو تعلق رکن ٿا يا انهن سان جيڪي سندن ملڪيت ۾ اچي ويون آهن، (يعني غلام عورتون يا ٻانهيون) بيشڪ انهن سان همبستر ٿيڻ ۾ مٿن ڪوبہ گناهہ ڪونهي. (٧) پوءِ جيڪڏهن ڪو ماڻهو (هن معاملي ۾) ان کان علاوه ڪا ٻي صورت (شهوت پرستيءَ جي) ڳولي ڪيندو تہ پوءِ اهڙي صورت ڳولي ڪيڻ وارا ئي آهن، جيڪي حدن کان ٻاهر نڪري ٿا وڃن ۽ ليڪو لنگهي ٿا ٻيهن. (٨) ۽ جيڪي پنهنجي امانتن ۽ عَهدن (۽ واعدن) پاڙڻ ۾ بلڪل ايماندار رهن ٿا (اها آهي مؤمنن جي پنجين وصف).
(٩) ۽ جيڪي پنهنجي نمازن جي حفاظت ۾ ڪڏهن بہ قصور نٿا ڪن.
(١٠) يقيناً اهڙائي ماڻهو وارث ٿيندا. (١١) ۽ ڪين فردوس جي زندگي ميراث ۾ ملندي ۽ هميشہ ان ۾ رهندا.

❊❊❊❊

وَ عِبَادُ الرَّحْمٰنِ الَّذِيْنَ يَمْشُوْنَ عَلَى الْاَرْضِ هَوْنًا وَّ اِذَا خَاطَبَهُمُ الْجٰهِلُوْنَ قَالُوْا سَلٰمًا ﴿٦٣﴾ وَ الَّذِيْنَ يَبِيْتُوْنَ لِرَبِّهِمْ سُجَّدًا وَّ قِيَامًا ﴿٦٤﴾ وَ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ



www.sindhsalamat.com

رَبَّنَا اصۡرِفۡ عَنَّا عَذَابَ جَهَنَّمَ ۖ اِنَّ عَذَابَهَا كَانَ غَرَامًا ﴿٦٥﴾ اِنَّهَا سَآءَتۡ
مُسۡتَقَرًّا وَّ مُقَامًا ﴿٦٦﴾ وَ الَّذِيۡنَ اِذَاۤ اَنۡفَقُوۡا لَمۡ يُسۡرِفُوۡا وَ لَمۡ يَقۡتُرُوۡا وَ كَانَ بَيۡنَ
ذٰلِكَ قَوَامًا ﴿٦٧﴾ وَ الَّذِيۡنَ لَا يَدۡعُوۡنَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰـهًا اٰخَرَ وَ لَا يَقۡتُلُوۡنَ النَّفۡسَ
الَّتِىۡ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالۡحَقِّ وَ لَا يَزۡنُوۡنَ ۚ وَ مَنۡ يَّفۡعَلۡ ذٰلِكَ يَلۡقَ اَثَامًا ﴿٦٨﴾
يُّضٰعَفۡ لَهُ الۡعَذَابُ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ وَيَخۡلُدۡ فِيۡهٖ مُهَانًا ﴿٦٩﴾ اِلَّا مَنۡ تَابَ وَ اٰمَنَ وَ
عَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا فَاُولٰٓـئِكَ يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمۡ حَسَنٰتٍ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوۡرًا
رَّحِيۡمًا ﴿٧٠﴾ وَ مَنۡ تَابَ وَ عَمِلَ صَالِحًا فَاِنَّهٗ يَتُوۡبُ اِلَى اللّٰهِ مَتَابًا ﴿٧١﴾ وَ الَّذِيۡنَ لَا
يَشۡهَدُوۡنَ الزُّوۡرَ ۙ وَ اِذَا مَرُّوۡا بِاللَّغۡوِ مَرُّوۡا كِرَامًا ﴿٧٢﴾ وَ الَّذِيۡنَ اِذَا ذُكِّرُوۡا
بِاٰيٰتِ رَبِّهِمۡ لَمۡ يَخِرُّوۡا عَلَيۡهَا صُمًّا وَّ عُمۡيَانًا ﴿٧٣﴾ وَ الَّذِيۡنَ يَقُوۡلُوۡنَ رَبَّنَا هَبۡ لَنَا
مِنۡ اَزۡوَاجِنَا وَ ذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعۡيُنٍ وَّ اجۡعَلۡنَا لِلۡمُتَّقِيۡنَ اِمَامًا ﴿٧٤﴾ اُولٰٓـئِكَ يُجۡزَوۡنَ
الۡغُرۡفَةَ بِمَا صَبَرُوۡا وَ يُلَقَّوۡنَ فِيۡهَا تَحِيَّةً وَّ سَلٰمًا ﴿٧٥﴾ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَا ؕ حَسُنَتۡ
مُسۡتَقَرًّا وَّ مُقَامًا ﴿٧٦﴾ (الفرقان: ٦٣ کان ٧٦)

(٦٣) رحمان خدا جا سچا ٻانها اهي آهن جيڪي زمين تي نماڻائيءَ سان هلن چلن ٿا ۽ جڏهن جاهل (۽ مغرور) ماڻهو ساڻن (بيهودي نموني سان) ڳالهائين ٿا تڏهن هو کين چون ٿا ته شال سلامتي هجي توهان تي (يعني خدا اوهان کي بيهودين ڳالهين کان ۽ عذاب کان بچائي. مان ته صبر ڪيون هليو ٿو وڃان). (٦٤) ۽ اهي (سچا بندا آهن) جيڪي پنهنجي پالڻهار جي اڳيان (فرمانبرداريءَ جا) سجدا ۽ بيهڪون ڪندي راتيون گذارين ٿا. (٦٥) ۽ جيڪي خدا کان دعا گهرن ٿا ته اي اسان جا رب! اسان کان دوزخ جو عذاب هٽائي ڇڏ. بيشڪ ان جو عذاب ڏاڍو سخت عذاب آهي. (٦٦) اهو (دوزخ) يقيناً سخت خراب ٽڪاڻو ۽ رهڻ جي جاءِ آهي. (٦٧) ۽ اهي (سچا بندا آهن) جي جڏهن (پئسا، سامان يا پنهنجون طاقتون) خرچ ڪن ٿا يا ڪم ٿا آڻين تڏهن حد کان ٻاهر نٿا وڃن ۽ فضول خرچي نٿا ڪن، نڪي وري ڪنجوسائي ٿا ڪن. انهن جي سڀ هلت چلت افراط ۽ تفريط (يعني اور ۽ پور) جي وچ ۾ هوندي آهي. (٦٨) ۽ اهي (سچا بندا آهن) جيڪي خدا سان گڏ ٻين ديوتائن کي نٿا پڪارين، نڪي سواءِ حق جي ڪنهن به ساهدار (جانور يا ماڻهو) کي قتل ٿا ڪن جن کي قتل ڪرڻ خدا تعاليٰ حرام ٺهرايو آهي، نڪي زنا ٿا ڪن. جيڪو به اهي (ئي) ڪم ڪري ٿو سو (نه رڳو) اهڙن (سخت) گناهن جي سزا پوڳيندو. (پر) (٦٩) قيامت جي ڏينهن هن کي ٻيڻو عذاب ملندو ۽ انهيءَ عذاب ۾ هميشه ذلت ۽ خواريءَ سان رهندو. (٧٠) پر (انهيءَ تان سزا ۽ عذاب ٽري ويندو) جيڪو توبه ڪندو (يعني انهن بد عملن کان باز ايندو) ۽ (خدا ۾ سچو) ايمان رکندو ۽ عمل به چڱا ڪندو. پوءِ الله تعاليٰ اهڙن ماڻهن جون برايون چڱائين ۾ بدلائي ڇڏيندو (يعني هو برائيون ڪيدي ڇڏيندا ۽ نيڪيون اختيار ڪندا. ياد رکو) ته الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي. (٧١) ۽ (ياد رکو ته) جيڪو به گناهه ڇڏي (سڌيءَ واٽ ڏي) موٽي ٿو ۽ نيڪ عمل ڪري ٿو سو حقيقتاً چڱي موٽ ڪائي خود خدا ڏي موٽي ٿو. (٧٢) ۽ اهي (سچا بندا آهن) جيڪي ڪوڙ (۽ ظلم واري ڳالهه) تي شاهدي نٿا ڏين ۽ جڏهن ڪنهن بيهودگيءَ (يا بري ڪم ٿيڻ واري جاءِ) وٽان لنگهن ٿا تڏهن شريفاڻي ڍنگ سان (نه آڪڙ سان)، پاسو ڪري هليا وڃن ٿا. (٧٣) ۽ جيڪي جڏهن کين سندن پروردگار جي نشانين سان ڪجهه سمجهايو وڃي ٿو تڏهن انهن تي ٻوڙن ۽ انڌن وانگر ڪري نٿا پون. (پر انهن تي غور ۽ فڪر ٿا ڪن ۽ عقل ڪم ٿا آڻين.) (٧٤) ۽ جيڪي دعا ٿا گهرن ته، اي اسان جا پالڻهار! اسان جي زالن ۽ ٻارن (کي اهڙو ڪر جو انهن) مان اسان جي اکين کي ٿڌاڻ ۽ خوشي حاصل ٿئي ۽ اسان کي پرهيزگار ماڻهن لاءِ رهبر ۽ رهنما ڪر. (٧٥) اهڙن (سچن بندن) کي جنت ۾ ماڙيون ملنديون. ڇو ته هنن صبر ۽ استقامت سان زندگي گذاري، ۽ (جنت ۾ فرشتا) هنن کي چڱي ڀليڪار ۽ سلامتيءَ جي دعا ڪندي ملندا. (٧٦) اهي (سچا بندا) ان (جنت) ۾ هميشه رهندا، ڪهڙي نه چڱي رهڻ جي جاءِ ۽ فرحتن وٺڻ جي جاءِ هوندي!

❋❋❋❋

اِنَّ الۡاِنۡسَانَ خُلِقَ هَلُوۡعًا ﴿١٩﴾ اِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ جَزُوۡعًا ﴿٢٠﴾ وَّ اِذَا مَسَّهُ الۡخَيۡرُ
مَنُوۡعًا ﴿٢١﴾ اِلَّا الۡمُصَلِّيۡنَ ﴿٢٢﴾ الَّذِيۡنَ هُمۡ عَلٰى صَلَاتِهِمۡ دَآئِمُوۡنَ ﴿٢٣﴾ وَ الَّذِيۡنَ فِىۡۤ


www.sindhsalamat.com

اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ مَّعْلُوْمٌ ﴿۲۴﴾ لِّلسَّآئِلِ وَ الْمَحْرُوْمِ ﴿۲۵﴾ وَ الَّذِيْنَ يُصَدِّقُوْنَ بِيَوْمِ الدِّيْنِ ﴿۲۶﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ مِّنْ عَذَابِ رَبِّهِمْ مُّشْفِقُوْنَ ﴿۲۷﴾ اِنَّ عَذَابَ رَبِّهِمْ غَيْرُ مَاْمُوْنٍ ﴿۲۸﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَ ﴿۲۹﴾ اِلَّا عَلٰٓى اَزْوَاجِهِمْ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَاِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُوْمِيْنَ ﴿۳۰﴾ فَمَنِ ابْتَغٰى وَرَآءَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْعٰدُوْنَ ﴿۳۱﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ لِاَمٰنٰتِهِمْ وَعَهْدِهِمْ رٰعُوْنَ ﴿۳۲﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ بِشَهٰدٰتِهِمْ قَآئِمُوْنَ ﴿۳۳﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ ﴿۳۴﴾ اُولٰٓئِكَ فِيْ جَنّٰتٍ مُّكْرَمُوْنَ ﴿۳۵﴾

(المعارج: ۱۹ کان ۳۵)

(۱۹) بيشڪ انسان (وحي جي تعليمات کان سواءِ پنهنجي جوهر ۾) ڪمزور دل پيدا ڪيو ويو آهي. (۲۰) (نتيجي ۾) جڏهن انکي تڪليف پهچي ٿي تہ بي صبر ۽ بزدل ٿيو پوي. (۲۱) ۽ جڏهن خوشحالي پهچيس ٿي تہ (خير جي ڪمن کان) ڪنجوس ٿيو پوي. (۲۲) پر نمازي (يعني فرمانبردار) ائين نہ ڪندا آهن. (۲۳) جيڪي پنهنجي نماز (۽ پنهنجي فرمانبرداريءَ) تي هميشہ پورا آهن. (۲۴۽ ۲۵) (انهن جي فرمانبرداريءَ جي علامت اها آهي جو مال کي صرف پنهنجي انفرادي مفاد لاءِ نہ سمجهندا آهن. بلڪ) انهن جي مالن ۾ سوالي ۽ بي سوالي (محتاج ۽ زندگيءَ جي ضرورتن کان محروم ماڻهن) لاءِ مقرر حق آهي. (جيڪو الله جي سونپيل امانت سمجهي انهن تائين رسائيندا آهن.) (۲۶) (اهي ئي ماڻهو آهن) جيڪي حساب جي ڏينهن کي (پنهنجي عمل سان) سچو مڃين ٿا. (۲۷) ۽ جيڪي پنهنجي پالڻهار جي گرفت ۽ عذاب کان ڊڄندڙ آهن. (۲۸) ڇو تہ (الله جي قانون جي خلاف ورزيءَ تي بي پناهہ آهي ئي ڪونہ. ان ڪري) سندن پالڻهار جو عذاب بي ڊپي ٿيڻ جي شيءِ نہ آهي. (۲۹) (سندن خاصيت هيءَ بہ آهي تہ) پنهنجين عصمتن جي حفاظت ڪندڙ آهن. (اهي مرد توڙي عورتون). (۳۰) (بين کان) بچائيندڙ آهن. سواءِ پنهنجي زالن ۽ ملڪ تي ويل عورتن جي. ڇو تہ (انهن کان شرمگاهن نہ بچائڻ ۾) اهي ملامت ڪيل نہ آهن. (۳۱) پوءِ جيڪي ان کان سواءِ (ٻيو ڪجهہ ڪرڻ) گهرندا سي ئي حد کان لنگهندڙ آهن. (۳۲) (انهن جي خاصيت هيءَ بہ آهي تہ) اهي پنهنجي امانتن (جي حفاظت) ۽ پنهنجي انجام (کي پوري ڪرڻ) جو خيال رکندڙ آهن. (۳۳) ۽ جيڪي (ڪنهن معاملي تي شاهدي ڏين ٿا تہ) پنهنجي شاهدين تي پورا بيهندڙ آهن. (۳۴) ۽ جيڪي پنهنجي نماز جي (هميشہ) پابندي ڪن ٿا. (۳۵) اهي (ئي آهن جيڪي هميشہ) باغن ۾ عزت وارا ٿي رهندا.





****

رِجَالٌ لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّلَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللهِ وَ اِقَامِ الصَّلٰوةِ وَ اِيْتَآءِ الزَّكٰوةِ يَخَافُوْنَ يَوْمًا تَتَقَلَّبُ فِيْهِ الْقُلُوْبُ وَ الْاَبْصَارُ ﴿۳۷﴾ لِيَجْزِيَهُمُ اللهُ اَحْسَنَ مَا عَمِلُوْا وَيَزِيْدَهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ وَ اللهُ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿۳۸﴾

(النور: ۳۷،۳۸)

(۳۷) اهي ماڻهو اهڙا آهن جو ڪين واپار ۽ ڏنڊا نڪي خدا جي يادگيريءَ کان غافل ٿا ڪري سگهن. نڪي نماز قائم ڪرڻ ۽ زڪوات ڏيڻ کان غافل ٿا ڪن. اهي انهيءَ ڏينهن کان ڊڄندا رهن ٿا جنهن ڏينهن دليون ۽ اکيون ابتيون ۽ اونڌيون ٿي ويندون. (۳۸) (سندن سچائي جو نتيجو هي ٿيندو جو) جيڪي بہ (چڱا) عمل هنن ڪيا آهن تن جو بهترين بدلو الله تعاليٰ کين ڏيندو ۽ پنهنجي (خاص) فضل سا ڪجهہ زياده بہ عنايت ڪندو ۽ الله تعاليٰ جنهن کي بہ چاهي ٿو تنهن کي بنا حساب گهڻو رزق عطا ڪري ٿو.

## نيڪين ۾ جلدي ڪرڻ وارا

اِنَّ الَّذِيْنَ هُمْ مِّنْ خَشْيَةِ رَبِّهِمْ مُّشْفِقُوْنَ ﴿۵۷﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ يُؤْمِنُوْنَ ﴿۵۸﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ بِرَبِّهِمْ لَا يُشْرِكُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَ الَّذِيْنَ يُؤْتُوْنَ مَآ اٰتَوْا وَّ قُلُوْبُهُمْ وَجِلَةٌ اَنَّهُمْ اِلٰى رَبِّهِمْ رٰجِعُوْنَ ﴿۶۰﴾ اُولٰٓئِكَ يُسٰرِعُوْنَ فِي الْخَيْرٰتِ وَ هُمْ لَهَا سٰبِقُوْنَ ﴿۶۱﴾ (المومنون: ۵۷-۶۱)

(۵۷) (پر) جيڪي ماڻهو پنهنجي پروردگار جي خوف ۾ ڊڄندا رهن ٿا. (۵۸) ۽ جيڪي پنهنجي پروردگار جي نشانين تي ايمان آڻين ٿا. (۵۹) ۽ جيڪي پنهنجي پروردگار سان ڪنهن کي بہ شريڪ نٿا ڪن. (۶۰) ۽



www.sindhsalamat.com

جيڪي (خدا جي راهه ۾) جيڪي ڏيئي سگهن ٿا سو وڏيءَ دل سان ڏين ٿا. ۽ (تنهن هوندي به) سندن دليون ڏڪنديون رهن ٿيون. (هن خيال کان) ته نيٺ پنهنجي پروردگار جي حضور ۾ موٽڻو آهي. (متان اتي شرمسار ٿيڻو پوي.) (٦١) اهي ئي آهن جيڪي چڱن ڪمن ڪرڻ ۾ تيز آهن. ۽ اهي ئي آهن جي (هن راهه ۾) سڀني کان اڳي نڪري وڃڻ وارا آهن.

## برائي کي ڀلائي سان دفع ڪرڻ ۽ شيطاني وسوسن کان الله جي پناهه گهرڻ

اِدۡفَعۡ بِالَّتِیۡ هِیَ اَحۡسَنُ السَّیِّئَۃَ ؕ نَحۡنُ اَعۡلَمُ بِمَا یَصِفُوۡنَ ﴿۹۶﴾ وَ قُلۡ رَّبِّ اَعُوۡذُ بِکَ مِنۡ هَمَزٰتِ الشَّیٰطِیۡنِ ﴿۹۷﴾ وَ اَعُوۡذُ بِکَ رَبِّ اَنۡ یَّحۡضُرُوۡنِ ﴿۹۸﴾ (المومنون: ٩٦،٩٧،٩٨)

(٩٦) (اي پيغمبر!) برائي کي (برائيءَ سان نه پر) اهڙي طرز جي حڪمت عمليءَ سان دفع ڪر جا بهترين طرز هجي (يا معافي ڏيڻ سان يا ڪنهن ٻئي سهڻي طريقي سان). اسان انهن ڳالهين کان بي خبر نه آهيون جي ڳالهيون هي ماڻهو تنهنجي متعلق چوندا رهن ٿا. (٩٧) ۽ (اسان جي حضور ۾) هيءَ دعا گهر ته اي منهنجا رب! مان شيطاني وسوسن کان تنهنجي دامن ۾ پناهه ٿو وٺان. (٩٨) ۽ اي منهنجا رب! مان هن ڳالهه کان به (تنهنجي) پناهه ٿو گهران ته اهي وسوسا مون وٽ اچن (يعني التجا ٿو ڪريان ته وسوسا مون وٽ اچن ئي نه).

****

وَ لَا تَسۡتَوِی الۡحَسَنَۃُ وَ لَا السَّیِّئَۃُ ؕ اِدۡفَعۡ بِالَّتِیۡ هِیَ اَحۡسَنُ فَاِذَا الَّذِیۡ بَیۡنَکَ وَ بَیۡنَهٗ عَدَاوَۃٌ کَاَنَّهٗ وَلِیٌّ حَمِیۡمٌ ﴿۳۴﴾ (حم السجدة: ٣٤)

(٣٤) ۽ (ياد رکو ته) نيڪي ۽ بدي هرگز برابر ناهن. (سو اي پيغمبر!) تون (بدي ۽ برائيءَ کي) انهيءَ طريقي سان دفع ڪر جو بهترين طريقو هجي. پوءِ نتيجو هي ٿيندو جو جنهن (بري) شخص ۽ تنهنجي وچ ۾ ٻي اتفاقي يا دشمني هئي سو اهڙو ته ٿي پوندو جو ڄڻ ته هو گهرو ۽ گهاٽو دوست آهي.

****





وَ اِمَّا یَنۡزَغَنَّکَ مِنَ الشَّیۡطٰنِ نَزۡغٌ فَاسۡتَعِذۡ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ سَمِیۡعٌ عَلِیۡمٌ ﴿۲۰۰﴾ (الاعراف: ٢٠٠)

(٢٠٠) ۽ جيڪڏهن شيطان جي طرف کان ڪو (خراب) وسوسو تون محسوس ڪرين ته الله جي طرف متوجهه ٿي وڃ ۽ سندس پناهه گهر. بيشڪ هو (سڀ ڪجهه) ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

## بدگماني کان بچڻ جو حڪم

لَوۡ لَاۤ اِذۡ سَمِعۡتُمُوۡهُ ظَنَّ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ وَ الۡمُؤۡمِنٰتُ بِاَنۡفُسِهِمۡ خَیۡرًا ۙ وَّ قَالُوۡا هٰذَاۤ اِفۡکٌ مُّبِیۡنٌ ﴿۱۲﴾ (النور: ١٢)

(١٢) جڏهن توهان اها (تهمت) ٻڌي هئي تڏهن مؤمن مردن ۽ مؤمن زالن پنهنجي دلين ۾ چو نه نيڪ گمان آندو (۽ چو بدگمان ٿي هڪڙي خراب تهمت تي ڪٽي اعتبار ڪيائون ۽ هڪ ٻئي کي ٻڌايائون) ۽ چو نه هڪدم چئي ڏنائون ته، هيءَ ته چٽي چٽي ڪوڙي تهمت آهي.

## معافي تلافي جو رويو اپنائڻ جو حڪم

وَ لَا یَاۡتَلِ اُولُوا الۡفَضۡلِ مِنۡکُمۡ وَ السَّعَۃِ اَنۡ یُّؤۡتُوۡۤا اُولِی الۡقُرۡبٰی وَ الۡمَسٰکِیۡنَ وَ الۡمُهٰجِرِیۡنَ فِیۡ سَبِیۡلِ اللّٰهِ ۪ۖ وَ لۡیَعۡفُوۡا وَ لۡیَصۡفَحُوۡا ؕ اَلَا تُحِبُّوۡنَ اَنۡ یَّغۡفِرَ اللّٰهُ لَکُمۡ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوۡرٌ رَّحِیۡمٌ ﴿۲۲﴾ (النور: ٢٢)

(٢٢) ۽ اوهان مان جيڪي فضل ۽ وسعت وارا آهن، تن کي گهرجي ته اهو قسم نه کڻن ته اسان (فلاڻن) مائٽن، مسڪينن ۽ خدا جي راهه ۾ هجرت ڪندڙن کي ڪجهه به نه ڏينداسين. ڪين گهرجي ته (سندن قصور) معاف ڪري ڇڏين ۽ درگذر ڪن. ڇا توهان هي ڳالهه پسند نٿا ڪيو ته خدا اوهان کي بخشي ڇڏي ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.

## بيواهه عورتن سان نڪاح ڪرڻ جو حڪم

وَ اَنۡکِحُوا الۡاَیَامٰی مِنۡکُمۡ وَ الصّٰلِحِیۡنَ مِنۡ عِبَادِکُمۡ وَ اِمَآئِکُمۡ ؕ اِنۡ یَّکُوۡنُوۡا فُقَرَآءَ



www.sindhsalamat.com

يُغۡنِهِمُ اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيۡمٌ ﴿۳۲﴾ وَ لۡيَسۡتَعۡفِفِ الَّذِيۡنَ لَا يَجِدُوۡنَ نِكَاحًا حَتّٰى يُغۡنِيَهُمُ اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ ؕ وَ الَّذِيۡنَ يَبۡتَغُوۡنَ الۡكِتٰبَ مِمَّا مَلَكَتۡ اَيۡمَانُكُمۡ فَكَاتِبُوۡهُمۡ اِنۡ عَلِمۡتُمۡ فِيۡهِمۡ خَيۡرًا ۖ وَّ اٰتُوۡهُمۡ مِّنۡ مَّالِ اللّٰهِ الَّذِىۡۤ اٰتٰٮكُمۡ ؕ وَ لَا تُكۡرِهُوۡا فَتَيٰتِكُمۡ عَلَى الۡبِغَآءِ اِنۡ اَرَدۡنَ تَحَصُّنًا لِّتَبۡتَغُوۡا عَرَضَ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ؕ وَ مَنۡ يُّكۡرِهْهُّنَّ فَاِنَّ اللّٰهَ مِنۡۢ بَعۡدِ اِكۡرَاهِهِنَّ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۳۳﴾

(النور: ۳۲، ۳۳)

(۳۲) ۽ اوهان ۾ جيڪي بہ اڻ پرڻيل عورتون هجن، (ڪنواريون توڙي بيوھ توڙي طلاق ڏنل) تن جو نڪاح ڪندا ڪريو ۽ پنهنجي نيڪ ٻانهن ۽ ٻانهين جو بہ نڪاح ڪندا ڪريو. (يعني انهن سان پرڻجو يا انهن کي پرڻايو) جيڪڏهن اهي مسڪين هونديون تہ الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان هنن کي خوشحال ڪري ڇڏيندو ۽ الله تعاليٰ وسعت رکندڙ ۽ سڀني کي وسعت ڏيندڙ آهي ۽ سڀ ڪجھ ڄاڻندڙ آهي. (۳۳) ۽ جن ماڻهن کي نڪاح جي لاءِ طاقت ڪانهي سي پاڻ تي ضابطو رکن (۽ پاڪ دامن رهن) جيستائين ڪہ الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان کين آسودو ڪري ۽ جيڪي ٻانها توهان کان دستاويز لکائي وٺڻ چاهين (تہ هيترا پئسا ڪمائي ڪرڻ يا هيترو ڪم ڪرڻ بعد آزادي ملندي) تہ انهن کي اهڙو دستاويز لکي ڏيو، جيڪڏهن توهان هنن ۾ ڪجھ نيڪي ۽ صلاحيت معلوم ڪيو ۽ جيڪو مال الله تعاليٰ اوهان کي ڏنو آهي، تنهن مان انهن کي بہ ڪجھ ڏيو ۽ پنهنجي ٻانهين کي دنيوي زندگي جي فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ زنا ڪاري ڪرڻ تي مجبور نہ ڪيو، جڏهن تہ هو پاڪ دامن رهڻ چاهين ٿيون ۽ جيڪڏهن هنن کي ڪو ماڻهو (ڪسب ڪرڻ لاءِ) مجبور ڪندو تہ پوءِ هنن جي مجبوريءَ بيوسيءَ جي ڪري الله تعاليٰ (هنن کي بخشي ڇڏيندو، ڇو تہ هو) غفور ۽ رحيم آهي.

## الله ۽ رسول جي فرمانبرداري

قُلۡ اَطِيۡعُوا اللّٰهَ وَ اَطِيۡعُوا الرَّسُوۡلَ ۚ فَاِنۡ تَوَلَّوۡا فَاِنَّمَا عَلَيۡهِ مَا حُمِّلَ وَ عَلَيۡكُمۡ مَّا حُمِّلۡتُمۡ ؕ وَ اِنۡ تُطِيۡعُوۡهُ تَهۡتَدُوۡا ؕ وَ مَا عَلَى الرَّسُوۡلِ اِلَّا الۡبَلٰغُ الۡمُبِيۡنُ ﴿۵۴﴾





(النور: ۵۴)

(۵۴) ۽ (اي پيغمبر! تون) عام اعلان ڪر تہ (اي انسانو) الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪيو. توهان جيڪڏهن (ائين ڪرڻ کان) منهن موڙيندؤ تہ (توهان جو ئي نقصان آهي) منهنجي ذمي تہ رڳو (حڪم پهچائڻ جو) بار آهي ۽ توهان ئي پنهنجي (عملن جي) بار کڻڻ جا ذميوار آهيو ۽ جيڪڏهن توهان منهنجي فرمانبرداري ڪندؤ تہ (سچي) هدايت واري واٽ تي هوندؤ (۽ ڪامياب ٿيندؤ). ۽ رسول جي ذمي تہ ٻيو ڪجھ بہ ناهي، سواءِ هن جي تہ هو حق جو پيغام چٽيءَ طرح (ماڻهن کي) پهچائي ڏئي.

❊❊❊❊

فَاِنَّمَا عَلَيۡكَ الۡبَلٰغُ وَعَلَيۡنَا الۡحِسَابُ (الرعد: ۴۰)

بهرحال جيڪي تنهنجي ذمي آهي سو آهي فقط حق جو پيغام پهچائڻ، هنن کان (سندن ڪمن جو) حساب وٺڻ اسان جو ڪم آهي (نہ تنهنجو).

❊❊❊❊

وَ اَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ اَطِيۡعُوا الرَّسُوۡلَ لَعَلَّكُمۡ تُرۡحَمُوۡنَ ﴿۵۶﴾ (النور: ۵٦)

(۵٦) ۽ (اي مسلمانو!) نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ادا ڪيو ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪيو تہ توهان تي رحم ڪيو وڃي. (زباني مسلماني ۽ سڪڻو ايمان ڪم نہ ايندو).

## اجازت وٺي داخل ٿيڻ جا وقت

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لِيَسۡتَاۡذِنۡكُمُ الَّذِيۡنَ مَلَكَتۡ اَيۡمَانُكُمۡ وَ الَّذِيۡنَ لَمۡ يَبۡلُغُوا الۡحُلُمَ مِنۡكُمۡ ثَلٰثَ مَرّٰتٍ ؕ مِنۡ قَبۡلِ صَلٰوةِ الۡفَجۡرِ وَ حِيۡنَ تَضَعُوۡنَ ثِيَابَكُمۡ مِّنَ الظَّهِيۡرَةِ وَ مِنۡۢ بَعۡدِ صَلٰوةِ الۡعِشَآءِ ۚ ثَلٰثُ عَوۡرٰتٍ لَّكُمۡ ؕ لَيۡسَ عَلَيۡكُمۡ وَ لَا عَلَيۡهِمۡ جُنَاحٌۢ بَعۡدَهُنَّ ؕ طَوّٰفُوۡنَ عَلَيۡكُمۡ بَعۡضُكُمۡ عَلٰى بَعۡضٍ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الۡاٰيٰتِ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ﴿۵۸﴾ (النور: ۵۸)

(۵۸) اي مؤمنؤ! توهان کي هن ڳالھ جو خيال رکڻ گهرجي تہ اوهان جا ٻانها



www.sindhsalamat.com

(ع) ٻانهيون جيڪي اوهان جي قبضي ۾ آهن (۽ نوڪر ۽ نوڪرياڻيون ۽ پڻ اهي جيڪي بلوغت جي عمر کي نه پهتا آهن. (يعني اڃا ننڍا آهن) اهي سڀ توهان وٽ اچڻ لاءِ ٽن وقتن تي پهريائين موڪل گهرن: (١) فجر جي نماز کان اڳي (٢) منجهند جو جڏهن توهان ڪپڙا لاهي (يا بدلائي) آرام ڪندا آهيو. (٣) سومهڻيءَ جي نماز کان پوءِ. اهي ٽي (اُهي) وقت آهن (جن ۾) توهان پوريءَ طرح پهريل نه هوندا آهيو (ٻيا ماڻهو ته هر وقت موڪل بنا نه اچن) انهن ٽن وقتن کان سواءِ (انهن ٻانهن نوڪرن ۽ ننڍن جي بنا موڪل اچڻ ۾) نه اوهان جي لاءِ گناهه جي ڳالهه آهي نه ئي هنن لاءِ. چو ته (ڪم ڪار لاءِ) توهان هڪ ٻئي ڏانهن اچو وڃو ٿا. (ڏسو) اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ پنهنجا حڪم احڪام کولي کولي بيان ڪري ٿو ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

## بالغ ڇوڪرا اجازت وٺي داخل ٿين

وَاِذَا بَلَغَ الْاَطْفَالُ مِنْكُمُ الْحُلُمَ فَلْيَسْتَاْذِنُوْا كَمَا اسْتَاْذَنَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ۝ (النور: ٥٩)

(٥٩) ۽ جڏهن توهان جا ٻار (پنهنجا يا پراوا) بلوغت کي پهچن (يعني جوان ٿين) تڏهن گهرجي ته اهي به ساڳيءَ طرح (هر وقت ۽ هر موقعي تي) موڪل گهرن. جهڙيءَ طرح انهن کان اڳيان (يعني وڏا) موڪل گهرندا پئي آيا آهن. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ پنهنجا حڪم احڪام چٽائي سان بيان ڪري ٿو ڇڏي. (۽ وري ياد رکو ته سندس سڀ حڪم مفيد ۽ ضروري آهن. چو ته) الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

## پوڙهين عورتن جي لاءِ پردي جي نرمي

وَالْقَوَاعِدُ مِنَ النِّسَآءِ الّٰتِيْ لَا يَرْجُوْنَ نِكَاحًا فَلَيْسَ عَلَيْهِنَّ جُنَاحٌ اَنْ يَّضَعْنَ ثِيَابَهُنَّ غَيْرَ مُتَبَرِّجٰتٍۭ بِزِيْنَةٍ ؕ وَاَنْ يَّسْتَعْفِفْنَ خَيْرٌ لَّهُنَّ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ۝

(النور: ٦٠)





(٦٠) ۽ وڏيون پوڙهيون عورتون جن کي پرڻجڻ جي ضرورت ئي نه رهي آهي سي جيڪڏهن پنهنجا (غير ضروري ٻاهريان) ڪپڙا (جيئن چادر ڪنهن وقت) نه پائين ته انهن کي گناهه ڪونهي. بشرطيڪ هو زينت وارين جاين کي ظاهر نه ڪن. پر جيڪڏهن انهيءَ کان به بچن (يعني ٻاهران ڪپڙا به پائينديون رهن) ته الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

## ڪاڌي کائڻ جي اجازت

لَيْسَ عَلَى الْاَعْمٰى حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الْاَعْرَجِ حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الْمَرِيْضِ حَرَجٌ وَّلَا عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ اَنْ تَاْكُلُوْا مِنْۢ بُيُوْتِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اٰبَآئِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اُمَّهٰتِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اِخْوَانِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اَخَوٰتِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اَعْمَامِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ عَمّٰتِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اَخْوَالِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ خٰلٰتِكُمْ اَوْ مَا مَلَكْتُمْ مَّفَاتِحَهٗٓ اَوْ صَدِيْقِكُمْ ؕ لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَاْكُلُوْا جَمِيْعًا اَوْ اَشْتَاتًا (النور: ٦١)

(٦١) نڪي انڌن لاءِ (هيءَ ڳالهه) ڪا پوٽائي جي ڳالهه آهي. نڪي منڊن يا بيمارن لاءِ. نڪي توهان ٻين لاءِ (ڪا رڪاوٽ آهي) ته توهان (انڌا منڊا ۽ بيمار) پنهنجي گهرن ۾ يا پنهنجي پيءُ ماءُ جي گهرن ۾ کائو پيئو يا پنهنجي ڀائرن جي گهرن ۾ يا ڀينرن جي گهرن ۾ (کائو پيئو) يا پنهنجي چاچن جي گهرن ۾ يا ڦپين جي گهرن ۾ يا مامن جي گهرن ۾ يا ماسين جي گهرن ۾ يا انهن گهرن ۾ جن جون ڪنجيون توهان جي قبضي ۾ هجن يا پنهنجي (نيڪ) دوستن جي گهرن ۾ (بيشڪ کائو پيئو). هن ڳالهه ۾ توهان تي ڪو گناهه ڪونهي ته گڏجي ويهي کائو يا جدا جدا (اڪيلا ويهي) کائو.

## پنهنجي گهروارن کي سلام ڪرڻ جو حڪم

فَاِذَا دَخَلْتُمْ بُيُوْتًا فَسَلِّمُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ تَحِيَّةً مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُبٰرَكَةً طَيِّبَةً ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ۝ (النور: ٦١)

پر (ياد رکو ته) جڏهن گهرن ۾ گهڙو تڏهن پنهنجن ماڻهن کي پهريائين



www.sindhsalamat.com

السلام عليڪم وغيره چوندا ڪيو (يعني سلامتي ۽ رحمت ۽ برڪت جي دعا ڪندا ڪريو) اهو سلام ڪرڻ (يعني اها دعا ڪرڻ) الله وٽان هڪ برڪت وارو ۽ پاڪ سلام آهي. (ڏسو) اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ توهان جي لاءِ پنهنجا حڪم احڪام کولي کولي ٻڌائي ٿو ته توهان انهن کي چڱيءَ طرح سمجهو (۽ انهن جي تعميل ڪيو).

## متن مائٽن کي چڱائي جو حڪم چوڻ

وَاَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ ﴿۲۱۴﴾ وَاخْفِضْ جَنَاحَكَ لِمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۲۱۵﴾

(الشعراء: ۲۱۴،۲۱۵)

(۲۱۴) ۽ پنهنجي ويجهن مائٽن کي (خدا جي نافرماني جي نتيجن کان) خبردار ڪري ڇڏ. (۲۱۵) ۽ جن مؤمنن تنهنجي پيروي اختيار ڪئي آهي تن تي ڏاڍو مهربان ره (ايترو پيار ڪر جيترو اڏامندڙ پکي ڪندو آهي، جو ڪنين کي پڪوڙي لهي اچي ٻچن کي ڪنيڙاتين هيٺان لڪائيندو آهي.)

## صبر ۽ ڀلائي جو ٻٽو بدلو

اُولٰٓئِكَ يُؤْتَوْنَ اَجْرَهُمْ مَّرَّتَيْنِ بِمَا صَبَرُوْا وَيَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ السَّيِّئَةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿۵۴﴾ (القصص: ۵۴)

(۵۴) انهن ماڻهن کي ٻيڻو اجر ملندو چو ته هو حق تي محڪم رهيا (پنهنجي قوم جي دشمني سر تي کڻي به قرآن تي ايمان آندائون ۽ سختيون صبر سان سٺائون) ۽ هو برائي کي نيڪيءَ سان دور ڪري ٿا ڇڏين ۽ جيڪو رزق اسان کين ڏنو آهي تنهن مان (ڪجهه خدا جي راهه ۾) خرچ ٿا ڪن.

****

قُلْ يٰعِبَادِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوْا رَبَّكُمْ ؕ لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةٌ ؕ وَاَرْضُ اللّٰهِ وَاسِعَةٌ ؕ اِنَّمَا يُوَفَّى الصّٰبِرُوْنَ اَجْرَهُمْ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿۱۰﴾ (الزمر: ۱۰)





(۱۰) (اي پيغمبر!) چؤ ته اي (خدا جا) مؤمن ٻانهؤ پنهنجي پروردگار (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو هن دنيا ۾ جيڪي به ماڻهو نيڪ عمل ڪن ٿا تن جي لاءِ وڏي چڱائي ۽ اجر آهي. ۽ (ياد رکو ته) الله جي زمين ڪشادي آهي، (پنهنجي وطن ۾ چڱايون ڪري نٿا سگهو ته ٻئي پاسي هليا وڃو) جيڪي ماڻهو (حق تي ۽ نيڪ عملن تي) صبر سان ثابت قدم رهن ٿا تن کي يقيناً بي انداز اجر ۽ انعام ملندو.

****

قَالُوْٓا ءَاِنَّكَ لَاَنْتَ يُوْسُفُ ؕ قَالَ اَنَا يُوْسُفُ وَهٰذَآ اَخِيْ ؗ قَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا ؕ اِنَّهٗ مَنْ يَّتَّقِ وَيَصْبِرْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۹۰﴾ (يوسف: ۹۰)

(۹۰) (هي ٻڌي ڀائر حيران ٿي ويا ۽ هاڻي عزيز جي شڪل ۽ آواز تي غور ڪري سمجهي ورتائون ۽) چيائون ته چا في الحقيقت تون ئي يوسف آهين؟ يوسف چيو ته، هائو مان يوسف آهيان ۽ هي (بن يامين) منهنجو ڀاءُ آهي. تحقيق الله تعاليٰ اسان تي احسان ڪيو ۽ حقيقت هيءَ آهي ته جيڪو به برائين کان پاڻ بچائي ٿو ۽ (مصيبتن ۾) ثابت قدم رهي ٿو تنهن جي لاءِ الله تعاليٰ (پنهنجي قانون مطابق) نيڪ عملن جو اجر ڪڏهن به ضايع نٿو ڪري.

## رزق جو ذريعو صرف خدا جي ذات آهي ان جو ئي شڪر ادا ڪريو

اِنَّمَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْثَانًا وَّتَخْلُقُوْنَ اِفْكًا ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَا يَمْلِكُوْنَ لَكُمْ رِزْقًا فَابْتَغُوْا عِنْدَ اللّٰهِ الرِّزْقَ وَاعْبُدُوْهُ وَاشْكُرُوْا لَهٗ ؕ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۱۷﴾ (العنكبوت: ۱۷)

(۱۷) (هيءَ ڳالهه ظاهر آهي ته) توهان الله کي ڇڏي ٻين ذريعن جي پوڄا ٿا ڪيو ۽ ڪوڙا ناهه ٿا ناهيو (اوهان جا خيال ۽ عقيدا بلڪل غلط آهن) خدا کي ڇڏي جن شين، ذريعن يا ماڻهن جي ٻانهپ ٿا ڪيو تن کي ڪا به طاقت ڪانهي جو اوهان کي رزق ڏيئي سگهن (يا ٻيون دل ۽ دماغ جون گهرجون



www.sindhsalamat.com

پوريون ڪري سگهن) سو (توهان جاهل نہ ٿيو) فقط الله وٽان رزق جي تلاش ڪيو ۽ فقط سندس حڪمن جي تابعداري ڪيو ۽ (هنن جي ڏنل نعمتن بابت) سندس ئي شڪرگذاري ڪيو (يعني سندس نعمتن کي سندس هدايتن موجب چڱيءَ طرح ڪم آڻي پنهنجو ئي ڀلو ڪيو) (ياد رکو تہ توهان کي (آخر) ڏانهس ئي موٽڻو آهي.

## قرآن جي تلاوت جو حڪم

اُتْلُ مَآ اُوْحِيَ اِلَيْكَ مِنَ الْكِتٰبِ وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ ؕ اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ ؕ وَلَذِكْرُ اللّٰهِ اَكْبَرُ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تَصْنَعُوْنَ ﴿۴۵﴾
(العنڪبوت: ۴۵)

(۴۵) (اي پيغمبر!) هيءَ ڪتاب جو توڏي وحي جي رستي موڪليو ويو آهي، سو پڙهہ (۽ ٻين کي بہ پڙهي ٻڌاءِ) ۽ نماز قائم ڪر. (پاڻ بہ نماز جو پابند ٿي ۽ ٻين مسلمانن کي بہ جماعت سان نماز پڙهڻ جو حڪم ڪر) يقيناً نماز بي شرميءَ جي ڪمن کان ۽ ٻين برن ۽ بي انصافيءَ جي ڪمن کان روڪي ٿي، ۽ الله تعاليٰ جي يادگيري (هر وقت رکڻ ۽ سندس حڪمن تي هر حال ۾ هلڻ) سڀ کان وڏي ڳالهہ آهي. ۽ ياد رکو تہ جيڪي جيڪي توهان ڪيو ٿا سو سڀ الله تعاليٰ کي معلوم آهي.

## اهلِ ڪتاب سان تڪراءُ

وَلَا تُجَادِلُوْٓا اَهْلَ الْكِتٰبِ اِلَّا بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ ۖ اِلَّا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ وَقُوْلُوْٓا اٰمَنَّا بِالَّذِيْٓ اُنْزِلَ اِلَيْنَا وَاُنْزِلَ اِلَيْكُمْ وَاِلٰهُنَا وَاِلٰهُكُمْ وَاحِدٌ وَّنَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿۴۶﴾ (العنڪبوت: ۴۶)

(۴۶) ۽ (اي مسلمانو) ڪتاب وارن سان بحث مباحثو نہ ڪيو پر (هنن کي سمجهائڻ لاءِ) اهڙو طريقو وٺو جو نهايت عمدو سهڻو (۽ دل ڇڪيندڙ) هجي، پر جيڪڏهن انهن مان ڪي ظلم ڪندڙ هجن (يعني ٻين کي ناحق ايذائيندا هجن تہ پوءِ انهن کي باز آڻڻ لاءِ بيشڪ مناسب اپاءَ وٺو) ۽ (ڪتاب وارن کي) چئو تہ اسان انهيءَ (قرآن) تي بہ ايمان آندو آهي جو





اسان تي نازل ٿيو آهي ۽ انهن (ڪتابن) تي بہ ايمان آندو آهي جيڪي اوهان تي نازل ٿيا آهن. ۽ (اسان جو پڪو ايمان اهي تہ) اسان جو معبود ۽ اوهان جو معبود ساڳيو ئي هڪ الله آهي. ۽ اسان سندس ئي فرمانبردار ٻانها آهيون. (اوهان بہ سندس فرمانبردار ٻانها ٿي رهو).

## دين ۾ يڪسوئي

فَاَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ حَنِيْفًا ؕ فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِيْ فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَا ؕ لَا تَبْدِيْلَ لِخَلْقِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ ۙ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۳۰﴾ مُنِيْبِيْنَ اِلَيْهِ وَاتَّقُوْهُ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَلَا تَكُوْنُوْا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۳۱﴾ (الروم: ۳۰،۳۱)

(۳۰) سو (اي منهنجا پيغمبر!) تون (غيرن جي حڪمن ۽ خواهشن کان منهن موڙي) فقط الله جي سيڪاريل سچي دين تي پنهنجو رخ محڪم رک (يعني رڳو سندس حڪمن جي پيروي ڪر اهو سچو دين ڪهڙو آهي؟) اهو آهي الله تعاليٰ جي فطرت (يا جوڙ) جنهن تي انسانن کي پيدا ڪيو اٿس. انهيءَ (اعليٰ ۽ نيڪ) فطرت ۾ جنهن تي الله تعاليٰ (انسان کي) خلقيو آهي ڪابہ ڦيرقار ٿيڻ نہ ڏيو. اهوئي آهي سچو ۽ سڌو دين. پر (افسوس جو) اڪثر ماڻهو اها ڳالهہ نٿا ڄاڻن. (۳۱) (پنهنجي فطرت يعني سچي دين کان جيڪڏهن هٽي ويا آهيو تہ وري بہ) انهيءَ الله ڏانهن موٽو ۽ سندس نافرمانيءَ جي نتيجن کان ڊڄو ۽ نماز جو نظام قائم ڪيو ۽ مشرڪ نہ ٿيو (يعني فقط هڪ الله جا فرمانبردار ٻانها ٿي رهو).

****

فَاَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ الْقَيِّمِ مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا مَرَدَّ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ يَوْمَئِذٍ يَّصَّدَّعُوْنَ ﴿۴۳﴾ (الروم: ۴۳)

(۴۳) سو (اي پيغمبر!) تون پنهنجو رخ سچي دين تي (يعني خدا جي خالص ٻانهپ تي) محڪم رک انهيءَ کان اڳي جو اهو ڏينهن (تباهيءَ جو) الله تعاليٰ وٽان اچي وڃي جنهن کي پوءِ ڪابہ روڪ ڪانہ ٿي سگهندي (يعني پوءِ تباهيءَ کان بچي ڪونہ سگهبو.) انهيءَ ڏينهن سڀ ماڻهو جدا



www.sindhsalamat.com

جدا (تولين ۾) ورهائجي ويندا (گنهگارن کي جدا ڪري تباهه ڪيو ويندو ۽ نيڪن کي جدا ڪري ڪامران ڪيو ويندو.)

## حقدارن کي حق ڏيڻ جو حڪم

فَاٰتِ ذَاالْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَالْمِسْكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ ۭ ذٰلِكَ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَ اللّٰهِ ۡ وَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٣٨﴾ (الروم:٣٨)

(٣٨) پوءِ (جڏهن ته رزق خدا جو آهي نه اوهان جو تڏهن خدا جي حڪم موجب) مائٽن کي، مسڪينن کي ۽ واٽهڙو مسافرن کي سندن حق ڏيو ۽ (ياد رکو ته) ائين ڪرڻ ۾ انهن ماڻهن لاءِ وڏي بهتري آهي جيڪي الله جي راضپي جي طلب رکن ٿا ۽ يقيناً اهي ئي ماڻهو (دنيا توڙي آخرت ۾) ڪامياب ۽ آسودا رهندا.

## صبر کي هٿان نه ڇڏيو

فَاصْبِرْ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّلَا يَسْتَخِفَّنَّكَ الَّذِيْنَ لَا يُوْقِنُوْنَ ﴿٦٠﴾ (الروم:٦٠)

(٦٠) سو (اي پيغمبر!) تون (انهن ماڻهن جو ڪجهه به خيال نه ڪر ۽ پنهنجي تبليغ جي ڪم ۾) ثابت قدم رهه ۽ يقين ڄاڻ ته الله جو واعدو سچو آهي (ته هو ضرور مؤمنن کي غالب ڪندو) ۽ اهي ماڻهو جن کي علم ۽ يقين ڪونهي تن جي ڪري تون مايوس نه ٿي (۽ ڪوشش ۾ ڪا گهٽتائي نه ڪر.)

****

لَتُبْلَوُنَّ فِيْٓ اَمْوَالِكُمْ وَاَنْفُسِكُمْ ۣ وَلَتَسْمَعُنَّ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَمِنَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْٓا اَذًى كَثِيْرًا ۭ وَاِنْ تَصْبِرُوْا وَتَتَّقُوْا فَاِنَّ ذٰلِكَ مِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ﴿١٨٦﴾ (آل عمران:١٨٦)

(١٨٦) يقيناً توهان پنهنجي مال ملڪيت ۽ جانين جي باري ۾ آزمائش ۾ وڌا ويندو ۽ يقيناً اهل ڪتاب ۽ عرب مشرڪن کان گهڻيون ئي ڳالهيون





ٻڌندؤ جي ٻڏي توهان کي ڏک ٿيندو. پر جيڪڏهن توهان صبر اختيار ڪندؤ (۽ مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ به حق جي راهه تي ثابت قدم رهندؤ) ۽ تقوي کي نه ڇڏيندؤ (يعني حق جي حڪمن جي نافرمانيءَ کان بچندؤ) ته پوءِ بيشڪ وڏن اهم ڪمن ۾ هيءَ وڏي عزم ۽ همت جي ڳالهه ٿيندي.

## الله جو شڪر ۽ والدين جو شڪر

وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ ۚ حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ وَهْنًا عَلٰي وَهْنٍ وَّفِصٰلُهٗ فِيْ عَامَيْنِ اَنِ اشْكُرْ لِيْ وَلِوَالِدَيْكَ ۭ اِلَيَّ الْمَصِيْرُ ﴿١٤﴾ (لقمان:١٤)

(١٤) ۽ اسان انسان کي سندس ماءُ پيءُ جي باري ۾ وصيت ڪئي ته (ساڻن سهڻو سلوڪ رکو ۽ سندن خدمت ڪندا رهو) سندس ماءُ هنن کي تڪليفن پٺيان تڪليفون سهي پيٽ ۾ سانڊيو ۽ به سال کيس پنهنجي ٿڃ پياريندي رهي، سو (اي انسان) منهنجي به شڪرگذاري ڪر ۽ پنهنجي والدين جي (خدمت گذاري به. ياد رک ته) آخر توکي مون وٽ موٽي اچڻو آهي.

## نماز، تبليغ ۽ صبر جو حڪم

يٰبُنَيَّ اَقِمِ الصَّلٰوةَ وَاْمُرْ بِالْمَعْرُوْفِ وَانْهَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَاصْبِرْ عَلٰي مَآ اَصَابَكَ ۭ اِنَّ ذٰلِكَ مِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ﴿١٧﴾ (لقمان:١٧)

(١٧) اي منهنجا پٽ! تون نماز قائم رک (۽ الله تعاليٰ جي اڳيان جهڪي پؤ) ۽ نيڪين جو حڪم ڏيندو رهه ۽ برائين کان منع ڪندو رهه ۽ (انهيءَ ڪم ۾) توکي تڪليفون درپيش اچن ته به صبر سان ثابت قدم رهه. بيشڪ ائين ڪرڻ وڏي همت ۽ استقلال جو ڪم آهي.

## گهمڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ توازن

وَاقْصِدْ فِيْ مَشْيِكَ وَاغْضُضْ مِنْ صَوْتِكَ ۭ اِنَّ اَنْكَرَ الْاَصْوَاتِ لَصَوْتُ الْحَمِيْرِ ﴿١٩﴾

(لقمان:١٩)

(١٩) ۽ گهمڻ ڦرڻ ۾ پوري پني رفتار رک (نڪي گهڻي تڪڙ ڪر، نڪي



www.sindhsalamat.com

تمام آهستي هل. سڀ ڪنهن ڳالهه ۾ درميانو وچترو طريقو وٺ) ۽ (ڳالهائڻ ۾ بہ) پنهنجو آواز هيٺ رک (يعني واڪا ڪري شوخيءَ سان نہ ڳالهاءِ اهو ٿيندو گڏهن وانگي هينگ ڪرڻ) يقيناً سڀني آوازن کان خراب آواز آهي گڏهہ جي هينگ.

## الله جي فرمانبرداريءَ ۽ چڱا عمل

وَ مَنۡ يُّسۡلِمۡ وَجۡهَهٗۤ اِلَى اللّٰهِ وَهُوَ مُحۡسِنٌ فَقَدِ اسۡتَمۡسَكَ بِالۡعُرۡوَةِ الۡوُثۡقٰى ؕ وَ اِلَى اللّٰهِ عَاقِبَةُ الۡاُمُوۡرِ ﴿۲۲﴾ (لقمان: ٢٢)

(٢٢) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪو بہ خدا جي اڳيان فرمانبرداريءَ سان سر جهڪائي ۽ چڱا عمل ڪري تہ تنهن درحقيقت هڪ نهايت مضبوط ۽ پروسي جهڙي رسيءَ جو سهارو ورتو آهي (۽ ياد رکو تہ) سڀني معاملن جي پڇاڙيءَ ۽ فيصلو آخر الله وٽ ئي اچڻو آهي.

## قيامت جي خوف ۽ زندگيءَ جو ڌوڪو

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوۡا رَبَّكُمۡ وَاخۡشَوۡا يَوۡمًا لَّا يَجۡزِىۡ وَالِدٌ عَنۡ وَّلَدِهٖ ۖ وَلَا مَوۡلُوۡدٌ هُوَ جَازٍ عَنۡ وَّالِدِهٖ شَيۡــًٔا ؕ اِنَّ وَعۡدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَا ٚ وَلَا يَغُرَّنَّكُمۡ بِاللّٰهِ الۡغَرُوۡرُ ﴿۳۳﴾ (لقمان: ٣٣)

(٣٣) اي انسانو! پنهنجي پروردگار (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو ۽ انهيءَ (جزا ۽ سزا واري) ڏينهن جي اچڻ کان ڊڄو جنهن ڏينهن نڪي پيءُ پٽ کي ڪم ايندو، نڪي پٽ پيءُ کي (نڪي هڪڙو ٻئي لاءِ فديو ٿي انهيءَ کي بچائي سگهندو) بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي (تہ هو نيڪي ڪندڙن کي ڪامران ڪندو ۽ برائي ڪندڙن کي ناڪام ڪندو). تنهن ڪري (خبردار ٿيو) ائين نہ ٿئي جو دنيا جي زندگي (يعني وقتي خوشي يا فائدو) توهان کي ٺڳي (۽ بدعمل ڪرائي) ۽ ائين نہ ٿئي جو دغا باز شيطان (اوهان کي ترت فائدو ڏيکاري) الله (جي فرمانبرداري) بابت برغلائي ڇڏي.





## نبيءَ جون گهرواريون مؤمنن جون مائر آهن

اَلنَّبِىُّ اَوۡلٰى بِالۡمُؤۡمِنِيۡنَ مِنۡ اَنۡفُسِهِمۡ وَاَزۡوَاجُهٗۤ اُمَّهٰتُهُمۡ ؕ وَاُولُوا الۡاَرۡحَامِ بَعۡضُهُمۡ اَوۡلٰى بِبَعۡضٍ فِىۡ كِتٰبِ اللّٰهِ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَالۡمُهٰجِرِيۡنَ اِلَّاۤ اَنۡ تَفۡعَلُوۡۤا اِلٰٓى اَوۡلِيٰٓـئِكُمۡ مَّعۡرُوۡفًا ؕ كَانَ ذٰلِكَ فِى الۡكِتٰبِ مَسۡطُوۡرًا ﴿۶﴾ (الاحزاب: ٦)

(٦) مسلمانن جي لاءِ حضرت نبي ﷺ سندن جانين کان بہ وڌيڪ ويجهو آهي، ۽ سندس حرم مبارڪ (يعني زالون) مؤمنن جون مائرون آهن. ۽ الله جي ڪتاب موجب سچا پچا مائٽ هڪ ٻئي لاءِ وڌيڪ ويجها آهن بين مؤمن ڀائرن کان يا مهاجر ڀائرن کان. (يعني فوتيءَ جو ترڪو سچن مائٽن کي ملڻ گهرجي) پر جيڪڏهن پنهنجي دوستن سان چڱائي ڪيو تہ ڀلي ڪيو (اها بي ڳالهہ آهي) (خدا جي) ڪتاب ۾ لکي ويئي آهي.

## الله جي مدد جو واعدو

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اذۡكُرُوۡا نِعۡمَةَ اللّٰهِ عَلَيۡكُمۡ اِذۡ جَآءَتۡكُمۡ جُنُوۡدٌ فَاَرۡسَلۡنَا عَلَيۡهِمۡ رِيۡحًا وَّجُنُوۡدًا لَّمۡ تَرَوۡهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ بَصِيۡرًا ﴿۹﴾ (الاحزاب: ٩)

(٩) اي مؤمنو! الله جي اوهان تي اها نعمت ۽ احسان ياد ڪيو جو جڏهن اوهان تي لشڪرن جا لشڪر چڙهائي ڪري آيا تڏهن اسان انهن (اوهان جي دشمنن) جي مٿان هڪڙو طوفان موڪليو ۽ اهڙا (پنهنجا) لشڪر (توهان جي مدد لاءِ) موڪلياسين جي توهان کي ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيا. پر الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ چٽيءَ طرح ڏسي ٿو. جيڪي جيڪي عمل توهان ڪيو ٿا سي چڱيءَ طرح ڏسي ٿو.

## اجر عظيم ۽ ٻٽي سزا

وَاِنۡ كُنۡتُنَّ تُرِدۡنَ اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ وَالدَّارَ الۡاٰخِرَةَ فَاِنَّ اللّٰهَ اَعَدَّ لِلۡمُحۡسِنٰتِ مِنۡكُنَّ اَجۡرًا عَظِيۡمًا ﴿۲۹﴾ يٰنِسَآءَ النَّبِىِّ مَنۡ يَّاۡتِ مِنۡكُنَّ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ يُّضٰعَفۡ لَهَا الۡعَذَابُ ضِعۡفَيۡنِ ؕ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيۡرًا ﴿۳۰﴾ وَمَنۡ يَّقۡنُتۡ مِنۡكُنَّ لِلّٰهِ وَ



www.sindhsalamat.com

رَسُوْلِهٖ وَ تَعْمَلْ صَالِحًا نُّؤْتِهَآ اَجْرَهَا مَرَّتَيْنِ ۙ وَ اَعْتَدْنَا لَهَا رِزْقًا كَرِيْمًا ﴿۳۱﴾

(الاحزاب: ۲۹، ۳۰، ۳۱)

(۲۹) پر جيڪڏهن توهان الله ۽ سندس رسول (جو راضپو) ۽ آخرت جو گهر (يعني جنت) ٿيون چاهيو ته پوءِ توهان مان جيڪي نيڪ ڪم ڪندڙ آهن تن لاءِ الله تعاليٰ تمام وڏو اجر تيار ڪري رکيو آهي. (ٻين ڪان وڏو اجر هن ڪري جو تنگ گذران هوندي به تبليغ اصلاح ۽ مسڪينن جي مددگاري جو ڪم جاري رکيائون). (۳۰) اي نبي (سڳوري) جون ٻيبيون! توهان مان ڪابه جيڪڏهن ڪوبه چٽوپٽو فاحش ڪم ڪندي ته ڪيس (ٻين عورتن کان) ٻيڻو عذاب ملندو (جو ته ايڏي جوابداري واري پوزيشن جي ماڻهوءَ لاءِ ناروا ڪم ڪرڻ وڌيڪ نامناسب آهي) ۽ ائين ڪرڻ (يعني ٻيڻو عذاب ڏيڻ) الله تعاليٰ جي لاءِ بلڪل آسان آهي. (۳۱) ۽ توهان مان (يعني حضرت جن جي حرمن مان) جيڪي به دل و جان سان الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪندي ۽ نيڪ عمل ڪندي تنهن کي اسان (ٻين کان) ٻيڻو اجر ڏينداسين ۽ اسان هن لاءِ شاندار رزق (يعني هر طرح جون نعمتون ۽ خوشيون) تيار رکيون آهن.

## اهلِ بيت جي لاءِ خصوصي حڪم ۽ عنايتون

يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ اِنِ اتَّقَيْتُنَّ فَلَا تَخْضَعْنَ بِالْقَوْلِ
فَيَطْمَعَ الَّذِيْ فِيْ قَلْبِهٖ مَرَضٌ وَّ قُلْنَ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ﴿۳۲﴾ وَ قَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَ لَا
تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى وَ اَقِمْنَ الصَّلٰوةَ وَ اٰتِيْنَ الزَّكٰوةَ وَ اَطِعْنَ اللّٰهَ وَ
رَسُوْلَهٗ ؕ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا ﴿۳۳﴾
وَ اذْكُرْنَ مَا يُتْلٰى فِيْ بُيُوْتِكُنَّ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ وَ الْحِكْمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ لَطِيْفًا
خَبِيْرًا ﴿۳۴﴾ (الاحزاب: ۳۲، ۳۳، ۳۴)

(۳۲) اي نبيءَ جون زالون! اوهان ٻين عورتن وانگر نه آهيو (اوهان جي پوزيشن بلڪل ٻي آهي) جيڪڏهن توهان خدا جو خوف ٿيون رکو ۽ پرهيزگار ٿيڻ ٿيون چاهيو ته (مردن سان) اهڙي نرم (۽ دل ڇڪيندڙ)





نموني سان نه ڳالهايو جو جنهن (مرد) جي دل ۾ (بي حيائيءَ جو) مرض هجي سو (پلجي بڇڙائيءَ جو) حرص ڪري. ۽ اهڙا لفظ ڳالهايو جي مناسب ۽ انصاف وارا جاتا وڃن ٿا. (۳۳) ۽ توهان پنهنجن گهرن ۾ (امن امان ۽ پاڪائيءَ سان) رهو. اڳئين جاهليت جي زماني (جي عورتن) وانگر (ماڻهن کي) هار سينگار ڏيکاريندڍيون نه وتو. (۽ نه گهمو ڦرو) ۽ نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ڏيو ۽ الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪنديون رهو. اي اهل بيت (يعني حضرت جن جي گهر جا ڀاتيو انهن هدايتن ڏيڻ جو مقصد هي آهي جو) الله تعاليٰ فقط هي ٿو چاهي ته ناپاڪائيءَ کي اوهان کان دور رکي ۽ اوهان کي هر طرح بلڪل پاڪ ڪري ڇڏي. (۳۴) ۽ (اي حضرت جن جون زالون) اوهان کي جيڪي الله جون آيتون ۽ حڪم ۽ دانائيءَ جون ڳالهيون اوهان جي گهرن ۾ ٻڌايون وڃن ٿيون سي پڙهو (ياد رکو ۽ ٻين کي به ٻڌايو) يقيناً الله تعاليٰ بلڪل باريڪ نڪتا به سمجهندڙ آهي ۽ هر شيءِ جي خبر رکندڙ آهي (تنهن ڪري سندس آيتن کي سمجهي انهن تي عمل ڪيو).

## مغفرت ۽ اجر عظيم جا مستحق ماڻهو

اِنَّ الْمُسْلِمِيْنَ وَ الْمُسْلِمٰتِ وَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ وَ الْقٰنِتِيْنَ وَ الْقٰنِتٰتِ وَ الصّٰدِقِيْنَ
وَ الصّٰدِقٰتِ وَ الصّٰبِرِيْنَ وَ الصّٰبِرٰتِ وَ الْخٰشِعِيْنَ وَ الْخٰشِعٰتِ وَ الْمُتَصَدِّقِيْنَ وَ
الْمُتَصَدِّقٰتِ وَ الصَّآئِمِيْنَ وَ الصّٰٓئِمٰتِ وَ الْحٰفِظِيْنَ فُرُوْجَهُمْ وَ الْحٰفِظٰتِ وَ الذّٰكِرِيْنَ
اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّ الذّٰكِرٰتِ ۙ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ مَّغْفِرَةً وَّ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۳۵﴾ (الاحزاب: ۳۵)

(۳۵) بيشڪ الله تعاليٰ مسلم مردن ۽ مسلم عورتن لاءِ. مؤمن ۽ مؤمنياڻين لاءِ. فرمانبردار مردن ۽ فرمانبردار عورتن لاءِ. سچن مردن ۽ سچين عورتن لاءِ. صبر ڪندڙ مردن ۽ صبر ڪندڙ عورتن لاءِ. نماڻن مردن ۽ نماڻين عورتن لاءِ صدقا ڏيندڙ مردن ۽ صدقا ڏيندڙ عورتن لاءِ. روزا رکندڙ (۽ پرهيزگار) مردن ۽ روزا رکندڙ (۽ پرهيزگار) عورتن لاءِ پاڪدامن مردن ۽ پاڪدامن عورتن لاءِ ۽ الله کي گهڻي ياد ڪندڙ مردن ۽ عورتن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر تيار ڪري رکيو آهي.



www.sindhsalamat.com

## الله جو ذڪر ۽ تسبيح

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا ﴿٤١﴾ وَّ سَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّ اَصِيْلًا ﴿٤٢﴾ هُوَ
الَّذِيْ يُصَلِّيْ عَلَيْكُمْ وَ مَلٰٓئِكَتُهٗ لِيُخْرِجَكُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ وَ كَانَ
بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَحِيْمًا ﴿٤٣﴾ تَحِيَّتُهُمْ يَوْمَ يَلْقَوْنَهٗ سَلٰمٌ ۚۖ وَ اَعَدَّ لَهُمْ اَجْرًا كَرِيْمًا ﴿٤٤﴾

(الاحزاب: ۴۱، ۴۲، ۴۳، ۴۴)

(۴۱) اي مؤمنؤ! (هر وقت) خدا کي ياد ڪندا رهو ۽ گھڻو ياد ڪندا رهو (دنيائي ڪاروبار ۾ سندس حڪم ياد رکو ۽ انهن تي عمل ڪيو). (۴۲) ۽ صبح شام سندس پاڪائي ۽ شان بيان ڪند رهو (يعني هر وقت سندس صفتون ياد رکو ۽ انهن صفتن کي پاڻ ۾ پيدا ڪري انهن موجب عمل ڪيو). (۴۳) اهو ئي (الله) آهي جو اوهان (مؤمنن تي رحمتون ٿو موڪلي ۽ سندس فرشتا به دعائون ٿا گهرن ته اوهان تي رحمتون ٿين. انهيءَ لاءِ ته الله تعاليٰ اوهان کي (جهل ۽ برائيءَ جي) اونده مان ڪڍي (علم ۽ نيڪيءَ جي) روشنيءَ ۾ آڻي. الله تعاليٰ مؤمنن جي لاءِ ڏاڍو رحم وارو آهي. (۴۴) جنهن ڏينهن مؤمن الله تعاليٰ سان ملندا تنهن ڏينهن انهيءَ سلام سان ڪين ڪيڪاريو ويندو ته "السلام عليڪم" يعني اوهان تي سلامتي هجي. ۽ انهن جي لاءِ وڏو ۽ عمدو اجر تيار ڪري رکيو اٿس.

## محرم رشتا، جن کان پردو فرض نه آهي

لَا جُنَاحَ عَلَيْهِنَّ فِيْۤ اٰبَآئِهِنَّ وَ لَاۤ اَبْنَآئِهِنَّ وَ لَاۤ اِخْوَانِهِنَّ وَ لَاۤ اَبْنَآءِ اِخْوَانِهِنَّ وَ لَاۤ
اَبْنَآءِ اَخَوٰتِهِنَّ وَ لَا نِسَآئِهِنَّ وَ لَا مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُنَّ ۚ وَ اتَّقِيْنَ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ
كَانَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدًا ﴿٥٥﴾ (الاحزاب: ۵۵)

(۵۵) انهن (حضرت جن جي حرمن مبارڪن) تي ڪو ڏوهه ڪونهي جيڪڏهن هو پنهنجي پيئرن، پٽن، ڀائرن، ڀائٽين، ڀاڻيجن، پنهنجي (يعني مؤمن) عورتن ۽ پنهنجي ٻانهن ۽ ٻانهين سان (بنا پردي جي ڳالهائين.) (اي امهات المؤمنين) الله تعاليٰ کان ڊڄنديون رهو (توهان تي وڏيون جوابداريون آهن. توهان کي خاص طرح ٻين عورتن کان وڌيڪ پرهيزگار رهڻو آهي ۽ ٻين لاءِ مثال ٿيڻو آهي) بيشڪ الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڏسي رهيو آهي (۽ اوهان جي پرهيزگاري ۽ پاڪائي جي ڪري اوهان کي ڀيٽو اجر ڏيندو).

## نبي ڪريم ﷺ تي صلات ۽ سلام جو حڪم

اِنَّ اللّٰهَ وَ مَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ
وَ سَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿٥٦﴾ (الاحزاب: ۵۶)

(۵٦) يقيناً الله تعاليٰ ۽ سندس فرشتا نبي سڳوري تي رحمتون موڪلين ٿا. سو اي مؤمنؤ! توهان به مٿس درود ۽ سلام موڪليو (۽ وڏي عزت سان ڪيس سلام ڪيو ۽ دل جي چاهه سان دعا گهرو ته الله تعاليٰ مٿس رحمت ڪري ۽ ڪيس سلامت رکي).

## ڍَڪ ۽ حجاب جو حڪم

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ وَ بَنٰتِكَ وَ نِسَآءِ الْمُؤْمِنِيْنَ يُدْنِيْنَ عَلَيْهِنَّ مِنْ
جَلَابِيْبِهِنَّ ؕ ذٰلِكَ اَدْنٰۤى اَنْ يُّعْرَفْنَ فَلَا يُؤْذَيْنَ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٥٩﴾

(الاحزاب: ۵۹)

(۵۹) اي نبي پنهنجي زالن، ڌيئرن ۽ مؤمنن جي عورتن کي چئو ته (ٻاهر نڪرڻ وقت) پنهنجي چادرن سان ٻُڪر هڻن. اهڙيءَ طرح ڪنديون ته هو آسانيءَ سان سڃاتيون وينديون. (ته ڪي شريف مؤمنياڻيون آهن. پوءِ هنن سان ڪا ڇيڙڇاڙ ڪانه ڪئي ويندي) ۽ ڪين ڪا تڪليف نه ڏني ويندي ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.

## عمل سجايا ٿيڻ جو شرط

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ قُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ﴿٧٠﴾ يُّصْلِحْ لَكُمْ اَعْمَالَكُمْ وَ
يَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ؕ وَ مَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ فَقَدْ فَازَ فَوْزًا عَظِيْمًا ﴿٧١﴾

(الاحزاب: ۷۰، ۷۱)



www.sindhsalamat.com

(٧٠) اي مؤمنو! خدا کان ڊڄو ۽ جيڪا ڳالهه چئو سا سڌي سنئين ۽ پختي هجي (۽ حق ڏي وٺي ويندڙ هجي ۽ سچي). (٧١) (ائين ڪندؤ تہ) هو اوهان جا عمل اوهان جي لاءِ سنواريندو ۽ درست ڪندو ۽ اوهان جون (اڳوڻيون) خطائون معاف ڪري ڇڏيندو ۽ (هيءَ حقيقت آهي تہ) جيڪو الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪري ٿو تنهن عظيم الشان ڪاميابي حاصل ڪئي آهي.

## هرگز ضايع نہ ٿيندڙ سودو

اِنَّ الَّذِيۡنَ يَتۡلُوۡنَ كِتٰبَ اللّٰهِ وَ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اَنۡفَقُوۡا مِمَّا رَزَقۡنٰهُمۡ سِرًّا وَّ عَلَانِيَةً يَّرۡجُوۡنَ تِجَارَةً لَّنۡ تَبُوۡرَ ﴿۲۹﴾ لِيُوَفِّيَهُمۡ اُجُوۡرَهُمۡ وَ يَزِيۡدَهُمۡ مِّنۡ فَضۡلِهٖ ؕ اِنَّهٗ غَفُوۡرٌ شَكُوۡرٌ ﴿۳۰﴾ (الفاطر: ٢٩، ٣٠)

(٢٩) جيڪي ماڻهو الله جو ڪتاب پڙهن ٿا (سمجهن ٿا ۽ ان تي عمل ڪن ٿا) ۽ نماز قائم ڪن ٿا ۽ جيڪو رزق اسان کين عطا ڪيو آهي، تنهن مان (خدا جي راهہ ۾) ڪليو ڪلايو توڙي مخفي طرح خرچ بہ ڪن ٿا سي يقيناً اهڙي واپار (۽ نفعي) جي يقيني اميد رکن ٿا جو هرگز ضايع نہ ٿيندو. (٣٠) چو تہ (الله تعاليٰ پاڻ) انهن کي پورا پورا اجر ڏيندو بلڪ پنهنجي فضل سان وڌيڪ بہ هنن کي عطا ڪندو. بيشڪ هو (سخي ماڻهن جو غلطيون بخشيندڙ آهي ۽ (نيڪيءَ جا ڪم) قبول ڪندڙ آهي.

## الله کي ڇڏي ٻين کي اولياءَ بڻائڻ وارا

اِنَّاۤ اَنۡزَلۡنَاۤ اِلَيۡكَ الۡكِتٰبَ بِالۡحَقِّ فَاعۡبُدِ اللّٰهَ مُخۡلِصًا لَّهُ الدِّيۡنَ ؕ﴿۲﴾ اَلَا لِلّٰهِ الدِّيۡنُ الۡخَالِصُ ؕ وَ الَّذِيۡنَ اتَّخَذُوۡا مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اَوۡلِيَآءَ ۘ مَا نَعۡبُدُهُمۡ اِلَّا لِيُقَرِّبُوۡنَاۤ اِلَى اللّٰهِ زُلۡفٰى ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَحۡكُمُ بَيۡنَهُمۡ فِيۡ مَا هُمۡ فِيۡهِ يَخۡتَلِفُوۡنَ ۬ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهۡدِيۡ مَنۡ هُوَ كٰذِبٌ كَفَّارٌ ﴿۳﴾ (الزمر: ٢، ٣)

(٢) (اي پيغمبر!) يقيناً اسان توتي هي ڪتاب حق سان نازل ڪيو آهي (۽ منجهس سچيون حقيقتون آهن ۽ سندس حڪم مفيد آهن) سو پوري





پوري سچائيءَ سان ۽ پوري پوري شوق سان سندس ٻانهپ ڪندو رهہ. (٣) ياد رکو تہ خاص ٻانهپ ۽ فرمانبرداري فقط الله جي ڪرڻ گهرجي. پر جيڪي ماڻهو الله کي ڇڏي ٻين کي پنهنجا اولياءُ يا محافظ ٿا سمجهن (سي دليل طور چوندا آهن تہ) اسان فقط هن ڪري سندن بندگي ٿا ڪيون تہ اهي اسان کي الله تعاليٰ جي ويجهي آڻيندا (پر اهو دليل بلڪل غلط آهي، چو تہ الله تعاليٰ جي طاقت بي انت آهي هو سڀ ڪجهہ پاڻ ئي سگهي ٿو) يقيناً الله تعاليٰ انهن ماڻهن جي وچ ۾ سندن اختلافن بابت فيصلو ڪري ڇڏيندو. يقيناً الله تعاليٰ انهن کي (ڪاميابي ۽ سعادت جي سڌي واٽ ڪونہ ڏيکاريندو جيڪي ڪوڙا ۽ ناشڪر گذار آهن.

❋❋❋❋

قُلۡ اِنِّيۡۤ اُمِرۡتُ اَنۡ اَعۡبُدَ اللّٰهَ مُخۡلِصًا لَّهُ الدِّيۡنَ ۙ﴿۱۱﴾ وَ اُمِرۡتُ لِاَنۡ اَكُوۡنَ اَوَّلَ الۡمُسۡلِمِيۡنَ ﴿۱۲﴾ (الزمر: ١١، ١٢)

(١١) (اي پيغمبر!) تون چؤ تہ، يقيناً مون کي حڪم ڏنو ويو آهي، تہ مان وڏي شوق ۽ اخلاص سان الله جي ٻانهپ ڪيان (۽ سندس حڪمن تي هلان.) (١٢) ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ مان اول نمبر فرمانبردار ٿيان

❋❋❋❋

قُلۡ اِنِّيۡۤ اَخَافُ اِنۡ عَصَيۡتُ رَبِّيۡ عَذَابَ يَوۡمٍ عَظِيۡمٍ ﴿۱۳﴾ قُلِ اللّٰهَ اَعۡبُدُ مُخۡلِصًا لَّهٗ دِيۡنِيۡ ۙ﴿۱۴﴾ (الزمر: ١٣، ١٤)

(١٣) (۽ پڻ) چؤ تہ جيڪڏهن مان پنهنجي پروردگار جي نافرماني ڪيان تہ مون کي وڏي ڏينهن جي عذاب جو خوف آهي. (١٤)چؤ تہ مان شوق ۽ اخلاص سان الله جي ٻانهپ ٿو ڪيان (۽ سندس سڀني حڪمن جي تعميل ٿو ڪيان.)

❋❋❋❋

فَادۡعُوا اللّٰهَ مُخۡلِصِيۡنَ لَهُ الدِّيۡنَ وَ لَوۡ كَرِهَ الۡكٰفِرُوۡنَ ﴿۱۴﴾ (المومن: ١٤)

(١٤) سو توهان فقط الله کي پڪاريو ۽ سچائيءَ سان سندس فرمانبرداري



www.sindhsalamat.com

ڪيو اگرچه انهيءَ ڳالهه کي ڪافر سخت ناپسند ڪن.

****

وَلَا تَجْعَلُوْا مَعَ اللّٰهِ اِلٰـهًا اٰخَرَ ۭ اِنِّىْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ۝ (الذاريات: ٥١)

(٥١) ۽ الله سان گڏ ٻئي ڪنهن کي معبود نه بڻايو. يقيناً مان (محمد ﷺ) وٽائنس اوهان ڏي چٽو چٽو خبردار ڪندڙ ٿي آيو آهيان.

****

وَلَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلَهُ الدِّيْنُ وَاصِبًا ۭ اَفَغَيْرَ اللّٰهِ تَتَّقُوْنَ ۝

(النحل: ٥٢)

(٥٢) جيڪي جيڪي آسمان ۽ زمين ۾ آهي سو انهيءَ الله جي لاءِ ئي آهي ۽ انهيءَ ئي لاءِ دين (۽ فرمانبرداري) آهي هميشه جي لاءِ، پوءِ ڇا توهان الله کان سواءِ ٻين هستين کان ڊڄو ٿا؟

****

اَمَّنْ هُوَ قَانِتٌ اٰنَاۗءَ الَّيْلِ سَاجِدًا وَّقَاۗىِٕمًا يَّحْذَرُ الْاٰخِرَةَ وَيَرْجُوْا رَحْمَةَ رَبِّهٖ ۭ قُلْ هَلْ يَسْتَوِي الَّذِيْنَ يَعْلَمُوْنَ وَالَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ۭ اِنَّمَا يَتَذَكَّرُ اُولُوا الْاَلْبَابِ ۝ (الزمر: ٩)

(٩) (ڀلايو ته) جيڪو رات جي وقت سجدي ۽ قيام ۾ رهي شوق سان نماز پڙهي ٿو ۽ آخرت جو خيال ۽ انديشو ٿو رکي ۽ پنهنجي پروردگار جي رحمت جي اميد ٿو رکي (سو بهتر آهي يا اهو جيڪو انهن ڳالهين کان پري آهي) تون ماڻهن کان پڇ ته جيڪي ماڻهو حقيقتون ڄاڻن ٿا سي انهن جي برابر آهن ڇا جيڪي جاهل آهن. يقين ڄاڻو ته فقط اهي ئي نصيحت وٺن ٿا جيڪي سمجهه وارا آهن.

## الله ڏي رجوع ڪرڻ وارا

وَالَّذِيْنَ اجْتَنَبُوا الطَّاغُوْتَ اَنْ يَّعْبُدُوْهَا وَاَنَابُوْٓا اِلَى اللّٰهِ لَهُمُ الْبُشْرٰى ۚ





فَبَشِّرْ عِبَادِ ۝ (الزمر: ١٧)

(١٧) ۽ (ياد رکو ته) جيڪي ماڻهو برائين کان (يعني شيطان کان) پري رهن ٿا ۽ سندس چوڻ تي نٿا لڳن ۽ الله ڏي رجوع ڪن ٿا (۽ الله جي حڪمن جي تعميل ڪن ٿا) تن جي لاءِ (نعمتن ۽ انعامن جي) خوشخبري آهي. سو منهنجي (فرمانبردار) ٻانهن کي (اهڙي) خوشخبري ٻڌائي ڇڏ.

****

وَاَنِيْبُوْٓا اِلٰى رَبِّكُمْ وَاَسْلِمُوْا لَهٗ مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ الْعَذَابُ ثُمَّ لَا تُنْصَرُوْنَ ۝

(الزمر: ٥٤)

(٥٤) (پر شرط هي آهي ته) پنهنجي پروردگار (جي ڏيکاريل راهه) ڏي موٽو (يعني قرآن مجيد تي عمل ڪيو) ۽ سندس پوري پوري فرمانبرداري ڪيو ان کان اڳي جو توهان تي عذاب اچي وڃي. (عذاب جو وقت اچي ويندو ته) پوءِ توهان کي ڪابه مدد ملي نه سگهندي.

## عقل وارا چڱاين جي پيروي ڪندا آهن

اَلَّذِيْنَ يَسْتَمِعُوْنَ الْقَوْلَ فَيَتَّبِعُوْنَ اَحْسَنَهٗ ۭ اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ هَدٰىهُمُ اللّٰهُ وَاُولٰۗىِٕكَ هُمْ اُولُوا الْاَلْبَابِ ۝ (الزمر: ١٨)

(١٨) جيڪي ماڻهو (الله جو) ڪلام ٻڌن ٿا ۽ ان جي سهڻين ڳالهين ۽ حڪمن جي تعميل ڪن ٿا سي ئي آهن جن کي الله تعاليٰ سڌيءَ واٽ تي لڳايو آهي ۽ اهي ئي آهن جي هوش ۽ سمجهه وارا آهن.

## مشرڪ به خالق الله کي مڃيندا آهن

وَلَىِٕنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ۭ قُلْ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ اَرَادَنِيَ اللّٰهُ بِضُرٍّ هَلْ هُنَّ كٰشِفٰتُ ضُرِّهٖٓ اَوْ اَرَادَنِيْ بِرَحْمَةٍ هَلْ هُنَّ مُمْسِكٰتُ رَحْمَتِهٖ ۭ قُلْ حَسْبِيَ اللّٰهُ ۭ عَلَيْهِ يَتَوَكَّلُ الْمُتَوَكِّلُوْنَ ۝

(الزمر: ٣٨)



www.sindhsalamat.com

(٣٨) ۽ (اي پيغمبر) جيڪڏهن تون هنن (منڪرن) کان پڇين تہ ڪنهن آسمانن کي ۽ زمين کي خلقيو آهي تہ هو ضرور چوندا تہ خدا انهن کي خلقيو آهي. ڪين چؤ تہ پوءِ توهان انهن جي باري ۾ ڪو غور بہ ڪيو آهي، جن کي توهان الله تعاليٰ جي علاوه پڪاريندا آهيو؟ (اهو غور ڪيو اٿو تہ) جيڪڏهن الله تعاليٰ مون کي تڪليف ڏيڻ چاهي تہ اهي (معبود) سندس ڏنل تڪليف لاهي سگهندا؟ يا جيڪڏهن هو مون تي ڪا رحمت ڪرڻ چاهي تہ اهي سندس رحمت کي روڪي سگهندا؟ (اي پيغمبر ڪين) چؤ تہ منهنجي لاءِ الله تعاليٰ بلڪل ڪافي آهي، توڪل ڪرڻ وارا فقط الله تي توڪل ٿا ڪن (چو تہ ٻيو ڪوبہ اهڙو ڪونهي جنهن تي ڀروسو ڪري سگهجي.)

## الله کان دعائون گهرو ۽ تڪبر نہ ڪيو

وَقَالَ رَبُّكُمُ ادْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ۭ اِنَّ الَّذِيْنَ يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِيْ
سَيَدْخُلُوْنَ جَهَنَّمَ دٰخِرِيْنَ ۝٦٠ (المومن: ٦٠)

(٦٠) ۽ توهان جو پروردگار چوي ٿو تہ مون کي ئي پڪاريو، مان توهان جي سڏ جو جواب ڏيندس. جيڪي ماڻهو منهنجي ٻانهپ ۽ فرمانبرداري ڪرڻ کان تڪبر جي ڪري پري ٿا ڀڄن سي يقيناً جلد ئي خوار خراب ٿي جهنم ۾ داخل ٿيندا.

****

وَمَنْ يَّدْعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰـهًا اٰخَرَ ۙ لَا بُرْهَانَ لَهٗ بِهٖ ۙ فَاِنَّمَا حِسَابُهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ۭ اِنَّهٗ
لَا يُفْلِحُ الْكٰفِرُوْنَ ۝١١٧ (المومنون: ١١٧)

(١١٧) ۽ جيڪو الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي (هٿرادو گهڙيل) معبود کي پڪاري ٿو تنهن وٽ ان لاءِ ڪوبہ دليل ڪونهي. سندس پروردگار جي حضور ۾ سندس حساب ٿيڻو آهي، يقيناً ڪفر ڪندڙ ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندا.





## رسول الله ﷺ بہ بشر آهن

قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰٓى اِلَيَّ اَنَّمَآ اِلٰـهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ فَاسْتَقِيْمُوْٓا
اِلَيْهِ وَاسْتَغْفِرُوْهُ ۭ وَوَيْلٌ لِّلْمُشْرِكِيْنَ ۝٦ۙ (حم السجدة: ٦)

(٦) (اي پيغمبر! تون ماڻهن کي) ٻڌاءِ تہ مان اوهان جهڙو انسان آهيان (نڪي خدا آهيان نڪي مَلَڪ آهيان پر) مون ڏي هي وحي ٿو اچي تہ توهان جو خدا فقط هڪ خدا آهي (ٻيو ڪوبہ خدا ڪونهي) سو فقط انهيءَ (جي ٻانهپ) ۾ سچائيءَ سان محڪم ۽ ثابت قدم رهو ۽ ڪائنس بخشش گهرو (يعني سندس ڏيکاريل نظام هيٺ اچي سندس حفاظت ۽ پناهہ ۾ رهو) ۽ (ياد رکو تہ) مشرڪن لاءِ تباهي آهي.

## برداشت ڪريو ۽ برائي جو جواب ڀلائي سان ڏيو

وَلَا تَسْتَوِي الْحَسَنَةُ وَلَا السَّيِّئَةُ ۭ اِدْفَعْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ فَاِذَا الَّذِيْ
بَيْنَكَ وَبَيْنَهٗ عَدَاوَةٌ كَاَنَّهٗ وَلِيٌّ حَمِيْمٌ ۝٣٤ وَمَا يُلَقّٰىهَآ اِلَّا الَّذِيْنَ صَبَرُوْا ۚ
وَمَا يُلَقّٰىهَآ اِلَّا ذُوْ حَظٍّ عَظِيْمٍ ۝٣٥ (حم السجدة: ٣٤، ٣٥)

(٣٤) ۽ (ياد رکو تہ) نيڪي ۽ بدي هرگز برابر ناهن. (سو اي پيغمبر!) تون (بدي ۽ برائيءَ کي) انهيءَ طريقي سان دفع ڪر جو بهترين طريقو هجي. پوءِ نتيجو هي ٿيندو جو جنهن (بري) شخص ۽ تنهنجي وچ ۾ ٻي اتفاقي يا دشمني هئي سو اهڙو تہ ٿي پوندو جو ڄڻ تہ هو گهرو ۽ گهاٽو دوست آهي.
(٣٥) اها (اعليٰ درجي جي) نيڪي (يعني دشمن سان بہ احسان ڪرڻ جي رغبت) فقط انهن کي نصيب ٿي سگهي ٿي جيڪي صبر ڪن ٿا ۽ پاڻ تي ضابطو ٿا رکن، ۽ فقط انهن کي نصيب ٿي سگهي ٿي جيڪي تمام وڏي بخت وارا آهن.

## دين کي قائم رکو

شَرَعَ لَكُمْ مِّنَ الدِّيْنِ مَا وَصّٰى بِهٖ نُوْحًا وَّالَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ وَمَا وَصَّيْنَا بِهٖٓ
اِبْرٰهِيْمَ وَمُوْسٰى وَعِيْسٰٓى اَنْ اَقِيْمُوا الدِّيْنَ وَلَا تَتَفَرَّقُوْا فِيْهِ ۭ كَبُرَ عَلَى



www.sindhsalamat.com

الْمُشْرِكِيْنَ مَا تَدْعُوْهُمْ اِلَيْهِ ؕ اَللّٰهُ يَجْتَبِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يُّنِيْبُ ﴿۱۳﴾ (الشوري: ۱۳)

(۱۳) توهان جي لاءِ هن اهوئي دين مقرر ڪيو آهي جنهن جو حڪم هن حضرت نوح کي ڏنو هو ۽ جو توڏي بہ وحي جي وسيلي موڪليو ويو آهي ۽ جنهن جو حڪم حضرت ابراهيم، حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ کي بہ ڏنو هوسين. (اهو حڪم هي هو) تہ (اسان جي سيکاريل) دين تي قائم ۽ محڪم رهو ۽ ان ۾ قوٽ نہ وجهو ۽ فرقا نہ ٿاهيو. (اي پيغمبر!) تون جنهن دين ڏي (ماڻهن کي) سڏين ٿو سو مشرڪن کي ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي. الله تعاليٰ جن کي (سندن اخلاص ۽ فرمانبرداريءَ لاءِ) چونڊي ڪڍي ٿو ۽ جيڪي ڏانهس رجوع ٿين ٿا تن کي سڏيءَ واٽ تي لڳائي ٿو ڇڏي.

## الله جا حڪم قبول ڪريو

اِسْتَجِيْبُوْا لِرَبِّكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا مَرَدَّ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ ؕ مَا لَكُمْ مِّنْ مَّلْجَاٍ يَّوْمَئِذٍ وَّ مَا لَكُمْ مِّنْ نَّكِيْرٍ ﴿۴۷﴾ (الشوري: ۴۷)

(۴۷) (اي انسانو!) پنهنجي پروردگار جي حڪمن جي تعميل ڪيو انهيءَ کان اڳي جو اهو (عذاب جو) ڏينهن الله وٽان اچي وڃي، جو هرگز ٽري نہ سگهندو. انهيءَ ڏينهن اوهان جي لاءِ ڪابہ پناهہ جي جاءِ ڪانہ هوندي، نڪي توهان (پنهنجي گناهن جو) انڪار ڪري سگهندؤ (نڪي ڪي عذر پيش ڪري سگهندؤ).

## ايمان وارن جون نشانيون

فَمَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَمَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ وَّ اَبْقٰى لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿۳۶﴾ وَ الَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ كَبٰٓئِرَ الْاِثْمِ وَ الْفَوَاحِشَ وَ اِذَا مَا غَضِبُوْا هُمْ يَغْفِرُوْنَ ﴿۳۷﴾ وَ الَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِرَبِّهِمْ وَ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ ۠ وَ اَمْرُهُمْ شُوْرٰى بَيْنَهُمْ ۠ وَ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿۳۸﴾ (الشوري: ۳۶، ۳۷، ۳۸)

(۳۶) سو (ياد رکو تہ) جيڪي شيون اوهان کي ڏنيون ويون آهن، سي هن





دنيا جي زندگيءَ جو سامان آهن. پر جيڪي الله وٽ آهي سو انهن ماڻهن لاءِ گهڻو بهتر ۽ وڌيڪ جٽاءُ ڪندڙ آهي، جيڪي ايمان وارا آهن ۽ (حق جي راهہ تي هلڻ ۾) پنهنجي پروردگار تي ڀروسو رکندڙ آهن. (۳۷) ۽ جيڪي وڏن گناهن ۽ بي حيائيءَ جي ڪمن کان پري ڀڄندڙ آهن ۽ جڏهن هو (ڪنهن جي اڳرائي ڪان) ڪاوڙ ۾ اچي ٿا وڃن تہ (ڪاوڙ کي ماري اڳرائي ڪندڙ کي) معاف ڪري ٿا ڇڏين (۽ اڳرائين کي روڪين ٿا). (۳۸) ۽ جيڪي پنهنجي پروردگار جا حڪم مڃين ٿا ۽ نماز جو نظام قائم رکن ٿا ۽ پنهنجا ڪم ڪاريون ۽ معاملا هڪ ٻئي سان مشورا ڪري سرانجام ڪن ٿا ۽ جيڪي اسان کين ڏيون ٿا تنهن کي خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪن ٿا.

## بدلو بہ مناسب طريقي سان وٺجي

وَ الَّذِيْنَ اِذَآ اَصَابَهُمُ الْبَغْيُ هُمْ يَنْتَصِرُوْنَ ﴿۳۹﴾ (الشوري: ۳۹)

(۳۹) ۽ جيڪي جڏهن مٿن ڪو ظلم ڪيو ٿو وڃي تڏهن (ڏڄي گهر جي ڪنڌ ۾ نٿا ويهي رهن، پر مردانگيءَ سان مقابلو ٿا ڪن ۽) پنهنجي مدد ۽ بچاءُ ٿا ڪن.

## سواري جي نعمت ۽ دعا

لِتَسْتَوٗا عَلٰى ظُهُوْرِهٖ ثُمَّ تَذْكُرُوْا نِعْمَةَ رَبِّكُمْ اِذَا اسْتَوَيْتُمْ عَلَيْهِ وَ تَقُوْلُوْا سُبْحٰنَ الَّذِيْ سَخَّرَ لَنَا هٰذَا وَ مَا كُنَّا لَهٗ مُقْرِنِيْنَ ﴿۱۳﴾ وَ اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا لَمُنْقَلِبُوْنَ ﴿۱۴﴾

(الزخرف: ۱۳، ۱۴)

(۱۳) انهيءَ لاءِ تہ توهان انهن جي پٺيءَ تي محڪم ٿي ويهو ۽ پوءِ جڏهن انهن تي محڪم ٿي ويهو تڏهن پنهنجي پروردگار جو فضل ياد ڪيو ۽ چئو تہ وڏو شان آهي انهيءَ جو جنهن اسان جي لاءِ هنن کي تابع ڪري ڏنو ۽ اسان پنهنجي طاقت سان هنن کي هرگز تابع ڪري نہ سگهون ها. (۱۴) ۽ يقيناً اسان (آخر) پنهنجي پرودگار ڏي موٽڻا آهيون.



www.sindhsalamat.com

## صبر ۽ ثابت قدمي رسولن جو طريقو آهي

فَاصْبِرْ كَمَا صَبَرَ اُولُوا الْعَزْمِ مِنَ الرُّسُلِ وَ لَا تَسْتَعْجِلْ لَّهُمْ ؕ كَاَنَّهُمْ يَوْمَ يَرَوْنَ مَا يُوْعَدُوْنَ ۙ لَمْ يَلْبَثُوْۤا اِلَّا سَاعَةً مِّنْ نَّهَارٍ ؕ بَلٰغٌ ۚ فَهَلْ يُهْلَكُ اِلَّا الْقَوْمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿۳۵﴾ (الاحقاف: ۳۵)

(۳۵) سو (اي پيغمبر!) تون صبر ڪر ۽ ثابت قدم رهه. جيئن اڳوڻا عالي همت رسول ثابت قدم رهيا. ۽ هنن (ڪافرن) بابت تڪڙ نه ڪر، چو ته هي ماڻهو جنهن ڏينهن اهو (عذاب) ڏسندا جنهن جو کين واعدو ڏنل آهي (تنهن ڏينهن ائين پيو معلوم ٿيندو ته جڻ ته) هو ڏينهن جي به ڪا گهڙي مس ترسيا هئا. (تنهنجو ڪم آهي فقط) پيغام پهچائڻ. (ياد رکو ته) فقط اهي ئي تباهه ٿيندا جيڪي (خدا جا) نافرمان باغي هئا.

## ڪافرن ۽ غير معاهدن سان وڙهڻ جو حڪم

فَاِذَا لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَضَرْبَ الرِّقَابِ ؕ حَتّٰۤى اِذَاۤ اَثْخَنْتُمُوْهُمْ فَشُدُّوا الْوَثَاقَ ۙ فَاِمَّا مَنًّۢا بَعْدُ وَ اِمَّا فِدَآءً حَتّٰى تَضَعَ الْحَرْبُ اَوْزَارَهَا ۛ ذٰلِكَ ؕ وَ لَوْ يَشَآءُ اللّٰهُ لَانْتَصَرَ مِنْهُمْ وَ لٰكِنْ لِّيَبْلُوَا بَعْضَكُمْ بِبَعْضٍ ؕ وَ الَّذِيْنَ قُتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَلَنْ يُّضِلَّ اَعْمَالَهُمْ ﴿۴﴾ (محمد: ۴)

(۴) سو جڏهن توهان ڪافرن سان (لڙائيءَ ۾) منهن مقابلي ٿيو تڏهن انهن جي ڳچين تي تلوار جو وار ڪيو. تان جو جڏهن هنن کي بلڪل ڪمزور ۽ مغلوب ڪري وجهو تڏهن هنن کي گرفتار ڪيو (يا هنن کي انصاف واري عهدنامي قبول ڪرڻ تي مجبور ڪيو) پوءِ (قيدين کي) يا ته احسان طور (بنا فديه وٺڻ جي) ڇڏي ڏيو يا فديو وٺي ڇڏي ڏيو. تان جو لڙائيءَ جو امڪان نه رهي) اهو (حڪم آهي لڙائي بابت) ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها ته پاڻ هنن کان بدلو وٺي ها (يعني يا کين عذاب ڪري ها يا کين تباهه ڪري ڇڏي ها) پر (سندس حڪمت لڙائيءَ جي حڪم ڏيڻ ۾ يا ظلم جي مقابلي ڪرڻ ۾ هي رکيل آهي ته) هو اوهان کي هڪ ٻئي جي ذريعي آزمائي (سچي ايمان جي آزمائش آهي ئي انهيءَ ۾ ته ايمان وارا حق





جي راهه ۾ خود قربانيون ڪن بلڪ جانيون به قربان ڪن) ۽ جيڪي الله جي راهه ۾ قتل ٿين ٿا تن جا عمل الله تعاليٰ هرگز ضايع نه ڪندو.

## نصرت الاهي جو شرط

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ يَنْصُرْكُمْ وَ يُثَبِّتْ اَقْدَامَكُمْ ﴿۷﴾ (محمد: ۷)

(۷) اي مؤمنؤ! جيڪڏهن توهان الله جي مدد ڪندؤ (يعني حق جي راهه ۾ جهاد ڪندؤ) ته الله تعاليٰ اوهان جي مدد ڪندو ۽ توهان جا قدم (لڙائي ۾ توڙي حق تي هلڻ ۾) محڪم رکندو.

## پنهنجي ۽ اهلِ ايمان جي لاءِ مغفرت گهرڻ

فَاعْلَمْ اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اسْتَغْفِرْ لِذَنْۢبِكَ وَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ مُتَقَلَّبَكُمْ وَ مَثْوٰىكُمْ ﴿۱۹﴾ (محمد: ۱۹)

(۱۹) پوءِ (اي پيغمبر) يقين ڄاڻ ته الله تعاليٰ کان سواءِ ڪو به معبود ڪونهي. ۽ پنهنجي تدبيري ڪوتاهين جي معافيءَ لاءِ دعا گهرندو رهه ۽ مؤمنن ۽ مؤمنياڻين جي لاءِ به (اهڙي دعا گهرندو رهه) ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ کي توهان جي گهمڻ ڦرڻ جون جايون ۽ رهڻ ٽڪڻ جون جايون چڱيءَ طرح معلوم آهن.

## قرآن ۾ تدبر ڪرڻ جو حڪم

اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ اَمْ عَلٰى قُلُوْبٍ اَقْفَالُهَا ﴿۲۴﴾ (محمد: ۲۴)

(۲۴) پوءِ هي ماڻهو قرآن مجيد کي سمجهڻ لاءِ عقل نٿا هلائين ڇا؟ يا (هيئن آهي ڇا ته) سندن دلين (۽ دماغن) تي قفل لڳي ويا آهن؟

## رسول ڪريم جي مجلس جا ادب

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيِ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۱﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَرْفَعُوْۤا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ وَ لَا



www.sindhsalamat.com

تَجْهَرُوْا لَهٗ بِالْقَوْلِ كَجَهْرِ بَعْضِكُمْ لِبَعْضٍ اَنْ تَحْبَطَ اَعْمَالُكُمْ وَ اَنْتُمْ لَا
تَشْعُرُوْنَ ﴿۲﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَغُضُّوْنَ اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ
امْتَحَنَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ لِلتَّقْوٰى ؕ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿۳﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ
يُنَادُوْنَكَ مِنْ وَّرَآءِ الْحُجُرٰتِ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿۴﴾ وَ لَوْ اَنَّهُمْ صَبَرُوْا حَتّٰى
تَخْرُجَ اِلَيْهِمْ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۵﴾ (الحجرات: ١ کان ٥)

(١) اي مؤمنؤ! الله ۽ سندس رسول کان اڳي نہ وڌو ۽ اڳ نہ ونو ۽ الله کان ڊڄو جو (سندس) سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي (تنهن ڪري سندس سيني حڪمن تي عمل ڪري پاڻ کي مصيبتن کان بچايو ۽ هر طرح خوشحال ٿيو. (٢) اي مؤمنؤ! (ڳالهائڻ مهل) پنهنجا آواز رسول ﷺ جي آواز کان مٿي نہ ڪيو ۽ ساڻس (ڳالهائڻ مهل) زور سان (يا جوش سان) نہ ڳالهايو جيئن توهان هڪ ٻئي سان زور سان ڳالهائيندا آهيو. (ساڻس زور سان نہ ڳالهايو تہ) متان توهان جا (چڱا) عمل بہ برباد ٿي نہ وڃن ۽ توهان کي خبر بہ ڪانہ پوي. (سو آئينده لاءِ خبردار ٿيو). (٣) بيشڪ اُهي ماڻهو جيڪي رسول (ﷺ) جي اڳيان پنهنجي آواز کي نرم ۽ جهيڻو رکن ٿا سي ئي آهن جن جون دليون الله تعاليٰ پرهيزگاريءَ جي امتحان ۾ پاس ڪري ڇڏيون آهن. انهن جي لاءِ بخشش آهي ۽ وڏي ۾ وڏو اجر آهي. (٤) بيشڪ اهي ماڻهو جيڪي توکي (اي پيغمبر تنهنجي) حجرن جي ٻاهران وڏي واڪي سڏ ڪن ٿا تن مان گهڻا بي سمجهہ ۽ بي وقوف آهن. (٥) جيستائين تون پاڻ انهن ڏي نڪري اچين تيستائين هو صبر ڪن ها تہ هنن لاءِ وڏي چڱائي ٿئي ها. ۽ الله تعاليٰ وڏو بخشڻهار ۽ رحم وارو آهي.

## خبر جي تحقيق ڪرڻ جو حڪم

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ جَآءَكُمْ فَاسِقٌۢ بِنَبَاٍ فَتَبَيَّنُوْٓا اَنْ تُصِيْبُوْا قَوْمًاۢ بِجَهَالَةٍ
فَتُصْبِحُوْا عَلٰى مَا فَعَلْتُمْ نٰدِمِيْنَ ﴿۶﴾ (الحجرات:٦)

(٦) اي مؤمنؤ! جيڪڏهن ڪو بہ بدڪار (۽ بي فرمان) ماڻهو توهان وٽ ڪا خبر آڻي تہ پهريائين تحقيقات ڪيو (يعني جانچ جونچ ڪري ڏسو تہ





سچي آهي يا ڪوڙي. انهيءَ لاءِ تہ متان ڪوڙي ڳالهہ تي عمل ڪري) توهان اڻ ڄاڻائيءَ جي حالت ۾ ڪن ماڻهن کي تڪليف ۽ نقصان نہ پهچايو ۽ پوءِ پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿيو.

## ايماني ڀائپي ۾ پاڻ ۾ صلح صفائي

وَ اِنْ طَآئِفَتٰنِ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اقْتَتَلُوْا فَاَصْلِحُوْا بَيْنَهُمَا ۚ فَاِنْۢ بَغَتْ اِحْدٰىهُمَا
عَلَى الْاُخْرٰى فَقَاتِلُوا الَّتِيْ تَبْغِيْ حَتّٰى تَفِيْٓءَ اِلٰٓى اَمْرِ اللّٰهِ ۚ فَاِنْ فَآءَتْ
فَاَصْلِحُوْا بَيْنَهُمَا بِالْعَدْلِ وَ اَقْسِطُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ﴿۹﴾ اِنَّمَا
الْمُؤْمِنُوْنَ اِخْوَةٌ فَاَصْلِحُوْا بَيْنَ اَخَوَيْكُمْ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿۱۰﴾

(الحجرات: ٩، ١٠)

(٩) ۽ جيڪڏهن مؤمنن مان ڪي بہ ٻہ ڌريون پاڻ ۾ تڪراري هجن تہ انهن جي وچ ۾ صلح ڪرائي ڇڏيو. پر جيڪڏهن انهن مان هڪڙي ڌر ٻئي ڌر تي زيادتي ۽ ظلم ڪري تہ پوءِ انهيءَ ڌر سان لڙو ۽ مقابلو ڪيو جيستائين خدا جي (يا عادل حاڪم جي) حڪم تي تعميل ڪري. پوءِ جيڪڏهن (عدل واري حڪم جي) تعميل ڪري تہ پوءِ انهن ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ عدل سان صلح ۽ ٺاهہ ڪري ڇڏيو ۽ (هميشہ) انصاف ڪيو. يقيناً الله تعاليٰ انصاف ڪندڙن کي حب توڪري (۽ انصاف نہ ڪندڙن تي لعنت تو ڪري). (١٠) يقيناً مؤمن سڀ پاڻ ۾ ڀائر آهن تنهن ڪري پنهنجي ڀائرن جي وچ ۾ (عدل سان) صلح ڪرائي ڇڏيو ۽ خدا کان ڊڄو (۽ خدا جي حڪمن تي هلو) انهيءَ لاءِ تہ توهان تي رحم ڪيو وڃي.

## عزت ۽ اڪرام جو معيار

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّا خَلَقْنٰكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ وَّ اُنْثٰى وَ جَعَلْنٰكُمْ شُعُوْبًا وَّ قَبَآئِلَ
لِتَعَارَفُوْا ؕ اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ خَبِيْرٌ ﴿۱۳﴾ (الحجرات:١٣)

(١٣) اي انسانو! مون اوهان کي هڪ ئي مرد ۽ عورت مان پيدا ڪيو آهي (تنهن ڪري توهان سڀ هڪ ڪٽنب آهيو ۽ پاڻ کي هڪ ڪٽنب جا



www.sindhsalamat.com

ياتي سمجهو) ۽ توهان ۾ ذاتيون ۽ قبيلا ناهيا اٿس، سو رڳو هن لاءِ ته توهان هڪ ٻئي کي (انهن ذاتين تي) سڃاڻو (نه هن لاءِ ته ڪي ذاتيون ٻين کان عزت ۾ وڏيڪ آهن اوهان ۾ وڏيڪ عزت وارو الله جي نظر ۾ اهو آهي جيڪو اوهان مان تقويٰ ۾ (يعني نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ ۾) سڀني کان وڏيڪ آهي. بيشڪ الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽ سڀڪا خبر رکندڙ آهي.

## ايمان ۽ اسلام جو سنگم

قَالَتِ الْاَعْرَابُ اٰمَنَّا ؕ قُلْ لَّمْ تُؤْمِنُوْا وَلٰكِنْ قُوْلُوْۤا اَسْلَمْنَا وَلَمَّا يَدْخُلِ الْاِيْمَانُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ ؕ وَاِنْ تُطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَا يَلِتْكُمْ مِّنْ اَعْمَالِكُمْ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۴﴾ (الحجرات: ۱۴)

(۱۴) ٻهراڙيءَ جا ڪي عرب (تو وٽ اچي) چئي رهيا آهن ته اسان ايمان آندو آهي. (اي پيغمبر کين) چئو ته توهان ۾ (سچو) ايمان (۽ يقين) ڪونهي. پر هيئن چئو ته اسان تابعداري اختيار ڪئي آهي، جو ته اڃا ته اوهان جي دلين ۾ (سچو) ايمان داخل ڪونه ٿيو آهي. پر جيڪڏهن توهان الله ۽ سندس رسول جي (يعني اسلامي سرڪار جي) تابعداري اختيار ڪيو ته پوءِ الله تعاليٰ اوهان جي عملن مان ڪجهه به ضايع نه ڪندو بيشڪ الله تعاليٰ بار بار بخشيندڙ ۽ وڏي رحم وارو آهي.

## اهلِ ايمان جون وصفون

اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ثُمَّ لَمْ يَرْتَابُوْا وَجٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الصّٰدِقُوْنَ ﴿۱۵﴾ (الحجرات: ۱۵)

(۱۵) (اي بني اسد قبيلي جا عربؤ!) مؤمن ته فقط اهي آهن جن الله ۽ سندس رسول تي (پڪو ۽ سچو) ايمان آندو آهي (۽ هنن کي دل جو يقين آهي ته قرآن جو نظام ئي صحيح آهي) ۽ جن کي (قرآن جي سچائيءَ ۾) ڪڏهن به ذرو به شڪ نه پيو آهي ۽ جن خدا جي راهه ۾ پنهنجي مال ملڪيتن ۽





پنهنجي جانين سان جهاد (يعني بي انتها ڪوشش) پئي ڪئي آهي، فقط اهي ئي آهن جيڪي سچا (مؤمن) آهن. (ٻيا منافق آهن).

## جنت جي طرف سبقت ڪريو

سَابِقُوْۤا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا كَعَرْضِ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ۙ اُعِدَّتْ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ ؕ ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿۲۱﴾ (الحديد: ۲۱)

(۲۱) (سو اي مسلمانؤ!) پنهنجي پروردگار جي مغفرت ڏانهن ڊوڙڻ ۾ هڪ ٻئي کان اڳي نڪري وڃڻ جي ڪوشش ڪيو ۽ پڻ جنت ڏانهن ڊوڙڻ ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻي وڃو جنهن جنت جي ويڪر ايڏي آهي جيڏو آسمان ۽ زمين. اها جنت انهن لاءِ تيار ڪيل آهي جيڪي الله ۾ ۽ سندس رسولن تي ايمان رکن ٿا (۽ سندن حڪمن تي عمل ڪن ٿا) اها (جنت) الله جو فضل آهي جو جنهن کي چاهي تنهن کي ڏيئي ٿو ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ وڏي فضل وارو آهي.

## ظهار جو حڪم ۽ ڪفارو

اَلَّذِيْنَ يُظٰهِرُوْنَ مِنْكُمْ مِّنْ نِّسَآئِهِمْ مَّا هُنَّ اُمَّهٰتِهِمْ ؕ اِنْ اُمَّهٰتُهُمْ اِلَّا الّٰٓـِٔيْ وَلَدْنَهُمْ ؕ وَاِنَّهُمْ لَيَقُوْلُوْنَ مُنْكَرًا مِّنَ الْقَوْلِ وَزُوْرًا ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَعَفُوٌّ غَفُوْرٌ ﴿۲﴾ وَالَّذِيْنَ يُظٰهِرُوْنَ مِنْ نِّسَآئِهِمْ ثُمَّ يَعُوْدُوْنَ لِمَا قَالُوْا فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّتَمَآسَّا ؕ ذٰلِكُمْ تُوْعَظُوْنَ بِهٖ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿۳﴾ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ شَهْرَيْنِ مُتَتَابِعَيْنِ مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّتَمَآسَّا ۚ فَمَنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ فَاِطْعَامُ سِتِّيْنَ مِسْكِيْنًا ؕ ذٰلِكَ لِتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ؕ وَتِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ؕ وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۴﴾ (المجادلة: ۲،۳،۴)

(۲) جيڪي اوهان مان (نادانيءَ جي ڪري غصي ۾) پنهنجين زالن کي پاڻ تي مائرن جهڙو ڪن ٿا، سو اهي (زالون) انهن جون مائرون نه ٿيون ٿين. سندن مائرون رڳيون اهي ئي آهن جن کين ڄڻيو آهي. ۽ اهي بيهودي ڳالهه



www.sindhsalamat.com

۽ ڪوڙ چون ٿا (ڪين گهرجي تہ ڪوڙ کان توبہ ڪن) ۽ بيشڪ الله گهڻو معاف ڪندڙ وڏو بخشڻهار آهي. (۳) ۽ جيڪي پنهنجين پنهنجين زالن کي پاڻ تي مائرن جهڙو ڪن ٿا، وري جيڪا (بيهودي ڳالهہ) چئي اٿن ان کان (پشيمان ٿي پوئتي) موٽن ٿا (انهن تي) هڪ ٻئي کي هٿ لائڻ کان اڳي هڪ غلام آزاد ڪرڻو آهي. هن (حڪم) سان اوهان کي نصيحت ڪئي وڃي ٿي (تہ پنهنجو پاڻ تي قابو رکڻ سکو) ۽ الله اوهان جي عملن جي پوري خبر رکندڙ آهي. (۴) پوءِ جو شخص (ٻانهون غلاميءَ ۾ قاتل) نہ لهي تہ (ان تي) هڪ ٻئي کي هٿ لائڻ کان اڳي لڳولڳ ٻن مهينن جا روزا آهن. پوءِ جو (هي بہ) نہ ڪري سگهي تہ (ان تي) سٺ مسڪينن کي کاڌو کارائڻ آهي. هي (حڪم) هن لاءِ آهي تہ اوهين الله ۽ سندس رسول جا تابعدار ٿي رهو. ۽ اهي الله جون (مقرر ڪيل) حدون آهن (جيڪو الله جي حدن جو ٿي مورثون انڪار ڪندو تہ اهو ڪافر آهي) ۽ ڪافرن لاءِ دردناڪ عذاب آهي.

## مجلس جا ادب

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا قِيْلَ لَكُمْ تَفَسَّحُوْا فِى الْمَجٰلِسِ فَافْسَحُوْا يَفْسَحِ اللّٰهُ لَكُمْ ۚ وَ اِذَا قِيْلَ انْشُزُوْا فَانْشُزُوْا يَرْفَعِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ ۙ وَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ دَرَجٰتٍ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿۱۱﴾ (المجادلہ: ۱۱)

(۱۱) اي ايمان وارؤ! جڏهن بہ اوهان کي چيو وڃي تہ مجلس ۾ جاءِ ڪشادي ڪريو، تڏهن (ضرورت جيتري) جاءِ ڪشادي ڪريو تہ الله اوهان لاءِ ڪشادگي ڪندو. ۽ جڏهن بہ چيو وڃي تہ (هتان وارا حڪم ٻڌي عمل ڪرڻ لاءِ) اٿي کڙا ٿيو تہ اٿي وڃو. اوهان مان جن ايمان آندو آهي ۽ جن کي علم ڏنو ويو آهي (اهڙين جماعتي پابندين سان) الله تن جا درجا بلند ڪندو ۽ جيڪي اوهين ڪريو ٿا تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي.

## في جي مال جي تقسيم

مَآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ مِنْ اَهْلِ الْقُرٰى فَلِلّٰهِ وَ لِلرَّسُوْلِ وَ لِذِى الْقُرْبٰى وَ





الْيَتٰمٰى وَ الْمَسٰكِيْنِ وَ ابْنِ السَّبِيْلِ ۙ كَىْ لَا يَكُوْنَ دُوْلَةًۢ بَيْنَ الْاَغْنِيَآءِ مِنْكُمْ ؕ وَ مَآ اٰتٰىكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ ۗ وَ مَا نَهٰىكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا ۚ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۷﴾ لِلْفُقَرَآءِ الْمُهٰجِرِيْنَ الَّذِيْنَ اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَ اَمْوَالِهِمْ يَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَ رِضْوَانًا وَّ يَنْصُرُوْنَ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الصّٰدِقُوْنَ ﴿۸﴾ (الحشر: ۷، ۸)

(۷) جيڪو ڪجهہ الله پنهنجي رسول کي بستين مان (جنگ کان سواءِ) ڏياريو سو الله لاءِ ۽ رسول لاءِ ۽ (جنگ ۾ شريڪ ٿيندڙن ۽ ان ۾ ڪپجندڙن جي) قرابت وارن ۽ يتيمن، مسڪينن (تہ جيئن انهن جي پرگهور ٿئي) ۽ مسافرن لاءِ آهي (جيڪي مدد جا محتاج هجن) ، تہ اهو اوهان جي مالدارن جي وچ ۾ ڏيڻ وٺڻ ۾ نہ اچي، ۽ (اي مسلمانو!) جو ڪجهہ اوهان کي رسول ڏئي تہ ان کي وٺو ۽ جنهن کان اوهان کي روڪي تہ ان کان رڪجي وڃو ۽ الله کان ڊڄو. بيشڪ الله جو عذاب سخت آهي. (۸) (ان مال مان) انهن لڏي ايندڙ مسڪينن لاءِ آهي جيڪي پنهنجن گهرن ۽ پنهنجن مالن مان (زبردستي) ٻاهر ڪڍيا ويا آهن. (۽) هو الله (جي قانون تي هلي ان) جو فضل ۽ رضامندي گهرن ٿا ۽ الله ۽ سندس رسول جي مدد ڪن ٿا. اهي ئي سچا آهن (جن پنهنجي ايمان واري دعويٰ کي پنهنجي قربانين سان سچو ڪري ڏيکاريو آهي.)

## ٻين کي پنهنجي ذات تي ترجيح ڏيڻ

وَ الَّذِيْنَ تَبَوَّؤُ الدَّارَ وَ الْاِيْمَانَ مِنْ قَبْلِهِمْ يُحِبُّوْنَ مَنْ هَاجَرَ اِلَيْهِمْ وَ لَا يَجِدُوْنَ فِىْ صُدُوْرِهِمْ حَاجَةً مِّمَّآ اُوْتُوْا وَ يُؤْثِرُوْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ وَ لَوْ كَانَ بِهِمْ خَصَاصَةٌ ؕ وَ مَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۹﴾ وَ الَّذِيْنَ جَآءُوْ مِنْۢ بَعْدِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا وَ لِاِخْوَانِنَا الَّذِيْنَ سَبَقُوْنَا بِالْاِيْمَانِ وَ لَا تَجْعَلْ فِىْ قُلُوْبِنَا غِلًّا لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا رَبَّنَآ اِنَّكَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۰﴾ (الحشر: ۹، ۱۰)

(۹) ۽ (انهن لاءِ آهي) جيڪي اسلام جي بادشاهيءَ (۾) ۽ ايمان (جي مرڪز) ۾ انهن (مهاجرن) کان اڳ رهيا پيا آهن. جي هنن ڏي لڏي آيا آهن.



www.sindhsalamat.com

انهن سان (هو) محبت رکن ٿا ۽ جو ڪجهہ انهن (پرديسين) کي ڏنو ويو ان جي ڪري پنهنجن دلين ۾ ڪا تنگي نٿا ڏسن ۽ (سڀ ڪنهن شيءِ ۾) پنهنجي جان کان بہ انهن کي اڳي رکن ٿا. توڙي کين تنگدستي چو نہ هجي ۽ جيڪي پنهنجي نفس جي بخل کان بچايا ويندا (۽ ايثار کي پنهنجو مرڪ بنائيندا) سي ئي ڪامياب آهن. (١٠) ۽ (انهن لاءِ بہ آهي) جيڪي انهن (مٿين ٻن قسمن جي حقدارن) کان پوءِ ايندا. چوندا تہ اي اسان جا پاليندڙ! اسان کي ۽ اسان جي انهن ڀائرن کي بخش جيڪي ايمان آڻڻ ۾ اسان کان اڳي ٿيا آهن ۽ اسان جي دلين ۾ ايمان وارن جي باري ۾ ڪو کوٽ نہ وجهہ. اي اسان جا پاليندڙ تون تہ بيحد شفقت ڪندڙ نهايت رحم وارو آهين.

## آخرت جي فڪر جو حڪم

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ لْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ ۚ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۸﴾ (الحشر: ١٨)

(١٨) اي ايمان وارؤ! (توهان بہ) الله کان ڊڄو ۽ سيڪو شخص ڏسي تہ سڀاڻ (مستقبل سنوارڻ) لاءِ ڇا اڳي ڪيو اٿس ۽ (وري وري) الله کان ڊڄندا رهو. بيشڪ الله اوهان جي عملن جي پوري خبر رکندڙ آهي.

## ايمان وارين مهاجر عورتن جو حڪم

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا جَآءَكُمُ الْمُؤْمِنٰتُ مُهٰجِرٰتٍ فَامْتَحِنُوْهُنَّ ؕ اَللّٰهُ اَعْلَمُ بِاِيْمَانِهِنَّ ۚ فَاِنْ عَلِمْتُمُوْهُنَّ مُؤْمِنٰتٍ فَلَا تَرْجِعُوْهُنَّ اِلَى الْكُفَّارِ ؕ لَا هُنَّ حِلٌّ لَّهُمْ وَ لَا هُمْ يَحِلُّوْنَ لَهُنَّ ؕ وَ اٰتُوْهُمْ مَّاۤ اَنْفَقُوْا ؕ وَ لَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اَنْ تَنْكِحُوْهُنَّ اِذَاۤ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ ؕ وَ لَا تُمْسِكُوْا بِعِصَمِ الْكَوَافِرِ وَ سْـَٔلُوْا مَاۤ اَنْفَقْتُمْ وَ لْيَسْـَٔلُوْا مَاۤ اَنْفَقُوْا ؕ ذٰلِكُمْ حُكْمُ اللّٰهِ ؕ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۱۰﴾ (الممتحنہ: ١٠)

(١٠) اي ايمان وارؤ! جڏهن بہ اوهان وٽ ايمان واريون زالون لڏي اچن تہ





انهن (جي ايمان) کي جاچيو. الله تہ انهن جي ايمان کي چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي، (پر اوهان جي لاءِ تحقيق ڪرڻ ضروري آهي). پوءِ جيڪڏهن (تحقيق مان) اوهان کي معلوم ٿئي تہ اهي ايمان واريون آهن تہ انهن کي ڪافرن ڏي نہ موٽايو. نہ اهي (مسلمان زالون) انهن لاءِ حلال آهن ۽ نہ اهي (ڪافر مرد) هنن لاءِ حلال ٿيندا. ۽ جو ڪجهہ انهن (ڪافر مردن شاديءَ جي سلسلي ۾) خرچ ڪيو هجي سو کين موٽائي ڏيو ۽ (بعد ۾) اوهان تي انهن سان نڪاح ڪرڻ ۾ ڪجهہ بہ گناهہ نہ آهي، جڏهن جو اوهين کين سندن مهر ڏيو ۽ ڪافر زالن (جن ايمان نہ آندو آهي تن) جي عزت پنهنجي قبضي ۾ نہ رکو ۽ جيڪو اوهان (شاديءَ جي سلسلي ۾) خرچ ڪيو هجي سو گهري وٺو ۽ جو انهن (ڪافرن) خرچ ڪيو هجي (زالن جي مسلمان ٿي لڏي اچڻ تي) سو اهي گهري وٺن. اهو الله جو حڪم آهي، الله اوهان جي وچ ۾ فيصلو ڪري ٿو ۽ (اختلافي معاملا ان جي حڪمن مطابق حل ڪيو ڇاڪاڻ تہ) الله علم (۽) حڪمت وارو آهي.

## ڪافرن ڏانهن ويندڙ عورت جي مڙسن لاءِ حڪم

وَ اِنْ فَاتَكُمْ شَيْءٌ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ اِلَى الْكُفَّارِ فَعَاقَبْتُمْ فَاٰتُوا الَّذِيْنَ ذَهَبَتْ اَزْوَاجُهُمْ مِّثْلَ مَاۤ اَنْفَقُوْا ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْۤ اَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۱﴾

(الممتحنہ: ١١)

(١١) ۽ جيڪڏهن اوهان جي زالن مان ڪا اوهان جي هٿ کان نڪري ڪافرن ڏي وڃي (۽ اهي شاديءَ جا خرچ ادا نہ ڪن تہ) پوءِ اوهان جي سزا ڏيڻ جو وارو اچي (۽ مال غنيمت ملي) تہ جن جون زالون ويون هجن انهن کي (ان مان) ايترو ڏيو جيترو انهن خرچ ڪيو هجي، ۽ (ڏسو زياتي نہ ڪجو) ان الله کان ڊڄو جنهن کي اوهين مڃيو ٿا.

## عورتن کان بيعت

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا جَآءَكَ الْمُؤْمِنٰتُ يُبَايِعْنَكَ عَلٰۤى اَنْ لَّا يُشْرِكْنَ بِاللّٰهِ شَيْـًٔا وَّ لَا يَسْرِقْنَ وَ لَا يَزْنِيْنَ وَ لَا يَقْتُلْنَ اَوْلَادَهُنَّ وَ لَا يَاْتِيْنَ بِبُهْتَانٍ يَّفْتَرِيْنَهٗ بَيْنَ



www.sindhsalamat.com

اَيْدِيْهِنَّ وَ اَرْجُلِهِنَّ وَ لَا يَعْصِيْنَكَ فِيْ مَعْرُوْفٍ فَبَايِعْهُنَّ وَ اسْتَغْفِرْ لَهُنَّ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۲﴾ (الممتحنہ: ۱۲)

(۱۲) اي نبي! جڏهن مؤمن عورتون (هجرت ڪري) تو وٽ اچي هن ڳالهہ تي بيعت ڪن تہ نہ الله سان ڪنهن شيءِ کي شريڪ ڪنديون ۽ نہ چوري ڪنديون، نہ زنا ڪنديون، نہ پنهنجن ٻچن کي ڪهنديون، نہ پنهنجن هٿن ۽ پيرن سان (ديده دانستہ) تهمت ٺاهي ڪنهن تي هڻنديون ۽ نہ ڪنهن چڱي ڳالهہ ۾ تنهنجي نافرماني ڪنديون تہ تون سندن بيعت قبول ڪر. ۽ انهن کي الله جي حفاظت واري نظام ۾ آڻ! بيشڪ الله (ان نظام هيٺ سڀني کي) حفاظت ۾ وٺندڙ نهايت رحم وارو آهي.

## عذاب ڪان نجات ڏياريندڙ تجارت

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰى تِجَارَةٍ تُنْجِيْكُمْ مِّنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۱۰﴾ تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ تُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِكُمْ وَ اَنْفُسِكُمْ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۱﴾ يَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ وَ يُدْخِلْكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ وَ مَسٰكِنَ طَيِّبَةً فِيْ جَنّٰتِ عَدْنٍ ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۱۲﴾ وَ اُخْرٰى تُحِبُّوْنَهَا ؕ نَصْرٌ مِّنَ اللّٰهِ وَ فَتْحٌ قَرِيْبٌ ؕ وَ بَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۳﴾ (الصف: ۱۰،۱۳)

(۱۰) اي ايمان وارو! (جيڪي دنيوي ڪاروبار ۾ مشغول آهيو) ڇا آءٌ اوهان کي اهڙيءَ سوداگريءَ جي خبر ڏيان جا اوهان کي دردناڪ عذاب ڪان بچائي؟ (۱۱) الله ۽ سندس رسول تي ڪامل ايمان آڻيو ۽ الله جي رستي ۾ (خدائيءَ نظام قائم ڪرڻ لاءِ) پنهنجن مالن ۽ جانين سان جنگ ڪريو. اهو (سودو) اوهان لاءِ تمام چڱو آهي جيڪڏهن اوهين ڄاڻو. (۱۲) (ائين ڪندو تہ الله) اوهان جي غلطين کي (هن دنيا ۾ بہ) معاف ڪندو ۽ (آخرت ۾ بہ) اوهان کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان واهہ وهن ٿا ۽ سٺين جاين ۾ بہ (داخل ڪندو) جيڪي رهڻ وارن باغن ۾ هونديون. اها وڏي ڪاميابي آهي. ان لاءِ جيڪو پاڻ کي لهڻيدار بڻائي. (۱۳) ۽ هڪڙي ٻي بہ ڳالهہ (اوهان کي ڏيندو) جنهن کي اوهين (خاص طور تي) پسند ڪريو ٿا (يعني) الله جي طرفان مدد ۽ جلد فتحيابي ۽ ايمان وارن کي (ان جي) خوشخبري ٻڌاءِ.

## الله جا مددگار دوست بڻجي وڃو

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْۤا اَنْصَارَ اللّٰهِ كَمَا قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ لِلْحَوَارِيّٖنَ مَنْ اَنْصَارِيْۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ نَحْنُ اَنْصَارُ اللّٰهِ فَاٰمَنَتْ طَّآىِٕفَةٌ مِّنْۢ بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ وَ كَفَرَتْ طَّآىِٕفَةٌ ۚ فَاَيَّدْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا عَلٰى عَدُوِّهِمْ فَاَصْبَحُوْا ظٰهِرِيْنَ ﴿۱۴﴾ (الصف: ۱۴)

(۱۴) اي ايمان وارو! (هي سڀ ڪجهہ پاڻهي ڪونہ ٿيندو بلڪ ان لاءِ) الله جي دين جا مددگار ٿيو جيئن مريم جي پٽ عيسيٰ پنهنجن يارن کي چيو تہ الله جي رستي ۾ منهنجا مددگار ڪير بڻجن ٿا؟ انهن يارن چيو تہ اسين الله (جي دين) جا مددگار آهيون. (انهن ڪوشش ڪان پوءِ) بني اسرائيلن مان ڪجهہ ماڻهن ايمان آندو ۽ ڪجهہ ماڻهو منڪر ٿي بيٺا. پوءِ اسان ايمان وارن کي سندن دشمنن تي طاقت ڏني پوءِ اهي غالب ٿيا.

## جمعي جي نماز ۽ خطبي جو حڪم

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا نُوْدِيَ لِلصَّلٰوةِ مِنْ يَّوْمِ الْجُمُعَةِ فَاسْعَوْا اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ وَ ذَرُوا الْبَيْعَ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۹﴾ فَاِذَا قُضِيَتِ الصَّلٰوةُ فَانْتَشِرُوْا فِي الْاَرْضِ وَ ابْتَغُوْا مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ وَ اذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۱۰﴾ وَ اِذَا رَاَوْا تِجَارَةً اَوْ لَهْوَا انْفَضُّوْۤا اِلَيْهَا وَ تَرَكُوْكَ قَآىِٕمًا ؕ قُلْ مَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ مِّنَ اللَّهْوِ وَ مِنَ التِّجَارَةِ ؕ وَ اللّٰهُ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿۱۱﴾

(الجمعہ: ۹،۱۰،۱۱)

اي ايمان وارو! جڏهن جمعي جي ڏينهن نماز لاءِ بانگ ڏني وڃي تہ (اجتماعي طرح) الله جي ياد ڪرڻ لاءِ جلد ڪريو ۽ سودي واپار (۽ ٻين مشغولين) کي ڇڏي ڏيو. (اچي الله جا قانون ۽ هدايتون ٻڌو جن جي مطابق توهان کي هلڻو آهي.) اهو (اجتماع) اوهان لاءِ گهڻو چڱو آهي، جيڪڏهن

اوهين (ان جا نتيجا) ڄاڻو! (١٠) پوءِ جڏهن نماز ٿي وڃي تہ (پلي) زمين تي پکڙجي وڃو ۽ (حلال رزق ذريعي) الله جو فضل گهرو ۽ (دنيا جي سڀني ڪمن ۾) الله (جي قانونن تي عمل ڪندي ان) کي گهڻو ياد ڪريو تان تہ اوهين ڪامياب ٿيو. (١١) (اي پيغمبر!) اهي جڏهن ڪو واپار يا ڪو تماشو ڏسن ٿا تہ ان ڏي تڙي پکڙي وڃن ٿا ۽ توکي (خطبي ۾) بيٺل ڇڏي ٿا ڏين. (اي پيغمبر!) تون چئو تہ، جو الله وٽ آهي سو تماشي ۽ واپار کان گهڻو چڱو آهي ۽ الله سڀني کان چڱو روزي ڏيندڙ آهي.

## الله، رسول ۽ قرآن تي ايمان

فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ النُّوْرِ الَّذِيْٓ اَنْزَلْنَا ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ۝٨

(التغابن: ٨)

(٨) تنهن ڪري الله ۽ سندس رسول تي ۽ ان نور (قرآن) تي جو اسان (عقل جي رهنمائي لاءِ روشني ڪري) نازل ڪيو آهي، ايمان آڻيو ۽ جيڪي اوهين ڪريو ٿا تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي. (جو سڀ ڪم ان جي مڪافات واري قانون جي نگاهہ ۾ هوندا آهن).

****

قُوْلُوْٓا اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْنَا وَ مَآ اُنْزِلَ اِلٰٓى اِبْرٰهٖمَ وَ اِسْمٰعِيْلَ وَ اِسْحٰقَ وَ يَعْقُوْبَ وَ الْاَسْبَاطِ وَ مَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى وَ عِيْسٰى وَ مَآ اُوْتِيَ النَّبِيُّوْنَ مِنْ رَّبِّهِمْ ۚ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ ۖ٘ وَ نَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ۝١٣٦ (البقره: ١٣٦)

(١٣٦) (اي مسلمانو!) توهان چئو تہ اسان تہ الله تي ايمان آندو آهي ۽ قرآن مجيد تي ايمان آندو آهي جو اسان تي نازل ٿيو آهي ۽ انهيءَ سچي تعليم تي ايمان آندو آهي جا حضرت ابراهيم، حضرت اسماعيل، حضرت اسحاق حضرت يعقوب ۽ سندس اولاد تي نازل ٿي. اسان انهن ڪتابن تي بہ ايمان آندو آهي جي حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ تي نازل ٿيا ۽ انهن سڀني هدايتن تي ايمان آندو آهي، جي ٻين نبين کي سندن پروردگار وٽان مليون. اسان انهن نبين مان ڪنهن بہ هڪڙي کي جدا نہ ٿا ڪيون





(جو ان کي نہ مڃون ۽ ٻين کي مڃيون. سڀني جي هدايت هڪ ئي هئي ۽ انهيءَ موجب) اسان فقط هڪ خدا جا فرمانبردار ٻانها آهيون.

## طلاق جا حڪم ۽ مسئلا

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَطَلِّقُوْهُنَّ لِعِدَّتِهِنَّ وَ اَحْصُوا الْعِدَّةَ ۚ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ رَبَّكُمْ ۚ لَا تُخْرِجُوْهُنَّ مِنْۢ بُيُوْتِهِنَّ وَ لَا يَخْرُجْنَ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيْنَ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ ؕ وَ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ؕ وَ مَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ ؕ لَا تَدْرِيْ لَعَلَّ اللّٰهَ يُحْدِثُ بَعْدَ ذٰلِكَ اَمْرًا ۝١ (الطلاق: ١)

(١) اي نبي (مسلمانن کي چئو تہ) جڏهن اوهين زالن کي طلاق ڏيو تہ انهن کي سندن عدت (جي مناسبت) تي طلاق ڏيو ۽ عدت کي ڳڻيندا رهو ۽ پنهنجي پالڻهار الله کان ڊڄو. انهن کي سندن گهرن مان (عدت جي مدت ۾) پڌري بيحيائي جي ڪم سرزد ٿيڻ کان سواءِ ٻاهر نہ ڪڍو ۽ نہ اهي پاڻ ٻاهر نڪرن ۽ اهي الله جون حدون (۽ قانون) آهن، ۽ جيڪو الله جي حدن کان لنگهندو تہ ان (سان اڳلي کي بہ نقصان پهچندو ۽ ان) پنهنجي نفس تي (بہ) ظلم ڪيو. (چو تہ) اهو نٿو ڄاڻي تہ متان الله ان (طلاق ڏيڻ) کان پوءِ ڪا (ميلاپ جي) نئين ڳالهہ پيدا ڪري.

## عدت واري مدت پوري ڪرڻ جو حڪم

فَاِذَا بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمْسِكُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ فَارِقُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ وَّ اَشْهِدُوْا ذَوَيْ عَدْلٍ مِّنْكُمْ وَ اَقِيْمُوا الشَّهَادَةَ لِلّٰهِ ؕ ذٰلِكُمْ يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۬ؕ وَ مَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا ۝٢ (الطلاق: ٢)

(٢) پوءِ جڏهن اهي (زالون) پنهنجي (عدت واري) مدي کي پهچن تہ رواج (۽ قانون) موجب انهن کي (رجوع ڪرڻ سان يا نئين نڪاح سان) جهليو (۽ زال مڙس جي زندگي گهاريو) يا رواج موجب انهن کان جدا ٿيو ۽ (آخري فيصلي تي) پاڻ مان اعتبار وارن ٻن ڄڻن کي شاهد ڪريو ۽ الله جي واسطي (ڪنهن جي روءِ رعايت ڪرڻ کان سواءِ) پوري شاهدي ڏيو.



www.sindhsalamat.com

هن (حڪم) سان ان کي نصيحت ڪئي وڃي ٿي جيڪو الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃي ٿو ۽ جيڪو الله (جي قانون جو لحاظ رکي ان) کان ڊڄندو ته الله ان لاءِ مشڪل مان نڪرڻ جو رستو پيدا ڪري ڏيندو.

## تقويٰ ۽ توڪل وارن لاءِ بي حساب رزق

وَّيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ ۭ وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ۭ اِنَّ اللّٰهَ بَالِغُ اَمْرِهٖ ۭ قَدْ جَعَلَ اللّٰهُ لِكُلِّ شَيْءٍ قَدْرًا ۝ (الطلاق: ٣)

(٣) (ان مسئلي ۾ مالي مشڪلاتون آيس ته) ان کي اتان روزي ڏيندو جتان گمان به نه هوندس ۽ جيڪو الله تي ڀروسو ڪندو ته الله ان (جي ساٿ ڏيڻ) لاءِ ڪافي آهي. بيشڪ الله پنهنجي ڪم کي (پنهنجي قانون سان) پورو ڪرڻ وارو آهي. الله سڀ ڪنهن شيءِ جو اندازو ڪري ڇڏيو آهي.

## عدت جا مسئلا

وَالّٰٓـِٔيْ يَىِٕسْنَ مِنَ الْمَحِيْضِ مِنْ نِّسَاۗىِٕكُمْ اِنِ ارْتَبْتُمْ فَعِدَّتُهُنَّ ثَلٰثَةُ اَشْهُرٍ ۙ وَّالّٰٓـِٔيْ لَمْ يَحِضْنَ ۭ وَاُولَاتُ الْاَحْمَالِ اَجَلُهُنَّ اَنْ يَّضَعْنَ حَمْلَهُنَّ ۭ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مِنْ اَمْرِهٖ يُسْرًا ۝ ذٰلِكَ اَمْرُ اللّٰهِ اَنْزَلَهٗٓ اِلَيْكُمْ ۭ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يُكَفِّرْ عَنْهُ سَيِّاٰتِهٖ وَيُعْظِمْ لَهٗٓ اَجْرًا ۝ (الطلاق: ٤، ٥)

(٤) ۽ جيڪي اوهان جي زالن مان حيض اچڻ کان نااميد ٿيون هجن (تن جي عدت بابت) جيڪڏهن شڪ ۾ پيا آهيو ته سندن عدت ٽي مهينا آهي ۽ (اهڙيءَ طرح) اهي زالون جن کي حيض نه آيو هجي (تن جي عدت به ٽي مهينا شمار ڪريو) ۽ پيٽ وارين زالن جي عدت پنهنجي ٻار ڄڻڻ تائين آهي. ۽ جيڪو الله (جي قانونن تي هلي ان) جو لحاظ رکندو ته الله سندس ڪم کي آسان ڪري ڇڏيندو. (٥) اهو الله جو حڪم آهي ان کي اوهان جي طرف نازل ڪيو اٿس. ۽ جيڪو الله کان ڊڄندو ته الله ان (ڪم ۾ پيش ايندڙ ڏکيائيون ۽ مدايون ان کان پري ڪندو ۽ ان کي وڏو اجر ڏيندو.





## عدت ۾ رضاعت جا ڪجھ حڪم

اَسْكِنُوْهُنَّ مِنْ حَيْثُ سَكَنْتُمْ مِّنْ وُّجْدِكُمْ وَلَا تُضَاۗرُّوْهُنَّ لِتُضَيِّقُوْا عَلَيْهِنَّ ۭ وَاِنْ كُنَّ اُولَاتِ حَمْلٍ فَاَنْفِقُوْا عَلَيْهِنَّ حَتّٰى يَضَعْنَ حَمْلَهُنَّ ۚ فَاِنْ اَرْضَعْنَ لَكُمْ فَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ ۚ وَاْتَمِرُوْا بَيْنَكُمْ بِمَعْرُوْفٍ ۚ وَاِنْ تَعَاسَرْتُمْ فَسَتُرْضِعُ لَهٗٓ اُخْرٰى ۝ لِيُنْفِقْ ذُوْ سَعَةٍ مِّنْ سَعَتِهٖ ۭ وَمَنْ قُدِرَ عَلَيْهِ رِزْقُهٗ فَلْيُنْفِقْ مِمَّآ اٰتٰىهُ اللّٰهُ ۭ لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا مَآ اٰتٰىهَا ۭ سَيَجْعَلُ اللّٰهُ بَعْدَ عُسْرٍ يُّسْرًا ۝ (الطلاق: ٦، ٧)

(٦) اوهين انهن (زالن) کي اتي رهايو جتي پنهنجي طاقت آهر پاڻ رهيا پيا آهيو. ۽ انهن کي تنگ ڪرڻ لاءِ نه ايذايو ۽ جيڪڏهن پيٽ سان هجن ته انهن کي خرچ ڏيو جيستائين پنهنجو ٻار ڄڻين. پوءِ جيڪڏهن اوهان جي لاءِ (ٻار کي) کير پيارين ته کين سندن اجرت ڏيوا ۽ رواج موجب (انهن معاملن تي) پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪريو ۽ جيڪڏهن (ان ڳالھ تي) اتفاق نه ٿئي ته پوءِ (ٻار کي) ڪا ٻي (عورت) کير پياريندي. (٧) (مطلقہ جو خرچ يا کير پيارڻ جي لاءِ) ڪشادگيءَ وارو پنهنجي ڪشادگي آهر خرچ ڪري، ۽ جنهن جي آمدني ٿوري هجي ته اهو ان مان خرچ ڪري جيڪو الله ان کي ڏنو آهي. الله ڪنهن شخص کي تڪليف نٿو ڏئي، پر ان مطابق جيڪي ان کي ڏنو اٿس. (جيڪڏهن ان عمل سان وقتي تنگي ٿي ته) الله تنگيءَ کان پوءِ جلد آساني ڪري ڏيندو.

## رات جو جاڳڻ ۽ قرآن جي تلاوت

يٰٓاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ ۝ قُمِ الَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا ۝ نِّصْفَهٗٓ اَوِ انْقُصْ مِنْهُ قَلِيْلًا ۝ اَوْ زِدْ عَلَيْهِ وَرَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا ۝ (المزمل: ١ کان ٤)

(١) اي وڏا ٻار کڻندڙ (پيغمبر!). (٢) رات جو (عبادت، تعليم ۽ تربيت لاءِ اُٿ پر ٿورو حصو. (٣) رات جي اڌ تائين يا ان کان ڪجھ گھٽ ڪر. (٤) يا ان کان وڌاءِ ۽ قرآن ٺاهي (ڊاري اکر اکر ڪري) پڙهه (ته جيئن ان کي ٻڌندڙ سمجهن.)



www.sindhsalamat.com

## تهجد جو وقت، نماز ۾ تلاوت ۽ خرچ جو حڪم

اِنَّ رَبَّكَ يَعْلَمُ اَنَّكَ تَقُوْمُ اَدْنٰى مِنْ ثُلُثَيِ الَّيْلِ وَ نِصْفَهٗ وَ ثُلُثَهٗ وَ طَآئِفَةٌ مِّنَ الَّذِيْنَ مَعَكَ ؕ وَ اللّٰهُ يُقَدِّرُ الَّيْلَ وَ النَّهَارَ ؕ عَلِمَ اَنْ لَّنْ تُحْصُوْهُ فَتَابَ عَلَيْكُمْ فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ مِنَ الْقُرْاٰنِ ؕ عَلِمَ اَنْ سَيَكُوْنُ مِنْكُمْ مَّرْضٰى ۙ وَ اٰخَرُوْنَ يَضْرِبُوْنَ فِي الْاَرْضِ يَبْتَغُوْنَ مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ ۙ وَ اٰخَرُوْنَ يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۫ۖ فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ مِنْهُ ۙ وَ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ اَقْرِضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا ؕ وَ مَا تُقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ هُوَ خَيْرًا وَّ اَعْظَمَ اَجْرًا ؕ وَ اسْتَغْفِرُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۰﴾ (المزمل: ٢٠)

(٢٠) (اي پيغمبر!) بيشڪ تنهنجو پاليندڙ ڄاڻي ٿو ته، تون رات جي ٻن ٽهاين جي ويجهو (عبادت ۽ تربيت لاءِ) بيهين ٿو ۽ (ڪڏهن) رات جو اڌ ۽ (ڪڏهن) رات جي ٽين پتي ۽ جيڪي تو سان گڏ آهن، تن مان هڪ جماعت (به تو سان گڏ بيهي ٿي) ۽ الله رات ۽ ڏينهن جو اندازو ڪري ٿو. ان ڄاتو ته اوهين ان کي (دائمي طرح) پورو ڪري ڪين سگهندو. (اڳيون حڪم هنگامي تيارين لاءِ هو. خدا اوهان تي آسانيون چاهي ٿو) ان ڪري اوهان تي مهرباني ڪيائين، پوءِ جيترو (حصو) آسان ٿئي، اوترو قرآن پڙهو. ان ڄاتو ته اوهان مان ڪي بيمار ٿيندا ۽ ٻيا الله جي فضل (روزگار وغيره جي) تلاش ڪرڻ لاءِ زمين ۾ مسافري ڪندا. ۽ ٻيا الله جي رستي ۾ جنگ ڪندا، ان ڪري جيترو آسان ٿئي اوترو قرآن پڙهو. ۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ڏيو ۽ (خير جي صورت ۾) الله کي چڱو قرض ڏيو (جيڪو اوهان کي ڪيترا ڀيرا وڌي ملندو) ۽ جا به ڀلائي پنهنجي لاءِ (آخرت جو ذخيرو ڪري) اڳي موڪليندؤ تنهن کي الله وٽ چڱو ۽ اجر ۾ تمام وڏو لهندؤ ۽ (اهو طريقو آهي جنهن سان) الله کان (دنيا ۽ آخرت ۾ درپيش خطرن جي) معافي گهرو. بيشڪ الله (سڀني خطرن کان بچائي) گهڻو معاف ڪندڙ نهايت رحم وارو آهي.





## خدائي پرچار جو حڪم

يٰۤاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ ﴿۱﴾ قُمْ فَاَنْذِرْ ﴿۲﴾ وَ رَبَّكَ فَكَبِّرْ ﴿۳﴾ وَ ثِيَابَكَ فَطَهِّرْ ﴿۴﴾ وَ الرُّجْزَ فَاهْجُرْ ﴿۵﴾ وَ لَا تَمْنُنْ تَسْتَكْثِرُ ﴿۶﴾ وَ لِرَبِّكَ فَاصْبِرْ ﴿۷﴾ (المدثر: ١ کان ٧)

(١) اي (نبوت جي لباس ۾) ويڙهجڻ وارا. (٢) اٿي! پوءِ (خدا کان ڀليل ماڻهن کي زندگيءَ جي غلط طريقي تي تباهه ڪندڙ نتيجن کان) ڊيڄار. (٣) ۽ پنهنجي پالڻهار (جي پالڻهاريءَ واري نظام) جي عظمت (۽ ضرورت) بيان ڪر. (۴) ۽ (ظاهري ۽ باطني يعني اخلاقن واري) پنهنجي پوشاڪ کي پاڪ رک. (۵) ۽ گند (۽ گندي بيڪار ماڻهن) کان پري رهه. (٦) ۽ (پوءِ الله جي مخلوق تي) هن لاءِ احسان نه ڪر ته (ان جي موٽ ۾) گهڻو (بدلو) ملي. (٧) ۽ پنهنجي پالڻهار (جي پالڻهاريءَ واري نظام جي رستي ۾ پيش ايندڙ رڪاوٽن ۽ ڏکيائين تي ثابت قدم رهڻ) لاءِ صبر ڪر.

## نيڪوڪارن جون وصفون ۽ انعام

اِنَّ الْاَبْرَارَ يَشْرَبُوْنَ مِنْ كَاْسٍ كَانَ مِزَاجُهَا كَافُوْرًا ﴿۵﴾ عَيْنًا يَّشْرَبُ بِهَا عِبَادُ اللّٰهِ يُفَجِّرُوْنَهَا تَفْجِيْرًا ﴿۶﴾ يُوْفُوْنَ بِالنَّذْرِ وَ يَخَافُوْنَ يَوْمًا كَانَ شَرُّهٗ مُسْتَطِيْرًا ﴿۷﴾ وَ يُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسْكِيْنًا وَّ يَتِيْمًا وَّ اَسِيْرًا ﴿۸﴾ اِنَّمَا نُطْعِمُكُمْ لِوَجْهِ اللّٰهِ لَا نُرِيْدُ مِنْكُمْ جَزَآءً وَّ لَا شُكُوْرًا ﴿۹﴾ اِنَّا نَخَافُ مِنْ رَّبِّنَا يَوْمًا عَبُوْسًا قَمْطَرِيْرًا ﴿۱۰﴾ (الدهر: ۵ کان ١٠)

(۵) بيشڪ نيڪ بخت اهڙي (مشروب جي) پيالي مان پيئندا جنهن ۾ ملاوٽ ڪافور جي ٿيندي. (٦) (اهو ڪافور) جيڪو هڪ چشمو آهي، جنهن مان الله جا (خاص) ٻانها پيئندا (جتي وڻندن اتي) ان کي وهائي ويندا. (٧) اهي (ماڻهو دنيا ۾ الله جي جي اطاعت بابت ڪنيل ذميواريءَ جي) باس کي پورو ڪن ٿا ۽ اهڙي ڏينهن کان ڊڄن ٿا جنهن جي بڇڙائي پکڙيل هوندي. (٨) ۽ سندس محبت وچان مسڪين، يتيم ۽ قيديءَ (جي ضرورتن کي پورو ڪن ٿا ۽ انهن) کي کاڌو کارائين ٿا. (٩) (۽ چون ٿا ته) اسين اوهان (تي ڪوبه احسان نٿا ڪريون.) رڳو الله جي رضامندي لاءِ کاڌو



www.sindhsalamat.com

ڪارايون ٿا. (١٠) بيشڪ اسين پنهنجي پالڻهار جي طرفان (ذري ذري جو حساب ڪتاب ڏيڻ واري) هڪ ڏکئي (۽) تمام سخت ڏينهن کان ڊڄون ٿا.

❋❋❋❋

اِنَّ الۡاَبۡرَارَ لَفِیۡ نَعِیۡمٍ ﴿۲۲﴾ عَلَی الۡاَرَآئِکِ یَنۡظُرُوۡنَ ﴿۲۳﴾ تَعۡرِفُ فِیۡ وُجُوۡهِهِمۡ نَضۡرَةَ النَّعِیۡمِ ﴿۲۴﴾ یُسۡقَوۡنَ مِنۡ رَّحِیۡقٍ مَّخۡتُوۡمٍ ﴿۲۵﴾ خِتٰمُهٗ مِسۡکٌ ؕ وَ فِیۡ ذٰلِکَ فَلۡیَتَنَافَسِ الۡمُتَنَافِسُوۡنَ ﴿۲۶﴾ (المطففين: ٢٢ کان ٢٦)

(٢٢) بيشڪ تابعدار تہ ضرور (بهشت جي) نعمت ۾ ٿيندا. (٢٣) پلنگن تان (بهشت جي عجائبات جا نظارا) پيا ڏسندا. (٢٤) تون انهن جي چهري ۾ (آرام ۽ اطمينان وارين) نعمتن جي تازگي معلوم ڪندين. (٢٥) کين مهر لڳل خالص مشروبن مان پيو پياربو. (٢٦) جنهن تي مهر مشڪ جي هوندي ۽ ان ۾ اجان (بہ اهڙيون شيون هونديون جو) پلي شوق ڪرڻ وارا (مزي سان) شوق پورو ڪن.

## گناهگاريءَ ۾ عدم اطاعت جو حڪم

فَاصۡبِرۡ لِحُکۡمِ رَبِّکَ وَ لَا تُطِعۡ مِنۡهُمۡ اٰثِمًا اَوۡ کَفُوۡرًا ﴿۲۴﴾ وَ اذۡکُرِ اسۡمَ رَبِّکَ بُکۡرَةً وَّ اَصِیۡلًا ﴿۲۵﴾ وَ مِنَ الَّیۡلِ فَاسۡجُدۡ لَهٗ وَ سَبِّحۡهُ لَیۡلًا طَوِیۡلًا ﴿۲۶﴾ (الدهر: ٢٤،٢٥،٢٦)

(٢٤) پوءِ تون پنهنجي پالڻهار جي حڪم تي ثابت قدم رهہ ۽ انهن مان ڪنهن بہ (اهڙي) ڏوهي يا ڪافر جو چيو تاري ڇڏ (جنهن جو مقصد توکي ان رستي تان ٿڙڪائڻ آهي). (٢٥) ۽ (ان کان بچڻ جو طريقو هي آهي تہ تون) پنهنجي پالڻهار جو نالو صبح ۽ سانجهي ياد ڪر. (٢٦) ۽ ڪجهہ وقت رات جو ان کي سجدو ڪر ۽ گهڻي رات سندس پاڪائي ۽ عظمت بيان ڪندو رهہ.

## جنت ۽ جهنم وارن جون وصفون

فَاِذَا جَآءَتِ الطَّآمَّةُ الۡکُبۡرٰی ﴿۳۴﴾ یَوۡمَ یَتَذَکَّرُ الۡاِنۡسَانُ مَا سَعٰی ﴿۳۵﴾ وَ بُرِّزَتِ الۡجَحِیۡمُ لِمَنۡ یَّرٰی ﴿۳۶﴾ فَاَمَّا مَنۡ طَغٰی ﴿۳۷﴾ وَ اٰثَرَ الۡحَیٰوةَ الدُّنۡیَا ﴿۳۸﴾ فَاِنَّ الۡجَحِیۡمَ





هِیَ الۡمَاۡوٰی ﴿۳۹﴾ وَ اَمَّا مَنۡ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَ نَهَی النَّفۡسَ عَنِ الۡهَوٰی ﴿۴۰﴾ فَاِنَّ الۡجَنَّةَ هِیَ الۡمَاۡوٰی ﴿۴۱﴾ (النازعات: ٣٤ کان ٤١)

(٣٤) پوءِ جڏهن تمام وڏي آفت (قيامت) ايندي. (٣٥) جنهن ڏينهن ڏينهن سيڪو انسان انهن ڪمن کي ياد ڪندو جيڪي ڪيا هوندائين. (٣٦) ۽ ڏسڻ واري لاءِ (سندس اکين اڳيان) دوزخ ظاهر ڪيو ويندو. (٣٧) تہ پوءِ جيڪو (زندگيءَ جي عملن ۾) حدن کان لنگهيو هوندو. (٣٨) ۽ دنيا جي حياتيءَ کي (آخرت جي حياتيءَ تي) پسند ڪيو هوندائين. (٣٩) تہ بيشڪ دوزخ ئي (ان جي) رهڻ جي جاءِ آهي. (٤٠) ۽ جيڪو شخص پنهنجي پالڻهار جي سامهون (حساب ڪتاب جي سختي واري حالت ۾) بيهڻ کان ڊنو هوندو ۽ پنهنجي (ان خوف جي ڪري) نفس کي خواهشن کان روڪيو هوندائين. (٤١) تہ بيشڪ جنت ئي ان جي رهڻ جي جاءِ آهي.

## يتيمن جي سنڀال ۽ مسڪينن کي کارائڻ جو انعام

فَاَمَّا الۡاِنۡسَانُ اِذَا مَا ابۡتَلٰهُ رَبُّهٗ فَاَکۡرَمَهٗ وَ نَعَّمَهٗ ۬ فَیَقُوۡلُ رَبِّیۡۤ اَکۡرَمَنِ ﴿۱۵﴾ وَ اَمَّاۤ اِذَا مَا ابۡتَلٰهُ فَقَدَرَ عَلَیۡهِ رِزۡقَهٗ ۬ فَیَقُوۡلُ رَبِّیۡۤ اَهَانَنِ ﴿۱۶﴾ کَلَّا بَلۡ لَّا تُکۡرِمُوۡنَ الۡیَتِیۡمَ ﴿۱۷﴾ وَ لَا تَحٰٓضُّوۡنَ عَلٰی طَعَامِ الۡمِسۡکِیۡنِ ﴿۱۸﴾ (الفجر: ١٥ کان ١٨)

(١٥) (اصل ۾ انسان خدائي قانونن ۽ ان جي عمل ۾ اچڻ جي طريقي کان اڻ واقفيت رکي ٿو. ان ڪري) انسان کي جڏهن سندس پالڻهار آزمائي ٿو پوءِ ان کي عزت ڏئي ٿو ۽ نعمت ڏئي ٿو تہ (مغروري ۽ فخر ۾) هو چوي ٿو تہ منهنجي پالڻهار مون کي عزت ڏني. (١٦) ۽ جڏهن ان کي هن طرح آزمائي ٿو جو مٿس سندس روزي تنگ ڪري ٿو تہ چوي ٿو تہ منهنجي پالڻهار مونکي خوار ڪيو. (حالانڪ اهو سڀ ڪجهہ خدا جي مقرر قانونن جي نتيجي ۾ عمل پذير ٿئي ٿو.) (١٧) ائين نہ آهي (جو خدا ڪنهن کي هرويرو خوار ڪري) پر اوهين (ڌرتيءَ تي پرگهور جي لائق) يتيم جي عزت نہ ٿا ڪريو. (١٨) ۽ نہ ڪي هڪ ٻئي کي (ضرورتمند) مسڪين کي کاڌي ڏيڻ جي رغبت ڏيو ٿا.



www.sindhsalamat.com

## فراغت ۾ الله کان غافل نہ رهو

فَاِذَا فَرَغۡتَ فَانۡصَبۡ ﴿۷﴾ وَاِلٰی رَبِّکَ فَارۡغَبۡ ﴿۸﴾ (الانشرح: ۷،۸)

(۷) پوءِ جڏهن (بہ) تون (هدايت جي پروگرام مان) واندو ٿئين تہ (پالڻهار جي عبادت لاءِ) محنت ڪر. (۸) ۽ پنهنجي پالڻهار (جي ذڪر ۽ فڪر سان) دل لڳاءِ.

## علم حاصل ڪرڻ لاءِ حڪم

اِقۡرَاۡ بِاسۡمِ رَبِّکَ الَّذِیۡ خَلَقَ ﴿۱﴾ (العلق: ۱)

(۱) (اي پيغمبر!) تون پنهنجي پالڻهار جي نالي سان پڙهہ جنهن پيدا ڪيو آهي. (۽ پيدا ڪري اوسر جا سامان بہ عطا ڪيا اٿس).

## دينِ قيم جو معيار

وَ مَا تَفَرَّقَ الَّذِیۡنَ اُوۡتُوا الۡکِتٰبَ اِلَّا مِنۡۢ بَعۡدِ مَا جَآءَتۡہُمُ الۡبَیِّنَۃُ ﴿۴﴾ وَ مَاۤ اُمِرُوۡۤا اِلَّا لِیَعۡبُدُوا اللّٰہَ مُخۡلِصِیۡنَ لَہُ الدِّیۡنَ ۬ۙ حُنَفَآءَ وَ یُقِیۡمُوا الصَّلٰوۃَ وَ یُؤۡتُوا الزَّکٰوۃَ وَ ذٰلِکَ دِیۡنُ الۡقَیِّمَۃِ ﴿۵﴾ (البينہ: ۴،۵)

(۴) ۽ جيڪي اهل ڪتاب هئا، تن کي واضح دليل اچڻ کان پوءِ (گهرجي ها تہ قرآن تي ايمان آڻي انساني وحدت جي راهہ هموار ڪن ها، پر انهن الٽو) فرقي بازي ڪري ورتي. (۵) حالانڪ انهن کي (قرآن ۽ اڳين آسماني ڪتابن جي ذريعي) رڳو هن ڳالهہ جو حڪم ڪيو ويو آهي تہ اهي الله جي عبادت ۽ اطاعت ۾ اچن. ان لاءِ عبادت کي خالص ۽ خاص ڪري (ابراهيم جي دين حنفي واري) رستي تي جمع ٿين، ۽ نماز قائم ڪن ۽ زڪوات ڏين ۽ اهوئي (انسانيت جي ترقي ۽ فلاح جو) سڌو سنئون دين آهي.

## خشيت الاهي جو بدلو

جَزَآؤُہُمۡ عِنۡدَ رَبِّہِمۡ جَنّٰتُ عَدۡنٍ تَجۡرِیۡ مِنۡ تَحۡتِہَا الۡاَنۡہٰرُ خٰلِدِیۡنَ فِیۡہَاۤ اَبَدًا ؕ





رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمۡ وَ رَضُوۡا عَنۡہُ ؕ ذٰلِکَ لِمَنۡ خَشِیَ رَبَّہٗ ﴿۸﴾ (البينہ: ۸)

(۸) انهن جو بدلو سندن پالڻهار وٽ رهڻ جا باغ آهن، جن جي هيٺان (مختلف مشروبن جا) واهہ وهن ٿا. انهن ۾ هميشہ رهندا. الله انهن کان (پنهنجي قانون تي هلڻ جي ادا کان) راضي ٿيو ۽ اهي ان کان (واعدو ڪيل پلو صلو ملڻ تي سرها ٿي) راضي ٿيا. اهو (واعدو) ان لاءِ آهي جو (جنهن جي دل تي) پنهنجي پالڻهار (جي عظمت) جو خوف طاري ٿيو.

## نماز ۽ قرباني جو حڪم

فَصَلِّ لِرَبِّکَ وَ انۡحَرۡ ﴿۲﴾ اِنَّ شَانِئَکَ ہُوَ الۡاَبۡتَرُ ﴿۳﴾ (الڪوثر: ۲،۳)

(۲) پوءِ تون پنهنجي پالڻهار جي (پالڻهاريءَ کي عام ڪرڻ جي فرض ادائگي) لاءِ نماز پڙهہ ۽ قرباني ڪر! (۳) بيشڪ تنهنجو دشمن ئي بي نسل آهي. (جو ان جو نالو نشان مٽجي ويندو).

## توحيد جو سبق

قُلۡ ہُوَ اللّٰہُ اَحَدٌ ﴿۱﴾ اَللّٰہُ الصَّمَدُ ﴿۲﴾ لَمۡ یَلِدۡ ۬ۙ وَ لَمۡ یُوۡلَدۡ ﴿۳﴾ وَ لَمۡ یَکُنۡ لَّہٗ کُفُوًا اَحَدٌ ﴿۴﴾ (الاخلاص: ۱ کان ۴)

(۱) (اي پيغمبر! تنهنجي مڃيندڙن لاءِ بنيادي نقطو الله تعاليٰ جي عظمت آهي، ڪين) چئون تہ الله پنهنجي ذات ۽ صفتن ۾ اڪيلو ئي آهي. (۲) الله پاڻ بي پرواهہ آهي. (باقي سڀئي زندگي ۽ اوسر جي لاءِ سندس محتاج آهن. (۳) نہ (ڪنهن کي) ڄڻيو اٿس ۽ نہ ان کي ڪنهن ڄڻيو آهي. (بلڪ سڀني کي توليد جي بجاءِ تخليق جي عمل سان پيدا ڪيو اٿس). (۴) ۽ ان جو (همسر يا ان جو مثال يا ان جو) مَٽ آهي ئي ڪونہ.

## الله جي ربوبيت، حاڪميت ۽ الوهيت جي پناهہ ۾ اچڻ جو حڪم

قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ ﴿۱﴾ مَلِکِ النَّاسِ ﴿۲﴾ اِلٰہِ النَّاسِ ﴿۳﴾ مِنۡ شَرِّ الۡوَسۡوَاسِ ۬ۙ



www.sindhsalamat.com

الْخَنَّاسِ ۝٤ الَّذِىْ يُوَسْوِسُ فِىْ صُدُوْرِ النَّاسِ ۝٥ مِنَ الْجِنَّةِ وَ النَّاسِ ۝٦

(الناس: ا کان ٦)

(١) (اي پيغمبر!) چئو تہ آءٌ انسانيت جي (اڪيلي) پالڻهار جي پناهہ ۾ اچان ٿو. (توحيد في الربوبيت). (٢) ماڻهن جي اڪيلي حاڪم جي پناهہ ۾ اچان ٿو (توحيد في الصفات). (٣) ماڻهن جي اڪيلي معبود جي پناهہ ۾ اچان ٿو (توحيد في العبادت). (۴) (۽ دلين ۾) وسوسي وجهندڙ جي بچڙائيءَ کان (جيڪو پردي پويان توحيد جي ٽنهي اطاعتن جي باري عقيدن کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ) آهي. (۵) جيڪو (مختلف جماعتن ۽ نظرين جي آڙ ۾ ٽنهي اطاعتن خلاف) ماڻهن جي دلين ۾ وسوسا وجهي ٿو. (٦) جنن (لڪيل قوتن ۽ طريقن) مان هجي يا ماڻهن (جي جوڙيل گمراهہ طريقن) مان هجي. (الله! تنهنجي اطاعت واري رستي تي هلڻ لاءِ ماڻهن ۽ گروهن جي سيني چالبازين ۽ رڪاوٽن کان پناهہ).







www.sindhsalamat.com

# قرآن مجيد جون ٻڌايل انڪار واريون منع ڪيل ڳالهيون



www.sindhsalamat.com

## شرڪ نہ ڪريو

فَلَا تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ اَنْدَادًا وَّ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٢﴾ (البقره: ٢٢)

پوءِ (سندس خالقيت، ربوبيت ۽ رحمت ڏسي ڪري) ائين نہ ڪيو جو الله سان ٻين هستين کي بہ شريڪ ڪريو (۽ انهن کي پوڄيو) جڏهن تہ توهان ڄاڻو بہ ٿا (تہ خالق ۽ رب فقط هڪ الله آهي).

****

وَ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَ لَا تُشْرِكُوْا بِهٖ شَيْـًٔا (النساء: ٣٦)

(٣٦) ۽ (خبردار!) الله جي ٻانهپ ڪريو ۽ ڪنهن بہ شيءِ کي ساڻس شريڪ نہ ڪيو

****

قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰٓى اِلَيَّ اَنَّمَآ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَمَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَالِحًا وَّ لَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖٓ اَحَدًا ﴿١١٠﴾ (الڪهف: ١١٠)

(١١٠) (اي پيغمبر هي بہ ماڻهن کي) چئي ڇڏ تہ مان هن ڪان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهيان تہ توهان ئي جهڙو هڪ انسان ( آدم جو اولاد) آهيان، (تفاوت فقط هي آهي تہ الله تعاليٰ مون ڏي وحي ٿو موڪلي). البتہ الله تعاليٰ مون ڏي وحي موڪليو آهي (۽ ٻڌايو آهي) تہ اوهان جو معبود اهو ئي هڪ (الله) آهي. ڪائنس سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي. تنهن ڪري جيڪو بہ پنهنجي پروردگار سان ملڻ جي آرزو (اميد ۽ چاهت) رکي ٿو تنهن کي گهرجي تہ چڱا عمل ڪري ۽ پنهنجي پروردگار جي بندگيءَ ۾ ڪنهن بہ ٻيءَ هستيءَ کي شريڪ نہ ڪري (يعني فقط الله جي حڪمن جي پيروي ڪري ۽ سندس حڪمن خلاف شيطان يا ظالمن انسان جي حڪمن تي نہ هلي).

****

وَ لَا تَكُوْنُوْا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿٣١﴾ (الروم: ٣١)

۽ مشرڪ نہ ٿيو (يعني فقط هڪ الله جا فرمانبردار ٻانها ٿي رهو).

****





قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ تَعَالَوْا اِلٰى كَلِمَةٍ سَوَآءٍۢ بَيْنَنَا وَ بَيْنَكُمْ اَلَّا نَعْبُدَ اِلَّا اللّٰهَ وَ لَا نُشْرِكَ بِهٖ شَيْـًٔا وَّ لَا يَتَّخِذَ بَعْضُنَا بَعْضًا اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۭ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُوْلُوا اشْهَدُوْا بِاَنَّا مُسْلِمُوْنَ ﴿٦٤﴾ (آل عمران: ٦٤)

(٦٤) (اي پيغمبرا!) تون (يهودين ۽ عيسائين کي) چئو تہ اي اهل ڪتاب (اختلاف واريون ڳالهيون ڇڏي ڀلا) هن ڳالهہ تي اچو جا توهان ۽ اسان وٽ هڪجهڙي قبول پيل آهي، تہ الله کان سواءِ ڪنهن جي بہ ٻانهپ نہ ڪيون ۽ ڪنهن بہ هستيءَ کي ساڻس شريڪ نہ ٺهرايون ۽ اسان مان هڪڙو انسان ڪنهن ٻئي انسان سان اهڙي هلت نہ هلي جو گويا خدا کي ڇڏي ان کي پنهنجو رب بڻايو اٿس. پوءِ جيڪڏهن اهي ماڻهو (انهيءَ ڳالهہ تي عمل ڪرڻ کان بہ) ڦري وڃن تہ پوءِ توهان (مسلمان) کين چئي ڏيو تہ شاهد رهو تہ (توهان ئي انڪاري آهيو) اسان تہ خدا جي اڳيان سر جهڪائڻ وارا آهيون.

****

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغْفِرُ اَنْ يُّشْرَكَ بِهٖ وَ يَغْفِرُ مَا دُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ يَّشَآءُ ۚ وَ مَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَقَدِ افْتَرٰٓى اِثْمًا عَظِيْمًا ﴿٤٨﴾ اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يُزَكُّوْنَ اَنْفُسَهُمْ ۭ بَلِ اللّٰهُ يُزَكِّيْ مَنْ يَّشَآءُ وَ لَا يُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا ﴿٤٩﴾ اُنْظُرْ كَيْفَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ ۭ وَ كَفٰى بِهٖٓ اِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿٥٠﴾ (النساء: ٤٨ کان ٥٠)

(٤٨) الله تعاليٰ هي ڳالهہ هرگز نہ بخشيندو تہ ساڻس ڪنهن ٻيءَ هستيءَ کي شريڪ ڪيو وڃي. (جيئن يهودي ۽ نصاريٰ پوپ، پادرين ۽ راهبن جي فرمانبرداريءَ ۾ هر حڪم جي تعميل ڪندا هئا ۽ کين خدا سان شريڪ ڪندا هئا). پر ان کان سواءِ ٻيا گناهہ جيڪڏهن چاهي تہ بخشي ڇڏي. جيڪو الله سان ڪنهن کي شريڪ ڪري ٿو اهو وڏو گناهہ ڪري ٿو ۽ خدا تي جڙتو ڪوڙ هڻي ٿو. (٤٩) (اي پيغمبر!) ڇا تو انهن ماڻهن جي حالت تي نظر نہ ڪئي جيڪي پنهنجي پاڪائيءَ تي وڏو فخر ڪن ٿا (اهل ڪتاب چون ٿا تہ آخرت جو ڇوٽڪارو فقط اسان جي لاءِ آهي، حالانڪ پاڪائي جو مدار نيڪ عملن تي آهي نہ يهودي يا عيسائي سڏائڻ تي) هي الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي تہ جنهن کي چاهي تنهن کي (برائين کان) پاڪ ڪري ۽ هو (عملن جي



www.sindhsalamat.com

بدلي ڏيڻ ۾) تر جيتري بہ ڪنهن سان بي انصافي نٿو ڪري. (۵۰) ڏس تہ هي ماڻهو ڪيئن نہ الله تعاليٰ تي ظاهر ظهور ڪوڙو بهتان هڻن ٿا (تہ پاڪائي ۽ چوٽڪاري جو مدار يهودين جي جماعت ۾ اچڻ تي آهي.) هنن جي ظاهر ظهور گنهگار هئڻ لاءِ هيءَ هڪ ئي ڳالهہ ڪافي ثابتي آهي.

****

وَ مِنَ النَّاسِ مَنۡ يَّعۡبُدُ اللّٰهَ عَلٰى حَرۡفٍ ۚ فَاِنۡ اَصَابَهٗ خَيۡرُ ۨ اطۡمَاَنَّ بِهٖ ۚ وَ اِنۡ اَصَابَتۡهُ فِتۡنَةُ ۨ انۡقَلَبَ عَلٰى وَجۡهِهٖ ۚ خَسِرَ الدُّنۡيَا وَ الۡاٰخِرَةَ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الۡخُسۡرَانُ الۡمُبِيۡنُ ﴿۱۱﴾ يَدۡعُوۡا مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مَا لَا يَضُرُّهٗ وَ مَا لَا يَنۡفَعُهٗ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الضَّلٰلُ الۡبَعِيۡدُ ﴿۱۲﴾ (الحج: ۱۱، ۱۲)

(۱۱) ۽ (ڏسو) ڪي ماڻهو اهڙا آهن، جو الله جي بندگي تہ ڪن ٿا پر دل جي جمائي سان نٿا ڪن جيڪڏهن هنن کي ڪو فائدو ٿو پهچي تہ دل کي آرام اچين ٿو. پر جيڪڏهن ڪنهن (تڪليف جي) آزمائش ۾ پون ٿا تہ پني ڏئي پنهنجي (ڪفر جي) حالت ڏي موٽي پون ٿا. هو دنيا ۾ بہ نامراد ٿين ٿا ۽ آخرت ۾ بہ ۽ اهائي ظاهر ظهور نامرادي آهي. (۱۲) هو الله کي ڇڏي انهن شين کي (پنهنجي حاجت روائيءَ لاءِ) سڏين ٿا جي نڪي ڪين نقصان پهچائي سگهن ٿيون نڪي فائدو. اهائي گمراهي آهي جا سيني کان وڌيڪ اونهي گمراهي آهي.

****

وَ اِذۡ قَالَ لُقۡمٰنُ لِابۡنِهٖ وَ هُوَ يَعِظُهٗ يٰبُنَيَّ لَا تُشۡرِكۡ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّ الشِّرۡكَ لَظُلۡمٌ عَظِيۡمٌ ﴿۱۳﴾

(لقمان: ۱۳)

(۱۳) ۽ ڏسو (لقمان جي حڪمت) هن پنهنجي پٽ کي نصيحتون ڪندي چيو تہ اي منهنجا پٽ الله سان ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪجانءِ (يعني الله جي قانونن ۽ حڪمن جي خلاف ڪنهن جو بہ حڪم نہ مڃجانءِ) يقيناً شرڪ تمام وڏو ظلم آهي.

****

وَ اِنۡ جَاهَدٰكَ عَلٰۤى اَنۡ تُشۡرِكَ بِىۡ مَا لَيۡسَ لَكَ بِهٖ عِلۡمٌ ۙ فَلَا تُطِعۡهُمَا (لقمان: ۱۵)





(۱۵) ۽ جيڪڏهن ماءُ پيءُ توتي زور بار رکن تہ مون سان ٻين کي شريڪ ڪر. جنهن ڳالهہ بابت توکي علم ئي ڪونهي تہ پوءِ انهيءَ ڳالهہ ۾ سندن تابعداري نہ ڪر.

****

وَ لَقَدۡ اُوۡحِىَ اِلَيۡكَ وَ اِلَى الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِكَ ۚ لَئِنۡ اَشۡرَكۡتَ لَيَحۡبَطَنَّ عَمَلُكَ وَ لَتَكُوۡنَنَّ مِنَ الۡخٰسِرِيۡنَ ﴿۶۵﴾ (الزمر: ۶۵)

(۶۵) پر حقيقت هيءَ آهي تہ (اي پيغمبر!) توڏي ۽ توکان اڳين ڏي وحي موڪليو ويو آهي تہ جيڪڏهن تون شرڪ ڪندين (يعني خدا جي حڪمن کي ڇڏي شيطان جي واٽ وٺندين) تہ تنهنجا عمل ضايع ٿي ويندا ۽ تون وڏي نقصان هيٺ اچي ويندين.

****

وَ لَا تَجۡعَلُوۡا مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ؕ اِنِّىۡ لَكُمۡ مِّنۡهُ نَذِيۡرٌ مُّبِيۡنٌ ﴿۵۱﴾ (الذاريات: ۵۱)

(۵۱) ۽ الله سان گڏ ٻئي ڪنهن کي معبود نہ بڻايو. يقيناً مان (محمد ﷺ) وٽائنس اوهان ڏي چٽو چٽو خبردار ڪندڙ ٿي آيو آهيان.

## قرآن جا منڪر نہ بڻجوءِ قرآن فروشي نہ ڪريو

وَ اٰمِنُوۡا بِمَاۤ اَنۡزَلۡتُ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَكُمۡ وَ لَا تَكُوۡنُوۡۤا اَوَّلَ كَافِرٍۢ بِهٖ ۖ وَ لَا تَشۡتَرُوۡا بِاٰيٰتِىۡ ثَمَنًا قَلِيۡلًا ۡ وَّ اِيَّاىَ فَاتَّقُوۡنِ ﴿۴۱﴾ وَ لَا تَلۡبِسُوا الۡحَقَّ بِالۡبَاطِلِ وَ تَكۡتُمُوا الۡحَقَّ وَ اَنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۴۲﴾ (البقره: ۴۱، ۴۲)

(۴۱) ۽ ان (قرآن) تي ايمان آڻيو جو مون نازل ڪيو آهي ۽ جو انهيءَ ڪلام (تورات) جي تصديق ٿو ڪري جو توهان وٽ موجود آهي. (توهان کي تہ سيني کان اڳي قرآن تي ايمان آڻڻ گهرجي ائين نہ ٿئي جو اتلندو) سيني کان اول توهان ئي (ان جي سچائي قبول ڪرڻ کان) انڪار ڪيو. متان منهنجون آيتون خسيس قيمت تي (دنيائي خسيس فائدن لاءِ) وڪڻي ڇڏيو. (توهان کي گهرجي تہ) فقط منهنجي فرمانبرداري ڪيو ۽ مون کان ئي ڊڄو. (۴۲) ۽ سچ



www.sindhsalamat.com

ڪي ڪوڙسان ڏڪي يا ملائي نہ ڇڏيو نڪي سچ کي لڪايو جڏهن تہ توهان ڄاڻو بہ ٿا (تہ حقيقت ڇا آهي).

❁❁❁❁

فَلَا تَخْشَوُا النَّاسَ وَ اخْشَوْنِ وَ لَا تَشْتَرُوْا بِاٰيٰتِيْ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ وَ مَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿۴۴﴾ (المائده: ۴۴)

پوءِ (اي يهودين جي جماعت وارؤ! حق جي تابعداري ڪرڻ ۾) ماڻهن کان نہ ڊڄو. مون کان ڊڄو ۽ منهنجي آيتن کي (دنيائي فائدي جي) ٿورڙي بها تي وڪڻي نہ ڇڏيو. (ياد رکو تہ) جيڪڏهن ڪو بہ خدا جي نازل ڪيل ڪتاب مطابق حڪم نہ ڏيندو تہ اهڙائي ماڻهو آهن، جي ڪافر آهن.

## جادو سکڻ ۽ ڪرڻ ڪفر جي وات آهي

وَ اتَّبَعُوْا مَا تَتْلُوا الشَّيٰطِيْنُ عَلٰى مُلْكِ سُلَيْمٰنَ ۚ وَ مَا كَفَرَ سُلَيْمٰنُ وَ لٰكِنَّ الشَّيٰطِيْنَ كَفَرُوْا يُعَلِّمُوْنَ النَّاسَ السِّحْرَ ۗ وَ مَاۤ اُنْزِلَ عَلَى الْمَلَكَيْنِ بِبَابِلَ هَارُوْتَ وَ مَارُوْتَ ؕ وَ مَا يُعَلِّمٰنِ مِنْ اَحَدٍ حَتّٰى يَقُوْلَاۤ اِنَّمَا نَحْنُ فِتْنَةٌ فَلَا تَكْفُرْ ؕ فَيَتَعَلَّمُوْنَ مِنْهُمَا مَا يُفَرِّقُوْنَ بِهٖ بَيْنَ الْمَرْءِ وَ زَوْجِهٖ ؕ وَ مَا هُمْ بِضَآرِّيْنَ بِهٖ مِنْ اَحَدٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَ يَتَعَلَّمُوْنَ مَا يَضُرُّهُمْ وَ لَا يَنْفَعُهُمْ ؕ وَ لَقَدْ عَلِمُوْا لَمَنِ اشْتَرٰىهُ مَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ ؕ وَ لَبِئْسَ مَا شَرَوْا بِهٖۤ اَنْفُسَهُمْ ؕ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۰۲﴾ وَ لَوْ اَنَّهُمْ اٰمَنُوْا وَ اتَّقَوْا لَمَثُوْبَةٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ خَيْرٌ ؕ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۰۳﴾ (البقره: ۱۰۲، ۱۰۳)

(۱۰۲) ۽ هو ان (جادوءَ) جي پنيان لڳي پيا جو حضرت سليمان (عليہ السلام) جي بادشاهيءَ جي زماني ۾ شيطان (يعني شرير ماڻهو) پڙهندا هئا، پر حضرت سليمان عليہ السلام ڪڏهن بہ اهو ڪفر جو ڪم نہ ڪيو (جادو نہ سيکاريو) مگر انهن ئي شيطانن جو ڪفر هئو جو ماڻهن کي جادوگري سيکاريندا هئا. نڪي اهو جادو بابل ۾ هاروت ۽ ماروت مَلڪن تي نازل ٿيو هو. حقيقت هيءَ آهي تہ جيڪي بہ هو سيکاريندا هئا سو هيئن چوڻ کان سواءِ نہ سيکاريندا





هئا تہ يقيناً اسان اوهان جي لاءِ فتنو (آزمائش) آهيون. پوءِ توهان ڪفر جو ڪم نہ ڪيو پر تنهن هوندي بہ ماڻهو شيطانن کان اهڙا ڪم سکندا هئا جن جي وسيلي مڙس ۽ زال جي وچ ۾ جدائي وجهڻ گهرندا هئا پر هو ڪنهن بہ انسان کي نقصان پهچائي ڪونہ سگهندا هئا. پر خدا جي حڪم سان هونئن ئي ڪنهن کي نقصان پهچڻو هوندو تہ پوءِ اهو پهچندو. ۽ اهي ماڻهو اهڙيون ڳالهيون سکن ٿا جي هنن کي نقصان ٿيون پهچائين نہ فائدو. هنن کي خبر بہ آهي تہ جيڪو بہ (پنهنجو دين ايمان وڪڻي) جادوگري خريد ڪندو تنهن کي آخرت جي ڀلاين مان ڪجهہ بہ نہ ملندو. ڪهڙي نہ خراب شيءِ (خسيس مفادن) جي واسطي هنن پنهنجا ضمير ۽ نفس وڪڻي ڇڏيا. ڪهڙو نہ چڱو ٿئي ها جيڪڏهن هو اها حقيقت ڄاڻن ها. (۱۰۳) جيڪڏهن اهي ماڻهو (خدا جي حڪمن تي) ايمان آڻين ها ۽ نافرماني کان بچن ها تہ هنن کي الله وٽان بهتر اجر ملي ها. ڪهڙو نہ چڱو ٿئي ها جيڪڏهن هو اها حقيقت ڄاڻن ها!

## مسجدن ۾ ذڪر ڪرڻ کان روڪڻ ظلم آهي

وَ مَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ مَّنَعَ مَسٰجِدَ اللّٰهِ اَنْ يُّذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ وَ سَعٰى فِيْ خَرَابِهَا ؕ اُولٰٓئِكَ مَا كَانَ لَهُمْ اَنْ يَّدْخُلُوْهَاۤ اِلَّا خَآئِفِيْنَ ؕ لَهُمْ فِي الدُّنْيَا خِزْيٌ وَّ لَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۱۴﴾ (البقره: ۱۱۴)

(۱۱۴) ۽ ڏسو تہ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿو ٿي سگهي جو الله تعاليٰ جي عبادتگاهن ۾ سندس نالو ياد ڪرڻ کان ٻين کي روڪي ٿو بلڪ ٻين جا عبادتگاهہ ڊاهڻ گهري ٿو؟ يقيناً هو انهيءَ جا لائق ئي ناهن تہ عبادت گاهن ۾ رڳو اندر وڃن، تڏهن وڃن جڏهن خدا جو خوف دل ۾ رکن. مٿي بيان ڪيل ظالمن لاءِ هن دنيا ۾ بہ خواري آهي تہ آخرت ۾ بہ تمام سخت عذاب ملندن.

## خدا جي شاهديءَ کي لڪائڻ ظلم آهي

اَمْ تَقُوْلُوْنَ اِنَّ اِبْرٰهٖمَ وَ اِسْمٰعِيْلَ وَ اِسْحٰقَ وَ يَعْقُوْبَ وَ الْاَسْبَاطَ كَانُوْا هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى ؕ قُلْ ءَاَنْتُمْ اَعْلَمُ اَمِ اللّٰهُ ؕ وَ مَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَتَمَ شَهَادَةً عِنْدَهٗ مِنَ اللّٰهِ ؕ وَ مَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴۰﴾ (البقره: ۱۴۰)



www.sindhsalamat.com

(۱۴۰) يا توهان هيئن ٿا چئو ته حضرت ابراهيم، حضرت اسماعيل، حضرت اسحاق، حضرت يعقوب ۽ حضرت يعقوب جو اولاد يهودي ۽ نصراني هئا؟ ( اي پيغمبر!) تون هنن کان پڇ ته توهان وڌيڪ ڄاڻڻ وارا آهيو يا الله؟ (جيڪڏهن الله تعاليٰ وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ته سندس شاهدي اوهان جي خلاف اوهان جي ڪتاب ۾ موجود آهي) پوءِ ڪير وڌيڪ ظالم آهي انهيءَ کان جو خدا جي شاهدي لڪائي؟ ۽ الله تعاليٰ اوهان جي عملن کان هرگز غافل ناهي. (هو ضرور اوهان کي تباهه ڪندو).

## خدائي هدايت کي لڪائڻ ظلم آهي

اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْتُمُوْنَ مَآ اَنْزَلْنَا مِنَ الْبَيِّنٰتِ وَ الْهُدٰى مِنْۢ بَعْدِ مَا بَيَّنّٰهُ لِلنَّاسِ فِي الْكِتٰبِ ۙ اُولٰٓئِكَ يَلْعَنُهُمُ اللّٰهُ وَ يَلْعَنُهُمُ اللّٰعِنُوْنَ ﴿۱۵۹﴾ (البقره: ۱۵۹)

(۱۵۹) جيڪي ماڻهو (ڪنهن نقصان يا تڪليف جي خوف کان يا ڪنهن لالچ سبب) اسان جي نازل ڪيل سچائي جي روشن دليلن ۽ هدايتن کي لڪائين ٿا جيتوڻيڪ اسان انهن کي انسانن لاءِ ڪتاب ۾ چڱي طرح بيان ڪيو آهي تن تي يقيناً الله تعاليٰ لعنت ڪري ٿو (اهي رحمت کان محروم رهجي وڃن ٿا) ۽ لعنت ڪرڻ وارا به هنن تي لعنت ٿا ڪن.

## شڪ نه ڪريو

اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿۱۴۷﴾ (البقره: ۱۴۷)

(۱۴۷) يقين ڪيو ته (هي قبلي ڦيرائڻ وارو حڪم) اوهان جي پروردگار جي طرف کان حق جو امر آهي. پوءِ متان شڪ آڻڻ وارن منجهان ٿيو.

****

اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُنْ مِّنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿۶۰﴾ (آل عمران: ۶۰)

(۶۰) (اي پيغمبر! حضرت عيسيٰ جي انسان هجڻ بابت جيڪي توکي چيو ويو آهي سو) تنهنجي پروردگار جي طرف کان حق آهي. تنهن ڪري متان شڪ آڻيندڙن منجهان ٿئين. (عيسائي حضرت عيسيٰ کي خدا ڪري مڃن





ٿا، پر هو انسان هو.)

****

وَ الَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْلَمُوْنَ اَنَّهٗ مُنَزَّلٌ مِّنْ رَّبِّكَ بِالْحَقِّ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿۱۱۴﴾ (الانعام: ۱۱۴)

۽ (ڏسو) جن ماڻهن کي (توهان کان اڳي) اسان ڪتاب ڏنو آهي (يعني يهودي ۽ نصاري) سي چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا ته قرآن اوهان جي پروردگار جي طرف کان سچائيءَ سان نازل ٿيو آهي. پوءِ انهن ماڻهن مان نه ٿيو جي (خدا جي فيصلي بابت) شڪ آڻيندڙ آهن.

****

فَاِنْ كُنْتَ فِيْ شَكٍّ مِّمَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ فَسْــَٔلِ الَّذِيْنَ يَقْرَءُوْنَ الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكَ ۚ لَقَدْ جَآءَكَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿۹۴﴾

(يونس: ۹۴)

(۹۴) ۽ جيڪڏهن توهان کي هن ڳالهه ۾ ڪنهن به طرح جو شڪ هجي جيڪا اسان اوهان تي نازل ڪئي آهي ته انهن ماڻهن کان پڇي ڏسو جيڪي اوهان جي زماني کان اڳ جا (خدائي) ڪتاب پڙهندا رهن ٿا (يعني اهل ڪتاب کان پڇي ڏسو) ته يقيناً هي حق آهي جو اوهان جي پروردگار وٽان اوهان تي نازل ٿيو آهي. تنهن ڪري هرگز ائين نه ڪجو جو شڪ آڻيندڙ ٿي پئو.

## ڪافرن کان نه ڊڄو

فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَ اخْشَوْنِيْ ۗ (البقره: ۱۵۰)

پوءِ انهن کان بلڪل نه ڊڄو فقط مون کان ڊڄو

****

اِنَّمَا ذٰلِكُمُ الشَّيْطٰنُ يُخَوِّفُ اَوْلِيَآءَهٗ ۠ فَلَا تَخَافُوْهُمْ وَ خَافُوْنِ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۷۵﴾ (آل عمران: ۱۷۵)



www.sindhsalamat.com

(١٧٥) (۽ هيءَ جو دشمنن جي چاڙتي توهان کي وڏي لشڪر جي ڪوڙي خبر ٻڌائي ڊيڄارڻ ٿي چاهيو) اهو شيطان هو جنهن پنهنجي ساٿين بابت توهان کي ڊيڄارڻ ٿي چاهيو پر جيڪڏهن توهان سچ پچ سچا مؤمن آهيو ته شيطان جي ساٿين کان نه ڊڄوءِ مون کان ٿي ڊڄو.

****

اَلَيۡسَ اللّٰهُ بِكَافٍ عَبۡدَهٗ ؕ (الزمر: ٣٦)

(٣٦) ڇا الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهي (جي مدد ڪرڻ) لاءِ ڪافي ناهي؟

****

فَلَا تَخۡشَوُا النَّاسَ وَ اخۡشَوۡنِ وَ لَا تَشۡتَرُوۡا بِاٰيٰتِيۡ ثَمَنًا قَلِيۡلًا ؕ وَ مَنۡ لَّمۡ يَحۡكُمۡ بِمَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡكٰفِرُوۡنَ ﴿۴۴﴾ (المائده: ٤٤)

پوءِ (اي يهودين جي جماعت وارؤ! حق جي تابعداري ڪرڻ ۾) ماڻهن کان نه ڊڄو. مون کان ڊڄو ۽ منهنجي آيتن کي (دنيائي فائدي جي) ٿورڙي بها تي وڪڻي نه ڇڏيو. (ياد رکو ته) جيڪڏهن ڪو به خدا جي نازل ڪيل ڪتاب مطابق حڪم نه ڏيندو ته اهڙائي ماڻهو آهن جي ڪافر آهن.

## ناشڪري نه ڪيو

فَاذۡكُرُوۡنِيۡۤ اَذۡكُرۡكُمۡ وَ اشۡكُرُوۡا لِيۡ وَ لَا تَكۡفُرُوۡنِ ﴿۱۵۲﴾ (البقره: ١٥٢)

(١٥٢) تنهن ڪري مون کي هر وقت ياد ڪندا رهو (۽ منهنجي حڪمن تي عمل ڪندا رهو) مان به توهان کي نه وساريندس (اوهان کي اجر ۽ ڪاميابي ڏيندس) ۽ منهنجي نعمتن جو (عملاً) قدر ڪريو ۽ بي شڪر نه ٿجو.

****

وَ اِذۡ تَاَذَّنَ رَبُّكُمۡ لَئِنۡ شَكَرۡتُمۡ لَاَزِيۡدَنَّكُمۡ وَ لَئِنۡ كَفَرۡتُمۡ اِنَّ عَذَابِيۡ لَشَدِيۡدٌ ﴿۷﴾

(ابراهيم: ٧)





(٧) (۽ اوهان اهو وقت وساري ڇڏيو آهي ڇا) جڏهن اوهان جي پروردگار (پنهنجي هن قانون جو) اعلان ڪيو هو ته جيڪڏهن توهان شڪر ڪندؤ ته مان اوهان کي اجا به زياده نعمتون بخشيندس ۽ جيڪڏهن ناشڪري ڪندؤ ته پوءِ ياد رکو ته منهنجو عذاب به ڏاڍو سخت عذاب آهي.

## شهيد کي مئل نه چئو

وَ لَا تَقُوۡلُوۡا لِمَنۡ يُّقۡتَلُ فِيۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ اَمۡوَاتٌ ؕ بَلۡ اَحۡيَآءٌ وَّ لٰكِنۡ لَّا تَشۡعُرُوۡنَ ﴿۱۵۴﴾

(البقره: ١٥٤)

(١٥٤) ۽ جيڪي ماڻهو الله جي راهه ۾ قتل ٿين ٿا تن به نسبت ائين نه چئو ته هو مري ويا آهن. نه نه هو زنده آهن. پر توهان هنن جي زندگي ڏسي ۽ سمجهي نٿا سگهو.

****

وَ لَا تَحۡسَبَنَّ الَّذِيۡنَ قُتِلُوۡا فِيۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ اَمۡوَاتًا ؕ بَلۡ اَحۡيَآءٌ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ يُرۡزَقُوۡنَ ﴿۱۶۹﴾

(آل عمران: ١٦٩)

(١٦٩) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪي ماڻهو خدا جي راهه ۾ قتل ٿيا آهن، تن بابت ائين نه سمجهه ته هو مري ويا. نه نه هو جيئرا آهن ۽ پنهنجي پروردگار وٽ پنهنجي روزي حاصل ڪري رهيا آهن.

## شيطان جي پيروي نه ڪيو

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ كُلُوۡا مِمَّا فِي الۡاَرۡضِ حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ وَّ لَا تَتَّبِعُوۡا خُطُوٰتِ الشَّيۡطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَكُمۡ عَدُوٌّ مُّبِيۡنٌ ﴿۱۶۸﴾ (البقره: ١٦٨)

(١٦٨) اي انسانؤ! زمين تي جيڪي به حلال ۽ پاڪ شيون موجود آهن سي بيشڪ شوق سان کائو (پاڻ تي اجايون رڪاوٽون وجهڻ شيطاني وسوسا آهن) توهان شيطان جي نقش قدم تي نه هلو هو اوهان جو کليو کلايو دشمن آهي.

****



www.sindhsalamat.com

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ادْخُلُوْا فِي السِّلْمِ كَاۗفَّةً ۠ وَلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ۭ
اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٢٠٨﴾ (البقره: ٢٠٨)

(٢٠٨) اي ايمان وارؤ! (اعتقاد ۽ عمل جي سيني ڳالهين ۾) پوريءَ طرح (نه رڳو نالي طور) مسلمان (فرمانبردار) ٿيو ۽ خبردار! متان شيطاني وسوسن جي پيروي ڪريو. شيطان ته اوهان جو ظاهر ظهور دشمن آهي.

****

وَمِنَ الْاَنْعَامِ حَمُوْلَةً وَّفَرْشًا ۭ كُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ
الشَّيْطٰنِ ۭ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿١٤٢﴾ (الانعام: ١٤٢)

(١٤٢) ۽ (ڏسو ته) انهيءَ ئي خدا (اوهان جي لاءِ) ڍورن مان ڪي بار کڻڻ لاءِ پيدا ڪيا، (جيئن گڏهه، خچر ۽ اٺ) ۽ ڪي زمين سان لڳل (يعني ننڍي قد وارا جي سواري ۽ بار کڻڻ جي ڪم نٿا اچي سگهن جهڙوڪ رڍون ۽ ٻڪريون) سو جيڪي جيڪي خدا توهان جي روزيءَ لاءِ پيدا ڪيو آهي سو (بي ڌڙڪ) کائو ۽ شيطان جي قدمن تي نه هلو. بيشڪ هو اوهان جو کليو کلايو دشمن آهي.

****

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ۭ وَمَنْ يَّتَّبِعْ خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ
فَاِنَّهٗ يَاْمُرُ بِالْفَحْشَاۗءِ وَالْمُنْكَرِ ۭ وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ مَا زَكٰى
مِنْكُمْ مِّنْ اَحَدٍ اَبَدًا ۙ وَّلٰكِنَّ اللّٰهَ يُزَكِّيْ مَنْ يَّشَاۗءُ ۭ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢١﴾
(النور: ٢١)

(٢١) اي مؤمنؤ! شيطان جي نقش قدم تي نه هلجو (يعني سندس عملن جهڙا عمل نه ڪجو) ۽ جيڪو به شيطان جي نقش قدم تي هلندو سو ته ضرور فاحش ڪم ۽ گناهه ڪرڻ جو ئي حڪم ڏيندو ۽ جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۽ سندس رحمت نه هجي ها ته توهان مان هڪ به (انهيءَ گناهه کان) پاڪ نه هجي ها. پر خدا جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي (سندس دل جو حال ڄاڻي سندس توبه قبول ڪري) پاڪ ڪري ٿو ڇڏي ۽ الله تعاليٰ سڀ ڪجهه





ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

## ڪهڙيون شيون اوهان لاءِ حرام آهن؟

اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةَ وَالدَّمَ وَلَحْمَ الْخِنْزِيْرِ وَمَآ اُهِلَّ بِهٖ لِغَيْرِ اللّٰهِ ۚ فَمَنِ اضْطُرَّ
غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٧٣﴾ (البقره: ١٧٣)

(١٧٣) اوهان لاءِ حرام ڪيل شيون فقط هي آهن، مردار جانور، جانورن جو رت، سوئر جو گوشت ۽ اهو جانور جو الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي هستيءَ جي نالي وٺڻ سان ذبح ڪيو ويو هجي، پر لاچاري حالت ۾ (جڏهن حلال شيون نه ملي سگهن) ڪو ڪائي ته متس گناهه ڪونهي، بشرطيڪ شريعت جي حڪمن کان باغي ٿيڻ جي نيت نه هجيس ۽ انهيءَ انداز کان زيادهه نه ڪائي جيترو حياتي بچائڻ لاءِ ضروري هجي. بيشڪ الله تعاليٰ خطائون معاف ڪندڙ ۽ رحمت وارو آهي.

****

حُرِّمَتْ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةُ وَالدَّمُ وَلَحْمُ الْخِنْزِيْرِ وَمَآ اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ وَ
الْمُنْخَنِقَةُ وَالْمَوْقُوْذَةُ وَالْمُتَرَدِّيَةُ وَالنَّطِيْحَةُ وَمَآ اَكَلَ السَّبُعُ اِلَّا مَا ذَكَّيْتُمْ ۣ وَ
مَا ذُبِحَ عَلَي النُّصُبِ وَاَنْ تَسْتَقْسِمُوْا بِالْاَزْلَامِ ۭ ذٰلِكُمْ فِسْقٌ ۭ (المائده: ٣)

(٣) (مسلمانو!) توهان تي (هي شيون) حرام ڪيون ويون آهن، مردار جانور، رت، سوئر جو گوشت، اهو جانور جنهن تي خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي جو نالو ورتو وڃي، گردن گهٽي ماريل، ڌڪ هڻي ماريل، مٿاهين جاءِ تان ڪري مئل، ڪنهن جانورن جي سڱن سان مريل، جنهن کي ڪنهن ڦاڙيندڙ جانور چيري ڦاڙي کاڌو هجي، پر اهي (حرام ناهن) جن کي توهان (انهن جي مرڻ کان اڳي) ذبح ڪري وٺو. اهو جانور به حرام آهي جو ڪنهن غير الله جي پوڄا جي جاءِ تي ذبح ڪيو وڃي، ۽ جيڪي (گوشت يا ٻيون شيون ڪڍڻ جي نموني يا جوا طور) تيرن سان پاڻ ۾ ورهايو (جيئن عرب جا مشرڪ ڪندا هئا سو به حرام آهي). اها گناهه جي ڳالهه آهي.

****



www.sindhsalamat.com

قُلْ لَّآ اَجِدُ فِيْ مَآ اُوْحِيَ اِلَيَّ مُحَرَّمًا عَلٰى طَاعِمٍ يَّطْعَمُهٗٓ اِلَّآ اَنْ يَّكُوْنَ مَيْتَةً اَوْ دَمًا مَّسْفُوْحًا اَوْ لَحْمَ خِنْزِيْرٍ فَاِنَّهٗ رِجْسٌ اَوْ فِسْقًا اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ ۚ فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَاِنَّ رَبَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۴۵﴾ (الانعام: ۱۴۵)

(۱۴۵) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي تہ جيڪو وحي مون ڏي موڪليو ويو آهي، تنهن ۾ مان ڪائي شيءِ حرام نٿو ڏسان جنهن جو کائڻ کائيندڙن لاءِ حرام هجي، سواءِ ان جي جو مردار (ڏونڊي) هجي يا وهندڙ رت هجي يا سوئر جو گوشت هجي، ڇو تہ بيشڪ اهي شيون غليظ ۽ گنديون آهن. اها شيءِ بہ حرام آهي جا گناهہ ۽ نافرمانيءَ جو سبب بڻجي ٿي جو مٿس خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي جو نالو ورتو وڃي ٿو. ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو (حلال شيءِ نہ ملڻ سبب) مجبور هجي، نافرمانيءَ جي نيت نہ هجيس ۽ ضرورت جي حد کان ٻاهر نہ وڃي (۽ هو جان بچائڻ لاءِ انهن حرام شين مان ڪجهہ کائي) تہ پوءِ بيشڪ تنهنجو پروردگار بخشيندڙ ۽ رحمت ڪندڙ آهي.

****

اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةَ وَالدَّمَ وَلَحْمَ الْخِنْزِيْرِ وَمَآ اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ ۚ فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۱۵﴾ (النحل: ۱۱۵)

(۱۱۵) جيڪي توهان تي حرام ڪيو ويو آهي، سو فقط هي آهي، مردار جانور، (سير واري) رت، سوئر جو گوشت ۽ اهو جانور جو خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي هستيءَ جي نالي ڪيو وڃي. (يا جنهن کي ذبح ڪرڻ وقت ڪنهن ٻئي هستي جو نالو ورتو وڃي.) پوءِ جيڪڏهن ڪو شخص (حلال غذا نہ ملڻ سبب) لاچار ٿئي (۽ ڪا حرام شيءِ کائي)، پر نڪي هو (الله جي حڪم کان) منهن موڙڻ وارو هجي، نڪي (ضرورت جي) حد کان ٻاهر وڃڻ وارو هجي. (فقط جان بچائڻ لاءِ ڪجهہ کائي وٺي) تہ پوءِ الله تعاليٰ بخشڻ وارو ۽ رحمت وارو آهي.

## اعتڪاف جي حالت ۾ مباشرت کان منع

ثُمَّ اَتِمُّوا الصِّيَامَ اِلَى الَّيْلِ ۚ وَلَا تُبَاشِرُوْهُنَّ وَاَنْتُمْ عٰكِفُوْنَ فِي الْمَسٰجِدِ (البقره: ۱۸۷)





پوءِ (پرهہ ڦٽيءَ کان وٺي) رات تائين يعني سج لهڻ تائين روزو پورو ڪيو. پر جيڪڏهن توهان مسجدن ۾ اعتڪاف ڪري رهيا آهيو تہ پوءِ (رات جو بہ) پنهنجي زالن سان همبستر نہ ٿيو.

## ڪنهن جو مال ناحق نہ کائو

وَلَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ وَتُدْلُوْا بِهَآ اِلَى الْحُكَّامِ لِتَاْكُلُوْا فَرِيْقًا مِّنْ اَمْوَالِ النَّاسِ بِالْاِثْمِ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۸﴾ (البقره: ۱۸۸)

(۱۸۸) ۽ هڪ ٻئي جو مال ناجائز طريقن سان نہ کائو. نڪي مال ۽ دولت کي حاڪمن جي دلين تائين پهچڻ جو وسيلو بنايو (رشوت رسائي نہ ڏيو) انهيءَ لاءِ تہ ٻين جي مال مان ڪجهہ حصو ناحق طور کائي وڃو اگرچہ ڄاڻو بہ ٿا (تہ اهو وڏو ظلم آهي رشوت ڏيڻ ۽ پرائو حق کائڻ ڪبيرا گناهہ آهن).

****

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَ تِجَارَةً عَنْ تَرَاضٍ مِّنْكُمْ ۣ وَلَا تَقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ (النساء: ۲۹)

(۲۹) مؤمنؤ! هڪ ٻئي جو مال پاڻ ۾ ناحق (ناجائز طور بيهودين ڳالهين ۾) نہ کائي کپائي ڇڏيو. پر جيڪڏهن گڏيل ڏنڌو واپار هجي تہ پوءِ هڪ ٻئي جي رضامنديءَ سان (مناسب طور) کائي سگهو ٿا. متان پنهنجي جانين کي برباد ڪري ڇڏيو.

## جنگ ۾ بہ زيادتي نہ ڪيو

وَقَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَكُمْ وَلَا تَعْتَدُوْا ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿۱۹۰﴾ (البقره: ۱۹۰)

(۱۹۰) ۽ جيڪي ماڻهو توهان سان اڳرائي ڪري لڙائي ڪن تن سان الله جي راهہ ۾ بهادريءَ سان وڙهو پر ڪنهن بہ طرح ضرورت جي حد کان ٻاهر نہ وڃجو. الله تعاليٰ انهن کي پسند نٿو ڪري جيڪي حدن کان ٻاهر ٿا وڃن



www.sindhsalamat.com

(خود لڙائي جي حالت ۾ بہ دوکي بازي، بي رحمي، ڦرلٽ ٻارن ۽ زالن کي قتل ڪرڻ وغيره وغيره حرام آهن).

## حرم ۾ لڙائي نہ ڪيو

وَلَا تُقٰتِلُوْهُمْ عِنْدَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ حَتّٰى يُقٰتِلُوْكُمْ فِيْهِۚ فَاِنْ قٰتَلُوْكُمْ فَاقْتُلُوْهُمْؕ كَذٰلِكَ جَزَآءُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۹۱﴾ (البقره: ۱۹۱)

هو پاڻ توهان سان ڪعبة الله جي حدن ۾ نہ وڙهن تيستائين توهان بہ اتي هنن سان نہ وڙهو. پوءِ جيڪڏهن هو پاڻ لڙائي ڪن تہ پوءِ توهان بہ بيشڪ لڙائي ڪيو، حق جي منڪرن لاءِ سندن ظلم جو بدلو اهوئي هئڻ گهرجي.

## پنهنجو پاڻ کي هلاڪت ۾ نہ وجهو

وَلَا تُلْقُوْا بِاَيْدِيْكُمْ اِلَى التَّهْلُكَةِ (البقره: ۱۹۵)

۽ پاڻ کي پنهنجي هٿن سان هلاڪت ۾ نہ وجهو.

## حج ۾ نہ ڪرڻ جون ڳالهيون

فَلَا رَفَثَ وَلَا فُسُوْقَۙ وَلَا جِدَالَ فِى الْحَجِّ (البقره: ۱۹۷)

پوءِ (حج جي حالت ۾ اچي چڪو) نڪي عورتن ڏانهن رغبت ڪري نڪي ڪو گناهہ جو ڪم ڪري، نڪي جهيڙو جنگ ڪري.

## نعمتن جي ڪفر جي سزا ۽ تقويٰ جي جزا

سَلْ بَنِىْٓ اِسْرَآءِيْلَ كَمْ اٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ اٰيَةٍۢ بَيِّنَةٍؕ وَمَنْ يُّبَدِّلْ نِعْمَةَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۲۱۱﴾ زُيِّنَ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَيَسْخَرُوْنَ مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْاۘ وَالَّذِيْنَ اتَّقَوْا فَوْقَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِؕ وَاللّٰهُ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿۲۱۲﴾ (البقره: ۲۱۱، ۲۱۲)





(۲۱۱) بني اسرائيلن کان پڇو تہ اسان هنن کي سچائي جون ڪيتريون نہ چٽيون نشانيون ڏنيون هيون ۽ جيڪڏهن ڪوئي هنن وانگر خدا جي ڏنل نعمت (صحيح هدايتن) کي مٽائي (باطل ۽ برائي جي واٽ) وٺي ٿو تہ پوءِ خدا جو جزا ۽ سزا وارو قانون بہ سزا ڏيڻ ۾ تمام سخت آهي. (۲۱۲) ڪافرن کي هن دنيا جي (عيش عشرت واري) زندگي تمام سهڻي ۽ وڻندڙ ٿي لڳي. هو ايمان وارن جي (هاٺوڪي مسڪينائي جي حالت ڏسي) مسخري ٿا ڪن، پر اهي پرهيزگار مسڪين قيامت جي ڏينهن هنن (ڪافرن) جي ڀيٽ ۾ وڏي مرتبي وارا هوندا. (حق جا منڪر ايترو بہ نٿا ڄاڻن تہ اهي مسڪين خدا جي فضل سان سڀاڻي مالدار ٿي سگهن ٿا) الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي بي حساب گهڻو رزق ڏئي ٿو.

## حرمت وارن مهينن ۾ قتل جي منع ۽ فتنو قتل کان وڏو گناهہ آهي

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الشَّهْرِ الْحَرَامِ قِتَالٍ فِيْهِؕ قُلْ قِتَالٌ فِيْهِ كَبِيْرٌؕ وَصَدٌّ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَكُفْرٌۢ بِهٖ وَالْمَسْجِدِ الْحَرَامِۗ وَاِخْرَاجُ اَهْلِهٖ مِنْهُ اَكْبَرُ عِنْدَ اللّٰهِۚ وَالْفِتْنَةُ اَكْبَرُ مِنَ الْقَتْلِ (البقره: ۲۱۷)

(۲۱۷) (اي پيغمبر!) توکان ماڻهو پڇن ٿا تہ حرمت واري مهيني ۾ لڙائي ڪرڻ بہ نسبت حڪم ڪيئن آهي، هنن کي چئو تہ ان ۾ لڙائي ڪرڻ وڏي برائي آهي. پر انسانن کي الله جي راهہ کان روڪڻ حق کان انڪار ڪرڻ، ڪعبة الله ۾ وڃڻ کان منع ڪرڻ ۽ پڻ مڪي جي مسلمانن کي مڪي مان تڙي ڪڍڻ الله وٽ سڀني گناهن کان وڏو گناهہ آهي ۽ فتنو (يعني ظلم ۽ فساد خصوصاً مذهبي تعصب کان ڪيل ظلم) قتل ۽ خونريزيءَ کان بہ وڌيڪ خراب آهي

## مرتد ٿي وڃڻ جي سزا

وَلَا يَزَالُوْنَ يُقَاتِلُوْنَكُمْ حَتّٰى يَرُدُّوْكُمْ عَنْ دِيْنِكُمْ اِنِ اسْتَطَاعُوْاؕ وَمَنْ يَّرْتَدِدْ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَيَمُتْ وَهُوَ كَافِرٌ فَاُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِۚ



www.sindhsalamat.com

وَ اُولٰٓىِٕكَ اَصۡحٰبُ النَّارِ ۚ هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۲۱۷﴾ (البقره: ۲۱۷)

۽ (ياد رکو) تہ هي ماڻهو توهان سان لڙائي ڪندا رهندا جيستائين (جيڪڏهن ٿي سگهي) توهان کي توهان جي دين کان ڦيرائي ڇڏين. پر توهان مان جيڪو شخص پنهنجي دين کان ڦري ويندو ۽ ڪفر جي حالت ۾ مري ويندو تہ پوءِ ياد رکو تہ هن جو شمار انهن ماڻهن ۾ ٿيندو جن جا عمل دنيا خواهہ آخرت ۾ ضايع ٿي ويا. اهڙا ماڻهو دوزخي آهن ۽ هميشہ دوزخ جي عذاب ۾ هوندا.

## شراب، جواءِ فال وجهڻ جي حرمت

يَسۡـَٔلُوۡنَكَ عَنِ الۡخَمۡرِ وَ الۡمَيۡسِرِ ؕ قُلۡ فِيۡهِمَاۤ اِثۡمٌ كَبِيۡرٌ وَّ مَنَافِعُ لِلنَّاسِ ۫ وَ اِثۡمُهُمَاۤ اَكۡبَرُ مِنۡ نَّفۡعِهِمَا (البقره: ۲۱۹)

(۲۱۹) (اي پيغمبر!) ڪي ماڻهو توکان شراب ۽ جوا بابت سوال پڇن ٿا. هنن کي چئو تہ انهن ٻنهي شين ۾ نقصان تمام وڏو آهي ۽ انسان لاءِ فائدا بہ آهن پر انهن جو نقصان انهن جي فائدن کان گهڻو وڏو آهي.

****

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِنَّمَا الۡخَمۡرُ وَ الۡمَيۡسِرُ وَ الۡاَنۡصَابُ وَ الۡاَزۡلَامُ رِجۡسٌ مِّنۡ عَمَلِ الشَّيۡطٰنِ فَاجۡتَنِبُوۡهُ لَعَلَّكُمۡ تُفۡلِحُوۡنَ ﴿۹۰﴾ اِنَّمَا يُرِيۡدُ الشَّيۡطٰنُ اَنۡ يُّوۡقِعَ بَيۡنَكُمُ الۡعَدَاوَةَ وَ الۡبَغۡضَآءَ فِي الۡخَمۡرِ وَ الۡمَيۡسِرِ وَ يَصُدَّكُمۡ عَنۡ ذِكۡرِ اللّٰهِ وَ عَنِ الصَّلٰوةِ ۚ فَهَلۡ اَنۡتُمۡ مُّنۡتَهُوۡنَ ﴿۹۱﴾ (المائده: ۹۰،۹۱)

(۹۰) مؤمنؤ! بيشڪ شراب، جوا، باطل ديوتائن جا نشان (مثلاً پٿر) ۽ تيرن سان فال وجهڻ يا قسمت آزمائي ڪرڻ اهي سڀ شيطاني عملن جي گندگي آهن. تنهن ڪري انهن کان پري رهو انهيءَ لاءِ تہ ڪامياب ٿيو. (۹۱) شيطان تہ اهوئي چاهي ٿو تہ شراب ۽ جوا جي وسيلي اوهان ۾ دشمني ۽ بغض پيدا ڪري ۽ اوهان کي خدا جي يادگيري ۽ نماز کان روڪي ڇڏي. پوءِ (ٻڌايو تہ اهڙين بڇڙائين کان) باز ايندؤ يا نہ؟





## مشرڪ سان نڪاح نہ ڪيو

وَ لَا تَنۡكِحُوا الۡمُشۡرِكٰتِ حَتّٰى يُؤۡمِنَّ ؕ وَ لَاَمَةٌ مُّؤۡمِنَةٌ خَيۡرٌ مِّنۡ مُّشۡرِكَةٍ وَّ لَوۡ اَعۡجَبَتۡكُمۡ ۚ وَ لَا تُنۡكِحُوا الۡمُشۡرِكِيۡنَ حَتّٰى يُؤۡمِنُوۡا ؕ وَ لَعَبۡدٌ مُّؤۡمِنٌ خَيۡرٌ مِّنۡ مُّشۡرِكٍ وَّ لَوۡ اَعۡجَبَكُمۡ ؕ اُولٰٓىِٕكَ يَدۡعُوۡنَ اِلَى النَّارِ ۖۚ وَ اللّٰهُ يَدۡعُوۡۤا اِلَى الۡجَنَّةِ وَ الۡمَغۡفِرَةِ بِاِذۡنِهٖ ۚ وَ يُبَيِّنُ اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمۡ يَتَذَكَّرُوۡنَ ﴿۲۲۱﴾ (البقره: ۲۲۱)

(۲۲۱) مشرڪ عورتن سان جيستائين هو مسلمان نہ ٿين نڪاح نہ ڪيو. هڪ مشرڪ عورت اوهان کي ظاهري طرح ڪيترو بہ وڻي تہ بہ مؤمن عورت هن کان گهڻو بهتر آهي. ساڳيءَ طرح مشرڪ مرد جيستائين ايمان نہ آڻي ڪيس مؤمن عورت نڪاح ۾ نہ ڏني وڃي. يقيناً خدا جو مؤمن ٻانهو هڪ مشرڪ مرد کان بهتر آهي، اگرچہ اهو مشرڪ ظاهر ۾ اوهان کي پسند اچي. اهي مشرڪ اوهان کي (پنهنجي دين کان ڦيرائڻ چاهين ٿا) ۽ دوزخ جي طرف سڏين ٿا ۽ الله تعاليٰ پنهنجي حڪم سان اوهان کي (حق جو دين سيکاري) جنت ۾ مغفرت جي طرف سڏي رهيو آهي. (اهڙيءَ طرح) الله تعاليٰ ماڻهن جي رهنمائيءَ لاءِ پنهنجون نشانيون ۽ هدايتون چٽيون ڪري ٿو ٻڌائي تہ خبردار ٿين ۽ نصيحت تي عمل ڪن.

## حيض وارن ڏينهن ۾ جماع جي حرمت

وَ يَسۡـَٔلُوۡنَكَ عَنِ الۡمَحِيۡضِ ؕ قُلۡ هُوَ اَذًى ۙ فَاعۡتَزِلُوا النِّسَآءَ فِي الۡمَحِيۡضِ ۙ وَ لَا تَقۡرَبُوۡهُنَّ حَتّٰى يَطۡهُرۡنَ ۚ فَاِذَا تَطَهَّرۡنَ فَاۡتُوۡهُنَّ مِنۡ حَيۡثُ اَمَرَكُمُ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيۡنَ وَ يُحِبُّ الۡمُتَطَهِّرِيۡنَ ﴿۲۲۲﴾ (البقره: ۲۲۲)

(۲۲۲) اي پيغمبر! ماڻهو توکان عورتن جي حيض (ماهانہ ڪپڙا اچڻ) بابت پڇن ٿا. انهن کي ٻڌاءِ تہ اهو ايذاءُ جو وقت آهي تنهن ڪري انهن ڏينهن ۾ عورتن سان همبستر نہ ٿيو ۽ انهن کان پري رهو جيستائين حيض جي حالت کان پاڪ ۽ صاف ٿين. پوءِ جڏهن صاف ۽ پاڪ ٿين تڏهن ڀل توهان هنن سان اهڙيءَ طرح ميل جول رکو جهڙيءَ طرح الله تعاليٰ حڪم ڪيو آهي



www.sindhsalamat.com

(يعني الله تعاليٰ جي فطرتي قانونن موجب عمل ڪيو) بيشڪ الله تعاليٰ انهن
ڪي حب ٿو ڪري جيڪي الله تعاليٰ جي حڪمن ڏي رجوع ٿا ٿين ۽ گناهن
کان پناهه ٿا گهرن ۽ انهن ڪي حب ٿو ڪري جيڪي (ظاهري توڙي باطني)
صفائي ۽ پاڪائي رکندڙ آهن.

## قسمن ڪي چڱائي ڪان رکجڻ جو بهانو نه بڻايو

وَلَا تَجْعَلُوا اللّٰهَ عُرْضَةً لِّاَيْمَانِكُمْ اَنْ تَبَرُّوْا وَتَتَّقُوْا وَتُصْلِحُوْا بَيْنَ النَّاسِ ۭ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٢٤﴾ (البقره: ٢٢٤)

(٢٢٤) ائين نه ڪيو جو ڪنهن سان چڱائي ڪرڻ يا ڪو پرهيزگاريءَ جو
ڪم ڪرڻ يا ماڻهن جي وچ ۾ صلح ڪرڻ جي خلاف قسم کڻي پوءِ الله جي
نالي کي نيڪيءَ جي ڪم کي ڇڏي ڏيڻ لاءِ بهانو بڻايو. (يعني پهريائين ته
چڱي ڪم جي خلاف قسم کڻو ۽ پوءِ عذر ڏيو ته مان خدا جو قسم کنيو آهي
تنهن ڪري هي ڪم ڪونه ڪندس) ياد رکو ته الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ٻڌندڙ
۽ ڄاڻندڙ آهي.

****

لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغْوِ فِيْٓ اَيْمَانِكُمْ وَلٰكِنْ يُّؤَاخِذُكُمْ بِمَا عَقَّدْتُّمُ الْاَيْمَانَ ۚ فَكَفَّارَتُهٗٓ اِطْعَامُ عَشَرَةِ مَسٰكِيْنَ مِنْ اَوْسَطِ مَا تُطْعِمُوْنَ اَهْلِيْكُمْ اَوْ كِسْوَتُهُمْ اَوْ تَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ ۭ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ اَيَّامٍ ۭ ذٰلِكَ كَفَّارَةُ اَيْمَانِكُمْ اِذَا حَلَفْتُمْ ۭ وَاحْفَظُوْٓا اَيْمَانَكُمْ ۭ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٨٩﴾

(المائده: ٨٩)

(٨٩) الله تعاليٰ اوهان کان انهن قسمن بابت پڇاڻو يا سختي نه ڪندو جي
خالي بڪواس ۽ بي معنيٰ آهن. پر انهن بابت باز پرس ڪندو جي ڄاڻي
ٻجهي کنيا اٿو پوءِ (جيڪڏهن اهڙو قسم ٽوڙڻو پوي ته) ان جو ڪفارو
(عيوضو) آهي ڏهن مسڪينن کي ماني کارائڻ درمياني ماني جهڙي پنهنجي
ٻارن ٻچن کي کارايو ٿا, يا (ڏهن مسڪينن کي) ڪپڙا پهرائڻ يا هڪڙو غلام





آزاد ڪرڻ ۽ جيڪڏهن (انهن ٽن مان) ڪابه حاصل ٿي نه سگهي ته پوءِ
لاڳيتا ٽي ڏينهن روزا رکجن. اهو توهان جي قسمن جو ڪفارو آهي. جي
توهان (ڄاڻي ٻجهي) کنيا آهن. پر توهان کي گهرجي ته پنهنجي قسمن جي
پوري نگهباني ڪيو (جيئن ٽوڙڻا نه پون) اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ پنهنجون
آيتون اوهان جي لاءِ چٽيون ڪري ٿو ڇڏي, انهيءَ لاءِ ته شڪرگذار رهو (۽
سندس هدايتن جو قدر ڪري انهن تي عمل ڪيو).

## حيض ۽ حمل کي لڪائڻ کان منع

وَلَا يَحِلُّ لَهُنَّ اَنْ يَّكْتُمْنَ مَا خَلَقَ اللّٰهُ فِيْٓ اَرْحَامِهِنَّ اِنْ كُنَّ يُؤْمِنَّ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۭ وَبُعُوْلَتُهُنَّ اَحَقُّ بِرَدِّهِنَّ فِيْ ذٰلِكَ اِنْ اَرَادُوْٓا اِصْلَاحًا (البقره: ٢٢٨)

۽ جيڪڏهن اهي عورتون الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿيون ته هنن
لاءِ جائز ناهي ته جا شيءِ الله تعاليٰ هنن جي پيٽ ۾ خلقي آهي سا لڪائي
ڇڏين (ڇو ته جيڪڏهن ٻار پيٽ ۾ آهي ته پوءِ عدت تيستائين هلندي
جيستائين ٻار ڄمي ممڪن آهي ته ٻار ئي زال مڙس جي نهڻ جو سبب بڻجي
وڃي) ۽ انهن جي مڙسن کي حق آهي ته جيڪڏهن انهي عدت جي اندر صلح
۽ ناهه لاءِ تيار ٿي وڃن ته پوءِ طلاق ڏنل زال کي پنهنجي زال ڪري ڏسن.

## طلاق ڏيڻ کان پوءِ مهر واپس وٺڻ جي منع

وَلَا يَحِلُّ لَكُمْ اَنْ تَاْخُذُوْا مِمَّآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ شَيْـًٔا (البقره: ٢٢٩)

توهان جي لاءِ جائز ناهي ته جيڪي توهان پنهنجي زالن کي (مهر ۽ ٻيون
سوکڙيون, زيور, ڪپڙا وغيره) ڏيئي ڇڏيو آهي تنهن مان ڪجهه طلاق ڏيڻ
وقت موٽائي وٺو.

## عورتن کي ظلم ۽ زيادتي لاءِ نه رکو

وَلَا تُمْسِكُوْهُنَّ ضِرَارًا لِّتَعْتَدُوْا ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ

(البقره: ٢٣١)



www.sindhsalamat.com

ائين نه ٿئي جو هنن کي نقصان پهچائڻ لاءِ روڪي رکو ۽ مٿس ظلم ڪيو. (نڪي زال ڪري وهاريو نڪي وڃڻ ڏيوس جيئن اڳي بت پرست عرب ڪندا هئا) جيڪو ائين ڪندو سو پنهنجوئي نقصان ڪندو.

## طلاق کي مذاق نه بڻايو

وَلَا تَتَّخِذُوْٓا اٰيٰتِ اللّٰهِ هُزُوًا ۡ وَّاذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَمَآ اَنْزَلَ عَلَيْكُمْ مِّنَ الْكِتٰبِ وَالْحِكْمَةِ يَعِظُكُمْ بِهٖ ۭ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٢٣١﴾

(البقره: ٢٣١)

ائين نه ڪيو جو الله جي حڪمن کي کيل تماشو بنائي ڇڏيو (اڄ نڪاح ڪيو سڀاڻي طلاق ڏني) پاڻ تي الله جون نعمتون ياد ڪيو. الله تعاليٰ ڪتاب ۽ حڪمت مان جو ڪجهه نازل ڪيو آهي ۽ جنهن سان اوهان کي چڱيون نصيحتون ڏئي ٿو (سي ڪڏهن نه وسارجو) ۽ الله کان ڊڄو ۽ پڪ ڄاڻو ته بيشڪ الله تعاليٰ کي هر شيءِ جو علم آهي.

## طلاق کان پوءِ عورتن کي ٻئي نڪاح کان نه روڪيو

وَاِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَبَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا تَعْضُلُوْهُنَّ اَنْ يَّنْكِحْنَ اَزْوَاجَهُنَّ اِذَا تَرَاضَوْا بَيْنَهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ ۭ ذٰلِكَ يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ كَانَ مِنْكُمْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۭ ذٰلِكُمْ اَزْكٰى لَكُمْ وَاَطْهَرُ ۭ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٣٢﴾ (البقره: ٢٣٢)

(٢٣٢) ۽ جڏهن اوهان عورتن کي طلاق ڏيئي ڇڏي آهي ۽ هنن پنهنجي عدت پوري ڪئي آهي ته پوءِ جيڪڏهن اهي مناسب طريقي سان ڪنهن سان نڪاح ڪرڻ چاهين، جڏهن ته ٻئي ڌريون پاڻ ۾ راضي آهن، (ته اهڙيءَ صورت ۾) توهان هنن کي هرگز نه روڪيو. توهان منجهان جيڪو به الله ۽ آخرت ۾ ايمان رکي ٿو، تنهن کي هن حڪم جي وسيلي نصيحت ڪئي وڃي ٿي. انهيءَ ۾ توهان جي لاءِ وڏيڪ برڪت ۽ پاڪائي آهي. الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو پر توهان نٿا ڄاڻو.





## احسان جتائڻ ۽ اذيت ڏيڻ کان منع

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُبْطِلُوْا صَدَقٰتِكُمْ بِالْمَنِّ وَالْاَذٰى ۙ كَالَّذِيْ يُنْفِقُ مَالَهٗ رِئَآءَ النَّاسِ وَلَا يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۭ فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ صَفْوَانٍ عَلَيْهِ تُرَابٌ فَاَصَابَهٗ وَابِلٌ فَتَرَكَهٗ صَلْدًا ۭ لَا يَقْدِرُوْنَ عَلٰي شَيْءٍ مِّمَّا كَسَبُوْا ۭ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٦٤﴾ (البقره: ٢٦٤)

(٢٦٤) اي ايمان وارو! ماڻهن تي ٿورو ٿڦڻ سان يا ايذاءُ پهچائڻ سان پنهنجي خيرات کي برباد نه ڪري ڇڏيو. جهڙيءَ طرح اهو ماڻهو پاڻ کي برباد ڪندو آهي جو ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ پنهنجو مال خرچ ڪندو آهي ۽ الله ۽ آخرت ۾ ايمان ڪونهيس. اهڙن ماڻهن جو مثال اهڙو آهي جهڙي پٿر جي هڪ چٽ. ان چٽ تي مٽي پئجي ويئي آهي (۽ ان ۾ ٻج ڇٽيو ويو آهي) جڏهن زور سان مينهن وسيو تڏهن مٽي ٻج سميت وهي هلي وئي ۽ فقط هڪ صاف سخت چٽ وڃي رهي. (اهوئي حال آهي ڏيکاءُ ۽ ناموس لاءِ خيرات ڪندڙن جو) انهن (خيرات ڪري) جو ڪجهه به ڪمايو سو (رياڪاري سببان) ضايع ٿي ويو. هن کي ڪجهه به هٿ نه آيو ۽ حقيقت هيءَ آهي ته الله تعاليٰ انهن کي سنئين واٽ نٿو ڏيکاري جيڪي ڪفر جي واٽ ٿا وٺن.

## اٽوٽندڙ شين جو صدقو نه ڪڍو

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْفِقُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا كَسَبْتُمْ وَمِمَّآ اَخْرَجْنَا لَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ ۠ وَلَا تَيَمَّمُوا الْخَبِيْثَ مِنْهُ تُنْفِقُوْنَ وَلَسْتُمْ بِاٰخِذِيْهِ اِلَّآ اَنْ تُغْمِضُوْا فِيْهِ ۭ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ﴿٢٦٧﴾ (البقره: ٢٦٧)

(٢٦٧) اي مؤمنو! جيڪي توهان ڪمايو ٿا ۽ جيڪي اسان توهان لاءِ زمين مان پيدا ڪيون ٿا انهن مان پاڪ ۽ چڱيون شيون خدا جي راهه ۾ خرچ ڪيو. ائين نه ڪيو جو ڪا ردي ۽ خراب شيءِ خدا جي نالي تي خيرات ڪيو. اهڙي شيءِ جيڪر اوهان کي ملي ته ڪڏهن به نه وٺو. پرڄاڻي ٻجهي اکيون بند ڪري وٺو ته پوءِ ٻي ڳالهه آهي. ياد رکو ته الله تعاليٰ بي نياز ۽ سڀني چڱين صفتن سان ڪامل طرح موصوف آهي. (هن کي اوهان جي ڪنهن به



www.sindhsalamat.com

شيءِ جو احتياج ڪونهي، چڱين شين جي خيرات ڪرڻ مان توهان کي سعادت ۽ نجات ملندي.

## وياج جي حرمت

اَلَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ الرِّبٰوا لَا يَقُوْمُوْنَ اِلَّا كَمَا يَقُوْمُ الَّذِیْ يَتَخَبَّطُهُ الشَّيْطٰنُ مِنَ الْمَسِّ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْۤا اِنَّمَا الْبَيْعُ مِثْلُ الرِّبٰوا ۘ وَ اَحَلَّ اللّٰهُ الْبَيْعَ وَ حَرَّمَ الرِّبٰوا ؕ فَمَنْ جَآءَهٗ مَوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ فَانْتَهٰى فَلَهٗ مَا سَلَفَ ؕ وَ اَمْرُهٗۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ وَ مَنْ عَادَ فَاُولٰٓىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۲۷۵﴾ يَمْحَقُ اللّٰهُ الرِّبٰوا وَ يُرْبِی الصَّدَقٰتِ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ كَفَّارٍ اَثِيْمٍ ﴿۲۷۶﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتَوُا الزَّكٰوةَ لَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۲۷۷﴾ (البقره: ۲۷۵ کان ۲۷۷)

(٢٧٥) جي ماڻهو (گهرج وارن جي مدد ڪرڻ بدران اٽلندو انهن کان) وياج وٺي پيٽ پالن ٿا اهي (انهيءَ ظلم جو نتيجو ڏسندا) ۽ اٿي بيهي به ڪين سگهندا پر جي بيهندا ته انهي ماڻهو وانگر جنهن کي شيطان جي ڇهڻ سان چريائي ٿي وئي هجي (يا مرگهيءَ جي بيماريءَ ۾ گرفتار هجي.) هي انهيءَ ڪري ٿيندو جو هنن (وياج کي ناجائز نه سمجهيو ۽) چيائون ته واپار به وياج وٺڻ وانگر آهي، پر الله تعاليٰ واپار ڪري نفعو ڪمائڻ کي حلال ٺهرايو آهي ۽ وياج کي حرام ڪيو. (ٻنهي ۾ زمين آسمان جو تفاوت آهي) سو هاڻي جنهن ماڻهو کي پنهنجي رب وٽان هي حڪم پهچي ته آئنده وياج وٺڻ بند ڪري، تنهن کي اڳيون ورتل وياج وٽس ئي هجي ۽ هن جو معاملو الله وٽ آهي پر جيڪڏهن آئنده به ڪو ماڻهو (وياج وٺڻ کان) باز نه ايندو ته پوءِ هو دوزخي جماعت منجهان آهي ۽ هميشه عذاب ۾ رهندو. (٢٧٦) الله تعاليٰ وياج مان کوٽ ۽ تباهي ڏئي ٿو ۽ خيرات لاءِ برڪت ۽ واڌارو ٿو ڏئي ۽ ياد رکو ته الله تعاليٰ انهن کي ناپسند ٿو ڪري جي الله تعاليٰ جا بي شڪر ۽ نافرمان آهن.

(٢٧٧) جي ماڻهو الله تي سچو ايمان رکن ٿا ۽ سندن عمل به چڱا آهن پڻ نماز قائم ڪن ٿا ۽ زڪوت ڪين ٿا تن کي يقيناً سندن پروردگار وٽان اجر ملندو، نڪي هنن کي ڪنهن به قسم جو خوف خطرو رهندو نڪي ڪا غمگيني.

****





يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ذَرُوْا مَا بَقِیَ مِنَ الرِّبٰۤوا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۲۷۸﴾ فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا فَاْذَنُوْا بِحَرْبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ ۚ وَ اِنْ تُبْتُمْ فَلَكُمْ رُءُوْسُ اَمْوَالِكُمْ ۚ لَا تَظْلِمُوْنَ وَ لَا تُظْلَمُوْنَ ﴿۲۷۹﴾ (البقره: ۲۷۸،۲۷۹)

(٢٧٨) اي مؤمنو! جيڪڏهن توهان کي سچ پچ ايمان آهي ته خدا جو خوف رکو ۽ جيڪو وياج قرضدارن وٽ رهجي ويو آهي سو ڇڏي ڏيو. (٢٧٩) جيڪڏهن توهان ائين نه ڪيو ته پوءِ الله ۽ ان جي رسول سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار رهو. (الله جي حڪمن جي خلاف عمل ڪرڻ آهي الله ۽ رسول سان جنگ ڪرڻ) پر جيڪڏهن انهي ڪم کان توبه ڪري باز اچو ته پوءِ توهان جي لاءِ هي حڪم آهي ته پنهنجي اصلي رقم وٺو ۽ وياج ڇڏي ڏيو نڪو توهان ڪنهن تي ظلم ڪيو نڪي توهان تي ظلم ڪيو وڃي.

****

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوا الرِّبٰۤوا اَضْعَافًا مُّضٰعَفَةً ۪ وَّ اتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۱۳۰﴾ (آل عمران: ۱۳۰)

(١٣٠) مؤمنو! وياج نه کائو جو (مور ۾ گڏجي ٿو ته اصل رقم) ٻيڻي چوڻي ٿي وڃي ٿي. الله کان ڊڄو (۽ سندس نافرمانيءَ کان بچو) انهيءَ لاءِ توهان ڪامياب ٿيو (۽ نعمتون حاصل ڪيو).

****

وَ مَاۤ اٰتَيْتُمْ مِّنْ رِّبًا لِّيَرْبُوَا۠ فِیْۤ اَمْوَالِ النَّاسِ فَلَا يَرْبُوْا عِنْدَ اللّٰهِ ۚ وَ مَاۤ اٰتَيْتُمْ مِّنْ زَكٰوةٍ تُرِيْدُوْنَ وَجْهَ اللّٰهِ فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْمُضْعِفُوْنَ ﴿۳۹﴾ (الروم: ۳۹)

(٣٩) ۽ توهان جيڪي ڏيو ٿا انهيءَ لاءِ ته ماڻهن جي مال ملڪيت مان، وياج سان (يا ٻين ناجائز طريقن سان) دولت هٿ ڪيون ۽ وڌايون سا الله وٽ هرگز ڪانه وڌندي (بلڪ الله تعاليٰ اوهان کي مصيبتن هيٺ آڻيندو) پر جيڪي توهان صدقن ۽ زڪوات طور خدا جي راضپي جي طلب ۾ ائين ڪيو ٿا (سا دولت بيشڪ وڌندي ۽ پاڪ ٿيندي) اهڙن ئي ماڻهن کي (الله وٽان) وڌندڙ انعام ۽ نعمتون ملنديون.



www.sindhsalamat.com

## ڪافرن سان دوستيءَ رکڻ کان منع

لَا يَتَّخِذِ الْمُؤْمِنُوْنَ الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَلَيْسَ مِنَ اللّٰهِ فِيْ شَيْءٍ اِلَّآ اَنْ تَتَّقُوْا مِنْهُمْ تُقٰىةً ۗ وَيُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ نَفْسَهٗ ۗ وَ اِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ﴿۲۸﴾ (آل عمران: ۲۸)

(۲۸) ايمان وارن کي ائين ڪرڻ نہ گھرجي جو مؤمنن کي ڇڏي حق جي منڪرن کي پنهنجو دوست ۽ مددگار بڻائين. جيڪو ائين ڪري تہ سو ياد رکي تہ پوءِ هن کي الله تعاليٰ وٽان ڪا بہ مدد ڪانہ ملندي پر جيڪڏهن اهڙي حالت پيش اچي وڃي جو هنن جي شرارت کان پاڻ بچائڻو پوي تہ پوءِ ان حالت ۾ ائين ڪري سگهو ٿا. ياد رکو تہ الله تعاليٰ بہ اوهان کي (پنهنجي پڪڙ ۽ سزا کان) خبردار ڪري رهيو آهي ۽ آخر تہ توهان کي الله ڏانهن ئي موٽڻو آهي.

****

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا بِطَانَةً مِّنْ دُوْنِكُمْ (آل عمران: ۱۱۸)

(۱۱۸) مؤمنو! پنهنجن ماڻهن کان سواءِ ٻين کي پنهنجو همراز ۽ حال محرم نہ بنايو

****

فَلَا تَتَّخِذُوْا مِنْهُمْ اَوْلِيَآءَ حَتّٰى يُهَاجِرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۗ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَخُذُوْهُمْ وَاقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ وَجَدْتُّمُوْهُمْ ۠ وَلَا تَتَّخِذُوْا مِنْهُمْ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿۸۹﴾ (النساء: ۸۹)

پوءِ جيستائين اهي ماڻهو (مڪي جا منافق) الله جي راهہ ۾ هجرت نہ ڪن (۽ دشمنن کي ڇڏي توهان وٽ نہ اچن) تيستائين توهان هنن مان ڪنهن کي بہ پنهنجو دوست ۽ مددگار نہ بنايو پر جيڪڏهن هو هجرت ڪرڻ قبول نہ ڪن تہ (جنگ جي حالت ۾ دشمنن جو ساٿي بہ دشمن آهي تنهن ڪري) جتي بہ ڪين ڏسو اتي ڪين گرفتار ڪيو يا قتل ڪيو ۽ انهن مان ڪنهن کي بہ پنهنجو دوست نہ بنايو نڪي پنهنجو مددگار بنايو.

****





يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ اَتُرِيْدُوْنَ اَنْ تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ عَلَيْكُمْ سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿۱۴۴﴾ (النساء: ۱۴۴)

(۱۴۴) مؤمنو! متان مؤمنن کي ڇڏي ڪافرن کي (جي توهان سان لڙائيءَ ۾ آهن ۽ اوهان کي برباد ڪرڻ چاهين ٿا) پنهنجو دوست ۽ مددگار بنايو ڇا توهان چاهيو ٿا تہ خدا جو چٽو الزام پاڻ تي کڻو.

****

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الْيَهُوْدَ وَالنَّصٰرٰۤى اَوْلِيَآءَ ۘ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ۗ وَمَنْ يَّتَوَلَّهُمْ مِّنْكُمْ فَاِنَّهٗ مِنْهُمْ ۗ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۵۱﴾

(المائده: ۵۱)

(۵۱) مؤمنو! يهودين ۽ عيسائين کي (جيڪي توهان جي خلاف اٿي ڪڙا ٿيا آهن) پنهنجو رفيق ۽ مددگار نہ بنايو هو (اوهان جي مخالفت ۾) هڪ ٻئي جا مددگار آهن ۽ (هاڻي) توهان مان جيڪو هنن کي پنهنجو رفيق ۽ مددگار بنائيندو سو انهن مان سمجهيو ويندو. الله تعاليٰ انهيءَ قوم کي (ڪاميابي ۽ سعادت) جي واٽ نٿو ڏيکاري جيڪا ظلم ڪندڙ آهي.

****

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَكُمْ هُزُوًا وَّلَعِبًا مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَالْكُفَّارَ اَوْلِيَآءَ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۵۷﴾

(المائده: ۵۷)

(۵۷) مؤمنو! جن کي اوهان کان اڳ ۾ ڪتاب ڏنو ويو آهي (يهودين ۽ نصارن) ۽ (مڪي جي) ڪافرن مان جيڪي اوهان جي دين تي ٽوڪون مسخريون ڪري رهيا آهن، تن کي توهان پنهنجو رفيق ۽ مددگار نہ بنايو ۽ الله (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو جيڪڏهن توهان سچ پچ ايمان وارا آهيو.

****



www.sindhsalamat.com

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَتَّخِذُوۡۤا اٰبَآءَكُمۡ وَاِخۡوَانَكُمۡ اَوۡلِيَآءَ اِنِ اسۡتَحَبُّوا الۡكُفۡرَ عَلَى الۡاِيۡمَانِ ؕ وَمَنۡ يَّتَوَلَّهُمۡ مِّنۡكُمۡ فَاُولٰٓـئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوۡنَ ﴿۲۳﴾ (التوبہ: ٢٣)

(٢٣) اي مؤمنؤ! جيڪڏهن توهان جا پيئر ۽ توهان جا ڀائر ايمان جي مقابلي ۾ ڪفر کي وڌيڪ پيارو رکن ته انهن کي پنهنجو رفيق ۽ ڪارساز نه بڻايو ۽ جيڪڏهن اوهان مان جيڪو به انهن کي رفيق ۽ ڪارساز بڻائيندو ته اهو اهڙن ماڻهن مان هوندو جيڪي (پاڻ تي) ظلم ڪرڻ وارا آهن.

****

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَتَّخِذُوۡا عَدُوِّىۡ وَعَدُوَّكُمۡ اَوۡلِيَآءَ تُلۡقُوۡنَ اِلَيۡهِمۡ بِالۡمَوَدَّةِ وَقَدۡ كَفَرُوۡا بِمَا جَآءَكُمۡ مِّنَ الۡحَـقِّ ۚ (الممتحنہ: ١)

(١) ايمان وارؤ! اوهين منهنجن دشمنن ۽ پنهنجن دشمنن (ڪافرن) کي دوست نه بڻايو! اوهين انهن ڏي دوستيءَ جا پيغام موڪليو ٿا. هوڏانهن جيڪو حق اوهان وٽ آيو آهي، ان جو اهي انڪار ڪري چڪا آهن.

****

اِنۡ يَّثۡقَفُوۡكُمۡ يَكُوۡنُوۡا لَـكُمۡ اَعۡدَآءً وَّيَبۡسُطُوۡۤا اِلَيۡكُمۡ اَيۡدِيَهُمۡ وَاَلۡسِنَتَهُمۡ بِالسُّوۡٓءِ وَوَدُّوۡا لَوۡ تَكۡفُرُوۡنَ ﴿۲﴾ (الممتحنہ: ٢)

(٢) جيڪڏهن اوهين انهن جي هٿ اچي ويندؤ ته (پوءِ ڏسندؤ ڪيئن) هو اوهان جا دشمن ٿي پوندا ۽ اوهان ڏي بڇڙائيءَ سان پنهنجو هٿ ۽ زبانون ڊگهيون (ڪري هر قسم جون اذيتون) ڏيندا ۽ هي خواهش اٿن ته اوهين (دين کان منحرف ٿي وري) ڪافر ٿيو.

****

لَا يَنۡهٰٮكُمُ اللّٰهُ عَنِ الَّذِيۡنَ لَمۡ يُقَاتِلُوۡكُمۡ فِى الدِّيۡنِ وَلَمۡ يُخۡرِجُوۡكُمۡ مِّنۡ دِيَارِكُمۡ اَنۡ تَبَرُّوۡهُمۡ وَتُقۡسِطُوۡۤا اِلَيۡهِمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الۡمُقۡسِطِيۡنَ ﴿۸﴾ اِنَّمَا يَنۡهٰٮكُمُ اللّٰهُ عَنِ الَّذِيۡنَ قَاتَلُوۡكُمۡ فِى الدِّيۡنِ وَاَخۡرَجُوۡكُمۡ مِّنۡ دِيَارِكُمۡ وَظٰهَرُوۡا عَلٰٓى اِخۡرَاجِكُمۡ اَنۡ





تَوَلَّوۡهُمۡ ۚ وَمَنۡ يَّتَوَلَّهُمۡ فَاُولٰٓـئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوۡنَ ﴿۹﴾ (الممتحنہ: ٨، ٩)

(٨) الله اوهان کي انهن کان نٿو جهلي جن نه اوهان سان دين جي باري ۾ جنگ ڪئي ۽ نه اوهان کي پنهنجن گهرن مان ٻاهر ڪڍيو ته (انهيءَ صورت ۾) اوهين انهن سان ڀلائي ڪريو ۽ انهن سان انصاف جو معاملو ڪريو. بيشڪ الله ته انصاف وارن کي پيارو رکي ٿو. (٩) الله رڳو اوهان کي انهن کان جهلي ٿو جن اوهان سان دين جي باري ۾ جنگ ڪئي ۽ اوهان کي پنهنجن گهرن مان ٻاهر ڪڍيو ۽ اوهان جي ڪڍڻ ۾ مدد ڪئي ته (ان صورت ۾) اوهين انهن سان دوستي نه رکو ۽ جيڪي ساڻن دوست رکندا سي ئي (مسلمانن سان) زيادتي ڪندڙ آهن.

## انصاف جي فضيلت

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَتَوَلَّوۡا قَوۡمًا غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيۡهِمۡ قَدۡ يَئِسُوۡا مِنَ الۡاٰخِرَةِ كَمَا يَئِسَ الۡكُفَّارُ مِنۡ اَصۡحٰبِ الۡقُبُوۡرِ ﴿۱۳﴾ (الممتحنہ: ١٣)

(١٣) اي ايمان وارؤ! اوهين اهڙي قوم سان دوستي نه رکو جن تي الله (خدائي نظام جي مخالفت جي بنياد تي) ڪاوڙيو آهي. اهي آخرت کان اهڙا نااميد ٿيا آهن جيئن ڪافر قبرن وارن (جي ٻيهر جيئري ٿيڻ) کان نااميد ٿيا.

## فرقا فرقا نه ٿجو

وَاعۡتَصِمُوۡا بِحَبۡلِ اللّٰهِ جَمِيۡعًا وَّلَا تَفَرَّقُوۡا ۚ وَاذۡكُرُوۡا نِعۡمَتَ اللّٰهِ عَلَيۡكُمۡ اِذۡ كُنۡتُمۡ اَعۡدَآءً فَاَلَّفَ بَيۡنَ قُلُوۡبِكُمۡ فَاَصۡبَحۡتُمۡ بِنِعۡمَتِهٖۤ اِخۡوَانًا ۚ وَكُنۡتُمۡ عَلٰى شَفَا حُفۡرَةٍ مِّنَ النَّارِ فَاَنۡقَذَكُمۡ مِّنۡهَا ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَـكُمۡ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمۡ تَهۡتَدُوۡنَ ﴿۱۰۳﴾

(آل عمران: ١٠٣)

(١٠٣) ۽ (اي مؤمنؤ!) سڀ ملي هڪ ٿي الله جي رسيءَ کي مضبوط جهليو ۽ جدا جدا نه ٿيو ۽ الله تعاليٰ جي اوهان تي اها نعمت ياد رکو جو ڪڏهن ته پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا دشمن هئؤ پر (هاڻي) الله تعاليٰ اوهان جون دليون محبت ۾ ڳنڍي ڇڏيون آهن ۽ سندس فضل ۽ ڪرم سان هڪ ٻئي جا ڀائر ٿي ويا آهيو.



www.sindhsalamat.com

توهان جي حالت ته هي هئي جو توهان باهه سان ڀريل اونهيءَ کڏ جي ڪناري تي بيٺا هئو (ذرو به ڀير ترڪيو ته ڌو باهه ۾). پر الله تعاليٰ توهان کي ان کان بچائي ورتو. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ پنهنجون آيتون (حڪم ۽ نشانيون) چٽيون ڪري ٻڌائي ٿو انهيءَ لاءِ ته من توهان (سعادت جي) راهه وٺو.

****

وَلَا تَكُونُوا كَالَّذِينَ تَفَرَّقُوا وَاخْتَلَفُوا مِنْ بَعْدِ مَا جَاءَهُمُ الْبَيِّنَاتُ ۚ وَأُولَٰئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ عَظِيمٌ ﴿١٠٥﴾ (آل عمران: ١٠٥)

(١٠٥) (اي مؤمنو! متان انهن ماڻهن (يهودين) وانگر ٿيو جي (خدا جي دين تي هڪ ٿي رهڻ بدران) جدا جدا ٿيا ۽ اگرچ وٽن (الـــهي ڪتابن جا) روشن دليل اچي چڪا هئا، تڏهن به هڪ ٻئي سان اختلاف ڪياءون. يقين ڪيو ته اهي ئي ماڻهو آهن جن جي لاءِ وڏو سخت عذاب آهي.

## ڪنهن محرومي يا مصيبت تي غمگين نه ٿيو

فَأَثَابَكُمْ غَمًّا بِغَمٍّ لِكَيْلَا تَحْزَنُوا عَلَىٰ مَا فَاتَكُمْ وَلَا مَا أَصَابَكُمْ ۗ وَاللَّهُ خَبِيرٌ بِمَا تَعْمَلُونَ ﴿١٥٣﴾ (آل عمران:١٥٣)

الله به اوهان کي غم پٺيان غم ڏنو. انهيءَ لاءِ ته (هن حادثي مان عبرت وٺو ۽ آئينده) نڪي انهي لاءِ غم ڪيو جيڪي اوهان جي هٿن مان هليو ويو هجي، نڪي انهيءَ مصيبت تي غم ڪيو جا اوهان جي مٿان ڪڙڪي. جيڪي جيڪي اوهان ڪيو ٿا تنهن جي الله تعاليٰ خبر رکندڙ آهي.

## ڪافرن وانگر نه ٿيو

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تَكُونُوا كَالَّذِينَ كَفَرُوا وَقَالُوا لِإِخْوَانِهِمْ إِذَا ضَرَبُوا فِي الْأَرْضِ أَوْ كَانُوا غُزًّى لَوْ كَانُوا عِنْدَنَا مَا مَاتُوا وَمَا قُتِلُوا لِيَجْعَلَ اللَّهُ ذَٰلِكَ حَسْرَةً فِي قُلُوبِهِمْ ۗ وَاللَّهُ يُحْيِي وَيُمِيتُ ۗ وَاللَّهُ بِمَا تَعْمَلُونَ بَصِيرٌ ﴿١٥٦﴾

(آل عمران:١٥٦)





(١٥٦) اي ايمان وارؤ! اوهان انهن وانگر نه ٿيو جن ڪفر جي واٽ ورتي آهي ۽ جڏهن سندن ڀائر ڪنهن سفر تي وڃن ٿا يا لڙائي ڪن ٿا ۽ اهي مري يا مارجي وڃن ٿا ته پوءِ اهي چوڻ لڳن ٿا ته جيڪڏهن هو اسان وٽ هجن ها ته نڪي مرن ها، نڪي مارجن ها. (خدا پرستن جي دلين ۾ اهڙا غلط خيال خطرا نه ٿا اچن ۽ هي ڳالهه جا توهان کي چئي وئي سا هن لاءِ ته) انهيءَ ڳالهه کي (يعني اوهان جي بي خوفي ۽ ايمان جي مضبوطيءَ کي) الله تعاليٰ ڪافرن جي دلين لاءِ حسرت ۽ ارمان بڻائي (ته ڪنهن به حالت ۾ اوهان کي بي همت نه ڪري سگهن. ياد رکو ته) الله ئي زنده رکندڙ ۽ ماريندڙ آهي ۽ جيڪي جيڪي توهان ڪيو ٿا سو سڀ ڪجهه الله تعاليٰ ڏسي ٿو.

## بخل نه ڪريو

وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِينَ يَبْخَلُونَ بِمَا آتَاهُمُ اللَّهُ مِنْ فَضْلِهِ هُوَ خَيْرًا لَهُمْ ۖ بَلْ هُوَ شَرٌّ لَهُمْ ۖ سَيُطَوَّقُونَ مَا بَخِلُوا بِهِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ (آل عمران:١٨٠)

(١٨٠) جن ماڻهن کي الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان رزق ڏنو آهي ۽ هو اهو مال خرچ ڪرڻ ۾ ڪنجوسائي ڪن ٿا سي ائين نه سمجهن ته ائين ڪرڻ سان هنن کي ڪا چڱائي رسندي (نه نه) بلڪ ان مان هنن لاءِ وڏي برائي آهي. جلد قيامت جي ڏينهن اهو مال متاع جنهن کي گڏ ڪري روڪي رکڻ لاءِ ڪنجوسائي ڪن ٿا، تنهن مان (عذابن جو) ڳٽ ناهي هنن جي ڳچين ۾ وڌو ويندو

****

وَأَمَّا مَنْ بَخِلَ وَاسْتَغْنَىٰ ﴿٨﴾ وَكَذَّبَ بِالْحُسْنَىٰ ﴿٩﴾ فَسَنُيَسِّرُهُ لِلْعُسْرَىٰ ﴿١٠﴾ وَمَا يُغْنِي عَنْهُ مَالُهُ إِذَا تَرَدَّىٰ ﴿١١﴾ (الليل: ٨ کان ١١)

(٨) ۽ جنهن شخص بخيليءَ جي واٽ ورتي ۽ بي پرواهي ڪئي. (٩) ۽ (هن دنيا ۾ الله جي بيابت واري) تمام چڱي ڳالهه کي ڪوڙو ڪيو. (١٠) ته ان کي (پنهنجي گرفت واري قانون سان) تمام مشڪل رستي تي لڳائي ڇڏينداسون. (١١) ۽ سندس مال ان کي ڪم نه ايندو جڏهن هو (تباهين جي) کڏ ۾ ڪرندو.



www.sindhsalamat.com

## يتيمن جي مال ڪي ناقص مال سان نہ متايو

وَ اٰتُوا الْيَتٰمٰٓى اَمْوَالَهُمْ وَ لَا تَتَبَدَّلُوا الْخَبِيْثَ بِالطَّيِّبِ وَ لَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَهُمْ اِلٰٓى اَمْوَالِكُمْ اِنَّهٗ كَانَ حُوْبًا كَبِيْرًا ﴿۲﴾ (النساء: ٢)

(٢) ۽ يتيمن جو مال (ايمانداريءَ سان) سندن حوالي ڪيو (جڏهن هو وڏا ٿين). ائين نہ ڪيو جو هنن جي ڪنهن چڱي شيءِ جي بدران پنهنجي ڪا ردي شيءِ هنن کي ڏيو ۽ هنن جو مال پنهنجي مال سان ملائي کائي ڇڏيو. يقيناً ائين ڪرڻ (يتيمن جو مال هضم ڪرڻ) تمام وڏي گناهہ جي ڳالهہ آهي. (اڄ ڪلهہ وڏا پائر يا چاچا گڏيل ملڪيت مان پاڻ لاءِ وڏا وڏا خرچ ڪن ٿا، حالانڪ صغيرن جي ملڪيت مان رڳو هڪ پئسو خيرات ڏيڻ بہ جائز ناهي.)

****

وَ ابْتَلُوا الْيَتٰمٰى حَتّٰٓى اِذَا بَلَغُوا النِّكَاحَ فَاِنْ اٰنَسْتُمْ مِّنْهُمْ رُشْدًا فَادْفَعُوْٓا اِلَيْهِمْ اَمْوَالَهُمْ وَ لَا تَاْكُلُوْهَآ اِسْرَافًا وَّ بِدَارًا اَنْ يَّكْبَرُوْا وَ مَنْ كَانَ غَنِيًّا فَلْيَسْتَعْفِفْ وَ مَنْ كَانَ فَقِيْرًا فَلْيَاْكُلْ بِالْمَعْرُوْفِ فَاِذَا دَفَعْتُمْ اِلَيْهِمْ اَمْوَالَهُمْ فَاَشْهِدُوْا عَلَيْهِمْ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ حَسِيْبًا ﴿۶﴾ (النساء: ٦)

(٦) ۽ يتيمن جي سنڀال ڪندي انهن کي آزمائيندا رهو (تہ هنن جي سمجهہ ڪيتري قدر آهي) جيستائين ڪ هو نڪاح جي عمر کي پهچن. پوءِ جيڪڏهن انهن ۾ قابليت ۽ سڌارو ڏسو تہ انهن جو مال سندن حوالي ڪري ڇڏيو ۽ متان وڏا اجايا خرچ ڪري جلد جلد انهن جو مال کائي کپائي ڇڏيو انهيءَ خيال کان تہ وڏا ٿيندا ( تہ مال موٽائي وٺندا. اوهان سنڀاليندڙن مان جيڪو غني يعني آسودو هجي تنهن کي گهرجي تہ (هنن جي مال مان پنهنجي لاءِ ڪجهہ بہ خرچ ڪرڻ کان) پرهيز ڪري، پر جيڪو مسڪين محتاج هجي سو ان مان ڪجهہ پاڻ لاءِ ڪم آڻي پر انصاف سان مناسب حدن اندر. پوءِ جڏهن هنن جو مال سندن حوالي ڪيو تڏهن ان تي ماڻهن کي شاهد ڪيو ۽ ياد رکو تہ الله تعاليٰ چڱيءَ طرح پورو حساب وٺندڙ آهي.

****





اِنَّ الَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ اَمْوَالَ الْيَتٰمٰى ظُلْمًا اِنَّمَا يَاْكُلُوْنَ فِيْ بُطُوْنِهِمْ نَارًا وَ سَيَصْلَوْنَ سَعِيْرًا ﴿۱۰﴾ (النساء: ١٠)

(١٠) جيڪي ماڻهو بي انصافيءَ سان يتيمن جو مال هڙپ ڪري ٿا وڃن سي (ياد رکن) تہ هو پنهنجي پيٽن ۾ باهہ جا ٽانڊا وجهي رهيا آهن ۽ جلد ئي هو دوزخ جي سخت ڇپي ڪندڙ باهہ ۾ اڇلايا ويندا.

****

وَ لَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّا بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ (الانعام: ١٥٢)

(١٥٢) ۽ (اهڙيءَ طرح) يتيمن جي مال ملڪيت کي بہ ويجهو نہ وڃو (يعني ان تي قبضو ڪرڻ يا ان مان ڪجهہ هضم ڪرڻ جو ارادو بہ نہ ڪيو) سواءِ هنن جي جو چڱي طريقي (۽ نيت) سان (ان جو انتظام رکو) (يعني يتيمن جي فائدي ۽ سنڀال لاءِ سندن مال ملڪيت جي نگهباني ڪرڻ چاهيو) سو بہ تيستائين جيستائين اهي يتيم پنهنجي (سمجهہ ۽ طاقت جي) عمر کي پهچي وڃن

## ڪم عقل يتيمن کي انهن جو مال نہ ڏيو

وَ لَا تُؤْتُوا السُّفَهَآءَ اَمْوَالَكُمُ الَّتِيْ جَعَلَ اللّٰهُ لَكُمْ قِيٰمًا وَّ ارْزُقُوْهُمْ فِيْهَا وَ اكْسُوْهُمْ وَ قُوْلُوْا لَهُمْ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ﴿۵﴾ وَ ابْتَلُوا الْيَتٰمٰى حَتّٰٓى اِذَا بَلَغُوا النِّكَاحَ فَاِنْ اٰنَسْتُمْ مِّنْهُمْ رُشْدًا فَادْفَعُوْٓا اِلَيْهِمْ اَمْوَالَهُمْ وَ لَا تَاْكُلُوْهَآ اِسْرَافًا وَّ بِدَارًا اَنْ يَّكْبَرُوْا وَ مَنْ كَانَ غَنِيًّا فَلْيَسْتَعْفِفْ وَ مَنْ كَانَ فَقِيْرًا فَلْيَاْكُلْ بِالْمَعْرُوْفِ فَاِذَا دَفَعْتُمْ اِلَيْهِمْ اَمْوَالَهُمْ فَاَشْهِدُوْا عَلَيْهِمْ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ حَسِيْبًا ﴿۶﴾ (النساء: ٦،٥)

(٥) اوهان جو مال متاع جنهن کي الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ گذران جو وسيلو بنايو آهي سو بي سمجهہ ماڻهن جي حوالي نہ ڪري ڇڏيو (متان اجايو برباد ڪري ڇڏين) (يعني ننڍي عمر وارن نادان ڇوڪرن جي حوالي نہ ڪيو) مگر هيئن ڪيو جو هنن جي مال مان هنن کي کارايو پيئاريو ۽ لٽو ڪپڙو ڏيو ۽ چڱيون ڳالهيون هنن کي سمجهايو (تعليم ۽ تربيت ڏيو). (٦) ۽ يتيمن جي



www.sindhsalamat.com

سنڀال ڪندي انهن کي آزمائيندا رهو (ته هنن جي سمجھ ڪيتري قدر آهي) جيستائين ڪه هو نڪاح جي عمر کي پهچن، پوءِ جيڪڏهن انهن ۾ قابليت ۽ سڌارو ڏسو ته انهن جو مال سندن حوالي ڪري ڇڏيو ۽ متان وڏا اجايا خرچ ڪري جلد جلد انهن جو مال کائي کپائي ڇڏيو انهيءَ خيال کان ته وڏا ٿيندا ( ته مال موٽائي وٺندا. اوهان سنڀاليندڙن مان) جيڪو غني يعني آسودو هجي تنهن کي گهرجي ته (هنن جي مال مان پنهنجي لاءِ ڪجھ به خرچ ڪرڻ کان) پرهيز ڪري، پر جيڪو مسڪين محتاج هجي سو ان مان ڪجھ پاڻ لاءِ ڪم آڻي، پر انصاف سان مناسب حدن اندر. پوءِ جڏهن هنن جو مال سندن حوالي ڪيو تڏهن ان تي ماڻهن کي شاهد ڪيو ۽ ياد رکو ته الله تعاليٰ چڱيءَ طرح پورو حساب وٺندڙ آهي.

## عورتن جا ڏاڍ سان وارث نه بڻجو

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَحِلُّ لَكُمْ اَنْ تَرِثُوا النِّسَآءَ كَرْهًا ؕ وَ لَا تَعْضُلُوْهُنَّ لِتَذْهَبُوْا بِبَعْضِ مَآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيْنَ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ (النساء: ١٩)

(١٩) مؤمنؤ! توهان جي لاءِ هيءَ ڳالھ جائز ناهي ته عورتن کي (فوتيءَ جي) ميراث سمجهي (فوتيءَ جي مال سان گڏ) انهن تي زور سان قبضو ڪيو. نڪي اوهان کي ائين ڪرڻ گهرجي جو جيڪو (مهر يا مال متاع) انهن کي ڏنو هجيو ان مان ڪجھ کائڻ وٺڻ لاءِ مٿن سختي ڪيو ۽ انهن کي روڪي ويهاريو. سواءِ ان حالت جي جڏهن هو ظاهر ظهور فاحش ڪم ڪندڙ هجن.

## پيءُ جي گهر وارين سان نڪاح نه ڪيو

وَلَا تَنْكِحُوْا مَا نَكَحَ اٰبَآؤُكُمْ مِّنَ النِّسَآءِ اِلَّا مَا قَدْ سَلَفَ ؕ اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً وَّ مَقْتًا ؕ وَ سَآءَ سَبِيْلًا ﴿٢٢﴾ (النساء: ٢٢)

(٢٢) ۽ انهن عورتن کي پنهنجي نڪاح ۾ نه آڻيو جن کي توهان جي والد نڪاح ۾ آندو هو (عرب اڳي ائين ڪندا هئا) هن کان اڳي جو ڪجھ ٿي چڪو سو ٿي چڪو. (ائنده لاءِ ياد رکو ته) اهو وڏو فاحش ڪم هو. نفرت جهڙو ڪم هو ۽ ڪنو بڇڙو دستور هو.





## نسب جا محرم رشتا

حُرِّمَتْ عَلَيْكُمْ اُمَّهٰتُكُمْ وَ بَنٰتُكُمْ وَ اَخَوٰتُكُمْ وَ عَمّٰتُكُمْ وَ خٰلٰتُكُمْ وَ بَنٰتُ الْاَخِ وَ بَنٰتُ الْاُخْتِ وَ اُمَّهٰتُكُمُ الّٰتِيْٓ اَرْضَعْنَكُمْ وَ اَخَوٰتُكُمْ مِّنَ الرَّضَاعَةِ وَ اُمَّهٰتُ نِسَآئِكُمْ وَ رَبَآئِبُكُمُ الّٰتِيْ فِيْ حُجُوْرِكُمْ مِّنْ نِّسَآئِكُمُ الّٰتِيْ دَخَلْتُمْ بِهِنَّ ۫ فَاِنْ لَّمْ تَكُوْنُوْا دَخَلْتُمْ بِهِنَّ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ ۫ وَ حَلَآئِلُ اَبْنَآئِكُمُ الَّذِيْنَ مِنْ اَصْلَابِكُمْ ۙ وَ اَنْ تَجْمَعُوْا بَيْنَ الْاُخْتَيْنِ اِلَّا مَا قَدْ سَلَفَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٢٣﴾ وَّ الْمُحْصَنٰتُ مِنَ النِّسَآءِ اِلَّا مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ۚ كِتٰبَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ ۚ وَ اُحِلَّ لَكُمْ مَّا وَرَآءَ ذٰلِكُمْ اَنْ تَبْتَغُوْا بِاَمْوَالِكُمْ مُّحْصِنِيْنَ غَيْرَ مُسٰفِحِيْنَ ؕ فَمَا اسْتَمْتَعْتُمْ بِهٖ مِنْهُنَّ فَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ فَرِيْضَةً ؕ وَ لَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا تَرٰضَيْتُمْ بِهٖ مِنْۢ بَعْدِ الْفَرِيْضَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿٢٤﴾ (النساء: ٢٣، ٢٤)

(23) هنن عورتن سان نڪاح ڪرڻ اوهان لاءِ حرام ٺهرايو ويو آهي، اوهان جون مائر، اوهان جون ڌيئر، اوهان جون ڀينر، اوهان جون ڦڦيون، اوهان جون ماسيون، اوهان جون ڀائٽيون، اوهان جون ڀاڻيجيون، اوهان کي ٿڃ پيارڻ واريون مائرون، ٿڃ واريون ڀينر، توهان جي زالن جون مائر، توهان جي زالن جي اڳين مڙسن جون ڌيئر جي توهان جي سنڀال هيٺ آيون آهن، جيڪڏهن توهان پنهنجي زالن سان همبستر ٿي چڪا آهيو پر جيڪڏهن (نڪاح جو عقد ٻڌل آهي پر) زالن سان اڃا همبستر نه ٿيا آهيو پوءِ (انهن کي طلاق ڏيئي) انهن جي ڌيئرن کي نڪاح ۾ آڻيو ته اوهان تي گناهه ڪونهي، توهان جي حقيقي پٽن جون زالون (به اوهان کي حرام آهن) ۽ (پڻ هي ڳالھ به حرام ڪيل آهي ته هڪ ئي وقت ۾) ٻن ڀينرن کي نڪاح ۾ آڻيو. (هن حڪم جي نازل ٿيڻ کان) اڳي جيڪي ٿيو سو ٿيو، الله تعاليٰ بيشڪ بخشيندڙ ۽ رحمت وارو آهي. (٢٤) ۽ اهي عورتون به (اوهان تي حرام آهن) جيڪي ٻين جي نڪاح ۾ هجن سواءِ انهن جي جيڪي (لڙائيءَ ۾ قيد ٿي) اوهان جي قبضي ۾ آيون هجن (ڇو ته انهن جي اڳئين نڪاح متعلق تحقيقات ڪري نه ٿي سگهجي). هي الله جي طرف کان توهان جي لاءِ قانون مقرر ڪيو ويو آهي، جن عورتن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو تن کي ڇڏي ٻيون سڀ عورتون توهان جي لاءِ حلال



www.sindhsalamat.com

ڪيون ويون آهن. بشرطيڪ پاڪدامن رهڻ لاءِ نہ شهوت پرستيءَ لاءِ. مهر وغيره ڏيئي (انهن سان نڪاح ڪيو) پوءِ جن عورتن سان توهان نڪاح جو فائدو ورتو آهي تن کي مقرر ڪيل مهر ڏئي ڇڏيو. ۽ مهر مقرر ڪرڻ بعد جيڪڏهن هڪ ٻئي جي رضامندي سان ڪا ڳالهہ ٺهرايو (يعني زال مهر مان ڪجهہ معاف ڪري ڇڏي) تہ پوءِ ائين ڪري سگهو ٿا. ان لاءِ توهان تي ڏوهہ ڪونہ رکيو ويندو. بيشڪ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

## قتل ۽ خودڪشي نہ ڪيو

وَلَا تَقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا ﴿٢٩﴾ (النساء: ٢٩)

متان پنهنجي جانين کي برباد ڪري ڇڏيو. الله تعاليٰ توهان تي رحم ڪندڙ آهي.

****

وَلَا تَقْتُلُوا النَّفْسَ الَّتِىْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ ؕ وَمَنْ قُتِلَ مَظْلُوْمًا فَقَدْ جَعَلْنَا لِوَلِيِّهٖ سُلْطٰنًا فَلَا يُسْرِفْ فِّى الْقَتْلِ ؕ اِنَّهٗ كَانَ مَنْصُوْرًا ﴿٣٣﴾ (بني اسرائيل: ٣٣)

(٣٣) ۽ ڪنهن بہ اهڙي شخص کي ناحق قتل نہ ڪيو جنهن کي قتل ڪرڻ الله تعاليٰ حرام ٺهرايو آهي ۽ جيڪو بہ ظلم سان قتل ڪيو وڃي تنهن جي وارثن کي اسان (قصاص جي گهر ڪرڻ جو) اختيار ڏيئي ڇڏيو آهي، پر ڪيس گهرجي تہ خونريزيءَ ۾ زيادتي نہ ڪري (يعني حق کان وڌيڪ بدلو وٺڻ جو خيال نہ ڪري) هو (حد جي اندر رهڻ ۾) مدد جو حقدار ٺهرايل آهي. (يعني ڪيس ٻين ماڻهن خواهہ سرڪاري قانون جي مدد ٿي ملي.)

****

وَالَّذِيْنَ لَا يَدْعُوْنَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ وَلَا يَقْتُلُوْنَ النَّفْسَ الَّتِىْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ وَلَا يَزْنُوْنَ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ يَلْقَ اَثَامًا ﴿٦٨﴾ (الفرقان: ٦٨)

(٦٨) ۽ اهي (سچا بندا آهن) جيڪي خدا سان گڏ ٻين ديوتائن کي نٿا





پڪارين، نڪي سواءِ حق جي ڪنهن بہ ساهدار (جانور يا ماڻهو) کي قتل ٿا ڪن جن کي قتل ڪرڻ خدا تعاليٰ حرام ٺهرايو آهي، نڪي زنا ٿا ڪن. جيڪو بہ اهي (ئي) ڪم ڪري ٿو سو (نہ رڳو) اهڙن (سخت) گناهن جي سزا ڀوڳيندو. (پر)

## ڪبيرا گناهن کان بچو

اِنْ تَجْتَنِبُوْا كَبَآئِرَ مَا تُنْهَوْنَ عَنْهُ نُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَنُدْخِلْكُمْ مُّدْخَلًا كَرِيْمًا ﴿٣١﴾ (النساء: ٣١)

(٣١) ۽ جن ڪبيرن گناهن کان توهان کي منع ڪئي ويئي آهي تن کان جيڪڏهن توهان پاڻ کي بچائيندؤ تہ (اسان جي فضل ۽ رحمت جو قانون هي آهي تہ) اسان توهان جي ننڍين اوڻاين ۽ غلطين جا اثر توهان مان ميساري ڇڏينداسين ۽ توهان کي عزت (۽ نيڪيءَ) جي درجي تي پهچائينداسين.

## نصيبن ۾ اجائي تمنا نہ ڪيو

وَلَا تَتَمَنَّوْا مَا فَضَّلَ اللّٰهُ بِهٖ بَعْضَكُمْ عَلٰى بَعْضٍ ؕ لِلرِّجَالِ نَصِيْبٌ مِّمَّا اكْتَسَبُوْا ؕ وَلِلنِّسَآءِ نَصِيْبٌ مِّمَّا اكْتَسَبْنَ ؕ وَسْـَٔلُوا اللّٰهَ مِنْ فَضْلِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُلِّ شَىْءٍ عَلِيْمًا ﴿٣٢﴾ (النساء: ٣٢)

(٣٢) الله تعاليٰ توهان مان ڪن کي وڌيڪ رزق (۽ ٻيو ڪجهہ) ڏنو آهي. پوءِ ان بابت ريس يا لالچ يا حسد نہ رکو (خصوصاً جيئن) مرد کي پنهنجي عملن ۽ ڪمائي جي ڦل تي حق ۽ حصو آهي (تيئن) عورت کي بہ پنهنجي عملن ۽ ڪمائي جي ڦل تي حق ۽ حصو آهي. (هڪ ٻئي سان ريس ۽ ساڙ نہ ڪيو نڪي هڪ ٻئي ۾ لالچ رکو بلڪ) خدا کان سندس فضل ۽ نعمتون گهرو. بيشڪ الله تعاليٰ هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي.

## بي خبري ۾ نمازون نہ پڙهو

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقْرَبُوا الصَّلٰوةَ وَاَنْتُمْ سُكٰرٰى حَتّٰى تَعْلَمُوْا مَا تَقُوْلُوْنَ



www.sindhsalamat.com

وَلَا جُنُبًا اِلَّا عَابِرِيْ سَبِيْلٍ حَتّٰى تَغْتَسِلُوْا (النساء: ٤٣)

(٤٣) مومنؤ! نشي جي حالت ۾ نماز جو ارادو نہ ڪيو. (تڏهن نماز پڙهو جڏهن) جيڪي زبان سان (نماز ۾) چئو سو چڱيءَ طرح سمجهو ۽ جنهن کي تڙ پيل هجي سو بہ جيستائين غسل نہ ڪري تيستائين نماز جو ارادو نہ ڪري. واٽ ويندڙ مسافر هجي ۽ پاڻي نہ مليس تہ تيمم ڪري نماز پڙهي سگهي ٿو

## ظالمن کان فيصلا نہ ڪرايو

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يَزْعُمُوْنَ اَنَّهُمْ اٰمَنُوْا بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَ مَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّتَحَاكَمُوْٓا اِلَى الطَّاغُوْتِ وَقَدْ اُمِرُوْٓا اَنْ يَّكْفُرُوْا بِهٖ ؕ وَيُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّضِلَّهُمْ ضَلٰلًاۢ بَعِيْدًا ﴿۶۰﴾ وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا اِلٰى مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَ اِلَى الرَّسُوْلِ رَاَيْتَ الْمُنٰفِقِيْنَ يَصُدُّوْنَ عَنْكَ صُدُوْدًا ﴿۶۱﴾ (النساء: ٦٠، ٦١)

(٦٠) ۽ (اي پيغمبر!) تو انهن ماڻهن (منافقن) جي حالت تي نظر نہ ڪئي ڇا. جن جي دعويٰ هيءَ آهي تہ جيڪي توتي نازل ٿيو آهي ۽ جيڪي توکان اڳي نازل ٿيو آهي تنهن تي هو ايمان رکن ٿا پر (سندن عملن جو حال هي آهي جو) هو چاهين ٿا تہ پنهنجا تڪرار ۽ معاملا هڪ شرير ۽ سرڪش (انسان) وٽ (فيصلي لاءِ) کڻي وڃن. اگرچہ هنن کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ هن (شيطان) کان انڪار ڪن (۽ فقط الله ۽ سندس رسول جي پيروي ڪن) حقيقت هي آهي تہ شيطان چاهي ٿو تہ هنن کي اهڙو گمراهہ ڪري جو سنئين راهہ کان بلڪل پري وڃي پون. (٦١) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن انهن ماڻهن کي الله جي حڪم جي طرف جو هن نازل ڪيو آهي ۽ رسول جي طرف (جنهن جي فرمانبرداريءَ جو حڪم ڪيو ويو آهي) سڏيو وڃي ٿو تڏهن تون منافقن کي ڏسين ٿو تہ توکان منهن موڙين ٿا (۽ هنن جا قدم رڪجي وڃن ٿا.)

## خواهشن جي پيروي نہ ڪريو ۽ عدل هٿان نہ وڃايو

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْا قَوّٰمِيْنَ بِالْقِسْطِ شُهَدَآءَ لِلّٰهِ وَلَوْ عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ اَوِ الْوَالِدَيْنِ وَ الْاَقْرَبِيْنَ ۚ اِنْ يَّكُنْ غَنِيًّا اَوْ فَقِيْرًا فَاللّٰهُ اَوْلٰى بِهِمَا ۫ فَلَا تَتَّبِعُوا





الْهَوٰٓى اَنْ تَعْدِلُوْا ۚ وَاِنْ تَلْوٗٓا اَوْ تُعْرِضُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿۱۳۵﴾

(النساء: ١٣٥)

(١٣٥) مؤمنؤ! انصاف تي پوري مضبوطيءَ سان قائم رهڻ وارا ۽ الله جي واسطي (سچي) شاهدي ڏيڻ وارا ٿيو. اگرچہ اها (سچي) شاهدي خود توهان جي خلاف يا اوهان جي پيءُ ماءُ ۽ ويجهن مائٽن جي خلاف هجي (تہ بہ سچي شاهدي ڏيڻ کان نہ ڪيٻايو) جيڪو ڪو شاهوڪار آهي يا مسڪين آهي تہ الله (اوهان کان) وڌيڪ انهن تي مهربان آهي) (توهان کي ائين ڪرڻو ناهي جو دولتمند جي دولت ۾ لالچ رکي يا مسڪين جي حال تي رحم کائي سچي ڳالهہ ڪرڻ کان هٽي وڃو) پوءِ خبردار ائين نہ ٿئي جو نفساني خواهشن جي ڪري انصاف کان هٽي وڃو ۽ جيڪڏهن توهان (شاهدي ڏيڻ ۾) آڏيون ڦڏيون ڳالهيون يا شاهدي ڏيڻ کان انڪار ڪندو تہ (ياد رکو) تہ توهان جيڪي بہ ڪيو ٿا تنهن جي الله تعاليٰ خبر رکندڙ آهي.

❊❊❊❊

وَلَا يَجْرِمَنَّكُمْ شَنَاٰنُ قَوْمٍ عَلٰٓى اَلَّا تَعْدِلُوْا (المائده: ٨)

۽ (خبردار) ائين نہ ٿئي جو ڪن ماڻهن جي (اوهان سان) دشمني اوهان کي هن ڳالهہ لاءِ اياري تہ توهان (ساڻن) انصاف نہ ڪيو.

❊❊❊❊

يٰدَاوٗدُ اِنَّا جَعَلْنٰكَ خَلِيْفَةً فِى الْاَرْضِ فَاحْكُمْ بَيْنَ النَّاسِ بِالْحَقِّ وَلَا تَتَّبِعِ الْهَوٰى فَيُضِلَّكَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ يَضِلُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌۢ بِمَا نَسُوْا يَوْمَ الْحِسَابِ ﴿۲۶﴾ (صٓ: ٢٦)

اي دائود! اسان توکي زمين تي بادشاهي ڏني آهي، سو ماڻهن جي وچ ۾ حق ۽ انصاف سان فيصلا ڪندو ڪر ۽ (پنهنجي دل جي) خواهش تي نہ لڳجانءِ. جو اهي خواهشون توکي الله جي واٽ کان ڀڙڪائي هٽائي ڇڏينديون. يقين آهي جيڪي خدا جي واٽ کان هٽي ٿا وڃن تن جي لاءِ سخت ۾ سخت عذاب آهي، جو هنن حساب وارو ڏينهن وساري ڇڏيو آهي.

❊❊❊❊



www.sindhsalamat.com

فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ غَيًّا ﴿۵۹﴾ (مريم: ۵۹)

(۵۹) پر انهن کان پوءِ اهڙا ناخلف (نياڻا) سندن جانشين ٿيا جن نماز (جي حقيقت) ضايع ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي نفساني خواهشن جي پٺيان پئجي ويا. سو (ڏسندؤ ته) جلد سندن سرڪشي سندن آڏو ايندي

****

فَاِنْ لَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكَ فَاعْلَمْ اَنَّمَا يَتَّبِعُوْنَ اَهْوَآءَهُمْ ؕ وَ مَنْ اَضَلُّ مِمَّنِ اتَّبَعَ هَوٰىهُ بِغَيْرِ هُدًى مِّنَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۵۰﴾ (القصص: ۵۰)

(۵۰) پوءِ به جيڪڏهن هو تنهنجي ڳالهه نه مڃين ته يقين ڄاڻو ته هو رڳو پنهنجي (نفساني) خواهشن جي پيروي ڪري رهيا آهن. ۽ ڪير وڌيڪ گمراهه ٿي سگهي ٿو انهيءَ شخص کان جو الله وٽان مليل هدايت کي ڇڏي پنهنجي نفساني خواهش جي پيروي ٿو ڪري؟ بيشڪ الله تعاليٰ ظالم ماڻهن کي سڌيءَ واٽ تي نٿو لڳائي.

## خدائي آيتن جو مذاق ڪندڙن سان نه ويهو

وَ قَدْ نَزَّلَ عَلَيْكُمْ فِي الْكِتٰبِ اَنْ اِذَا سَمِعْتُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ يُكْفَرُ بِهَا وَ يُسْتَهْزَاُ بِهَا فَلَا تَقْعُدُوْا مَعَهُمْ حَتّٰى يَخُوْضُوْا فِيْ حَدِيْثٍ غَيْرِهٖۤ ۖ اِنَّكُمْ اِذًا مِّثْلُهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ جَامِعُ الْمُنٰفِقِيْنَ وَ الْكٰفِرِيْنَ فِيْ جَهَنَّمَ جَمِيْعَا ﴿۱۴۰﴾ (النساء: ۱۴۰)

(۱۴۰) ۽ الله تعاليٰ پنهنجي ڪتاب ۾ اوهان جي لاءِ حڪم نازل ڪيو آهي ته جڏهن توهان ڏسو ۽ ٻڌو ته خدا جي آيتن کان (شرارت طور) انڪار ڪيو وڃي ٿو ۽ انهن تي کل مسخري ڪئي وڃي ٿي، تڏهن هنن جي مجلس ۾ نه ويهو جيستائين ان ڳالهه کي ڇڏي ٻيون ڳالهيون ڪرڻ لڳن (پوءِ ڀلي انهن سان ويهو) جيڪڏهن هنن سان گڏ (آيتن سان مسخري ڪرڻ وقت) ويهندؤ ته توهان به هنن جهڙا ٿيندؤ (ياد رکو ته) خدا اهڙن منافقن ۽ ڪافرن کي جهنم ۾ گڏ ڪرڻ وارو آهي.





## وڏي واڪي برو چوڻ کان منع

لَا يُحِبُّ اللّٰهُ الْجَهْرَ بِالسُّوْٓءِ مِنَ الْقَوْلِ اِلَّا مَنْ ظُلِمَ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ سَمِيْعًا عَلِيْمًا ﴿۱۴۸﴾ (النساء: ۱۴۸)

(۱۴۸) خدا پسند نٿو ڪري ته توهان (ٻين جون) برايون وڏي آواز سان ٻڌائيندا وتو سواءِ ان حالت جي جو ڪنهن سان ظلم ٿيو هجي (۽ هو ظالم جي جو بيان ڪري) ۽ (ياد رکو ته) خدا ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

## حدون نه لنگهو، وڏاءُ نه ڪيوءِ احمقن جي پيروي نه ڪريو

يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لَا تَغْلُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ وَ لَا تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ ؕ اِنَّمَا الْمَسِيْحُ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ رَسُوْلُ اللّٰهِ وَ كَلِمَتُهٗ ۚ اَلْقٰىهَآ اِلٰى مَرْيَمَ وَ رُوْحٌ مِّنْهُ ۫ فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رُسُلِهٖ ۚ وَ لَا تَقُوْلُوْا ثَلٰثَةٌ ؕ اِنْتَهُوْا خَيْرًا لَّكُمْ ؕ اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ؕ سُبْحٰنَهٗٓ اَنْ يَّكُوْنَ لَهٗ وَلَدٌ ۘ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿۱۷۱﴾ (النساء: ۱۷۱)

(۱۷۱) اي اهل ڪتاب! پنهنجي دين ۾ غلو نه ڪيو (يعني حقيقت ۾ اعتدال کان ٻاهر نه وڃو) ۽ الله جي باري ۾ حق کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه چئو عيسيٰ مسيح ابن مريم فقط الله جو رسول ۽ سندس (بشارت جي) ڪلمي جو ظهور آهي. جو ڪلمو (سندس والده) مريم تي القا ڪيو ويو هو ۽ پڻ هو هڪ روح آهي جو الله جي طرفان موڪليو ويو پوءِ اوهان کي گهرجي ته الله تي ۽ سندس رسولن تي ايمان آڻيو ۽ ائين نه چئو ته خدا ٽي آهن. (اهڙيءَ ڳالهه ڪرڻ کان باز اچو ته توهان لاءِ وڏي چڱائي آهي. حقيقت هي آهي ته فقط الله ئي هڪ معبود آهي (ان کان سواءِ ٻيو ڪوبه معبود ڪونهي) هو هن ڳالهه کان پاڪ آهي، جو هن کي ڪو پٽ هجي (جڏهن ته) آسمان ۽ زمين ۾ جو ڪجهه آهي سو سندس ئي آهي (ته پوءِ ڪيس ڪهڙي محتاجي آهي جو ڪنهن کي پٽ بنائي دنيا ۾ موڪلي) ڪارسازيءَ لاءِ خدا جو ڪارساز هئڻ ڪافي آهي.

****



www.sindhsalamat.com

اِتَّخَذُوْٓا اَحْبَارَهُمْ وَرُهْبَانَهُمْ اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ (التوبہ: ٣١)

(٣١) انهن (اهل ڪتاب) الله کي ڇڏي پنهنجي عالمن ۽ درويشن کي (پنهنجا) رب ڪري بنايو آهي

****

قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لَا تَغْلُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ غَيْرَ الْحَقِّ وَلَا تَتَّبِعُوْٓا اَهْوَآءَ قَوْمٍ قَدْ ضَلُّوْا مِنْ قَبْلُ وَاَضَلُّوْا كَثِيْرًا وَّضَلُّوْا عَنْ سَوَآءِ السَّبِيْلِ ﴿٧٧﴾ (المائده: ٧٧)

(٧٧) (اي پيغمبر!) تون چئو تہ اي اهل ڪتاب! پنهنجي دين ۾ حقيقت جي خلاف حد کان ٻاهر نہ وڃو ۽ انهيءَ ٽوليءَ جي خواهشن جي پيروي نہ ڪيو جيڪي توهان کان اڳي گمراهہ ٿي چڪا آهن ۽ گهڻن ئي کي گمراهہ ڪري ڇڏيو اٿن ۽ حق جي سڌيءَ واٽ کان پري هٽي ويا آهن.

****

ثُمَّ جَعَلْنٰكَ عَلٰى شَرِيْعَةٍ مِّنَ الْاَمْرِ فَاتَّبِعْهَا وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٨﴾

(الجاثيہ: ١٨)

(١٨) (بني اسرائيلن جي نبين کان) پوءِ اسان توکي (ديني) معاملن جي (سچي) طريقي جي رهنمائي ڪئي آهي. سو تون ان جي پيروي ڪندو رهہ ۽ انهن ماڻهن جي (ذاتي) خواهشن ۽ حرصن جي پيروي نہ ڪر جيڪي جاهل آهن (۽ حق کي نٿا سمجهن).

## احرام جي حالت ۾ شڪار

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَوْفُوْا بِالْعُقُوْدِ ۭ اُحِلَّتْ لَكُمْ بَهِيْمَةُ الْاَنْعَامِ اِلَّا مَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ غَيْرَ مُحِلِّي الصَّيْدِ وَاَنْتُمْ حُرُمٌ ۭ اِنَّ اللّٰهَ يَحْكُمُ مَا يُرِيْدُ ﴿١﴾ (المائده: ١)

(١) مؤمنو! پنهنجا معاهدا پورا ڪيو (پنهنجا سڀ فرض بجا آڻيو). توهان جي لاءِ ڍڳن ڍورن (جو گوشت کائڻ) حلال ڪيو ويو آهي، سواءِ انهن جي جن بابت (اڳي بيان ڪيل آهي ۽ اڳتي) حڪم ٻڌايو ويندو پر جڏهن احرام جي





حالت ۾ هجو تڏهن شڪار ڪرڻ حلال ناهي. بيشڪ الله تعاليٰ جيڪي چاهي ٿو تنهن جو حڪم ڏئي ٿو.

****

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقْتُلُوا الصَّيْدَ وَاَنْتُمْ حُرُمٌ (المائده: ٩٥)

(٩٥) مؤمنو! جڏهن توهان احرام جي حالت ۾ آهيو تڏهن شڪار جي جانور کي نہ ماريو.

## شعائرالله، قرباني ۽ حاجين جي بي حرمتي نہ ڪريو

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحِلُّوْا شَعَآئِرَ اللّٰهِ وَلَا الشَّهْرَ الْحَرَامَ وَلَا الْهَدْيَ وَلَا الْقَلَآئِدَ وَلَآ اٰمِّيْنَ الْبَيْتَ الْحَرَامَ يَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنْ رَّبِّهِمْ وَرِضْوَانًا ۭ وَاِذَا حَلَلْتُمْ فَاصْطَادُوْا (المائده: ٢)

(٢) مؤمنو! خدا جي شعائرن جي (يعني خدا پرستي جي مقرر ڪيل نشانين ۽ رسمن جي) بي حرمتي نہ ڪريو نڪي انهن مهينن جي (بي حرمتي ڪريو) جي حرمت جا مهينا آهن (ذي قعد،ذي الحج، محرم ۽ رجب مهينن ۾ جنگ ڪرڻ جائز ناهي چو تہ انهن مهينن ۾ حاجين جي آمدرفت رهندي هئي) نڪي (حج جي) قرباني جي (بيحرمتي ڪريو) ۽ نہ انهن جانورن جي جن جي ڳچين ۾ (نشانيءَ طور) ڪنڌيون پاتل آهن ۽ پڻ انهن ماڻهن جي (بي حرمتي نہ ڪيو نڪي ڪين روڪيو نڪي نقصان پهچايو) جي بيت الحرام جو قصد ڪن ٿا ۽ پنهنجي پروردگار جو فضل ۽ راضپو ڳولين ٿا. ۽ جڏهن توهان احرام جي حالت کان ٻاهر اچو تڏهن شڪار ڀلي ڪيو.

## دشمنيءَ ۾ حد کان تجاوز ۽ زيادتي نہ ڪيو

وَلَا يَجْرِمَنَّكُمْ شَنَاٰنُ قَوْمٍ اَنْ صَدُّوْكُمْ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اَنْ تَعْتَدُوْا

(المائده: ٢)



www.sindhsalamat.com

۽ (خبردار) ائين نہ ٿئي جو هڪ قوم جي (اوهان سان) دشمني اوهان کي هن ڳالهہ تي آماده ڪري جو توهان بہ زيادتي ڪرڻ لڳو. ڇو تہ هنن اوهان کي ڪعبت الله کان روڪي ڇڏيو هو.

## گناهہ ۽ظلم جي ڪمن ۾ مدد نہ ڪيو

وَ تَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ وَ التَّقْوٰى ۪ وَ لَا تَعَاوَنُوْا عَلَى الْاِثْمِ وَ الْعُدْوَانِ ۪ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۲﴾ (المائده: ٢)

(توهان جو دستور تہ هي هئڻ گهرجي تہ) نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ جي ڪمن ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪريو مگر گناهہ ۽ ظلم جي ڪمن ۾ مدد نہ ڪيو ۽ (خبردار!) الله کان ڊڄندا رهو جو يقيناً (بدعملن لاءِ) سخت سزا ڏيندڙ آهي.

❊❊❊❊

وَ عَنَتِ الْوُجُوْهُ لِلْحَيِّ الْقَيُّوْمِ ؕ وَ قَدْ خَابَ مَنْ حَمَلَ ظُلْمًا ﴿۱۱۱﴾ (طٰه: ١١١)

(١١١) سيني ماڻهن جا منهن انهيءَ هميشہ جيئري ۽ قائم رهندڙ خدا جي اڳيان جهڪي پوندا. جنهن ظلم جو بار پاڻ تي وڌو هوندو سو نامراد ۽ ناڪامياب ۽ تباهہ ٿيندو.

## حلال شين کي حرام نہ بڻايو

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحَرِّمُوْا طَيِّبٰتِ مَاۤ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكُمْ وَ لَا تَعْتَدُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿۸۷﴾ (المائده: ٨٧)

(٨٧) مؤمنؤ! الله تعاليٰ جيڪي چڱيون شيون اوهان جي لاءِ حلال ڪيون آهن، انهن کي پاڻ تي حرام نہ ڪيو ۽ (پاڻ کي روڪڻ ۾) حد کان ٻاهر نہ وڃو. الله تعاليٰ انهن کي حب نٿو ڪري جي حدن کان ٻاهر نڪري وڃن ٿا.

❊❊❊❊

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ لِمَ تُحَرِّمُ مَاۤ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكَ ۚ تَبْتَغِيْ مَرْضَاتَ اَزْوَاجِكَ ؕ وَ اللّٰهُ





غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱﴾ (التحريم: ١)

(١) اي نبي! جنهن شيءِ کي الله تو لاءِ حلال ڪيو آهي، سا تون ڇو (قسم ذريعي پاڻ تي) حرام ڪرين ٿو؟ (۽ اهو بہ ان لاءِ تہ) تون پنهنجي زالن جي رضامندي گهرين ٿو، ۽ الله گهڻو معاف ڪندڙ نهايت رحم وارو آهي. (جو تو کي تنبيهہ ڪري ان جي خرابيءَ کان توکي بچائڻ گهري ٿو).

## سوالن جي گهڻائي کان منع

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَسْـَٔلُوْا عَنْ اَشْيَآءَ اِنْ تُبْدَ لَكُمْ تَسُؤْكُمْ (المائده: ١٠١)

(١٠١) مؤمنو! (اجايا ۽ اونها خيال پچائي) انهن شين بابت سوال نہ پڇو جي اوهان کي ظاهر ڪري ٻڌائجن تہ توهان کي تڪليف ٿئي.

## مشرڪن کان نہ ٿيو

قُلْ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَتَّخِذُ وَلِيًّا فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ هُوَ يُطْعِمُ وَ لَا يُطْعَمُ ؕ قُلْ اِنِّيْۤ اُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ اَوَّلَ مَنْ اَسْلَمَ وَ لَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۱۴﴾ (الانعام: ١٤)

(١٤) (اي پيغبر! انهن ماڻهن کي) چئو تہ ڇا، جو خدا آسمان ۽ زمين جو پيدا ڪندڙ آهي تنهن کي ڇڏي ڪنهن ٻئي کي پنهنجو نگهبان ۽ ڪارساز بنايان؟ اهوئي سڀني کي روزي رسائي ٿو، پر ڪوبہ ڪونهي جو ڪيس روزي ڏيندڙ هجي (ڪيس تہ روزي يا طعام جي ضرورت بہ ڪانهي) تون چئو تہ، مون کي تہ هي حڪم ڏنو ويو آهي تہ خدا جي اڳيان جهڪڻ وارن ۾ پهريون جهڪڻ وارو ٿي ۽ مون کي چيو ويو آهي تہ ائين نہ ڪر جو مشرڪن مان هڪڙو ٿي پوين.

❊❊❊❊

وَ اَنْ اَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ حَنِيْفًا ۚ وَ لَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۱۰۵﴾ (يونس: ١٠٥)

(١٠٥) ۽ پڻ مون کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ، هر طرف کان هٽي پنهنجو رخ الله جي دين ڏانهن ڪر، ۽ هيئن هرگز نہ ڪجانءِ جو مشرڪن منجهان ٿي پوين.



www.sindhsalamat.com

## ظاهري ۽ لڪل گناهن کان بچو

وَ ذَرُوۡا ظَاهِرَ الۡاِثۡمِ وَ بَاطِنَهٗ ؕ اِنَّ الَّذِيۡنَ يَكۡسِبُوۡنَ الۡاِثۡمَ سَيُجۡزَوۡنَ بِمَا كَانُوۡا يَقۡتَرِفُوۡنَ ﴿۱۲۰﴾ (الانعام: ۱۲۰)

(۱۲۰) ۽ (ڏسو) ظاهري گناهه هجي توڙي لڪل گناهه هجي، هر حال ۾ گناهه جون ڳالهيون ۽ عمل ترڪ ڪري ڇڏيو. جيڪي ماڻهو گناهه ڪمائين ٿا سي (ماڻهن کان ڪٽي ڪيترو به لڪائين پر) جيڪي به ڪن ٿا تنهن جو بدلو ضرور ڪين ملندو.

## بنا تڪبير ذبح ٿيل جانورن جو گوشت نه کائو

وَ لَا تَاۡكُلُوۡا مِمَّا لَمۡ يُذۡكَرِ اسۡمُ اللّٰهِ عَلَيۡهِ وَ اِنَّهٗ لَفِسۡقٌ ؕ وَ اِنَّ الشَّيٰطِيۡنَ لَيُوۡحُوۡنَ اِلٰٓى اَوۡلِيٰٓـئِهِمۡ لِيُجَادِلُوۡكُمۡ ۚ وَ اِنۡ اَطَعۡتُمُوۡهُمۡ اِنَّكُمۡ لَمُشۡرِكُوۡنَ ﴿۱۲۱﴾ (الانعام: ۱۲۱)

(۱۲۱) ۽ جنهن جانور تي خدا جو نالو نه ورتو ويو آهي، تنهن جو گوشت نه کائو. ان مان کائڻ بيشڪ نافرماني آهي. ۽ (ڏسو) شيطان ته پنهنجي ساٿين جي دلين ۾ وسوسا وجهندا رهن ٿا، انهيءَ لاءِ ته توهان سان ڪج بحثي ڪن (يعني ڏنگا ڦڏا دليل ڏين) جيڪڏهن توهان انهن جو چوڻ مڃيو ته پوءِ سمجهو ته توهان شرڪ ڪرڻ وارن سان ٿي پيؤ.

## فضول خرچي کان منع

وَ لَا تُسۡرِفُوۡا ؕ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الۡمُسۡرِفِيۡنَ ﴿۱۴۱﴾ (الانعام: ۱۴۱)

۽ اسراف نه ڪيو. خدا انهن کي پسند نٿو ڪري جيڪي اسراف ڪندڙ آهن.

****

يٰبَنِىۡۤ اٰدَمَ خُذُوۡا زِيۡنَتَكُمۡ عِنۡدَ كُلِّ مَسۡجِدٍ وَّ كُلُوۡا وَ اشۡرَبُوۡا وَ لَا تُسۡرِفُوۡا ۚ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الۡمُسۡرِفِيۡنَ ﴿۳۱﴾ (الاعراف: ۳۱)

(۳۱) اي آدم جا اولاد! نماز جي هر وقت ۽ هر هنڌ سنائي ۽ سينگار رکو ۽





(بيشڪ) کائو پيئو (يعني الله تعاليٰ جون ڏنل نعمتون ماڻيو) پر حدن کان ٻاهر نه وڃو. (حدن کان ٻاهر وڃڻ ۾ اوهان جو ئي نقصان آهي) بيشڪ الله تعاليٰ انهن کي پسند نٿو ڪري جيڪي حدن کان ٻاهر ٿا وڃن.

## شرڪ، اولاد جي قتل ۽ فحاشيءَ کان منع

قُلۡ تَعَالَوۡا اَتۡلُ مَا حَرَّمَ رَبُّكُمۡ عَلَيۡكُمۡ اَلَّا تُشۡرِكُوۡا بِهٖ شَيۡـئًا وَّ بِالۡوَالِدَيۡنِ اِحۡسَانًا ۚ وَ لَا تَقۡتُلُوۡۤا اَوۡلَادَكُمۡ مِّنۡ اِمۡلَاقٍ ؕ نَحۡنُ نَرۡزُقُكُمۡ وَ اِيَّاهُمۡ ۚ وَ لَا تَقۡرَبُوا الۡفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ مِنۡهَا وَ مَا بَطَنَ ۚ وَ لَا تَقۡتُلُوا النَّفۡسَ الَّتِىۡ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالۡحَـقِّ ؕ ذٰلِكُمۡ وَصّٰٮكُمۡ بِهٖ لَعَلَّكُمۡ تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۱۵۱﴾ (الانعام: ۱۵۱)

(۱۵۱) (اي پيغمبر!) انهن کي چؤ ته اچو ته مان اوهان کي (الله جو ڪلام) پڙهي ٻڌايان، ته توهان جي پروردگار توهان جي لاءِ ڇا ڇا حرام ڪري ڇڏيو آهي. خدا سان ڪنهن به شيءِ کي شريڪ نه ٺهرايو. پنهنجي ماءُ پيءُ سان چڱي هلت ونو ۽ چڱايون ڪيو. پنهنجي اولاد کي سڃائي جي خوف کان قتل نه ڪيو. اسان ئي توهان کي روزي ڏيون ٿا ۽ انهن (يعني اوهان جي اولاد) کي به روزي اسان ڏينداسين ۽ بي شرمي جي ڳالهين ۽ ڪمن کي رڳو ويجهي به نه وڃو. اهي (بي شرميءَ جا ڪم ۽ ڳالهيون) ڪليل هجن توڙي لڪل هجن (ڪنهن به حالت ۾ انهن جي ويجهو نه وڃو) ۽ ڪنهن به جان (انسان) کي قتل نه ڪيو. جنهنجي (قتل) کي خدا تعاليٰ حرام ٺهرايو هجي، سواءِ هن جي جو ڪنهن حق جي بنا تي هن کي قتل ڪرڻو پوي (مثلاً قصاص ۾ يا جج جي فيصلي موجب) اهي آهن اهي ڳالهيون جن جي خدا توهان کي وصيت ڪئي آهي، انهيءَ لاءِ ته توهان عقل ۽ سمجهه کان ڪم وٺو.

## يتيمن جو مال نه کائو

وَ لَا تَقۡرَبُوۡا مَالَ الۡيَتِيۡمِ اِلَّا بِالَّتِىۡ هِىَ اَحۡسَنُ حَتّٰى يَبۡلُغَ اَشُدَّهٗ ۚ (الانعام: ۱۵۲)

(۱۵۲) ۽ (اهڙيءَ طرح) يتيمن جي مال ملڪيت کي به ويجهو نه وڃو. (يعني ان تي قبضو ڪرڻ يا ان مان ڪجهه هضم ڪرڻ جو ارادو به نه ڪيو) سواءِ هن



www.sindhsalamat.com

جي جو چڱي طريقي (۽ نيت) سان (ان جو انتظام رکو) (يعني يتيمن جي فائدي ۽ سنڀال لاءِ سندن مال ملڪيت جي نگهباني ڪرڻ چاهيو) سو بہ تيستائين جيستائين اهي يتيم پنهنجي (سمجهہ ۽ طاقت جي) عمر کي پهچي وڃن

## غيرالله جي پيروي نہ ڪيو

اِتَّبِعُوْا مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَلَا تَتَّبِعُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءَ ۭ قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ۝۳ (الاعراف:۳)

(۳) (اي انسانو!) توهان جي پروردگار وٽان جيڪي اوهان ڏي موڪليو ويو آهي (يعني جيڪو منهنجو وحي اوهان کي منهنجو رسول پڙهائي ٿو) تنهن جي پيروي ڪيو (ان تي عمل ڪيو) ۽ خدا کي ڇڏي اوليائن (جن کي توهان خدا سان شريڪ ٿا ڪيو ۽ سمجهو ٿا تہ خدا وٽ هنن جي رسائي آهي ۽ اسان جي مدد ڪندا اهڙن خيالن) جي تابعداري نہ ڪريو. (افسوس جو) توهان (اهڙي سولي ڳالهہ نٿا سمجهو ۽) تمام ٿورا آهيو جو نصيحت حاصل ڪيو ٿا.

****

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تُطِيْعُوا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يَرُدُّوْكُمْ عَلٰٓى اَعْقَابِكُمْ فَتَنْقَلِبُوْا خٰسِرِيْنَ ۝۱۴۹ (آل عمران:۱۴۹)

(۱۴۹) مؤمنو! جيڪڏهن توهان ڪافرن جي چوڻ تي لڳندؤ (جي توهان کي دشمن جي گهٽائي ۽ طاقت کان ڊيڄارين ٿا) تہ (پوءِ ياد رکو تہ) هو اوهان کي حق جي راهہ کان پوئين پير ڦيرائي ڇڏيندا ۽ اوهان (سعادت جي واٽ ڇڏي) نقصان ۽ تباهي هيٺ ايندؤ.

****

وَلَا تَرْكَنُوْٓا اِلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا فَتَمَسَّكُمُ النَّارُ ۙ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ اَوْلِيَآءَ ثُمَّ لَا تُنْصَرُوْنَ ۝۱۱۳ (هود:۱۱۳)

(۱۱۳) ۽ هيئن بہ نہ ڪجو جو ظالمن جي طرف جهڪي پئو (۽ هنن کي خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجي عملن ۾ گهٽتائي ڪيو ۽ سندن دليون وٺڻ جي ڪوشش





ڪيو) جنهن ڪري (انهن جي ويجهو هئڻ سبب) توهان کي بہ باهہ جي لهس اچي وڃي. الله کان سواءِ اوهان جو ڪوبہ رفيق ڪونهي. پوءِ (جيڪڏهن ان کان جدا ٿيندؤ تہ) ڪوبہ توهان جي مدد ڪونہ ڪندو.

****

فَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ وَلَا تُطِعْ مِنْهُمْ اٰثِمًا اَوْ كَفُوْرًا ۝۲۴ (الدهر:۲۴)

(۲۴) پوءِ تون پنهنجي پالڻهار جي حڪم تي ثابت قدم رهہ ۽ انهن مان ڪنهن بہ (اهڙي) ڏوهي يا ڪافر جو چيو تاري ڇڏ (جنهن جو مقصد توکي ان رستي تان ٽڙڪائڻ آهي).

## فحاشي، گناهہ، ناحق زيادتي ۽ شرڪ کان منع

قُلْ اِنَّمَا حَرَّمَ رَبِّيَ الْفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ وَالْاِثْمَ وَالْبَغْيَ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَاَنْ تُشْرِكُوْا بِاللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا وَّاَنْ تَقُوْلُوْا عَلَي اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ۝۳۳ (الاعراف:۳۳)

(۳۳) (اي پيغمبر! تون ماڻهن کي) پڌاءِ تہ منهنجي پروردگار تہ بي حيائيءَ جون ڳالهيون ۽ ڪم حرام ڪيا آهن. پوءِ اهي ظاهر هجن توڙي لڪل هجن ۽ پڻ گناهہ جا ڪم ۽ زيادتي وارا ڪم جي حق ۽ انصاف جي خلاف هجن (حرام ڪيا اٿس ۽ هيءَ ڳالهہ بہ حرام ٺهرائي اٿس تہ) اوهان الله سان ڪنهن کي شريڪ ٺهرايو جنهن لاءِ ڪابہ سند نازل ڪانہ ڪئي اٿس ۽ (هيءَ ڳالهہ بہ حرام ٺهرائي اٿس جو) خدا تي اهڙيون (ڪوڙيون) ڳالهيون مڙهيو جن بابت توهان کي ڪوبہ علم ڪونهي.

## فساد نہ ڪريو

وَلَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ بَعْدَ اِصْلَاحِهَا (الاعراف:۵۶)

(۵۶) (اهڙي دعا زمين تي سڌارو ۽ امن امان پيدا ڪندڙ آهي) ۽ توهان (اي انسانو!) متان درستي انتظام ۽ امن امان بعد زمين تي فساد ۽ خرابيون پيدا ڪيو.

****



www.sindhsalamat.com

وَلَا تُفْسِدُوْا فِى الْاَرْضِ بَعْدَ اِصْلَاحِهَا ۭ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٨٥﴾

(الاعراف: ٨٥)

۽ ملڪ ۾ صلح امن امان ۽ انتظام ھئڻ بعد وري فساد نہ پکيڙيو. توھان ۾ جيڪڏھن ايمان ھجي تہ ان ۾ (يعني مٿين حڪمن مڃڻ ۾) توھان جي لاءِ گھڻي چڱائي ۽ بھتري آھي.

## خدائي حڪمن کي اڻ ٻڌو نہ ڪريو

وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ قَالُوْا سَمِعْنَا وَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿٢١﴾ اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الصُّمُّ الْبُكْمُ الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿٢٢﴾ (الانفال: ٢١،٢٢)

(٢١) ۽ انھن ماڻھن (اھل ڪتاب) وانگر نہ ٿيو جن (زبان سان تہ) چيو تہ اسان ٻڌو پر حقيقت ھيءَ آھي تہ ھو ڪونہ ٻڌندا ھئا. (يعني نڪي غور ۽ فڪر ڪندا ھئا، نڪي تعميل ڪندا ھئا). (٢٢) يقيناً الله تعاليٰ جي نظر ۾ سڀني کان وڌيڪ خراب اھي (انسان) آھن جي ٻوڙا ۽ گونگا آھن جي ڪجھ بہ نٿا سمجھن.

## الله ۽ رسول جي امانتن ۾ خيانت نہ ڪيو

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَخُوْنُوا اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ وَتَخُوْنُوْٓا اَمٰنٰتِكُمْ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٧﴾

(الانفال: ٢٧)

(٢٧) مؤمنؤ! ائين نہ ڪجو جو الله ۽ سندس رسول سان خيانت ڪيو. ھڪ ٻئي جي امانتن ۾ خيانت ڪيو ۽ توھان ھن ڳالھ کان ناواقف ڪونہ آھيو.

## آڪڙ، نمائش ۽ ڏيکاءَ کان بچو

وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بَطَرًا وَّرِئَآءَ النَّاسِ وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ﴿٤٧﴾ (الانفال: ٤٧)

(٤٧) ۽ (خبردار) انھن ماڻھن جھڙا نہ ٿجو جيڪي پنھنجي گھرن مان (لڙائي ڪرڻ لاءِ) آڪڙ ڪندي ۽ ماڻھن جي نظرن ۾ نمائش ۽ ڏيکاءُ ڪندي نڪتا





۽ جن جو حال ھي آھي جو الله جي راھ کان (سندس بندن کي) روڪين ٿا ۽ (ياد رکو تہ) جيڪي بہ عمل ھي ماڻھو ڪن ٿا تن تي الله تعاليٰ (پنھنجي علم ۽ قدرت سان) گھيرو ڪيون بيٺو آھي.

****

وَلَا تَمْشِ فِى الْاَرْضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنْ تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَلَنْ تَبْلُغَ الْجِبَالَ طُوْلًا ﴿٣٧﴾

(بني اسرائيل: ٣٧)

(٣٧) ۽ زمين تي آڪڙ ڪري نہ گھمو. يقيناً توھان زمين کي ڦاري ڪونہ سگھندؤ نڪي جبلن جيڏا ڊگھا ٿي سگھندؤ.

****

وَلَا تُصَعِّرْ خَدَّكَ لِلنَّاسِ وَلَا تَمْشِ فِى الْاَرْضِ مَرَحًا ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُوْرٍ ﴿١٨﴾ (لقمان: ١٨)

(١٨) ۽ ماڻھن سان مٿون ڦوڪي مغروريءَ سان ۽ شوخيءَ سا پيش نہ اچ. ۽ زمين تي آڪڙ ڪري نہ ھل. بيشڪ الله تعاليٰ ھنيلن ۽ ٻٽاڪي ماڻھن کي پسند نٿو ڪري.

****

اِنَّ قَارُوْنَ كَانَ مِنْ قَوْمِ مُوْسٰى فَبَغٰى عَلَيْهِمْ ۠ وَاٰتَيْنٰهُ مِنَ الْكُنُوْزِ مَآ اِنَّ مَفَاتِحَهٗ لَتَنُوْٓاُ بِالْعُصْبَةِ اُولِي الْقُوَّةِ ۤ اِذْ قَالَ لَهٗ قَوْمُهٗ لَا تَفْرَحْ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْفَرِحِيْنَ ﴿٧٦﴾ (القصص: ٧٦)

(٧٦) قارون درحقيقت حضرت موسيٰ جي قوم جو ماڻھو ھو. پر ھو پنھنجي قوم جي ماڻھن تي ظلم ڪرڻ لڳو (۽ ھنن کي نفرت سان ڏسڻ لڳو ايتري آڪڙ ۽ ھٺ وڏائي ھن ڪري ٿيس جو) اسان ھن کي دنيائي دولت جا وڏا خزانا ڏنا ھئا ايترا جو انھن جون رڳو ڪنجيون بہ مضبوط ماڻھن جي ھڪ ٽولي مشڪل کڻي سگھي ھا. (سندس ھٺ وڏائي ڪرڻ تي) سندس قوم جي ماڻھن کيس چئي ڏنو تہ آڪڙ نہ ڪر. ڇو تہ الله تعاليٰ يقيناً آڪڙ



www.sindhsalamat.com

ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري.

## ٻين جا ناحق مال نہ کائو

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ الْاَحْبَارِ وَ الرُّهْبَانِ لَيَاْكُلُوْنَ اَمْوَالَ النَّاسِ بِالْبَاطِلِ وَ يَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ وَ الَّذِيْنَ يَكْنِزُوْنَ الذَّهَبَ وَ الْفِضَّةَ وَ لَا يُنْفِقُوْنَهَا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۳۴﴾ (التوبہ: ۳۴)

(۳۴) اي مؤمنؤ! ياد رکو تہ (يهودين ۽ عيسائين جي) عالمن ۽ درويشن ۾ هڪ وڏو تعداد اهڙن ماڻهن جو آهي جيڪي ماڻهن جو مال ناحق ناجائز طور کائن ٿا ۽ الله جي راهہ کان انهن کي روڪين ٿا ۽ جيڪي ماڻهو سون چاندي پنهنجي خزاني ۾ گڏ ڪري رکندا رهن ٿا ۽ ان کي الله جي راهہ ۾ خرچ نٿا ڪن تن کي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ٻڌائي ڇڏ.

## ڪافرن ۽ منافقن جا جنازا نہ پڙهو

وَ لَا تُصَلِّ عَلٰۤى اَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ اَبَدًا وَّ لَا تَقُمْ عَلٰى قَبْرِهٖ ؕ اِنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ مَاتُوْا وَ هُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿۸۴﴾ (التوبہ: ۸۴)

(۸۴) ۽ (اي پيغمبر!) انهن مان ڪوئي مري وڃي تہ تون ڪڏهن بہ ان جي جنازي تي (هاڻي) نماز نہ پڙهجانءِ نڪي سندس قبر تي بيهي رهجاءِ. جو تہ هنن الله ۽ سندس رسول کي نہ مڃيو ۽ گنهگاري ۽ نافرماني جي حالت ۾ مري ويا.

## مشرڪن لاءِ بخشش جي دعا نہ ڪريو

مَا كَانَ لِلنَّبِيِّ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْ يَّسْتَغْفِرُوْا لِلْمُشْرِكِيْنَ وَ لَوْ كَانُوْۤا اُولِيْ قُرْبٰى مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُمْ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿۱۱۳﴾ (التوبہ: ۱۱۳)

(۱۱۳) پيغمبر کي ۽ انهن ماڻهن کي جيڪي ايمان رکن ٿا، هيئن ڪرڻ مناسب ناهي جو جڏهن چٽائي ٿي وڃي تہ هي ماڻهو دوزخي آهن، تڏهن بہ مشرڪن جي مغفرت لاءِ طلبگار ٿين، اگرچہ اهي مشرڪ سندن ويجها مائٽ هجن.





## احسان فراموشي نہ ڪريو

وَ اِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ الضُّرُّ دَعَانَا لِجَنْۢبِهٖۤ اَوْ قَاعِدًا اَوْ قَآئِمًا ۚ فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُ ضُرَّهٗ مَرَّ كَاَنْ لَّمْ يَدْعُنَاۤ اِلٰى ضُرٍّ مَّسَّهٗ ؕ كَذٰلِكَ زُيِّنَ لِلْمُسْرِفِيْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲﴾ (يونس: ۱۲)

(۱۲) ۽ جڏهن ڪنهن انسان کي ڪا تڪليف پهچي ٿي تہ ڪهڙي بہ حال ۾ هجي، پاسي ڀر ليٽيل هجي يا ويٺو هجي، اسان کي پڪارڻ لڳي ٿو پر جڏهن اسان سندس تڪليف لاهي ٿا ڇڏيون تڏهن هو اهڙيءَ طرح (منهن موڙي) هليو وڃي ٿو جو ڄڻ تہ مصيبت جي وقت هن اسان کي پڪاريو ئي ڪونہ هو. پوءِ ڏسو تہ جيڪي ماڻهو حدون لنگهي وڃن ٿا تن جي نظر ۾ سندن ڪم سهڻا ڪري ڏيکاريا ويا آهن.

## گمراهن جي ڪڍ نہ هلجو

قَالَ قَدْ اُجِيْبَتْ دَّعْوَتُكُمَا فَاسْتَقِيْمَا وَ لَا تَتَّبِعٰٓنِّ سَبِيْلَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۸۹﴾

(يونس: ۸۹)

(۸۹) الله تعاليٰ فرمايو تہ اوهان ٻنهي جي دعا قبول ڪئي وئي. سو هاڻي اوهان (پنهنجي راهہ ۾) مستقيم ۽ محڪم ٿي وک وڏايو ۽ انهن ماڻهن جي تابعداري نہ ڪريو جيڪي (منهنجي ڏسيل واٽ کي) نٿا ڄاڻن (۽ سمجهن).

## غيرالله کي نہ پڪاريو

وَ لَا تَدْعُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُكَ وَ لَا يَضُرُّكَ ۚ فَاِنْ فَعَلْتَ فَاِنَّكَ اِذًا مِّنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۰۶﴾ (يونس: ۱۰۶)

(۱۰۶) ۽ (مون کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ) الله کان سواءِ ڪنهن کي بہ نہ پڪار، ڪائنس سواءِ جيڪو بہ آهي سو نڪي فائدو پهچائي سگهي ٿو نڪي نقصان! جيڪڏهن تون ائين ڪندين (يعني ڪنهن غير کي پڪاريندين) تہ پوءِ يقيناً تون ظالمن ۾ شمار ڪيو ويندين.

****



www.sindhsalamat.com

وَ الَّذِيْنَ لَا يَدْعُوْنَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰـهًا اٰخَرَ وَ لَا يَقْتُلُوْنَ النَّفْسَ الَّتِيْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ وَ لَا يَزْنُوْنَ ۚ وَ مَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ يَلْقَ اَثَامًا ﴿۶۸﴾ يُّضٰعَفْ لَهُ الْعَذَابُ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَ يَخْلُدْ فِيْهٖ مُهَانًا ﴿۶۹﴾ (الفرقان: ٦٨،٦٩)

(٦٨) ۽ اهي (سچا بندا آهن) جيڪي خدا سان گڏ ٻين ديوتائن کي نٿا پڪارين، نڪي سواءِ حق جي ڪنهن به ساهدار (جانور يا ماڻهو) کي قتل ٿا ڪن جن کي قتل ڪرڻ خدا تعاليٰ حرام ٺهرايو آهي. نڪي زنا ٿا ڪن. جيڪو به اهي (ئي) ڪم ڪري ٿو سو (نه رڳو) اهڙن (سخت) گناهن جي سزا پوڳيندو. (پر) (٦٩) قيامت جي ڏينهن هن کي ٻيڻو عذاب ملندو ۽ انهيءَ عذاب ۾ هميشه ذلت ۽ خواريءَ سان رهندو.

****

فَلَا تَدْعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰـهًا اٰخَرَ فَتَكُوْنَ مِنَ الْمُعَذَّبِيْنَ ﴿۲۱۳﴾ (الشعراء: ٢١٣)

(٢١٣) سو (اي پيغمبر!) الله سان گڏ ڪنهن به ٻئي معبود يا ديوتا کي نه پڪارجانءِ. نه ته تون به انهن ۾ هوندين جن کي عذاب ڪيو ويندو.

****

وَ لَا تَدْعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰـهًا اٰخَرَ ۘ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۟ كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجْهَهٗ ؕ لَهُ الْحُكْمُ وَ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۸۸﴾ (القصص: ٨٨)

(٨٨) ۽ الله سان گڏ ڪنهن به ٻئي معبود کي نه سڏجانءِ (جو ته) هن (هڪ الله) کان سواءِ ٻيو ڪو به معبود آهي ئي ڪونه! هر هڪ شيءِ (۽ هرهڪ جانور) فنا ٿيڻ وارو آهي سواءِ سندس ذات جي. بادشاهي فقط سندس آهي. ۽ (آخر) اوهان سڀني کي ڏانهس ئي موٽڻو آهي.

****

وَّ اَنَّ الْمَسٰجِدَ لِلّٰهِ فَلَا تَدْعُوْا مَعَ اللّٰهِ اَحَدًا ﴿۱۸﴾ (الجن: ١٨)

(١٨) ۽ بيشڪ سجدي ڪرڻ جون سڀ جايون (اطاعت ۽ سجدا) الله جي





(عبادت) لاءِ آهن. پوءِ اوهين الله سان گڏ ڪنهن کي به نه سڏيو.

## الله کانسواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪريو

اَلَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّا اللّٰهَ ؕ اِنَّنِيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ وَّ بَشِيْرٌ ﴿۲﴾ (هود: ٢)

(٢) (ان قرآن جو اعلان ڇا آهي؟) اهو ته الله کان سواءِ ڪنهن جي به ٻانهپ نه ڪيو. يقين رکو ته مان (رسول) سندس طرفان اوهان ڏانهن خبردار ڪرڻ وارو ۽ خوشخبري پهچائڻ وارو آهيان.

****

وَ لَا تَجْعَلْ مَعَ اللّٰهِ اِلٰـهًا اٰخَرَ فَتُلْقٰى فِيْ جَهَنَّمَ مَلُوْمًا مَّدْحُوْرًا ﴿۳۹﴾ (بني اسرائيل: ٣٩)

۽ (انهن سيني ڳالهين جو بنياد هي آهي ته) الله سان گڏ ڪو ٻيو معبود نه ٺهرايو جو آخر دوزخ ۾ اڇلايا وڃو (اهڙيءَ حالت ۾ جو) ملامت ڪيل ۽ ڌڪاريل هجو.

****

وَ هُوَ اللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ لَهُ الْحَمْدُ فِي الْاُوْلٰى وَ الْاٰخِرَةِ ۫ وَ لَهُ الْحُكْمُ وَ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۷۰﴾ (القصص: ٧٠)

(٧٠) ۽ اهوئي (هڪ) الله آهي هن کان سواءِ ٻيو ڪو به معبود ڪونهي. اول توڙي آخر سڀ ساراهه فقط الله جي لاءِ آهي ۽ حڪم يا حڪومت رڳو سندس آهي. ۽ اوهان سيني کي ڏانهس ئي موٽڻو آهي.

## نااميد، ناشڪراءِ ۽ ٻٽاڪي نه ٿجو

وَ لَئِنْ اَذَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنَّا رَحْمَةً ثُمَّ نَزَعْنٰهَا مِنْهُ ۚ اِنَّهٗ لَيَـُٔوْسٌ كَفُوْرٌ ﴿۹﴾ وَ لَئِنْ اَذَقْنٰهُ نَعْمَآءَ بَعْدَ ضَرَّآءَ مَسَّتْهُ لَيَقُوْلَنَّ ذَهَبَ السَّيِّاٰتُ عَنِّيْ ؕ اِنَّهٗ لَفَرِحٌ فَخُوْرٌ ﴿۱۰﴾ (هود: ٩،١٠)

(٩) ۽ جيڪڏهن اسان انسان کي پاڻ وٽان رحمت جو مزو چکايون ٿا (يعني ڪا نعمت بخشيون ٿا) ۽ وري اها هٿائي ڇڏيون ٿا ته هو هڪدم مايوس ۽



www.sindhsalamat.com

ناشڪر ٿي وڃي ٿو. (١٠) ۽ جيڪڏهن ڪيس ڏک پهچي ٿو ۽ ان بعد ڪيس راحت جو مزو ٿا چکايون ٿا ته پوءِ (هڪدم غافل ٿي وڃي ٿو ۽) چوي ٿو ته هاڻي خرابيون مون کان پڇي ويون (هاڻي ڪهڙو غم آهي) حقيقت هيءَ آهي ته انسان (ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي) خوشيءَ ۾ پرجي وڃي ٿو ۽ ٻٽاڪون هڻڻ لڳي ٿو.

## انهن ماڻهن جا ڪرتوت جن کي عذاب ڏنو ويندو

مَنۡ كَانَ يُرِيۡدُ الۡحَيٰوةَ الدُّنۡيَا وَ زِيۡنَتَهَا نُوَفِّ اِلَيۡهِمۡ اَعۡمَالَهُمۡ فِيۡهَا وَ هُمۡ فِيۡهَا لَا
يُبۡخَسُوۡنَ ﴿١٥﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ لَيۡسَ لَهُمۡ فِى الۡاٰخِرَةِ اِلَّا النَّارُ ۖ وَ حَبِطَ مَا صَنَعُوۡا
فِيۡهَا وَ بٰطِلٌ مَّا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿١٦﴾ اَفَمَنۡ كَانَ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنۡ رَّبِّهٖ وَ يَتۡلُوۡهُ شَاهِدٌ
مِّنۡهُ وَ مِنۡ قَبۡلِهٖ كِتٰبُ مُوۡسٰٓى اِمَامًا وَّ رَحۡمَةً ؕ اُولٰٓئِكَ يُؤۡمِنُوۡنَ بِهٖ ؕ وَ مَنۡ
يَّكۡفُرۡ بِهٖ مِنَ الۡاَحۡزَابِ فَالنَّارُ مَوۡعِدُهٗ ۚ فَلَا تَكُ فِىۡ مِرۡيَةٍ مِّنۡهُ ۚ اِنَّهُ الۡحَقُّ مِنۡ
رَّبِّكَ وَ لٰكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿١٧﴾ وَ مَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنِ افۡتَرٰى عَلَى اللّٰهِ
كَذِبًا ؕ اُولٰٓئِكَ يُعۡرَضُوۡنَ عَلٰى رَبِّهِمۡ وَ يَقُوۡلُ الۡاَشۡهَادُ هٰٓؤُلَآءِ الَّذِيۡنَ كَذَبُوۡا عَلٰى
رَبِّهِمۡ ۚ اَلَا لَعۡنَةُ اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيۡنَ ﴿١٨﴾ الَّذِيۡنَ يَصُدُّوۡنَ عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَ
يَبۡغُوۡنَهَا عِوَجًا ؕ وَ هُمۡ بِالۡاٰخِرَةِ هُمۡ كٰفِرُوۡنَ ﴿١٩﴾ اُولٰٓئِكَ لَمۡ يَكُوۡنُوۡا مُعۡجِزِيۡنَ فِى
الۡاَرۡضِ وَ مَا كَانَ لَهُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مِنۡ اَوۡلِيَآءَ ۘ يُضٰعَفُ لَهُمُ الۡعَذَابُ ؕ مَا
كَانُوۡا يَسۡتَطِيۡعُوۡنَ السَّمۡعَ وَ مَا كَانُوۡا يُبۡصِرُوۡنَ ﴿٢٠﴾ (هود: ١٥ کان ٢٠)

(١٥) جيڪو (فقط) دنيا جي زندگي ۽ ان جي زينت چاهي ٿو تنهن لاءِ (اسان جو قانون هي آهي ته) سندس ڪوشش ۽ عمل جا نتيجا هتي (هن دنيا ۾) پورا پورا ڏئي ڇڏيون ٿا ۽ هن لاءِ هن دنيا ۾ ڪجهه به گهٽتائي ڪانه ٿي ڪئي وڃي. (١٦) پر (ياد رکو ته) هي اُهي ماڻهو آهن جن لاءِ آخرت (جي زندگيءَ) ۾ (دوزخ جي) باهه کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندو. (ڇو ته هو حقيقتن کان منڪر ٿي گناهه جا ڪم به ڪندا هئا). جيڪي به هنن دنيا ۾ ٺاهيو سو سڀ ضايع ٿي ويندو ۽ جيڪي عمل هو ڪندا رهيا آهن سي نابود ٿي ويندا. (١٧) وري ڏسو ته جيڪو ماڻهو پنهنجي پروردگار جي طرف کان هڪڙو روشن دليل رکندڙ هجي (يعني وجدان ۽ عقل جو فيصلو) ۽ ان سان گڏ هڪڙو شاهد به هن جي طرف کان اچي ويو هجي (يعني الله جو وحي) ۽ ان کان اڳي حضرت موسيٰ جو ڪتاب جو رهنمائي ڪندڙ ۽ سراسر رحمت هو سو به اچي چڪو هجي (۽ تصديق ڪندڙ هجي ته پوءِ به اهڙا ماڻهو انڪار ڪري ٿا سگهن ڇا؟ نه) اهي ماڻهو مٿس ايمان آڻين ٿا ۽ (ملڪ جي مختلف) ٽولين مان جيڪي به ان جا منڪر ٿيا تن بابت يقين رکو ته انهن لاءِ (دوزخ جي) باهه ئي (ٺڪاڻو) آهي، جنهن جي کين واعدو ڪيو ويو آهي. پوءِ (اي پيغمبر!) تون ان باري ۾ ڪنهن به طرح جو شڪ نه آڻ. (يعني قرآن جي دعوت جي ڪاميابي بابت ڪنهن به طرح جو شڪ نه ڪجانءِ) اهو تنهنجي پروردگار جي طرف کان حق ئي حق آهي، پر (افسوس! هيئن ٿو ٿئي جو) اڪثر ماڻهو (سچائيءَ تي) ايمان نٿا آڻين. (١٨) ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جو ڪوڙ ڳالهائي خدا تي بهتان لڳائي، جيڪي ائين ڪري رهيا آهن، سي پنهنجي پروردگار جي حضور ۾ پيش ڪيا ويندا ۽ ان وقت شاهد شاهدي ڏيندا ته هي اهي ماڻهو آهن جن پنهنجي پروردگار تي ڪوڙ هنيو هو. سو ٻڌي ڇڏيو ته انهن ظالمن تي الله جي لعنت آهي. (١٩) جيڪي الله جي راهه کان سندس بندن کي روڪين ٿا ۽ چاهين ٿا ته ان ۾ ور وڪڙ ۽ ڏنگائي پيدا ڪن ۽ جي آخرت جا به منڪر آهن. (٢٠) اهي ماڻهو نڪي زمين ۾ (الله کي) عاجز ڪرڻ وارا آهن (يعني الله جي ڪمن کي روڪي ڪين سگهندا) نڪي الله کان سواءِ انهن جو ڪوئي ڪارساز آهي. انهن کي ٻيڻو عذاب ٿيندو. (ڇو ته سندن سرڪشي ۽ ضديت اهڙي ته هئي جو) نڪي حق جي ڳالهه ٻڌي سگهندا هئا، نڪي (حقيقت جي روشني) ڏسي سگهندا هئا.

## ماپ تور ۾ گهٽ وڌائي نه ڪيو

وَ لَا تَبۡخَسُوا النَّاسَ اَشۡيَآءَهُمۡ وَ لَا تَعۡثَوۡا فِى الۡاَرۡضِ مُفۡسِدِيۡنَ ﴿٨٥﴾ (هود: ٨٥)

۽ ماڻهن کي سندن شيون (سندن حق کان) گهٽ نه ڏيو. ملڪ ۾ شرارت ۽ فساد نه پکيڙيندا وتو.

❊❊❊❊

احكام القرآن



www.sindhsalamat.com

وَيۡلٌ لِّلۡمُطَفِّفِيۡنَ ﴿١﴾ الَّذِيۡنَ اِذَا اكۡتَالُوۡا عَلَى النَّاسِ يَسۡتَوۡفُوۡنَ ﴿٢﴾ وَ اِذَا كَالُوۡهُمۡ اَوۡ وَّزَنُوۡهُمۡ يُخۡسِرُوۡنَ ﴿٣﴾ اَلَا يَظُنُّ اُولٰٓٮِٕكَ اَنَّهُمۡ مَّبۡعُوۡثُوۡنَ ﴿٤﴾ لِيَوۡمٍ عَظِيۡمٍ ﴿٥﴾ يَّوۡمَ يَقُوۡمُ النَّاسُ لِرَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿٦﴾ (المطففين: ١ کان ٦)

(١) (ماپ ۽ تور ۾) گهٽ ڪندڙن لاءِ وڏي هلاڪت آهي. (٢) اهي (پئسي جا پوڄاري) جڏهن ماڻهن کان توري ماپي (شيون يا محنت) وٺن ٿا تہ پورو ڪري وٺن ٿا. (٣) ۽ جڏهن انهن کي ماپي يا توري (۽ حساب يا مزدوري) ڏين ٿا تہ گهٽ ڪري ڏين ٿا. (٤) ڇا اهي خيال نٿا ڪن تہ انهن کي ضرور جيئرو ڪري اٿاريو ويندو. (٥) انهيءَ (حساب ڪتاب واري) وڏي ڏينهن، (٦) جنهن ڏينهن سڀئي ماڻهو جهانن جي پالڻهار جي اڳيان بيهندا.

❊❊❊❊

وَ اِلٰى مَدۡيَنَ اَخَاهُمۡ شُعَيۡبًا ؕ قَالَ يٰقَوۡمِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمۡ مِّنۡ اِلٰهٍ غَيۡرُهٗ ؕ قَدۡ جَآءَتۡكُمۡ بَيِّنَةٌ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ فَاَوۡفُوا الۡكَيۡلَ وَ الۡمِيۡزَانَ وَ لَا تَبۡخَسُوا النَّاسَ اَشۡيَآءَهُمۡ وَ لَا تُفۡسِدُوۡا فِى الۡاَرۡضِ بَعۡدَ اِصۡلَاحِهَا ؕ ذٰلِكُمۡ خَيۡرٌ لَّكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿٨٥﴾ (الاعراف: ٨٥)

(٨٥) ۽ الله تعالي! مدين وارن ڏي سندن ڀاءُ شعيب کي پيغمبر ڪري موڪليو. هن کين چيو تہ اي منهنجي قوم! فقط الله جي بندگي ڪيو. ان کان سواءِ ٻيو ڪوبہ اوهان جو معبود ڪونهي (جنهن جي عبادت ڪيو) توهان وٽ توهان جي پروردگار جي طرف کان روشن دليل اچي چڪو آهي. سو آئينده توهان ماپ ۽ تور پوري ڪندا ڪريو ۽ ماڻهن کي سندن شيون گهٽ ڪري نہ ڏيو ۽ ملڪ ۾ صلح امن امان ۽ انتظام هئڻ بعد وري فساد نہ پکيڙيو. توهان ۾ جيڪڏهن ايمان هجي تہ ان ۾ (يعني مٿين حڪمن مڃڻ ۾) توهان جي لاءِ گهڻي چڱائي ۽ بهتري آهي.

❊❊❊❊

اَلَّا تَطۡغَوۡا فِى الۡمِيۡزَانِ ﴿٨﴾ (الرحمن: ٨)





(٨) انهيءَ لاءِ تہ توهان (انسان بہ سڀني دنيائي معاملن ۾ قانون، عدل ۽ احسان جي) تارازيءَ کان ٻاهر نڪري نہ وڃو.

❊❊❊❊

وَ اَقِيۡمُوا الۡوَزۡنَ بِالۡقِسۡطِ وَ لَا تُخۡسِرُوا الۡمِيۡزَانَ ﴿٩﴾ (الرحمن: ٩)

(٩) ۽ (اي انسانو! هڪ ٻئي سان هلت ڪرڻ ۾) عدل ۽ انصاف جو وزن قائم رکو ۽ (عدل ۽ احسان جي) تارازيءَ ۾ گهٽتائي نہ ڪيو.

## دشمن جي مقابلي ۾ بہ حد کان نہ لنگهجو

فَاسۡتَقِمۡ كَمَاۤ اُمِرۡتَ وَ مَنۡ تَابَ مَعَكَ وَ لَا تَطۡغَوۡا ؕ اِنَّهٗ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ بَصِيۡرٌ ﴿١١٢﴾

(هود: ١١٢)

(١١٢) تنهن ڪري توکي گهرجي تہ جهڙيءَ طرح توکي حڪم ڏنو ويو آهي تهڙيءَ طرح تون ۽ اُهي سڀ جيڪي (خدا ڏي) موٽي توسان شامل ٿيا آهن، (حق جي راهہ تي) مضبوط ۽ محڪم ٿي وڃو ۽ حدن کان ٻاهر نہ وڃو. يقين ڪيو تہ جيڪي جيڪي توهان ڪيو ٿا سو خدا ڏسي رهيو آهي.

## ناشڪري کان بچجو

وَ اِذۡ تَاَذَّنَ رَبُّكُمۡ لَٮِٕنۡ شَكَرۡتُمۡ لَاَزِيۡدَنَّكُمۡ وَ لَٮِٕنۡ كَفَرۡتُمۡ اِنَّ عَذَابِىۡ لَشَدِيۡدٌ ﴿٧﴾

(ابراهيم: ٧)

(٧) (۽ اوهان اهو وقت وساري ڇڏيو آهي ڇا) جڏهن اوهان جي پروردگار (پنهنجي هن قانون جو) اعلان ڪيو هو تہ جيڪڏهن توهان شڪر ڪندؤ تہ مان اوهان کي اڃا بہ زياده نعمتون بخشيندس ۽ جيڪڏهن ناشڪري ڪندؤ تہ پوءِ ياد رکو تہ منهنجو عذاب بہ ڏاڍو سخت عذاب آهي.

❊❊❊❊

اِنۡ تَكۡفُرُوۡا فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِىٌّ عَنۡكُمۡ ۚ وَلَا يَرۡضٰى لِعِبَادِهِ الۡكُفۡرَ ۚ وَاِنۡ تَشۡكُرُوۡا



www.sindhsalamat.com

يَرْضَهُ لَكُمْ ۗ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ أُخْرٰى ۗ ثُمَّ إِلٰى رَبِّكُمْ مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۗ إِنَّهٗ عَلِيْمٌ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝ (الزمر: ٧)

(٧) (ياد رکو ته) جيڪڏهن توهان بي شڪر ٿي ڪفر جي واٽ ٿا وٺو ته الله تعاليٰ کي توهان جي ڪابه پرواهه ناهي. (پر هو اهڙو رحم وارو آهي جو) پنهنجي ٻانهن جو ڪفر (۽ تباهي) ڪيس بلڪل پسند ناهي. پر جيڪڏهن توهان شڪرگذار آهيو (۽ سندس قرآن جو قدر ڪري ان تي عمل ٿا ڪيو) ته هو اوهان کان راضي ۽ خوش ٿو ٿئي ۽ (ياد رکو ته توهان جيڪڏهن ڪفر ڪندؤ ۽ بدعمل ڪندؤ ته توهان جي عذاب جو بار ٻيو ڪوبه نه کڻندو ڇو ته) ڪوبه بار کڻندڙ ٻئي جو بار کڻي نٿو سگهي. (۽ ياد رکو ته) توهان کي پنهنجي پروردگار ڏي موٽڻو آهي. پوءِ هو اوهان کي اوهان جي ڪئي عملن جي حقيقت ٻڌائيندو. يقيناً هو دلين ۾ لڪايل ڳالهيون به خوب ڄاڻي ٿو.

## سرڪشي ۽ تڪبر نه ڪجو

إِلٰهُكُمْ إِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَالَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ قُلُوْبُهُمْ مُّنْكِرَةٌ وَّهُمْ مُّسْتَكْبِرُوْنَ ۝ لَا جَرَمَ أَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ۗ إِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْتَكْبِرِيْنَ ۝ (النحل: ٢٢، ٢٣)

(٢٢) توهان جو معبود ته هڪ ئي معبود آهي. (ان کان سواءِ ٻيو ڪوبه معبود ڪونهي) پوءِ جيڪي ماڻهو آخرت جي زندگيءَ تي يقين نٿا رکن تن جون دليون انڪار ڪندڙ آهن. هو (سچائيءَ جي مقابلي ۾) هٺ وڏائي ڪري رهيا آهن. (٢٣) يقيناً (الله تعاليٰ هنن جي حال کان بي خبر ناهي) اهي ماڻهو جيڪي جيڪي (دل ۾) لڪائين ٿا ۽ جيڪي جيڪي ظاهر ڪري ٿا ڏين ٿا سو سڀ الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو. هو هٺ وڏائي ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري.

## ٻه ٻه گهر نه پنو

وَقَالَ اللّٰهُ لَا تَتَّخِذُوْٓا إِلٰهَيْنِ اثْنَيْنِ ۚ إِنَّمَا هُوَ إِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَإِيَّايَ فَارْهَبُوْنِ ۝
(النحل: ٥١)





(٥١) ۽ الله تعاليٰ فرمايو آهي ته پنهنجي لاءِ ٻه معبود نه ٺهرايو ۽ بنايو. حقيقت فقط هيءَ آهي ته اهو (الله) ئي هڪ معبود آهي. (سو ڏسو ته) فقط مان ئي (معبود) آهيان، تنهن ڪري فقط مون کان ڊڄو (۽ منهنجا حڪم مڃو).

****

لَوْ كَانَ فِيْهِمَآ اٰلِهَةٌ إِلَّا اللّٰهُ لَفَسَدَتَا ۚ فَسُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ الْعَرْشِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ۝
(الانبياء: ٢٢)

(٢٢) جيڪڏهن آسمان ۽ زمين ۾ الله کان سواءِ ڪو ٻيو معبود هجي ها ته (ممڪن ئي نه هو ته ان جو ڪارخانو نظام سان ۽ هڪ ڍنگ ۽ قانون سان هلي ها بلڪ) اهي (زمين ۽ آسمان) يقيناً بگڙجي برباد ٿي وڃن ها. پوءِ الله جي لاءِ جو (جهان جي) تخت جو مالڪ آهي شان ۽ پاڪائي هجي. انهن سڀني ڳالهين کان پاڪ آهي جيڪي هي ماڻهو سندس متعلق بيان ڪن ٿا.

## الله جي لاءِ مثال نه ڏيو

فَلَا تَضْرِبُوْا لِلّٰهِ الْاَمْثَالَ ۗ إِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ وَأَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ۝ (النحل: ٧٤)

(٧٤) پوءِ (دنيا جي بادشاهن جو مثال وٺي پنهنجي ڪم عقليءَ کان) الله جي لاءِ مثال نه گهڙيو ۽ ناهيو. الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو توهان ڪجهه به نٿا ڄاڻو.

## پنهنجا قسم نه ٽوڙيو

وَأَوْفُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ إِذَا عٰهَدْتُّمْ وَلَا تَنْقُضُوا الْاَيْمَانَ بَعْدَ تَوْكِيْدِهَا وَقَدْ جَعَلْتُمُ اللّٰهَ عَلَيْكُمْ كَفِيْلًا ۗ إِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ ۝ (النحل: ٩١)

(٩١) ۽ جڏهن توهان پاڻ ۾ واعدو يا عهدنامون ڪيو ته (سمجهي ڇڏيو ته ڄڻ الله سان عهد ڪيو اٿوَ) پوءِ اوهان کي گهرجي ته الله جو عهد پورو ڪيو ۽ ائين نه ڪيو جو قسمن تي (واعدو يا عهد نامون) پڪو ڪري وري ان کي ٽوڙي ڇڏيو حالانڪ توهان الله کي پنهنجي مٿان نگهبان ٺهرائي چڪا آهيو (يعني الله جو قسم کڻي ڪيس شاهد ڪري چڪا آهيو) يقين ڪيو ته توهان



www.sindhsalamat.com

جيڪي جيڪي ڪيو ٿا سو الله کان لڪل ڪونهي.

## قسمن کي دغابازيءَ جو بهانو نہ بڻايو

وَ لَا تَتَّخِذُوْۤا اَيْمَانَكُمْ دَخَلًۢا بَيْنَكُمْ فَتَزِلَّ قَدَمٌۢ بَعْدَ ثُبُوْتِهَا وَ تَذُوْقُوا السُّوْٓءَ بِمَا
صَدَدْتُّمْ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ وَ لَكُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٩٤﴾ (النحل: ٩٤)

(٩٤) ۽ هڪ ٻئي جي معاملن ۾ پنهنجي قسمن کي مڪر ۽ فريب جو ذريعو نہ بڻايو جو ماڻهن جا قدم ڄمي ويهڻ ۽ کپي وڃڻ بعد وري اکڙي وڃن، ۽ هن ڳالهہ جي بدلي ۾ جو توهان ماڻهن کي الله جي راهہ کان روڪيو توهان کي برن نتيجن جو برو ذائقو چکڻو پوي ۽ آخرڪار توهان هڪ وڏي عذاب جا لائق ٿي وڃو.

## الله سان ڪيل اقرار کي نہ وڪڻو

وَ لَا تَشْتَرُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ اِنَّمَا عِنْدَ اللّٰهِ هُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ
كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٩٥﴾ (النحل: ٩٥)

(٩٥) ۽ الله جي نالي تي ڪيل واعدا ۽ عهدناما (دنيا جي) تمام ٿورڙي فائدي لاءِ وڪڻي نہ ڇڏيو. (سچائيءَ جو) جيڪو اجر الله وٽ آهي، سو توهان جي لاءِ گهڻو بهتر آهي، بشرطيڪ توهان ڄاڻو ۽ سمجهو.

## حلال حرام کي زبان جي مسخري نہ بڻايو

وَ لَا تَقُوْلُوْا لِمَا تَصِفُ اَلْسِنَتُكُمُ الْكَذِبَ هٰذَا حَلٰلٌ وَّ هٰذَا حَرَامٌ لِّتَفْتَرُوْا عَلَى
اللّٰهِ الْكَذِبَ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ لَا يُفْلِحُوْنَ ﴿١١٦﴾ (النحل: ١١٦)

(١١٦) ۽ هيئن نہ ڪيو جو جيڪا ڪوڙي ڳالهہ توهان جي زبان تي اچي وڃي سا ٺڪ چئي ڏيو (۽ پنهنجي دل مان گهڙي حڪم لڳائي ڇڏيو) تہ هيءَ شيءِ حلال آهي ۽ هيءَ شيءِ حرام آهي. اهڙيءَ طرح حڪم لڳائڻ الله تي ڪوڙ هڻڻ آهي (۽ ياد رکو تہ) جيڪي ماڻهو الله تي ڪوڙو ناهہ مڙهين ٿا سي ڪڏهن بہ فلاح (۽ ڪاميابي) حاصل نہ ڪندا.





## غيرالله کي ڪارساز نہ بڻايو

وَ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَ جَعَلْنٰهُ هُدًى لِّبَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ اَلَّا تَتَّخِذُوْا
مِنْ دُوْنِيْ وَكِيْلًا ﴿٢﴾ (بني اسرائيل: ٢)

(٢) ۽ (اهڙيءَ طرح) اسان موسيٰ کي ڪتاب (تورات) ڏنو ۽ ان ڪتاب کي بني اسرائيلن جي لاءِ هدايت جو ذريعو بڻايو (۽ حڪم ڏنو) تہ مون کان سواءِ ڪنهن بہ ٻئي کي پنهنجو ڪارساز نہ بڻائجو.

## غيرالله کي معبود نہ بڻايو

لَا تَجْعَلْ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتَقْعُدَ مَذْمُوْمًا مَّخْذُوْلًا ﴿٢٢﴾ (بني اسرائيل: ٢٢)

(٢٢) الله سان گڏ ڪنهن بہ ٻئي کي معبود نہ بڻايو نہ تہ اهڙا هوندؤ جو هر طرح نفرت جا لائق ۽ هر طرح پريشان ۽ تنگ حال هوندؤ.

****

وَ قَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّاۤ اِيَّاهُ (بني اسرائيل: ٢٣)

(٢٣) ۽ تنهنجي پروردگار حڪم ڏئي ڇڏيو آهي تہ ڪانئس سواءِ ٻئي ڪنهن جي بہ پانهپ نہ ڪيو

## والدين کي اُف بہ نہ چئو

وَ بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ؕ اِمَّا يَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَاۤ اَوْ كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ
لَّهُمَاۤ اُفٍّ وَّ لَا تَنْهَرْهُمَا وَ قُلْ لَّهُمَا قَوْلًا كَرِيْمًا ﴿٢٣﴾ (بني اسرائيل: ٢٣)

۽ پنهنجي ماءُ پيءُ سان ڀلايون ڪيو. جيڪڏهن ماءُ پيءُ مان ڪو هڪ يا ٻئي تنهنجي حياتيءَ ۾ ٻڍاپڻ جي عمر کي پهچي وڃن (۽ انهن جي خدمت جو بار تنهنجي ذمي ٿئي) تہ انهن جي ڪنهن بہ ڳالهہ تي رڳو اف بہ نہ چؤ (يعني ڪوبہ خفي ٿيڻ جو لفظ نہ چؤ) نڪي (غصي ۾ اچي) ڪين جهڻڪڻ شروع ڪري ڏي. هنن سان ڳالهہ ٻولهہ ادب ۽ عزت سان ڪر.



www.sindhsalamat.com

## اجايا خرچ نہ ڪيو

وَ اٰتِ ذَاالْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَ الْمِسْكِيْنَ وَ ابْنَ السَّبِيْلِ وَ لَا تُبَذِّرْ تَبْذِيْرًا ﴿۲۶﴾ اِنَّ الْمُبَذِّرِيْنَ كَانُوْۤا اِخْوَانَ الشَّيٰطِيْنِ ؕ وَ كَانَ الشَّيْطٰنُ لِرَبِّهٖ كَفُوْرًا ﴿۲۷﴾

(بني اسرائيل: ٢٦،٢٧)

(٢٦) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪي توهان جا مائٽ آهن، جيڪي بہ مسڪين آهن ۽ جيڪي (بي سمر ۽ بي يار) مسافر آهن، انهن سڀني جو اوهان تي حق آهي ۽ انهن جو حق ادا ڪندا رهو. ۽ (مال ۽ دولت کي) ائين اجايو (عياشين ۽ نمائشن تي) خرچ نہ ڪيو جيئن بيجا لٽڻ ٿيندو آهي. (٢٧) اجايو خرچ ڪندڙ (جيڪي بيجا طور عياشين ۽ نمائشن تي مال لٽيندا آهن) شيطانن جا ڀائي بند آهن ۽ شيطان پنهنجي پروردگار جي نعمتن جو بي شڪر آهي.

## بُخل نہ ڪيو ۽ فضول خرچي بہ نہ ڪيو

وَ لَا تَجْعَلْ يَدَكَ مَغْلُوْلَةً اِلٰى عُنُقِكَ وَ لَا تَبْسُطْهَا كُلَّ الْبَسْطِ فَتَقْعُدَ مَلُوْمًا مَّحْسُوْرًا ﴿۲۹﴾ (بني اسرائيل: ٢٩)

(٢٩) ۽ نڪي پنهنجو هٿ پنهنجي ڳچيءَ سان ٻڌي ڇڏيو (يعني نڪي ڪنجوسائي ڪيو) نڪي بلڪل هٿ ڦاڙ ٿيو (ٻنهي حالتن جو نتيجو هي ٿيندو تہ) توهان تي هر طرف کان ملامت پوندي ۽ تنگيءَ جي حالت ۾ رهندؤ.

****

وَ الَّذِيْنَ اِذَاۤ اَنْفَقُوْا لَمْ يُسْرِفُوْا وَ لَمْ يَقْتُرُوْا وَ كَانَ بَيْنَ ذٰلِكَ قَوَامًا ﴿۶۷﴾

(الفرقان: ٦٧)

(٦٧) ۽ اهي (سچا ٻندا آهن) جي جڏهن (پئسا، سامان يا پنهنجون طاقتون) خرچ ڪن ٿا يا ڪم ٿا آڻين تڏهن حد کان ٻاهر نٿا وڃن ۽ فضول خرچي نٿا ڪن، نڪي وري ڪنجوسائي ٿا ڪن. انهن جي سڀ هلت چلت افراط ۽ تفريط (يعني اور ۽ پورا) جي وچ ۾ هوندي آهي.

****





الَّذِيْنَ يَبْخَلُوْنَ وَ يَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبُخْلِ ؕ وَ مَنْ يَّتَوَلَّ فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿۲۴﴾ (الحديد: ٢٤)

(٢٤) جيڪي (ڦونڊ ڪندڙ ٿي ڪري) بخل ۽ ڪنجوسائي ڪندا آهن ۽ ماڻهن کي بہ ڪنجوسائي ڪرڻ جو حڪم ڏيندا آهن. (پر ياد رکو تہ) جيڪو ڪوبہ (خدا جي حڪمن کان) ڦري ٿو وڃي تہ (ڪابہ پرواهہ ناهي هو رڳو پنهنجو نقصان ٿو ڪري) الله تعاليٰ تہ يقيناً بي پرواهہ آهي ۽ سڀ ساراهہ جو لائق آهي.

## سڃائيءَ جي ڀَوَ کان اولاد کي قتل نہ ڪيو

وَ لَا تَقْتُلُوْۤا اَوْلَادَكُمْ خَشْيَةَ اِمْلَاقٍ ؕ نَحْنُ نَرْزُقُهُمْ وَ اِيَّاكُمْ ؕ اِنَّ قَتْلَهُمْ كَانَ خِطْاً كَبِيْرًا ﴿۳۱﴾ (بني اسرائيل: ٣١)

(٣١) ۽ سڃائي جي خوف کان پنهنجي اولاد کي ماري نہ ڇڏيو. اسان ئي کين ۽ اوهان کي بہ روزي ٿا رسايون. هنن کي ماري ڇڏڻ تمام وڏو گناهہ آهي.

## زنا جي ويجها نہ وڃو

وَ لَا تَقْرَبُوا الزِّنٰۤى اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً ؕ وَ سَآءَ سَبِيْلًا ﴿۳۲﴾ (بني اسرائيل: ٣٢)

(٣٢) ۽ زناڪاريءَ جي ويجهي بہ نہ وڃو. يقين ڪيو تہ اهو ڪم وڏي بي شرميءَ جو ڪم آهي ۽ وڏي خرابيءَ جي چال آهي.

****

وَ الَّذِيْنَ لَا يَدْعُوْنَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ وَ لَا يَقْتُلُوْنَ النَّفْسَ الَّتِيْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ وَ لَا يَزْنُوْنَ ۚ وَ مَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ يَلْقَ اَثَامًا ﴿۶۸﴾ (الفرقان: ٦٨)

(٦٨) ۽ اهي (سچا ٻندا آهن) جيڪي خدا سان گڏ ٻين ديوتائن کي نٿا پڪارين، نڪي سواءِ حق جي ڪنهن بہ ساهدار (جانور يا ماڻهو) کي قتل ٿا ڪن جن کي قتل ڪرڻ خدا تعاليٰ حرام ٺهرايو آهي. نڪي زنا ٿا ڪن. جيڪو بہ اهي (ٿي) ڪم ڪري ٿو سو (نہ رڳو) اهڙن (سخت) گناهن جي سزا



www.sindhsalamat.com

پوڳيندو. (پر)

## جنهن شيءِ جو علم نہ هجي ان جي پوئتان نہ پئو

وَلَا تَقۡفُ مَا لَيۡسَ لَكَ بِهٖ عِلۡمٌ ؕ اِنَّ السَّمۡعَ وَالۡبَصَرَ وَالۡفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓـئِكَ كَانَ عَنۡهُ مَسۡـُٔوۡلًا ﴿۳۶﴾ (بني اسرائيل: ٣٦)

(٣٦) ۽ (ڏسو) جنهن ڳالھ جو اوهان کي علم ڪونهي تنهن جي پٺيان نہ پئو. (پنهنجي حد جي اندر رهو) ياد رکو تہ ڪنن، اکين، دل ۽ دماغ (يعني جذبن ۽ خيالن) جي باري ۾ پڇاڻو ٿيڻو آهي.

## نہ گهڻو زور سان ۽ نہ گهڻو آهستي

وَلَا تَجۡهَرۡ بِصَلَاتِكَ وَلَا تُخَافِتۡ بِهَا وَابۡتَغِ بَيۡنَ ذٰلِكَ سَبِيۡلًا ﴿۱۱۰﴾ (بني اسرائيل: ١١٠)

۽ (اي پيغمبر!) تون نماز ۾ نڪي وڏي واڪي (قرآن) پڙھ، نہ وري بلڪل آهستي. توکي گهرجي تہ درميانو طريقو اختيار ڪرين.

## هي نہ چئو تہ سڀاڻي ڪندس

وَلَا تَقُوۡلَنَّ لِشَاۡىۡءٍ اِنِّىۡ فَاعِلٌ ذٰلِكَ غَدًا ﴿۲۳﴾ اِلَّاۤ اَنۡ يَّشَآءَ اللّٰهُ وَاذۡكُرۡ رَّبَّكَ اِذَا نَسِيۡتَ وَقُلۡ عَسٰٓى اَنۡ يَّهۡدِيَنِ رَبِّىۡ لِاَقۡرَبَ مِنۡ هٰذَا رَشَدًا ﴿۲۴﴾ (الڪهف: ٢٣، ٢٤)

(٢٣) ۽ ڪابہ ڳالھ هجي تہ ائين ڪڏهن بہ نہ چئو تہ، سڀاڻي مان اهو ڪم ڪري ڇڏيندس. (٢٤) سواءِ هن جي جو سمجهي ڇڏيو تہ ٿيندو اهوئي جو الله تعاليٰ چاهيندو ۽ جڏهن ويسر ٿيئوَ تہ وري الله جي يادگيري تازي ڪري چئو تہ، اميد آهي تہ منهنجو پروردگار هن کان بہ زياده ڪاميابيءَ جي راھ منهنجي لاءِ کولي ڇڏيندو.

## خواهشن پرستن جون ڳالهيون نہ مڃو

وَلَا تُطِعۡ مَنۡ اَغۡفَلۡنَا قَلۡبَهٗ عَنۡ ذِكۡرِنَا وَاتَّبَعَ هَوٰٮهُ وَكَانَ اَمۡرُهٗ فُرُطًا ﴿۲۸﴾

(الڪهف: ٢٨)





جنهن ماڻهوءَ جي دل کي اسان پنهنجي يادگيريءَ کان غافل ڪري ڇڏيون (يعني اسان جي ٺهرايل قانون مطابق جنهن جي دل غافل ٿي ويئي) ۽ جيڪو پنهنجي خواهشن جي پٺيان لڳو تنهن ماڻهوءَ جي ڳالهين تي ڪن نہ ڏي، هنن جو معاملو حد کان ٻاهر نڪري ويو آهي.

## الله جي ڪلام کان نہ لنوايو

وَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنۡ ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ فَاَعۡرَضَ عَنۡهَا وَنَسِىَ مَا قَدَّمَتۡ يَدٰهُ ؕ اِنَّا جَعَلۡنَا عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ اَكِنَّةً اَنۡ يَّفۡقَهُوۡهُ وَفِىۡۤ اٰذَانِهِمۡ وَقۡرًا ؕ وَاِنۡ تَدۡعُهُمۡ اِلَى الۡهُدٰى فَلَنۡ يَّهۡتَدُوۡۤا اِذًا اَبَدًا ﴿۵۷﴾ (الڪهف: ٥٧)

(٥٧) ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي ٿو سگهي جنهن کي سندس پروردگار جون آيتون ياد ڏياريون وڃن ۽ هو انهن کان ڪنڌ موڙي ڇڏي ۽ پنهنجا بدعمل وساري ڇڏي، جيڪي اڳي ڪري چڪو آهي. بيشڪ اسان هنن جي دلين تي پردا وجهي ڇڏيا آهن، جنهن ڪري ڪابہ ڳالھ سمجهي نٿا سگهن ۽ اسان سندن ڪنن ۾ ٻوڙاڻ وجهي ڇڏي آهي، (جنهن ڪري هو حق جو آواز ٻڌي نٿا سگهن) تون هنن کي ڪيترو بہ سڏي واٽ ڏي، سڏين تہ بہ هو هرگز ڪڏهن بہ سڌي واٽ لهي نہ سگهندا.

## الله جي ذڪر ۾ سستي نہ ڪريو

اِذۡهَبۡ اَنۡتَ وَاَخُوۡكَ بِاٰيٰتِىۡ وَلَا تَنِيَا فِىۡ ذِكۡرِىۡ ﴿۴۲﴾ (طٰه: ٤٢)

(٤٢) (هاڻي) تون ۽ تنهنجو ڀاءُ ٻئي منهنجون نشانيون کڻي وڃو ۽ منهنجي يادگيري ڪرڻ (۽ منهنجي حڪمن جي تعميل ڪرڻ) ۾ ڪابہ ڪوتاهي نہ ڪجو.

## دنيا جي سونهن تي نہ هرڪجو

وَلَا تَمُدَّنَّ عَيۡنَيۡكَ اِلٰى مَا مَتَّعۡنَا بِهٖۤ اَزۡوَاجًا مِّنۡهُمۡ زَهۡرَةَ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ۙ لِنَفۡتِنَهُمۡ فِيۡهِ ؕ وَرِزۡقُ رَبِّكَ خَيۡرٌ وَّاَبۡقٰى ﴿۱۳۱﴾ (طٰه: ١٣١)



www.sindhsalamat.com

(١٣١) ۽ ھي جو اسان مختلف قسمن جي ماڻھن کي دنيوي زندگيءَ جون آرائشون سينگار ۽ رونقون ڏنيون آھن تن تي سندن اکيون ڏيان نہ ڏين (۽ ڪو خيال نہ ڪر) اھي سڀ انھيءَ لاءِ آھن جو اسان ھنن (گنھگارن) کي آزمائش ۾ وڌو آھي ۽ جيڪا تنھنجي پروردگار جي بخشيل روزي آھي سا ئي (تنھنجي لاءِ) بھتر آھي ۽ (نتيجن جي لحاظ کان) باقي رھڻ واري (يعني جتادار) آھي.

****

لَا يَغُرَّنَّكَ تَقَلُّبُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِى الْبِلَادِ ﴿١٩٦﴾ مَتَاعٌ قَلِيْلٌ ثُمَّ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ط وَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿١٩٧﴾ (آل عمران: ١٩٦،١٩٧)

(١٩٦) (اي پيغمبر!) جن ماڻھن ڪفر جي واٽ ورتي آھي انھن جو ملڪ ۾ (تجمل ۽ وڏائي سان) ھيڏي ھوڏي گھمڻ ڦرڻ توکي دوکي ۾ نہ وجھي. (١٩٧) اھو ٿورڙو دنياوي فائدو آھي. آخر انھن جو ٺڪاڻو جھنم آھي. اھو ڪھڙو نہ برو ٺڪاڻو آھي.

****

اَلَّذِيْنَ يَسْتَحِبُّوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا عَلَى الْاٰخِرَةِ وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ يَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ط اُولٰٓئِكَ فِىْ ضَلٰلٍۢ بَعِيْدٍ ﴿٣﴾ (ابراھيم: ٣)

(٣) جن آخرت کي ڇڏي دنيا جي زندگي پسند ڪئي، جيڪي ماڻھن کي الله جي راھ کان روڪين ٿا ۽ چاھين ٿا تہ ان راھ ۾ ڏنگائي ڦڏائي پيدا ڪن، اھي ئي ماڻھو آھن جيڪي وڏي اونھي گمراھيءَ ۾ وڃي پيا آھن.

****

لَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖٓ اَزْوَاجًا مِّنْهُمْ وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَاخْفِضْ جَنَاحَكَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٨٨﴾ (الحجر: ٨٨)

(٨٨) ۽ ھي جو اسان انھن (ڪافرن) منجھان گھڻن ئي قسمن جي ماڻھن کي (زندگيءَ جي فائدن مان) حصيدار ڪيو آھي، تن ڏي تون (ريس جي نظر سان)





نہ نھار. نڪي سندن (انڪار ۽ شرارتن جي) حالت تي غم ۽ افسوس ڪر. تون مؤمنن جي لاءِ پنھنجون ٻانھون ڏگھيون ڪر (يعني ساڻن محبت رک ۽ انھن جي طرف متوجھہ ٿيءُ).

****

مَنْ كَفَرَ بِاللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ اِيْمَانِهٖٓ اِلَّا مَنْ اُكْرِهَ وَقَلْبُهٗ مُطْمَئِنٌّۢ بِالْاِيْمَانِ وَلٰكِنْ مَّنْ شَرَحَ بِالْكُفْرِ صَدْرًا فَعَلَيْهِمْ غَضَبٌ مِّنَ اللّٰهِ ج وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١٠٦﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمُ اسْتَحَبُّوا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا عَلَى الْاٰخِرَةِ لا وَاَنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٠٧﴾ (النحل: ١٠٦،١٠٧)

(١٠٦) جيڪڏھن ڪو بہ ماڻھو ايمان آڻڻ بعد وري الله کان منڪر ٿئي ٿو ۽ سندس دل ان انڪار تي راضي ٿي وڃي ٿي تہ اھڙن ماڻھن تي الله جو غضب آھي ۽ انھن لاءِ تمام وڏو عذاب آھي. پر جيڪڏھن ڪو ماڻھو ڪفر (جي ڪنھن ڳالھ چوڻ) تي مجبور ڪيو وڃي (۽ ٻيوس ٿي جان جي خوف کان اھڙي ڳالھ چئي ڏئي) ۽ ھن جي دل (اندر ئي اندر) ايمان تي راضي ۽ محڪم ھجي (تہ اھڙن ماڻھن تي ڏوھ ڪونھي). (١٠٧) اھو (عذاب ۽ غضب) ھن ڪري آھي جو ھنن آخرت کي ڇڏي دنيا جي زندگيءَ سان محبت رکي. پڻ ھن ڪري جو الله (جو قانون آھي تہ ھو) منڪرن لاءِ (بھبودي ۽ سعادت جي) راھ نٿو کولي.

****

اِنَّا جَعَلْنَا مَا عَلَى الْاَرْضِ زِيْنَةً لَّهَا لِنَبْلُوَهُمْ اَيُّهُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ﴿٧﴾ (الڪھف: ٧)

(٧) روءِ زمين تي جيڪي بہ آھي، تنھن کي اسان زمين جي لاءِ زينت ۽ سونھن بنايو آھي، ۽ ھن لاءِ بنايو آھي تہ ماڻھن کي آزمايون تہ انھن مان ڪھڙن جا عمل وڌيڪ چڱا آھن.

****

فَاَمَّا مَنْ طَغٰى ﴿٣٧﴾ وَاٰثَرَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿٣٨﴾ فَاِنَّ الْجَحِيْمَ هِىَ الْمَاْوٰى ﴿٣٩﴾

(النازعات: ٣٧ کان ٣٩)



www.sindhsalamat.com

(٣٧) تہ پوءِ جيڪو (زندگيءَ جي عملن ۾) حدن کان لنگھيو هوندو. (٣٨) ۽ دنيا جي حياتيءَ کي (آخرت جي حياتيءَ تي) پسند ڪيو هوندائين. (٣٩) تہ بيشڪ دوزخ ئي (ان جي) رهڻ جي جاءِ آهي.

## زانيءَ کي سزا ڏيڻ ۾ ترس نہ ڪائو

اَلزَّانِيَةُ وَالزَّانِيْ فَاجْلِدُوْا كُلَّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا مِائَةَ جَلْدَةٍ ۠ وَّلَا تَاْخُذْكُمْ بِهِمَا رَاْفَةٌ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۚ وَلْيَشْهَدْ عَذَابَهُمَا طَآئِفَةٌ مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۲﴾ (النور: ٢)

(٢) زنا ڪندڙ عورت ۽ زنا ڪندڙ مرد (ٻنهي مان) هرهڪ کي سؤ سؤ ڦٽڪا هڻو. جيڪڏهن توهان الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان ٿا رکو تہ (ائين ضرور ڪيو) ۽ الله جي دين جي معاملي ۾ انهن ٻنهي سان رعايت هرگز نہ ڪرڻ گهرجي. ۽ ٻنهي جي سزا مسلمانن جي هڪ جماعت(اکين سان) ڏسي (۽ عبرت وٺي).

## زاني مشرڪن سان نڪاح نہ ڪيو

اَلزَّانِيْ لَا يَنْكِحُ اِلَّا زَانِيَةً اَوْ مُشْرِكَةً ۫ وَّالزَّانِيَةُ لَا يَنْكِحُهَآ اِلَّا زَانٍ اَوْ مُشْرِكٌ ۚ وَحُرِّمَ ذٰلِكَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۳﴾ (النور: ٣)

(٣) زاني مرد ، زاني عورت يا مشرڪياڻي عورت کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ عورت سان شادي ڪري نٿو سگهي ۽ زاني عورت سان سواءِ زاني يا مشرڪ مرد جي ٻيو ڪوبہ نڪاح ڪري نٿو سگهي. مسلمانن لاءِ ائين ڪرڻ حرام ٺهرايو ويو آهي. (زاني عورت سان نڪاح ناجائز آهي ۽ زاني مرد کي سگ ڏيڻ بہ ناجائز آهي.)

## بهتان بازيون نہ ڪيو

يَعِظُكُمُ اللّٰهُ اَنْ تَعُوْدُوْا لِمِثْلِهٖٓ اَبَدًا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۷﴾ (النور: ١٧)





(١٧) (ڏسو) الله تعاليٰ! اوهان کي نصيحت ٿو ڪري تہ جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو ۽ ايمان اٿوَ تہ وري ڪڏهن بہ ان جهڙي روش ۾ هلت نہ وٺجو.

## هوند وارا ماڻهو خرچ نہ ڪرڻ جو قسم نہ ڪائين

وَلَا يَاْتَلِ اُولُوا الْفَضْلِ مِنْكُمْ وَالسَّعَةِ اَنْ يُّؤْتُوْٓا اُولِي الْقُرْبٰى وَالْمَسٰكِيْنَ وَالْمُهٰجِرِيْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۖ وَلْيَعْفُوْا وَلْيَصْفَحُوْا ۭ اَلَا تُحِبُّوْنَ اَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۲﴾ (النور: ٢٢)

(٢٢) ۽ اوهان مان جيڪي فضل ۽ وسعت وارا آهن. تن کي گهرجي تہ اهو قسم نہ کڻن تہ اسان (فلاڻن) ماڻتن. مسڪينن ۽ خدا جي راهہ ۾ هجرت ڪندڙن کي ڪجهہ بہ نہ ڏينداسين. ڪين گهرجي تہ (سندن قصور) معاف ڪري ڇڏين ۽ درگذر ڪن. ڇا توهان هي ڳالهہ پسند نٿا ڪيو تہ خدا اوهان کي بخشي ڇڏي ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.

## بنا اجازت ٻين جي گهرن ۾ داخل نہ ٿيو

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَدْخُلُوْا بُيُوْتًا غَيْرَ بُيُوْتِكُمْ حَتّٰى تَسْتَاْنِسُوْا وَتُسَلِّمُوْا عَلٰٓى اَهْلِهَا ۭ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿۲۷﴾ (النور: ٢٧)

(٢٧) اي مؤمنؤ! پنهنجي گهرن کان سواءِ ٻين جي گهرن ۾ بنا اجازت جي ۽ بنا السلام عليڪم چوڻ جي نہ گهڙو. ائين ڪرڻ (يعني سلام ورائڻ ۽ اجازت گهرڻ) توهان جي لاءِ ئي تمام چڱو آهي. عجب ناهي ۽ ممڪن آهي تہ توهان (ان حڪم جي بجا آوري ڪرڻ سان) هدايت واري واٽ وٺندؤ(۽ خراب خيالن کان بچندؤ).

❊❊❊❊

فَاِنْ لَّمْ تَجِدُوْا فِيْهَآ اَحَدًا فَلَا تَدْخُلُوْهَا حَتّٰى يُؤْذَنَ لَكُمْ ۚ وَاِنْ قِيْلَ لَكُمُ ارْجِعُوْا فَارْجِعُوْا هُوَ اَزْكٰى لَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿۲۸﴾ (النور: ٢٨)



www.sindhsalamat.com

(٢٨) جيڪڏهن سمجهو ته گهر ۾ ڪوبه ڪونهي ته به جيستائين اجازت نه ملي تيستائين گهر ۾ اندر نه وڃو. ۽ جيڪڏهن توهان کي چيو وڃي ته موٽي وڃو ته (بلڪل رنج نه ٿيو خوشيءَ سان) واپس هليا وڃو. اها ڳالهه توهان جي ٿي لاءِ بهتر آهي. ۽ (ياد رکو ته) جيڪي جيڪي توهان ڪيو ٿا سڀ خدا کي خبر آهي.

## محرمن کان سواءِ ٻئي لاءِ زينت ظاهر نه ڪريو

وَ قُلْ لِّلْمُؤْمِنٰتِ يَغْضُضْنَ مِنْ اَبْصَارِهِنَّ وَ يَحْفَظْنَ فُرُوْجَهُنَّ وَ لَا يُبْدِيْنَ زِيْنَتَهُنَّ اِلَّا مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَ لْيَضْرِبْنَ بِخُمُرِهِنَّ عَلٰى جُيُوْبِهِنَّ ۠ وَ لَا يُبْدِيْنَ زِيْنَتَهُنَّ اِلَّا لِبُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ اٰبَآئِهِنَّ اَوْ اٰبَآءِ بُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ اَبْنَآئِهِنَّ اَوْ اَبْنَآءِ بُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ اِخْوَانِهِنَّ اَوْ بَنِيْۤ اِخْوَانِهِنَّ اَوْ بَنِيْۤ اَخَوٰتِهِنَّ اَوْ نِسَآئِهِنَّ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُنَّ اَوِ التّٰبِعِيْنَ غَيْرِ اُولِي الْاِرْبَةِ مِنَ الرِّجَالِ اَوِ الطِّفْلِ الَّذِيْنَ لَمْ يَظْهَرُوْا عَلٰى عَوْرٰتِ النِّسَآءِ ۠ وَ لَا يَضْرِبْنَ بِاَرْجُلِهِنَّ لِيُعْلَمَ مَا يُخْفِيْنَ مِنْ زِيْنَتِهِنَّ ؕ وَ تُوْبُوْۤا اِلَى اللّٰهِ جَمِيْعًا اَيُّهَ الْمُؤْمِنُوْنَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۳۱﴾ (النور: ٣١)

(٣١) ۽ مؤمن عورتن کي به چئو ته هو به پنهنجون اکيون هيٺ رکن (جڏهن ڪو ڌاريو مرد سامهون ايندڙ هجي) ۽ پنهنجي لڄ ۽ شرم جي حفاظت ڪن ۽ پنهنجي سونهن ۽ هار سينگار (ڌارين جي اڳيان) ظاهر نه ڪن. سواءِ ان جي جيڪي (رواجي طرح) ان مان ٻاهر رهندڙ آهي ۽ هيئين (ذڪر ڪيل ماڻهن کان سواءِ ٻين جي اڳيان پنهنجي سونهن ۽ هار سينگار ظاهر نه ڪن: سندن مڙس يا پيءُ، يا سهرو يا سندن پٽ، يا سندن ڀانهيون، يا اهي خادم جيڪي انهيءَ خواهش کان گذر ڪري چڪا هجن يا اهي ٻار يا ڇوڪر جن کي اڃا عورتن جي پردي جي ڳالهين جي ڪابه خبر ڪانهي، (انهن جي اڳيان عورتون پنهجي زينت ظاهر ڪن ته گناهه ڪونهي) ۽ عورتن کي گهرجي ته (گهمڻ وقت) پنهنجا پير زمين تي اهڙو زور سان نه هڻن جو هنن جي لڪل زيورن جو ڇمڪو ٻڌڻ ۾ اچي. ۽ اي مؤمنؤ! (مکيه ڳالهه هي اٿوَ ته) توهان سڀ خدا ڏي موٽو (ٻيا خيال ڇڏي الله جي حڪمن موجب هلو) ته توهان هر طرح جي بهبودي ۽ بهتري حاصل ڪيو.





## ٻانهين کي بدڪاري تي مجبور نه ڪريو

وَ لَا تُكْرِهُوْا فَتَيٰتِكُمْ عَلَى الْبِغَآءِ اِنْ اَرَدْنَ تَحَصُّنًا لِّتَبْتَغُوْا عَرَضَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ؕ وَ مَنْ يُّكْرِهْهُّنَّ فَاِنَّ اللّٰهَ مِنْۢ بَعْدِ اِكْرَاهِهِنَّ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۳۳﴾ (النور: ٣٣)

۽ پنهنجي ٻانهين کي دنيوي زندگي جي فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ زنا ڪاري ڪرڻ تي مجبور نه ڪيو. جڏهن ته هو پاڪ دامن رهڻ چاهين ٿيون ۽ جيڪڏهن هنن کي ڪو ماڻهو (ڪسب ڪرڻ لاءِ) مجبور ڪندو ته پوءِ هنن جي مجبوريءَ ٻيوسيءَ جي ڪري الله تعاليٰ (هنن کي بخشي ڇڏيندو ڇو ته هو) غفور ۽ رحيم آهي.

## ڪافرن اڳيان گوڏا نه کوڙيو

فَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَ جَاهِدْهُمْ بِهٖ جِهَادًا كَبِيْرًا ﴿۵۲﴾ (الفرقان: ٥٢)

(٥٢) پوءِ (اي منهنجا رسول تون) هنن ڪافرن جي چوڻ (۽ خواهشن) تي نه هل، بلڪ هن (قرآن پڌائڻ) سان هنن (جي هدايت) لاءِ جهاد يعني سخت ۾ سخت ڪوشش ڪندو رهه جو وڏي ۾ وڏو جهاد آهي.

## جاهلن کان ٽارو ڪريو

وَ عِبَادُ الرَّحْمٰنِ الَّذِيْنَ يَمْشُوْنَ عَلَى الْاَرْضِ هَوْنًا وَّ اِذَا خَاطَبَهُمُ الْجٰهِلُوْنَ قَالُوْا سَلٰمًا ﴿۶۳﴾ (الفرقان: ٦٣)

(٦٣) رحمان خدا جا سچا ٻانها اهي آهن جيڪي زمين تي نماڻائيءَ سان هلن چلن ٿا ۽ جڏهن جاهل (۽ مغرور) ماڻهو ساڻن (بيهودي نموني سان) ڳالهائين ٿا تڏهن هو ڪين چون ٿا ته شال سلامتي هجي توهان تي (يعني خدا اوهان کي بيهودين ڳالهين کان ۽ عذاب کان بچائي. مان ته صبر ڪيون هليو ٿو وڃان).

## ڇوڪري بازي ۽ فحاشي جي ويجها نه وڃو

وَ لُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖۤ اَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ وَ اَنْتُمْ تُبْصِرُوْنَ ﴿۵۴﴾ اَئِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ



www.sindhsalamat.com

الرِّجَالَ شَهْوَةً مِّنْ دُوْنِ النِّسَآءِ ؕ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ تَجْهَلُوْنَ ﴿۵۵﴾ (النمل: ۵۴،۵۵)

(۵۴) ۽ اسان حضرت لوط کي بہ پيغمبر ڪري موڪليو. ڏسو هن پنهنجي قوم جي ماڻهن کي چيو تہ، ڇا توهان غليظ بي شرميءَ جو ڪم ڪي رهيا آهيو اگرچہ توهان ڏسو بہ ٿا (تہ اها سخت بي حيائي آهي.) (۵۵) ڇا توهان شهوت سان مردن ڏي ٿا وڃو ۽ عورتن کي ڇڏي ٿا ڏيو. حقيقت هيءَ آهي تہ توهان سخت جاهل ماڻهو آهيو. (۽ وڏا ظالم ۽ بدڪار آهيو).

****

اَئِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ وَ تَقْطَعُوْنَ السَّبِيْلَ ۙ۬ وَ تَاْتُوْنَ فِيْ نَادِيْكُمُ الْمُنْكَرَ ؕ فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖۤ اِلَّاۤ اَنْ قَالُوا ائْتِنَا بِعَذَابِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۲۹﴾
(العنڪبوت: ۲۹)

(۲۹) ڇا توهان (عورتن جي بجاءِ) مردن ڏي ٿا وڃو؟ ۽ پڻ رهزني ٿا ڪيو؟ (يعني واٽن تي ويهي مسافرن کي ٿا لٽيو ۽ ڦريو؟) ۽ پنهنجي مجلسن ۾ بہ اهو ساڳيو نفرت جهڙو ڪم ٿا ڪيو پر سندس قوم جي ماڻهن وٽ (انهن سمجهاڻين متعلق) فقط هي ئي جواب هو جو ڪيس چيائون تہ. جيڪڏهن تون سچو آهين (هن ڳالهہ ۾ تہ اسان تي عذاب ايندو) تہ پيلا آڻ اسان تي خدا جو عذاب!

## دنيا ۽ آخرت مان پنهنجو حصو چونڊي وٺو ۽ فساد نہ ڪريو

وَ ابْتَغِ فِيْمَاۤ اٰتٰىكَ اللّٰهُ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ وَ لَا تَنْسَ نَصِيْبَكَ مِنَ الدُّنْيَا وَ اَحْسِنْ كَمَاۤ اَحْسَنَ اللّٰهُ اِلَيْكَ وَ لَا تَبْغِ الْفَسَادَ فِي الْاَرْضِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿۷۷﴾
(القصص: ۷۷)

(۷۷) ۽ (قارون کي هيئن بہ چيائون تہ) الله تعاليٰ جيڪو توکي هيترو رزق ۽ مال دولت ڏني آهي تنهن سان (تون سخاوت ڪري) آخرت جي گهر (يعني جنت) لاءِ تلاش (۽ طلب) ڪر، ۽ دنيا ۾ جيڪو تنهنجو حصو آهي سو بہ نہ وسار (يعني پنهنجي دولت مان پنهنجي ۽ پنهنجي اولاد ۽ مائٽن جي جسم،





دل ۽ دماغ جي سڌاري ۽ واڌاري ۽ خوشحال رهڻ لاءِ بہ خرچ ڪر) ۽ جيئن الله تعاليٰ توتي احسان ڪيو آهي، تيئن تون بہ (ماڻهن تي) احسان ڪر ۽ نہ (اتلندو) ملڪ ۾ فساد ۽ بگاڙو مچاءِ. يقيناً الله تعاليٰ فساد ۽ بگاڙو مچائيندڙن کي ناپسند ٿو ڪري.

## والدين جي اطاعت ڪيو ۽ مشرڪ نہ بڻجو

وَ وَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ حُسْنًا ؕ وَ اِنْ جَاهَدٰكَ لِتُشْرِكَ بِيْ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ فَلَا تُطِعْهُمَا ؕ اِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ فَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۸﴾ (العنڪبوت: ۸)

(۸) اسان هر انسان کي پنهنجي پيءُ ماءُ سان احسان ۽ چڱو سلوڪ ڪرڻ جي وصيت ڪئي آهي (اگرچہ اهي مشرڪ هجن) پر جيڪڏهن اهي ٻئي ڪوشش ڪن تہ تون مون (الله) سان ڪنهن ٻئي کي بہ شريڪ ڪرين (يعني منهنجي حڪمن جي ابتڙ ڪنهن ٻئي جو حڪم مڃين) جنهن ڳالهہ جي باري ۾ توکي پورو علم ئي ڪونہ آهي تہ پوءِ انهن جي فرمانبرداري نہ ڪر (بين اهڙين ڳالهين ۾ انهن جي تابعداري. بيشڪ جن ۾ خدا جي حڪمن جي انحرافي ڪانہ ٿي ٿئي. ياد رکو تہ) اوهان سڀني کي مون ڏي ئي موٽڻو آهي پوءِ (ان وقت) مان اوهان کي ٻڌائيندس تہ توهان ڪهڙا ڪهڙا عمل ڪيا هئا.

## ماڻهن جي اذيتن کي عذابِ الاهي نہ سمجهو

وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ فَاِذَاۤ اُوْذِيَ فِي اللّٰهِ جَعَلَ فِتْنَةَ النَّاسِ كَعَذَابِ اللّٰهِ ؕ وَ لَئِنْ جَآءَ نَصْرٌ مِّنْ رَّبِّكَ لَيَقُوْلُنَّ اِنَّا كُنَّا مَعَكُمْ ؕ اَوَ لَيْسَ اللّٰهُ بِاَعْلَمَ بِمَا فِيْ صُدُوْرِ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰﴾ (العنڪبوت: ۱۰)

(۱۰) ۽ (افسوس) ماڻهن ۾ ڪي اهڙا (ضعيف ايمان وارا يا منافق) بہ آهن جيڪي (ظاهري تہ) چون ٿا تہ، اسان ايمان آندو آهي پر جڏهن (خدا جي راهہ ۾) ڪنهن تڪليف يا مصيبت هيٺ اچن ٿا تڏهن ماڻهن جي ظلم (ڪان جيڪا تڪليف کين پهچي ٿي تنهن) کي خدا جي عذاب وانگر ٿا سمجهن (يعني ان کي خدا جو عذاب ڪري ٿا سمجهن. حالانڪ اها سندن ايمان جي آزمائش ٿي ونجي) ۽ جيڪڏهن تنهنجي پروردگار وٽان



www.sindhsalamat.com

(اوهان مسلمانن لاءِ) ڪا مدد (۽ فتح) اچي ته پوءِ يقيناً (پنهنجن فائدن وٺڻ لاءِ) چوندا ته يقيناً اسان توهان (مسلمانن) سان شامل هئاسين. (نه اوهان جي دشمنن سان) ڇا (هو ايترو به نٿا ڄاڻن ته) الله تعاليٰ خوب ڄاڻي ٿو ته ماڻهن جي دلين ۾ ڇا آهي. (اهي منافق مسلمانن کي ڪٽي ٺڳي سگهن پر خدا سندن دلين جا خيال به ڄاڻي ٿو ۽ ڪين سندن بدخيالن ۽ بدعملن موجب ضورور سزا ڏيندو.)

## ناچ گانن کان بچو

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْتَرِيْ لَهْوَ الْحَدِيْثِ لِيُضِلَّ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۖ وَّ يَتَّخِذَهَا هُزُوًا ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ۝ (لقمان: ٦)

(٦) ۽ ماڻهن ۾ ڪي اهڙا (بيهودا بيوقوف به) آهن جيڪي بيهوديون ڳالهيون ۽ افسانا خريد ڪن ٿا (يعني هتان هُتان هٿ ڪن ٿا) انهيءَ لاءِ ته (انهن جي ٻڌائڻ سان ماڻهن کي) خدا جي واٽ کان ٿيڙي گمراهه ڪري ڇڏين. هنن کي (حقيقي) علم آهي ئي ڪون. ۽ هو خدا جي ڏيکاريل واٽ (۽ خدا جي سچي تعليم) تي کل مسخري ڪندا ٿا رهن. انهن تي اهڙو عذاب ايندو جو ڪين خوار خراب ڪندو.

****

وَاسْتَفْزِزْ مَنِ اسْتَطَعْتَ مِنْهُمْ بِصَوْتِكَ وَاَجْلِبْ عَلَيْهِمْ بِخَيْلِكَ وَرَجِلِكَ وَشَارِكْهُمْ فِي الْاَمْوَالِ وَالْاَوْلَادِ وَعِدْهُمْ ؕ وَمَا يَعِدُهُمُ الشَّيْطٰنُ اِلَّا غُرُوْرًا ۝

(بني اسرائيل: ٦٤)

(٦٤) انهن ماڻهن مان جنهن کي به تون پنهنجا ٺڳيندڙ آواز (۽ الفاظ) ٻڌائي گمراهه ڪري سگهين (ٿو) تنهن کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري وٺ. پنهنجي لشڪر جي سوارن ۽ پيادن سان حملو ڪر. سندن مال ۽ اولاد ۾ شريڪ ٿي وڃ. هنن سان (هر قسم جي ڳالهين جا) واعدا ڪر. پر شيطان جا واعدا ته رڳو ٺڳيون ۽ فريب آهن.

****





اَفَمِنْ هٰذَا الْحَدِيْثِ تَعْجَبُوْنَ ۝ وَتَضْحَكُوْنَ وَلَا تَبْكُوْنَ ۝ وَاَنْتُمْ سٰمِدُوْنَ ۝

(النجم: ٥٩ کان ٦١)

(٥٩) پوءِ ڇا توهان هن ڳالهه بابت عجب ۾ پئجي ٿا وڃو؟ (۽ اعتبار نٿا ڪيو؟) (٦٠) ۽ کلو ٿا پيا ۽ روئو نٿا؟ (٦١) ۽ توهان بيهودين ڳالهين ۾ پنهنجو وقت ضايع ڪري رهيا آهيو. (غفلت ڇڏيو خبردار ٿيو).

****

وَالَّذِيْنَ لَا يَشْهَدُوْنَ الزُّوْرَ ۙ وَاِذَا مَرُّوْا بِاللَّغْوِ مَرُّوْا كِرَامًا ۝ (الفرقان: ٧٢)

(٧٢) ۽ اهي (سچا ٻانها آهن) جيڪي ڪوڙ (۽ ظلم واري ڳالهه) تي شاهدي نٿا ڏين ۽ جڏهن ڪنهن بيهودگيءَ (يا بري ڪم ٿيڻ واري جاءِ) وٽان لنگهن ٿا تڏهن شريفاڻي ڍنگ سان (نه آڪڙ سان)، پاسو ڪري هليا وڃن ٿا.

****

وَمَا كَانَ صَلَاتُهُمْ عِنْدَ الْبَيْتِ اِلَّا مُكَآءً وَّتَصْدِيَةً ؕ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ۝ (الانفال: ٣٥)

(٣٥) ۽ ڪعبي جي گهر ۾ هنن جي نماز سواءِ هن جي ٻيو ڇا هئي ته سيٽيون وڄائن ۽ تاڙيون هڻن. پوءِ جيڪو ڪفر توهان ڪيو ٿا (تنهن جي بدلي ۾) عذاب جو مزو چکو.

## سواءِ ڪنهن علم جي الله بابت نه وڙهو

اَلَمْ تَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ سَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ وَاَسْبَغَ عَلَيْكُمْ نِعَمَهٗ ظَاهِرَةً وَّبَاطِنَةً ؕ وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يُّجَادِلُ فِي اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّلَا هُدًى وَّلَا كِتٰبٍ مُّنِيْرٍ ۝ (لقمان: ٢٠)

(٢٠) توهان نٿا ڏسو ڇا ته الله تعاليٰ اهي سڀ شيون جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن اوهان کي (اوهان جي ڪم اچڻ لاءِ) تابع ڪري ڏنيون آهن. ۽ توهان جي لاءِ ظاهري (يعني روح جي پرورش لاءِ روحاني) نعمتون (جهڙوڪ علم، عقل،



www.sindhsalamat.com

وحي، شريف جذبا وغيره) بي انداز مهيا ڪري ڇڏيون آهن. (افسوس جو تنهن هوندي بي) ماڻهن ۾ ڪي اهڙا آهن جيڪي الله جي باري ۾ اجايا جهڳڙا ڪندا ٿا رهن، حالانڪ ڪين نہ علم آهي، نہ (عقل جي) هدايت اٿن، نڪي وري ڪو روشني ڏيندڙ ڪتاب اٿن.

## دنيا جي چمڪ ۽ شيطان ڪان ڏوکو نہ کائو

فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۗ وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ ﴿۳۳﴾ (لقمان: ۳۳)

تنهن ڪري (خبردار ٿيو) ائين نہ ٿئي جو دنيا جي زندگي (يعني وقتي خوشي يا فائدو) توهان کي ٺڳي (۽ بدعمل ڪرائي) ۽ ائين نہ ٿئي جو دغا باز شيطان (اوهان کي ترت فائدو ڏيکاري) الله (جي فرمانبرداري) بابت برغلائي ڇڏي.

❁❁❁❁

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۗ وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ ﴿۵﴾ (الفاطر: ۵)

(۵) اي انسانو! يقين ڄاڻو تہ الله جو واعدو (تہ مؤمن ڪامياب ٿيندا ۽ غالب پوندا ۽ منڪر شڪست کائيندا ۽ تباهہ ٿيندا) سچو آهي (۽ ضرور سچو ثابت ٿيندو) تنهن ڪري دنيا جي ويجهي زندگيءَ تي (يعني ٻي سمجهہ ٻارن وانگي ترت فائدي يا خوشيءَ تي) ڀنيلجي نہ وڃو (مستقبل جو خيال رکو ۽ ڏسو تہ ان ڪم ۾ پوءِ فائدو آهي يا نقصان). (۽ ڏسو) متان (اوهان جو دشمن) شيطان اوهان کي (مهربان) الله بابت ٺڳي ڇڏي (۽ اوهان کي ڪنڌ ڀر ڪيرائي).

## نصيحت کان منهن موڙڻ ظلم آهي

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ ثُمَّ اَعْرَضَ عَنْهَا ۭ اِنَّا مِنَ الْمُجْرِمِيْنَ مُنْتَقِمُوْنَ ﴿۲۲﴾ (السجده: ۲۲)

(۲۲) جنهن ماڻهو کي سندس پروردگار جون آيتون ٻڌايون وڃن ۽ پوءِ بہ هو منهن موڙي وڃي (۽ بدعمل ڪري) تنهن کان وڌيڪ ظالم (۽ گنهگار) ڪير





ٿي ٿو سگهي؟ يقيناً اسان اهڙن گنهگارن کي (سندن بدعملن جو) پورو پورو بدلو ڏينداسين.

## ڪافرن ۽ منافقن جي ڳالهين ۾ نہ ڦاسو

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اتَّقِ اللّٰهَ وَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۱﴾
(الاحزاب: ۱)

(۱) اي نبي! تون فقط خدا کان ڊڄ، (ڪافرن ۽ منافقن کان بلڪل نہ ڊڄ.) ۽ ڪافرن ۽ منافقين جي (غلط) ڳالهين تي نہ لڳ (تون الله جي ڳالهين ۽ حڪمن جي پيروي ڪندو رهہ، ڇو تہ) يقيناً الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي ۽ وڏي حڪمت وارو آهي (تنهن ڪري سندس ئي حڪمن تي هلڻ ۾ ڇڱائي آهي).

❁❁❁❁

وَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَدَعْ اَذٰىهُمْ وَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ۭ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿۴۸﴾ (الاحزاب: ۴۸)

(۴۸) ۽ (اي پيغمبر!) تون ڪافرن ۽ منافقن جي (بيجا خواهشن ۽ چوڻ تي) نہ لڳ، ۽ اهي جيڪي تڪليفون توکي ڏين ٿا تن جو خيال ئي نہ ڪر ۽ الله تي ڀروسو رک ۽ الله ئي ڪافي ڪارساز آهي.

## وات چواڻي سان ڪا بہ عورت ماءُ ۽ ڪو بہ ڇوڪرو پٽ نہ ٿو بڻجي سگهي

مَا جَعَلَ اللّٰهُ لِرَجُلٍ مِّنْ قَلْبَيْنِ فِيْ جَوْفِهٖ ۚ وَمَا جَعَلَ اَزْوَاجَكُمُ الّٰٓئِ تُظٰهِرُوْنَ مِنْهُنَّ اُمَّهٰتِكُمْ ۚ وَمَا جَعَلَ اَدْعِيَآءَكُمْ اَبْنَآءَكُمْ ۭ ذٰلِكُمْ قَوْلُكُمْ بِاَفْوَاهِكُمْ ۭ وَاللّٰهُ يَقُوْلُ الْحَقَّ وَهُوَ يَهْدِي السَّبِيْلَ ﴿۴﴾ اُدْعُوْهُمْ لِاٰبَآئِهِمْ هُوَ اَقْسَطُ عِنْدَ اللّٰهِ ۚ فَاِنْ لَّمْ تَعْلَمُوْٓا اٰبَآءَهُمْ فَاِخْوَانُكُمْ فِي الدِّيْنِ وَمَوَالِيْكُمْ ۭ وَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ فِيْمَآ اَخْطَاْتُمْ بِهٖ ۙ وَلٰكِنْ مَّا تَعَمَّدَتْ قُلُوْبُكُمْ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۵﴾

(الاحزاب: ۴،۵)



www.sindhsalamat.com

(۴) الله تعاليٰ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي سيني ۾ ٻہ دليون ڪونہ رکيون آهن، نڪي الله تعاليٰ توهان جي زالن کي جن سان توهان اظهار ٿا ڪيو توهان جون مائر بنائي ڇڏيو آهي، نڪي انهن کي اوهان جو پٽ بنايو اٿس جن کي توها پٽ ڪري نپايو آهي (يا ڏيئرن جو پٽ يا گود جو پٽ ڪري سڏيو آهي) اهي توهان جي وات جون (بي معنيٰ) ڳالهيون آهن. پر الله تعاليٰ سچي حقيقت ٿو ٻڌائي ۽ هو سڌو سنئون رستو ٿو ڏيکاري. (۵) انهن (دين جي ڀائرن يا پٽن کي يا ٻانهن) کي سندن پيءُ جي نالن سان سڏيو. اها ڳالهہ الله وٽ زياده انصاف واري آهي. پر جيڪڏهن توهان کي سندن ابن جا نالا معلوم نہ هجن تہ پوءِ هو توهان جا دين جا ڀائر ۽ دوست آهن. پر جيڪڏهن ان ڳالهہ ۾ اوهان کان ڀل چڪ ٿي وڃي تہ پوءِ اوهان تي ڪوبہ ڏوهہ ڪونهي، پر گناهہ هن ۾ آهي جو توهان دل جي ارادي سان ائين ڪيو ۽ (ڀل چڪ جي حالت ۾) الله تعاليٰ وڏو بخشڻهار ۽ رحم ڪندڙ آهي.

## عورتون نرم لهجي ۾ ڳالهہ ڪن

يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ اِنِ اتَّقَيْتُنَّ فَلَا تَخْضَعْنَ بِالْقَوْلِ فَيَطْمَعَ الَّذِيْ فِيْ قَلْبِهٖ مَرَضٌ وَّ قُلْنَ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ﴿۳۲﴾ (الاحزاب: ۳۲)

(۳۲) اي نبيءَ جون زالون! اوهان ٻين عورتن وانگر نہ آهيو (اوهان جي پوزيشن بلڪل ٻي آهي) جيڪڏهن توهان خدا جو خوف ٿيون رکو ۽ پرهيزگار ٿيڻ ٿيون چاهيو تہ (مردن سان) اهڙي نرم (۽ دل ڇڪيندڙ) نموني سان نہ ڳالهايو جو جنهن (مرد) جي دل ۾ (بي حيائيءَ جو) مرض هجي سو (ڀلجي بيچڙائيءَ جو) حرص ڪري، ۽ اهڙا لفظ ڳالهايو جي مناسب ۽ انصاف وارا ڄاتا وڃن ٿا.

## ناهہ سينگار جي نمائش نہ ڪيو

وَ قَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَ لَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى وَ اَقِمْنَ الصَّلٰوةَ وَ اٰتِيْنَ الزَّكٰوةَ وَ اَطِعْنَ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ ؕ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَ يُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا ﴿۳۳﴾ (الاحزاب: ۳۳)





(۳۳) ۽ توهان پنهنجن گهرن ۾ (امن امان ۽ پاڪائيءَ سان) رهو. اڳئين جاهليت جي زماني (جي عورتن) وانگر (ماڻهن کي) هار سينگار ڏيکاريندي نہ وتو. (۽ نہ گهمو ڦرو) ۽ نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ڏيو ۽ الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪنديون رهو. اي اهل بيت (يعني حضرت جن جي گهر جا ڀاتيو انهن هدايتن ڏيڻ جو مقصد هي آهي جو) الله تعاليٰ فقط هي ٿو چاهي تہ ناپاڪائيءَ کي اوهان کان دور رکي ۽ اوهان کي هر طرح بلڪل پاڪ ڪري ڇڏي.

## نبي ﷺ ۽ مؤمنن کي اذيت نہ پهچايو

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَدْخُلُوْا بُيُوْتَ النَّبِيِّ اِلَّآ اَنْ يُّؤْذَنَ لَكُمْ اِلٰى طَعَامٍ غَيْرَ نٰظِرِيْنَ اِنٰىهُ ۙ وَلٰكِنْ اِذَا دُعِيْتُمْ فَادْخُلُوْا فَاِذَا طَعِمْتُمْ فَانْتَشِرُوْا وَ لَا مُسْتَاْنِسِيْنَ لِحَدِيْثٍ ؕ اِنَّ ذٰلِكُمْ كَانَ يُؤْذِي النَّبِيَّ فَيَسْتَحْيٖ مِنْكُمْ ۫ وَ اللّٰهُ لَا يَسْتَحْيٖ مِنَ الْحَقِّ ؕ وَ اِذَا سَاَلْتُمُوْهُنَّ مَتَاعًا فَسْـَٔلُوْهُنَّ مِنْ وَّرَآءِ حِجَابٍ ؕ ذٰلِكُمْ اَطْهَرُ لِقُلُوْبِكُمْ وَ قُلُوْبِهِنَّ ؕ وَ مَا كَانَ لَكُمْ اَنْ تُؤْذُوْا رَسُوْلَ اللّٰهِ وَ لَآ اَنْ تَنْكِحُوْٓا اَزْوَاجَهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖٓ اَبَدًا ؕ اِنَّ ذٰلِكُمْ كَانَ عِنْدَ اللّٰهِ عَظِيْمًا ﴿۵۳﴾ (الاحزاب: ۵۳)

(۵۳) اي مؤمنو! توهان نبي سڳوري جي گهرن ۾ تيستائين نہ گهڙو جيستائين اوهان کي (موڪل گهرڻ بعد) موڪل ڏني وڃي (اگرچہ اوهان کي ماني جي دعوت ڏنل هجي) ائين نہ ٿئي جو اڳ ئي اچي ماني تيار ٿيڻ تائين ترسي ويهي رهو، پر جڏهن توهان کي (اندر اچڻ لاءِ) سڏيو وڃي تڏهن ڀلي اندر وڃو. پوءِ جڏهن ماني کائي رهو تڏهن اٿي هليا وڃو ۽ ڳالهين ٻولهين جي مزيداريءَ لاءِ ويهي نہ رهو. اها ڳالهہ نبي سڳوري کي تڪليف ٿي ڏئي پر هو حياءَ کان توهان کي ڪجهہ نٿو چوي. مگر الله تعاليٰ حق چوڻ کان حياءَ نٿو ڪري ۽ (اي مؤمنو) جڏهن بہ توهان حرمن مبارڪن کان ڪا شيءِ گهرو تڏهن پردي جي پٺيان ويهي گهرو. ائين ڪرڻ سان اوهان جون دليون ۽ هنن جون دليون (خراب خيالن اچڻ کان) پاڪ رهنديون ۽ اوهان جي لاءِ مناسب ناهي تہ توهان الله جي رسول کي (ڪنهن بہ قسم جي) تڪليف ڏيو. نڪي مناسب آهي تہ توهان ڪانئس پوءِ سندس زالن سان ڪڏهن بہ نڪاح ڪيو. بيشڪ اها ڳالهہ الله تعاليٰ جي نظر ۾ وڏي خراب آهي.



www.sindhsalamat.com

❁❁❁❁

اِنَّ الَّذِیۡنَ یُؤۡذُوۡنَ اللّٰہَ وَ رَسُوۡلَہٗ لَعَنَہُمُ اللّٰہُ فِی الدُّنۡیَا وَ الۡاٰخِرَۃِ وَ اَعَدَّ لَہُمۡ عَذَابًا مُّہِیۡنًا ﴿۵۷﴾ وَ الَّذِیۡنَ یُؤۡذُوۡنَ الۡمُؤۡمِنِیۡنَ وَ الۡمُؤۡمِنٰتِ بِغَیۡرِ مَا اکۡتَسَبُوۡا فَقَدِ احۡتَمَلُوۡا بُہۡتَانًا وَّ اِثۡمًا مُّبِیۡنًا ﴿۵۸﴾ (الاحزاب: ۵۷،۵۸)

(۵۷) بيشڪ جيڪي ماڻهو الله ۽ سندس رسول کي ناراض ڪن ٿا تن تي الله تعاليٰ هن دنيا توڙي آخرت ۾ لعنت وجهي ڇڏي آهي، (يعني دنيا ۽ آخرت جي رحمتن ۽ نعمتن کان محروم رکيو آهي) ۽ هنن جي لاءِ خوار خراب ڪندڙ عذاب تيار ڪري رکيو آهي. (۵۸) ۽ جيڪي ماڻهو مؤمنن کي ۽ مؤمنياڻين کي بنا سندن (گناهه يا ڏوهه) ڪرڻ جي (ناحق) ايذاءُ پهچائين ٿا ۽ تڪليفون ڏين ٿا سي وڏي بهتان ۽ چٽي پٽي گناهه جو بار پنهنجي سر تي کڻن ٿا.

## رخصتي کان اڳ ئي طلاق تي عدت ناهي

یٰۤاَیُّہَا الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِذَا نَکَحۡتُمُ الۡمُؤۡمِنٰتِ ثُمَّ طَلَّقۡتُمُوۡہُنَّ مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ تَمَسُّوۡہُنَّ فَمَا لَکُمۡ عَلَیۡہِنَّ مِنۡ عِدَّۃٍ تَعۡتَدُّوۡنَہَا ۚ فَمَتِّعُوۡہُنَّ وَ سَرِّحُوۡہُنَّ سَرَاحًا جَمِیۡلًا ﴿۴۹﴾
(الاحزاب: ۴۹)

(۴۹) اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن توهان مؤمنياڻين سان نڪاح ڪيو ۽ وري ساڻن همبستريءَ ٿيڻ کان اڳ ئي طلاق ڏيئي ڇڏيو ته پوءِ انهن عورتن جي لاءِ عدت ڪانه آهي جا توهان کي شمار ڪرڻي پوي. (يعني اُهي عورتون هڪدم ڪنهن ٻئي مؤمن سان نڪاح ڪري سگهن ٿيون. توهان کي ڇا ڪرڻو آهي) جو هنن کي ڪجهه مال متاع ڏيو ۽ هنن کي سهڻي نموني ۾ آزاد ڪري ڇڏيو ۽ موڪل ڏيئي ڇڏيو (ته جڏهن وڻين تڏهن ٻيو نڪاح ڪن).

## مڪر ڪندڙن جي لاءِ سخت عذاب آهي

مَنۡ کَانَ یُرِیۡدُ الۡعِزَّۃَ فَلِلّٰہِ الۡعِزَّۃُ جَمِیۡعًا ؕ اِلَیۡہِ یَصۡعَدُ الۡکَلِمُ الطَّیِّبُ وَ الۡعَمَلُ الصَّالِحُ یَرۡفَعُہٗ ؕ وَ الَّذِیۡنَ یَمۡکُرُوۡنَ السَّیِّاٰتِ لَہُمۡ عَذَابٌ شَدِیۡدٌ ؕ وَ مَکۡرُ اُولٰٓئِکَ ہُوَ یَبُوۡرُ ﴿۱۰﴾ (الفاطر: ۱۰)





(۱۰) جيڪو ماڻهو عزت ۽ طاقت (حاصل ڪرڻ) چاهي ٿو (تنهن کي ياد رکڻ گهرجي ته) سڀ شان ۽ طاقت الله جي آهي ۽ الله جي لاءِ آهي. پاڪ لفظ ۽ پاڪ ڳالهيون الله تعاليٰ ڏي چڙهي وڃن ٿيون ۽ صالح عمل ان کي (يعني صالح عمل ڪندڙ کي) مٿي کڻي وڃن ٿا (يعني کيس عزت ۽ وڏو مرتبو حاصل ڪرائين ٿا) پر جيڪي ماڻهو برائيون رٿين ٿا ۽ برائيون ڪن ٿا تن جي لاءِ سخت عذاب (تيار رکيل) آهي. انهن ماڻهن جون (اهي برائيءَ جون) تدبيرون ڊهي پونديون.

## ڪفر ۽ ناشڪري نه ڪريو

اِنۡ تَکۡفُرُوۡا فَاِنَّ اللّٰہَ غَنِیٌّ عَنۡکُمۡ ۟ وَ لَا یَرۡضٰی لِعِبَادِہِ الۡکُفۡرَ ۚ وَ اِنۡ تَشۡکُرُوۡا یَرۡضَہُ لَکُمۡ ؕ وَ لَا تَزِرُ وَازِرَۃٌ وِّزۡرَ اُخۡرٰی ؕ ثُمَّ اِلٰی رَبِّکُمۡ مَّرۡجِعُکُمۡ فَیُنَبِّئُکُمۡ بِمَا کُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ؕ اِنَّہٗ عَلِیۡمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوۡرِ ﴿۷﴾ (الزمر: ۷)

(۷) (ياد رکو ته) جيڪڏهن توهان بي شڪر ٿي ڪفر جي واٽ ٿا وٺو ته الله تعاليٰ کي توهان جي ڪابه پرواهه ناهي. (پر هو اهڙو رحم وارو آهي جو) پنهنجي ٻانهن جو ڪفر (۽ تباهي) کيس بلڪل پسند ناهي. پر جيڪڏهن توهان شڪرگذار آهيو (۽ سندس قرآن جو قدر ڪري ان تي عمل ٿا ڪيو) ته هو اوهان کان راضي ۽ خوش ٿو ٿئي ۽ (ياد رکو ته، توهان جيڪڏهن ڪفر ڪندؤ ۽ بدعمل ڪندؤ ته توهان جي عذاب جو بار ٻيو ڪوبه نه کڻندو ڇو ته) ڪوبه بار کڻندڙ ٻئي جو بار کڻي نٿو سگهي. (۽ ياد رکو ته) توهان کي پنهنجي پروردگار ڏي موٽڻو آهي. پوءِ هو اوهان کي اوهان جي ئي عملن جي حقيقت ٻڌائيندو. يقيناً هو دلين ۾ لڪايل ڳالهيون به خوب ڄاڻي ٿو.

## الله ۽ رسول جي نافرماني نه ڪيو

قُلۡ اِنِّیۡۤ اَخَافُ اِنۡ عَصَیۡتُ رَبِّیۡ عَذَابَ یَوۡمٍ عَظِیۡمٍ ﴿۱۳﴾ (الزمر: ۱۳)

(۱۳) (۽ پڻ) چؤ ته جيڪڏهن مان پنهنجي پروردگار جي نافرماني ڪيان ته مون کي وڏي ڏينهن جي عذاب جو خوف آهي.

❁❁❁❁



www.sindhsalamat.com

وَ مَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّ لَا مُؤْمِنَةٍ اِذَا قَضَى اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗۤ اَمْرًا اَنْ يَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ مِنْ اَمْرِهِمْ ؕ وَ مَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًا مُّبِيْنًا ﴿۳۶﴾

(الاحزاب:۳۶)

(۳۶) ۽ ڪنهن به مؤمن ۽ مؤمنياڻي لاءِ جائز ناهي ته جڏهن الله ۽ سندس رسول ڪنهن به ڳالھ بابت ڪو حڪم صادر ڪن تڏهن هو پنهنجي انهيءَ معاملي ۾ پنهنجي راءِ تي هلن (۽ پنهنجي پسندي ۽ اختيار موجب عمل ڪن) ۽ جيڪو به الله ۽ سندس رسول جي نافرماني ٿو ڪري سو ظاهرظهور سڌي واٽ ڇڏي ڀلجي گمراھ ٿي ويو آهي.

## گناهن جي باوجود پنهنجي رب مان نااميد نه ٿيو

قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰۤى اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۵۳﴾ (الزمر: ۵۳)

(۵۳) (اي پيغمبر! ماڻهن کي منهنجو پيغام) ٻڌاءِ ته اي منهنجا ٻانهؤ جن (منهنجي واٽ ڇڏي بدعمل ڪري) پاڻ تي پاڻ زيادتي ۽ ظلم ڪيو آهي سي خدا جي رحمت مان اميد نه لاهيو (جيڪڏهن هاڻي به منهنجي ڏيکاريل واٽ تي هلڻ شروع ڪيو ته مان به رحمت جي موٽ ڪندس). يقيناً الله تعاليٰ (ان حالت ۾) سڀ گناھ بخشي ٿو ڇڏي. يقيناً هو وڏو بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.

****

يٰبَنِيَّ اذْهَبُوْا فَتَحَسَّسُوْا مِنْ يُّوْسُفَ وَ اَخِيْهِ وَ لَا تَايْـَٔسُوْا مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ لَا يَايْـَٔسُ مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿۸۷﴾ (يوسف: ۸۷)

(۸۷) (وري چيائين ته) اي منهنجا فرزندؤ! (هڪ ڀيرو وري به مصر) وڃو ۽ يوسف ۽ سندس ڀاءُ جو پتو لهو. الله جي رحمت کان نااميد نه ٿيو الله جي رحمت کان نااميد فقط اهي ماڻهو ٿين ٿا جيڪي منڪر آهن.





## الله جي پچار کان منهن نه موڙيو

وَ مَنْ يَّعْشُ عَنْ ذِكْرِ الرَّحْمٰنِ نُقَيِّضْ لَهٗ شَيْطٰنًا فَهُوَ لَهٗ قَرِيْنٌ ﴿۳۶﴾ (الزخرف:۳۶)

(۳۶) ۽ جيڪو به رحمان جي ذڪر کان (يعني قرآن مجيد تي عمل ڪرڻ کان) منهن ٿو موڙي تنهن جي لاءِ اسان هڪڙو شيطان مقرر ڪري ٿا ڇڏيون. جو هنن جو سنگتي ۽ ساٿي ٿئي ٿو.

## پنهنجا عمل برباد نه ڪيو

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَ لَا تُبْطِلُوْۤا اَعْمَالَكُمْ ﴿۳۳﴾

(محمد: ۳۳)

(۳۳) اي مؤمنؤ! الله جي فرمانبرداري ڪيو ۽ حضرت رسول (ﷺ) جي فرمانبرداري ڪيو ۽ پنهنجا عمل ضايع نه ڪري ڇڏيو.

## دنيا جي زندگي کيل تماشو آهي

فَلَا تَهِنُوْا وَ تَدْعُوْۤا اِلَى السَّلْمِ ۖۗ وَ اَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ ۖۗ وَ اللّٰهُ مَعَكُمْ وَ لَنْ يَّتِرَكُمْ اَعْمَالَكُمْ ﴿۳۵﴾ اِنَّمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا لَعِبٌ وَّ لَهْوٌ ؕ وَ اِنْ تُؤْمِنُوْا وَ تَتَّقُوْا يُؤْتِكُمْ اُجُوْرَكُمْ وَ لَا يَسْـَٔلْكُمْ اَمْوَالَكُمْ ﴿۳۶﴾ (محمد: ۳۵،۳۶)

(۳۵) سو (اي مسلمانو حق کي غالب ڪرڻ لاءِ جهاد ڪرڻ ۾) همت نه هاريو ۽ ٽيستائين صلح ڏي نه سڏيو جيستائين توهان سر بلند (۽ غالب) ٿي وڃو ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ اوهان سان (شامل ۽ مددگار) آهي ۽ هو هرگز اوهان جي عملن ۾ اوهان کي نقصان ڪونه پهچائيندو. (يعني اوهان جي نيڪ عملن جو اوهان کي پورو پورو فائدو ملندو). (۳۶) يقيناً هن دنيا جي زندگي (حق تي هلڻ کان سواءِ) رڳو کيل تماشو آهي (۽ ڊورن ڊڳن واري زندگي آهي) ۽ (ياد رکو ته) جيڪڏهن توهان (قرآني نظام تي) يقين رکو ۽ (ان موجب) نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ جا ڪم ڪيو ته الله تعاليٰ اوهان کي وڏا اجورا (۽ فائدا) ڏيندو ۽ توهان کان توهان جا مال ملڪيتون ڪونه گهرندو.



www.sindhsalamat.com

## الله ۽ سندس رسول کان اڳتي نه وڌو

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيِ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ۝ (الحجرات: ١)

(١) اي مؤمنؤ! الله ۽ سندس رسول کان اڳي نه وڌو ۽ اگ نه ونو ۽ الله کان ڊڄو جو (سندس) سڀ ڪجهه ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي (تنهن ڪري سندس سيني حڪمن تي عمل ڪري پاڻ کي مصيبتن کان بچايو ۽ هر طرح خوشحال ٿيو.

## پنهنجي آوازن کي نبيءَ جي آواز کان مٿي نه ڪيو

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَرْفَعُوْۤا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ وَ لَا تَجْهَرُوْا لَهٗ بِالْقَوْلِ كَجَهْرِ بَعْضِكُمْ لِبَعْضٍ اَنْ تَحْبَطَ اَعْمَالُكُمْ وَ اَنْتُمْ لَا تَشْعُرُوْنَ ۝

(الحجرات: ٢)

(٢) اي مؤمنؤ! (ڳالهائڻ مهل) پنهنجا آواز رسول ﷺ جي آواز کان مٿي نه ڪيو ۽ ساڻس (ڳالهائڻ مهل) زور سان (يا جوش سان) نه ڳالهايو جيئن توهان هڪ ٻئي سان زور سان ڳالهائيندا آهيو. (ساڻس زور سان نه ڳالهايو ته) متان توهان جا (چڱا) عمل به برباد ٿي نه وڃن ۽ توهان کي خبر به ڪانه پوي. (سو آئينده لاءِ خبردار ٿيو).

## مسخري ۽ عيب نه ڪيو ۽ برا نالا نه رکو

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ عَسٰۤى اَنْ يَّكُوْنُوْا خَيْرًا مِّنْهُمْ وَ لَا نِسَآءٌ مِّنْ نِّسَآءٍ عَسٰۤى اَنْ يَّكُنَّ خَيْرًا مِّنْهُنَّ ۚ وَ لَا تَلْمِزُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ لَا تَنَابَزُوْا بِالْاَلْقَابِ ؕ بِئْسَ الِاسْمُ الْفُسُوْقُ بَعْدَ الْاِيْمَانِ ۚ وَ مَنْ لَّمْ يَتُبْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ۝ (الحجرات: ١١)

(١١) اي مؤمنؤ! (خبردار! اوهان مان) هڪڙا ماڻهو ٻين ماڻهن تي چٿرون ۽ ٺٺوليون نه ڪن. ممڪن آهي ته اهي ٻيا مرد انهن (چٿرون ڪندڙن) کان بهتر





هجن. نڪي هڪڙيون عورتون ٻين عورتن تي (ڪلون مسخريون ڪن) ممڪن آهي ته اهي ٻيون عورتون انهن (ڪلون ڪندڙ) عورتن کان بهتر هجن ۽ توهان هڪ ٻئي جي بدناموسي نه ڪيو (۽ هڪ ٻئي کي طعنا نه هڻو) ۽ هڪ ٻئي تي خراب نالا نه رکو. ايمان آڻڻ بعد (ان ماڻهو تي جنهن ايمان آندو آهي) خراب نالو رکڻ وڏي بڇڙائي آهي. ۽ (ياد رکو ته) جيڪي ماڻهو (آئنده انهن بڇڙن ڪمن کان) توبه ڪري باز نه ايندا سي وڏا گنهگار ۽ ظالم آهن.

## گمان، جاسوسي ۽ غيبت کان بچو

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اجْتَنِبُوْا كَثِيْرًا مِّنَ الظَّنِّ ۫ اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ اِثْمٌ وَّ لَا تَجَسَّسُوْا وَ لَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا ؕ اَيُحِبُّ اَحَدُكُمْ اَنْ يَّاْكُلَ لَحْمَ اَخِيْهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوْهُ ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ تَوَّابٌ رَّحِيْمٌ ۝ (الحجرات: ١٢)

(١٢) اي مؤمنؤ! اڪثر گمانن کان پري رهو. بيشڪ ڪي گمان گناهه جي برابر آهن ۽ جاسوسي نه ڪيو (يعني لڪي ڇپي ٻين جا احوال معلوم نه ڪيو. نه ڪي پراوا خط پٽ پڙهو) ۽ اوهان مان هڪڙا ٻين جي پرپٺ گلا نه ڪن. (پرپٺ گلا ڪرڻ آهي مئل ڀاءُ جو گوشت کائڻ) توهان ۾ ڪوبه اهڙو آهي ڇا جو پسند ڪري ته پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائي؟ توهان ته ان کان سخت نفرت ڪندا آهيو (پوءِ پرپٺ گلا ڪرڻ کان ڇو نٿا نفرت ڪيو). خدا کان ڊڄو (۽ باز اچو) بيشڪ خدا باز اچڻ وارن جي توبه قبول ڪندڙ ۽ وڏي رحم وارو آهي.

## ڪبيرا گناهن ۽ فحاشي کان بچو

اَلَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ كَبٰٓئِرَ الْاِثْمِ وَ الْفَوَاحِشَ اِلَّا اللَّمَمَ ؕ اِنَّ رَبَّكَ وَاسِعُ الْمَغْفِرَةِ ؕ هُوَ اَعْلَمُ بِكُمْ اِذْ اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَ اِذْ اَنْتُمْ اَجِنَّةٌ فِيْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ ۚ

(النجم: ٣٢)

(٣٢) جيڪي ماڻهو ڪبيرن گناهن کان ۽ فحش ڪارين کان پري رهن ٿا، پر (پل چڪ کان) تنهنجو پروردگار بخشش ۾ نهايت ئي ڪشادائي ڪرڻ



www.sindhsalamat.com

وارو آهي. هو اوهان کي خوب ڄاڻي ٿو جڏهن کان اوهان کي زمين مان پيدا ڪيائين ۽ جڏهن توهان پنهنجي مائرن جي پيٽن ۾ لڪل هئو.

## پاڻ نہ پڏايو

فَلَا تُزَكُّوْٓا اَنْفُسَكُمْ ۭ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى ۝ (النجم: ٣٢)

سو توهان پنهنجو پاڻ کي پاڪ نہ سڏايو (۽ ماڻهن تي مڪرن سان اهو اثر نہ ويهاريو تہ اسان وڏا نيڪ آهيون) اهو الله ئي بهتر ڄاڻي ٿو تہ ڪير سچ پچ نيڪ ۽ پرهيزگار آهي.

## پرپٺ گلا کان منع ڪرڻ جو حڪم

وَلَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا ۭ اَيُحِبُّ اَحَدُكُمْ اَنْ يَّاْكُلَ لَحْمَ اَخِيْهِ مَيْتًا

(الحجرات: ١٢)

۽ اوهان مان هڪڙا ٻين جي پرپٺ گلا نہ ڪن. (پرپٺ گلا ڪرڻ آهي مثل ڀاءُ جو گوشت کائڻ) توهان ۾ ڪوبہ اهڙو آهي ڇا جو پسند ٿو ڪري تہ پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائي؟

## الزام بازي ۽ خراب نالن کان پاسيرا ٿيو

وَلَا تَلْمِزُوْٓا اَنْفُسَكُمْ وَلَا تَنَابَزُوْا بِالْاَلْقَابِ (الحجرات: ١١)

۽ توهان هڪ ٻئي جي بدناموسي نہ ڪيو (۽ هڪ ٻئي کي طعنا نہ هڻو) ۽ هڪ ٻئي تي خراب نالا نہ رکو.

## چٿر ۽ ٺٺوليون ڪرڻ کان منع

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ عَسٰٓى اَنْ يَّكُوْنُوْا خَيْرًا مِّنْهُمْ وَلَا نِسَاۗءٌ مِّنْ نِّسَاۗءٍ (الحجرات: ١١)

اي مؤمنؤ! (خبردار! اوهان مان) هڪڙا ماڻهو ٻين ماڻهن تي چٿرون ۽





ٺٺوليون نہ ڪن. ممڪن آهي تہ اهي ٻيا مرد انهن (چٿرون ڪندڙن) کان بهتر هجن. نڪي هڪڙيون عورتون ٻين عورتن تي (ڪلون مسخريون ڪن).

## ٻئي کي ايذائڻ ۽ تڪليف ڏيڻ کان منع

وَالَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ بِغَيْرِ مَا اكْتَسَبُوْا فَقَدِ احْتَمَلُوْا بُهْتَانًا وَّاِثْمًا مُّبِيْنًا ۝ (الاحزاب: ٥٨)

۽ جيڪي ماڻهو مؤمنن کي ۽ مؤمنياڻين کي بنا سندن (گناهہ يا ڏوهہ ڪرڻ جي (ناحق) ايذاءُ پهچائين ٿا ۽ تڪليفون ڏين ٿا سي وڏي بهتان ۽ چٽي پٽي گناهہ جو بار پنهنجي سر تي کڻن ٿا.

## بي شرميءَ جي ڳالهين کان بچڻ جي منع

وَلَا تَقْرَبُوا الْفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ (الانعام: ١٥١)

۽ بي شرمي جي ڳالهين ۽ ڪمن کي رڳو ويجهي بہ نہ وڃو. اهي (بي شرميءَ جا ڪم ۽ ڳالهيون) ڪليل هجن توڙي لڪل هجن (ڪنهن بہ حالت ۾ انهن جي ويجهو نہ وڃو).

## تور کي گهٽ نہ ڪريو

وَالسَّمَاۗءَ رَفَعَهَا وَوَضَعَ الْمِيْزَانَ ۝ اَلَّا تَطْغَوْا فِي الْمِيْزَانِ ۝ وَاَقِيْمُوا الْوَزْنَ بِالْقِسْطِ وَلَا تُخْسِرُوا الْمِيْزَانَ ۝ (الرحمن: ٧ کان ٩)

(٧) ۽ آسمان کي هن ئي بلند ڪيو آهي، ۽ (قانون عدل ۽ اعتدال جي) تارازي ٻيهاري اٿس. (٨) انهيءَ لاءِ تہ توهان (انسان بہ سيني دنيائي معاملن ۾ قانون، عدل ۽ احسان جي) تارازيءَ کان ٻاهر نڪري نہ وڃو. (٩) ۽ (اي انسانو! هڪ ٻئي سان هلت ڪرڻ ۾) عدل ۽ انصاف جو وزن قائم رکو ۽ (عدل ۽ احسان جي) تارازيءَ ۾ گهٽتائي نہ ڪيو.



www.sindhsalamat.com

## نعمتن تي ڦونڊجي نہ وڃو

لِّكَيْلَا تَاْسَوْا عَلٰى مَا فَاتَكُمْ وَلَا تَفْرَحُوْا بِمَآ اٰتٰىكُمْ ۭ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُوْرِۨ ﴿٢٣﴾ الَّذِيْنَ يَبْخَلُوْنَ وَيَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبُخْلِ ۭ وَمَنْ يَّتَوَلَّ فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿٢٤﴾ (الحديد: ٢٣،٢٤)

(٢٣) (اهي مصيبتون هِن لاءِ بہ اچن ٿيون) تہ جيڪي اڳ ئي گذري چڪو (يعني توهان اڳ ئي بدعمل ڪري چڪا آهيو) تن تي مايوس نہ ٿيو (آئينده نيڪ عمل ڪيو تہ خدا جي رحمت ويجهي آهي) ۽ هن لاءِ بہ (اچن ٿيون) تہ جيڪي (نعمتون) توهان کي ڏنيون ويون آهن تن تي ڦونڊجي نہ وڃو. بيشڪ الله تعاليٰ هرهڪ ڦونڊ ڪندڙ ڀٽاڪيءَ کي ناپسند ٿو ڪري. (٢٤) جيڪي (ڦونڊ ڪندڙ ڀٽاڪي) بخل ۽ ڪنجوسائي ڪندا آهن ۽ ماڻهن کي بہ ڪنجوسائي ڪرڻ جو حڪم ڏيندا آهن. (پر ياد رکو تہ) جيڪڏهن ڪوبہ (خدا جي حڪمن کان) ڦري ٿو وڃي تہ (ڪابہ پرواهہ ناهي هو رڳو پنهنجو نقصان ٿو ڪري) الله تعاليٰ تہ يقيناً بي پرواهہ آهي ۽ سڀ ساراهہ جو لائق آهي.

## گناهہ، زيادتي ۽ نافرماني جي پچر نہ ڪريو

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا تَنَاجَيْتُمْ فَلَا تَتَنَاجَوْا بِالْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ وَمَعْصِيَتِ الرَّسُوْلِ وَتَنَاجَوْا بِالْبِرِّ وَالتَّقْوٰى ۭ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٩﴾ اِنَّمَا النَّجْوٰى مِنَ الشَّيْطٰنِ لِيَحْزُنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَيْسَ بِضَاۗرِّهِمْ شَيْـًٔا اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠﴾ (المجادلہ: ٩،١٠)

(٩) اي ايمان وارؤ! جڏهن اوهين پاڻ ۾ ڳجهي ڳالهہ ٻولهہ ڪريو تہ (منافقن وانگر) گناهہ ۽ الله جي حدن کان لنگهڻ ۽ رسول جي نافرمانيءَ جون ڳجهيون ڳالهيون نہ ڪريو ۽ اوهين (خدائي قانونن جي نگهباني ۽ انساني فلاح جو سوچي) ڀلائي ۽ پرهيزگاريءَ جون ڳجهيون ڳالهيون ٻولهيون (۽ رٿابنديون ڪريو ۽ ان الله کان ڊڄو جنهن ڏانهن اوهان کي (حساب ڪتاب ڏيڻ واسطي ڳڏ ڪيو ويندو. (١٠) اها (منافقن) ڳجهي ڳالهہ ٻولهہ تہ شيطان جي طرفان ٿئي آهي. هن لاءِ تہ ايمان وارن کي غمگين ڪري ۽ اها انهن کي ڪجهہ بہ نقصان





پهچائڻ واري نہ آهي. الله جي حڪمن کان سواءِ ۽ الله تي ايمان وارا هر ڳالهہ ۾ ڀروسو ڪن.

## انهن سان دوستي نہ رکو جن تي خدا ڪاوڙيو آهي

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ تَوَلَّوْا قَوْمًا غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ۭ مَا هُمْ مِّنْكُمْ وَلَا مِنْهُمْ ۙ وَيَحْلِفُوْنَ عَلَى الْكَذِبِ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿١٤﴾ (المجادلہ: ١٤)

(١٤) (اي رسولﷺ!) ڇا تو انهن (منافقن) ڏي نہ ڏٺو جن اهڙيءَ قوم سان دوستي رکي جن تي (خدائي نظام جي مخالفت ۽ سرڪشيءَ جي ڪري) الله ڪاوڙيو آهي. اهي نہ (حقيقت ۾) اوهان مان آهن ۽ نہ (ڪليو ڪلايو) انهن مان آهن ۽ اهي جاڻي ٻجهي (اوهان سان سچي هئڻ جو) ڪوڙ تي قسم کڻن ٿا.

## قول ۽ فعل ۾ تضاد پيدا نہ ڪيو

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِمَ تَقُوْلُوْنَ مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ﴿٢﴾ كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ﴿٣﴾ (الصّف: ٢،٣)

(٢) اي ايمان وارؤ! (اوهان بہ پنهنجو عمل ان جي قانونن تي پابنديءَ سان هلندي ڏيکاريو ۽) اهڙي ڳالهہ ڇو ٿا چئو جا نٿا ڪري سگهو؟ (٣) جيڪي اوهين (عملي طرح) نٿا ڪريو سا ڳالهہ (زباني طرح) چوڻ الله وٽ وڏي ڪاوڙ جي ڳالهہ آهي.

## مال ۽ اولاد جي ڪري الله کان غافل نہ ٿيو

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُلْهِكُمْ اَمْوَالُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٩﴾ (المنافقون: ٩)

(٩) اي ايمان وارؤ! نہ ڪي اوهان کي پنهنجي مال (وڏائڻ جي هيڇ) ۽ ڪي اولاد (جي مستقبل حَسين بنائڻ جي اجائي بيقراري) الله جي ياد ڪرڻ ۽



www.sindhsalamat.com

فرمانبرداريءَ کان غافل ڪن ۽ جيڪي ائين ڪندا سي ئي نقصان پائڻ وارا آهن.

❁❁❁❁

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ مِنْ اَزْوَاجِكُمْ وَاَوْلَادِكُمْ عَدُوًّا لَّكُمْ فَاحْذَرُوْهُمْ ۚ وَاِنْ تَعْفُوْا وَتَصْفَحُوْا وَتَغْفِرُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٤﴾ اِنَّمَآ اَمْوَالُكُمْ وَاَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ۭ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿١٥﴾ (التغابن: ١٤، ١٥)

(١٤) اي ايمان وارؤ! ڪي اوهان جون زالون ۽ اولاد (خدا جي فرمانبرداري واري نظام ۾ عملي شرڪت تي) اوهان جا دشمن آهن. پوءِ (انهن ڪي ساڃي انسانيت عامہ جي فڪر تي وٺي اچو پر) انهن کان هوشيار رهو ۽ جيڪڏهن (ڪا اڙي ڪري وجهن تہ ڪين) معاف ڪريو مڙي وڃو ۽ بخش ڪريو تہ الله گهڻو معاف ڪندڙ نهايت رحم وارو آهي. (١٥) اوهان جا مال ۽ اولاد رڳو آزمائش آهن ۽ (اوهان خدائي قانونن تي هلي ان آزمائش ۾ پار پئو تہ پوءِ) الله وٽ (پار پوڻ وارن لاءِ) وڏو اجر آهي.

## عدت جي ڏينهن ۾ عورت کي گهر کان نہ ڪڍو

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَطَلِّقُوْهُنَّ لِعِدَّتِهِنَّ وَاَحْصُوا الْعِدَّةَ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ رَبَّكُمْ ۚ لَا تُخْرِجُوْهُنَّ مِنْۢ بُيُوْتِهِنَّ وَلَا يَخْرُجْنَ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيْنَ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ ۭ وَتِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ۭ وَمَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ ۭ لَا تَدْرِيْ لَعَلَّ اللّٰهَ يُحْدِثُ بَعْدَ ذٰلِكَ اَمْرًا ﴿١﴾ (الطلاق: ١)

(١) اي نبي (مسلمانن کي چئو تہ) جڏهن اوهين زالن کي طلاق ڏيو تہ انهن کي سندن عدت (جي مناسبت) تي طلاق ڏيو ۽ عدت کي ڳڻيندا رهو ۽ پنهنجي پالڻهار الله کان ڊڄو. انهن کي سندن گهرن مان (عدت جي مدت ۾) پڌري بيحيائي جي ڪم سرزد ٿيڻ کان سواءِ ٻاهر نہ ڪڍو ۽ نہ اهي پاڻ ٻاهر نڪرن ۽ اهي الله جون حدون (۽ قانون) آهن ۽ جيڪو الله جي حدن کان لنگهندو تہ ان (سان اڳلي کي بہ نقصان پهچندو ۽ ان) پنهنجي نفس تي (بہ) ظلم ڪيو (چو





تہ) اهو نٿو ڄاڻي تہ متان الله ان (طلاق ڏيڻ) کان پوءِ ڪا (ميلاپ جي) نئين ڳالهہ پيدا ڪري.

## منڪرن جو چيو نہ مڃو

فَلَا تُطِعِ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٨﴾ وَدُّوْا لَوْ تُدْهِنُ فَيُدْهِنُوْنَ ﴿٩﴾ وَلَا تُطِعْ كُلَّ حَلَّافٍ مَّهِيْنٍ ﴿١٠﴾ هَمَّازٍ مَّشَّآءٍۢ بِنَمِيْمٍ ﴿١١﴾ مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ ﴿١٢﴾ عُتُلٍّۢ بَعْدَ ذٰلِكَ زَنِيْمٍ ﴿١٣﴾ (القلم: ٨ کان ١٣)

(٨) پوءِ (اي پيغمبر!) تون ڪوڙ بڪيندڙن جي (سندن ڪوڙ تي) تابعداري نہ ڪر. (٩) اهي خواهش ڪن ٿا تہ (اهڙن طعنن کان تنگ اچي) تون ڍرو ٿئين. پوءِ هو بہ (مفاهمت لاءِ) ڍرا ٿين. (١٠) ۽ تون ڪنهن بہ اهڙي شخص جي تابعداري نہ ڪر جو (اهو پست ذهنيت جي ڪري) گهڻا قسم کائڻ وارو خوار هجي. (١١) طعنا هڻندڙ (جو ڪيس تنهنجي جماعت ۾ ڪٿي بہ چڱائي نظر نٿي اچي) چغليون ڪٽي هلندڙ (تہ جيئن فتنو ۽ فساد پيدا ٿئي). (١٢) (پاڻ بہ چڱو ڪم نہ ڪري ۽ ٻين کي بہ) چڱي ڪم کان روڪيندڙ (سرڪشيءَ ۾) حد کان لنگهندڙ ڏوهاري (انسانيت لاءِ تعميري ڪم ۾ سڀ کان پٺتي). (١٣) بچڙي طبيعت وارو (۽) ان کانپوءِ بداصل هجي. (هميشہ نيت اها تہ ماڻهن جو سڀ ڪجهہ هڙپ ڪري وڃي).

## بدلي جي نيت سان ڪنهن تي احسان نہ ڪيو

وَلَا تَمْنُنْ تَسْتَكْثِرُ ﴿٦﴾ (المدثر: ٦)

(٦) ۽ (پوءِ الله جي مخلوق تي) هن لاءِ احسان نہ ڪر تہ (ان جي موٽ ۾) گهڻو (بدلو) ملي.

## قيامت کي اجايو چوندڙ گناهگار آهن

وَمَا يُكَذِّبُ بِهٖٓ اِلَّا كُلُّ مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ ﴿١٢﴾ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا قَالَ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٣﴾ كَلَّا بَلْ ۜ رَانَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿١٤﴾ (المطففين: ١٢ کان ١٤)



www.sindhsalamat.com

(١٢) هوڏانهن ان ڪي سڀ ڪنهن (ڏوهہ ۾) حد ڪان لنگهندڙ گنهگار (ڏوهاري ذهنيت) ڪان سواءِ ٻيو ڪو ڪوڙو نٿو ڪري. (١٣) جو جڏهن ان (ڏوهاري) ڪي اسان جون آيتون (انساني فلاح ۽ سڌاري يا قومن جي عروج ۽ زوال جون تاريخي حقيقتون) پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون تہ چوي ٿو تہ هي (قدامت پرستيءَ جون) اڳوڻيون لڪيل آڪاٽيون آهن. (١٤) (ڪين چئو تہ ڳالهہ) ائين نہ آهي پر (اصلي) ڳالهہ هيءَ آهي تہ جيڪي (بڇڙا ڪم ۽ آواره گرديون) اهي ڪندا رهيا تن جي ڪٽ سندن دلين تي ڄمي ويئي آهي. (۽ هيئنر منجهن سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت ئي نہ رهي آهي.)

## ايمان وارن جو مذاق نہ اڏايو

وَاِذَا مَرُّوۡا بِهِمۡ يَتَغَامَزُوۡنَ ۝ (المطففين: ٣٠)

(٣٠) ۽ اهي (ايمان وارا) جڏهن انهن (ڏوهارين) وٽان لنگهندا هئا تہ (اهي ڏوهاري پاڻ ۾) هڪ ٻئي ڪي اکيون هڻندا هئا.

## مؤمنن ڪي تڪليف نہ پهچايو

اِنَّ الَّذِيۡنَ فَتَنُوا الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَ الۡمُؤۡمِنٰتِ ثُمَّ لَمۡ يَتُوۡبُوۡا فَلَهُمۡ عَذَابُ جَهَنَّمَ
وَلَهُمۡ عَذَابُ الۡحَرِيۡقِ ۝ (البروج: ١٠)

(١٠) بيشڪ جن ايمان وارن ۽ ايمان وارين ڪي ايذايو وري توبہ نہ ڪيائون تن لاءِ جهنم جو عذاب آهي ۽ انهن لاءِ ساڙيندڙ باهہ جي سزا آهي.

## يتيمن ۽ مسڪينن سان بدسلوڪي نہ ڪيو

فَاَمَّا الۡاِنۡسَانُ اِذَا مَا ابۡتَلٰىهُ رَبُّهٗ فَاَكۡرَمَهٗ وَنَعَّمَهٗ ۙ فَيَقُوۡلُ رَبِّيۡۤ اَكۡرَمَنِ ۝
وَاَمَّاۤ اِذَا مَا ابۡتَلٰىهُ فَقَدَرَ عَلَيۡهِ رِزۡقَهٗ ۙ فَيَقُوۡلُ رَبِّيۡۤ اَهَانَنِ ۝ كَلَّا بَلۡ لَّا
تُكۡرِمُوۡنَ الۡيَتِيۡمَ ۝ وَلَا تَحٰٓضُّوۡنَ عَلٰى طَعَامِ الۡمِسۡكِيۡنِ ۝ وَتَاۡكُلُوۡنَ التُّرَاثَ
اَكۡلًا لَّمًّا ۝ وَّتُحِبُّوۡنَ الۡمَالَ حُبًّا جَمًّا ۝ (الفجر: ١٥ ڪان ٢٠)

(١٥) (اصل ۾ انسان خدائي قانونن ۽ ان جي عمل ۾ اچڻ جي طريقي ڪان اڻ





واقفيت رکي ٿو. ان ڪري) انسان ڪي جڏهن سندس پاليندڙ آزمائي ٿو پوءِ ان ڪي عزت ڏئي ٿو ۽ نعمت ڏئي ٿو تہ (مغروري ۽ فخر ۾) هو چوي ٿو تہ منهنجي پاليندڙ مون ڪي عزت ڏني. (١٦) ۽ جڏهن ان ڪي هن طرح آزمائي ٿو جو مٿس سندس روزي تنگ ڪري ٿو تہ چوي ٿو تہ منهنجي پاليندڙ مونکي خوار ڪيو. (حالانڪ اهو سڀ ڪجهہ خدا جي مقرر قانونن جي نتيجي ۾ عمل پذير ٿئي ٿو.) (١٧) ائين نہ آهي (جو خدا ڪنهن ڪي هرو ڀرو خوار ڪري) پر اوهين (ڏرتيءَ تي پرگهور جي لائق) يتيم جي عزت نہ ٿا ڪريو. (١٨) ۽ نہ ڪي هڪ ٻئي ڪي (ضرورتمند) مسڪين ڪي کاڌي ڏيڻ جي رغبت ڏيو ٿا. (١٩) ۽ مئلن جو مال ميڙي سيڙي کائو ٿا. (۽ وارثن تائين پورو حق نٿا پهچايو.) (٢٠) ۽ (اٽڪلون سٽڪلون ڪري ٻين جي مال بہ چٽڪي اچو ٿا. ۽ اوهان) مال سان (ميڙ ميڙان جي) بيحد محبت رکو ٿا.

## يتيمن تي ظلم نہ ڪيو ۽ سائل ڪي نہ جهڙڪيو

فَاَمَّا الۡيَتِيۡمَ فَلَا تَقۡهَرۡ ۝ وَاَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنۡهَرۡ ۝ (الضحيٰ: ٩،١٠)

(٩) (پوءِ جيئن تنهنجي يتيم ذات جي سنڀال ٿي تيئن تنهنجو نظام بہ يتيم جي سنڀال ڪري) پوءِ يتيم تي متان ڏڪيائيون ڪرين. (١٠) ۽ (تنهنجو ساڳيو نظام ضرورتمندن جي ڪفيل هجي) پوءِ سوالي ڪي متان جهڻڪين.

## مال ڳڻيندڙن ۽ گلاخورن لاءِ ويل آهي

وَيۡلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِ ۝ الَّذِيۡ جَمَعَ مَالًا وَّعَدَّدَهٗ ۝ (الهمزه: ١،٢)

(١) هر اهو شخص هلاڪ ۽ برباد ٿيو جو گلاخور ۽ ٽوڪ هڻندڙ آهي.
(٢) جنهن (جي زندگيءَ مقصد) مال ڪي ميڙي ۽ ان جي ڳڻ ڳڻان رهيو آهي.



www.sindhsalamat.com

كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَ تَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَ
تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ﴿١١٠﴾ (آل عمران: ١١٠)

وَ لِكُلِّ اُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنْسَكًا لِّيَذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلٰى مَا رَزَقَهُمْ مِّنْۢ بَهِيْمَةِ
الْاَنْعَامِ ؕ فَاِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ فَلَهٗۤ اَسْلِمُوْا ؕ وَ بَشِّرِ الْمُخْبِتِيْنَ ﴿٣٤﴾ الَّذِيْنَ اِذَا
ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ وَ الصّٰبِرِيْنَ عَلٰى مَاۤ اَصَابَهُمْ وَ الْمُقِيْمِي الصَّلٰوةِ ۙ وَ مِمَّا
رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿٣٥﴾ (الحج: ٣٤ کان ٣٥)

۽ پاڻ کي پنهنجي هٿن سان هلاڪت ۾ نه وجهو.

۽ جيڪڏهن اهي عورتون الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿيون ته هنن لاءِ جائز ناهي ته جا شيءِ الله تعاليٰ هنن جي پيٽ ۾ خلقي آهي سا لڪائي ڇڏين (ڇو ته جيڪڏهن ٻار پيٽ ۾ آهي ته پوءِ عدت تيستائين هلندي جيستائين ٻار ڄمي ممڪن آهي ته ٻار ئي زال مڙس جي ٺهڻ جو سبب بڻجي وڃي) ۽ انهن جي مڙسن کي حق آهي ته جيڪڏهن انهي عدت جي اندر صلح ۽ ٺاهه لاءِ تيار ٿي وڃن ته پوءِ طلاق ڏنل زال کي پنهنجي زال ڪري ڏسن.

۽ (خبردار) ائين نه ٿئي جو هڪ قوم جي (اوهان سان) دشمني اوهان کي هن ڳالهه تي آماده ڪري جو توهان به زيادتي ڪرڻ لڳو. ڇو ته هنن اوهان کي ڪعبت الله کان روڪي ڇڏيو هو.

(٦٨) ۽ اهي (سچا بندا آهن) جيڪي خدا سان گڏ ٻين ديوتائن کي نٿا پڪارين، نڪي سواءِ حق جي ڪنهن به ساهدار (جانور يا ماڻهو) کي قتل ٿا ڪن جن کي قتل ڪرڻ خدا تعاليٰ حرام ٺهرايو آهي، نڪي زنا ٿا ڪن. جيڪو به اهي (ئي) ڪم ڪري ٿو سو (نه رڳو) اهڙن (سخت) گناهن جي سزا ڀوڳيندو.



www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com